

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا جي هنگلور

سهيڙيندڙ

سنتار

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيءَ جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : ويا جي هنگلورِ
سهيڙيندڙ : ستار
ڪتاب نمبر : 12
ڳاڻيٽو : هڪ هزار
ڪمپوزرس : پيس ڪمپوزرس ڪراچي
ڪمپوزنگ : ممتاز خاصخيلي
ڇاپيندڙ : ذڪي پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي
542-سي، بلاڪ-2،
سينٽرل ڪمرشل ايريا
پي.اِي.سي.ايڇ.ايس
ڪراچي-75400
فون: 4554188
قيمت : 120 رپيا

انتساب

جيسين هئي جيئري، ورچي نہ ويئي،
وچي پوءِ پيئي، ساريندي کي سڄڻين.

مان اها ڳالهہ تہ وڏيءَ ڀڪ سان چئي ٿو سگهان تہ ادب جي تاريخ پنهنجي سهيڙيندڙن ۽ سنواريندڙن کي ڪڏهن بہ نہ وساريندي آهي. هوءَ انهن کي پاڻ وٽ، سندن مانَ ۽ شانَ مطابق جوڳي جاءِ ڏيندي آهي،

هي ڪتاب مان مرحوم طارق اشرف، ايڊيٽر ماهوار سهڻي حيدرآباد، جي نانءِ ڪريان ٿو. ڇو جو سندس جاکوڙ جو ڦل هن ڪتاب ’ ويا جي هنگلور جي صورت ۾، اسان جي هٿن ۾ آهي، مون کي اها بہ پڪ آهي تہ سياڻي جو ادبي پارکو ۽ تاريخدان، طارق اشرف کي ماهوار سهڻيءَ جي سهيڙڻ تي جسَ بہ ڏيندو ۽ خاصي جاءِ پڻ.

"محبت پائي مَن ۾، رَندا روڙيا جَنِ، ١
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو."

ستار

شيخ اياز

شاعرن اديبن ۽ دانشورن

جي نظر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانسين اٿي اوطاق ۾، تانسين ساٽنِ اورِ،
ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٿائنِ گهورِ،
ويا جي هنگلورِ، تہ ڪَرم ملنديئي ڪاپڙي.
-شاهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب

١. آچيندي لڄ مران	ستار	٩
٢. جيسين باک ڦٽي	ڊاڪٽر فهميده حسين	١٢
٣. باڪمال شعور جو شاعر	غلام محمد گرامي	٢٠
۴. سنڌ ۽ سنڌييت جو عيوضي شاعر	گوبند مالهي	٢۴
۵. سنڌ جي سوني ڌرتيءَ جو شاعر	ڪيرت ٻاٻاڻي	٣٠
٦. اياز تي ٿيل تنقيد جو جائزو	اي. جي. اتم	٣٦
٧. نہ ختم ٿيندڙ ڏوڙ	مهتاب محبوب	۴١
٨. ذات - ڏاٿي شيخ اياز	پوپٽي. ر. هيراننداڻي	٦٩
٩. جي تون سرجڻهار جيءَ انوکو جڳ ۾	امداد حسيني	٧۴
١٠. شيخ اياز نثر نويس	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي	٨٦
١١. اياز جي فڪر جو سفر	نند جويري	٨٩
١٢. اڏري ويندو سانوڻ	امر جليل	٩٩
١٣. شيخ اياز آفاقي شاعر	احمد سليم	١٠٢
١۴. اياز ۾ منظر نگاري	تاجل بيوس	١٠٦
١۵. شيخ اياز عظيم شاعر عظيم شخص	پريو وفا	١١٦
١٦. ڪو ڏوهي ڳهاٽ نہ ڳولي آ	غلام حسين رنگريز	١٢۴
١٧. شيخ اياز جي آجياڻي ۾	موتي پرڪاش	١٣٢
١٨. پوپٽ جو پيرو	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	١٣٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩. شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات	ممتاز مهر	١٤٢
٢٠. سنڌي ادب جو بنيادي ڪهاڻيڪار	ڊاڪٽر قاضي خادم	١٤٩
٢١. شيخ اياز- سنڌي شاعريءَ جو نئون جنم	پروفيسر ارجن شاد	١٥٤
٢٢. پنهنجا ساريم سومرا	مدد علي سنڌي	١٥٩
٢٣. اياز پيار جو شاعر	اياز لطيف پليجو	١٦٦
٢٤. تو جا سمجهي ست سا اڄ ڌائين اتهاس	ثميره زرين	١٧١
٢٥. ڪاتب جو قلم	ريٽا شاهاڻي	١٧٣
٢٦. ڪراچي شهر شيخ اياز جي شاعريءَ ۾	ملڪ نديم	١٧٧
٢٧. نيارو پنڌ	انور فگار هڪڙو	١٨٢
٢٨. اياز جي شاعري هڪ مطالعو	امير علي چانڊيو	١٨٩

آچيندي لڄ مران

ڏرتي، قوم ۽ ٻوليءَ کي جيارڻ ۽ زنده رکڻ ۾ جيترو هٿ ڪنهن سياستدان جو هوندوآهي، ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ شاعر، اديب ۽ دانشور جو هوندو آهي. سياستدان جي من ۾ جيڪو مقصد هوندو آهي، اهو هو اقتدار ۾ اچي ۽ پوءِ ٿي ان جي حاصلات پنهنجي قوم، ٻولي ۽ ڌرتيءَ کي آڇي سگهي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ هن جي خوابن جي ساڀيا، اقتدار ۾ پنهان آهي. ٻئي طرف شاعر، اديب ۽ دانشور پنهنجي هٿن جي حاصلات، پنهنجي شعور، مطالعي، مشاهدي ۽ سوچ، سمجهه مان، جو ڪجهه سرجيندو آهي، اهو بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي پنهنجي عوام ۽ ٻوليءَ کي آڇي هڪ سڪون ماڻي وٺندو آهي. هن لاءِ سڀ کان وڏي ڳالهه هن جي حاصلات جي ميڄتا آهي. شايد ميڄتا ٻه نه فقط حاصلات آهي. شاعر، اديب يا دانشور ڪڏهن ڪڏهن قوم جي قسمت ٻه بدلائي ڇڏيندو آهي.

ادب جي تاريخ ۽ دنيا جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملندا، جن ۾ اديبن ۽ شاعرن دنيا جي عوام جون قسمتون بدلائي ڇڏيون آهن. اسان جي ملڪ ۾ ٻه عوام کي شعور ۽ ساڃاهه ڏيڻ ۾ جتي ڪجهه سياستدانن جي محنت ۽ قربانيءَ رنگ لاتو آهي، اتي شاعرن، اديبن ۽ دانشورن جي سگهارين سوچن ۽ ڀيرائتن ڀيچرن جي ڏس پاڻ ملهايو آهي. حقيقت ۾ جيڪا سوچ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکهہ دانشور، اديب ۽ شاعر پنهنجي لکڻين ذريعي عوام کي بخشين ٿا. انهيءَ جو صلو سنڌيءَ طرح سياستدان کي نٿي ملي ٿو. اديب، شاعر ۽ دانشور، "جهڙا هئڙم ڪالهه، اڄ به اهڙا سپرينءَ، واري حالت ۾ گذارين ٿا.

اديب، دانشور ۽ شاعر کي عوام پيو ته ڪجهه به ڏئي نه ٿو سگهي، نه ئي سياستدان. هن جي سوچ ۽ لوچ جو ڦل ڪاٺڻ ڪان پوءِ ڪيس ياد ٿو ڪري. اسان جو ملڪ فرانس به ناهي ۽ اسان جي ملڪ جا سياستدان يا حڪمران جنرل ڊيگال به نه ٿا ٿي سگهن. اسان جا سياستدان، پنهنجي ڌرتيءَ جي ٻوليءَ جي جهولي آباد رکڻ وارن اديبن سان جيڪو ماٽيلي ماءُ وارو رويو رکن ٿا انهيءَ کان سادي سنڌي قوم ڀليءَ ڀت واقف آهي.

اسان کي فخر آهي ته اسان وٽ هن صديءَ ۾ به اهڙو هڪڙو شاعر، اديب يا دانشور پيدا ٿيو آهي، جنهن ٻوليءَ کي پنهنجي لکڻين وسيلي اهڙو لوڙهو ڏئي ڇڏيو آهي، جو هوءَ سوين ستم، لکين يلغارون، ٻاهيون، نسل ڪشي، شهرن جا شهر تباهه ۽ ويران ٿيڻ کان پوءِ به، سڄي جون سڄيون لئبريريون ۽ ڪتابي ذخيره ساڙڻ جي باوجود به زنده رهي آهي ۽ زنده رهندي اچي. اهو آهي شيخ اياز.

هن صديءَ جتي اسان سنڌين سان ڪيترائي ڪلور ڪيا آهن، اتي هن صديءَ ۾ شيخ اياز جهڙو سريلو ۽ سچيتو شاعر اسان جي ڌرتيءَ جٽي ڏنو، جنهن شاهه لطيف کان پوءِ، اسان جي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي خالي ٿيڻ نه ڏنو آهي. دنيا جون قومون، پنهنجي اديبن جو قدر ڪنديون، سندن لکڻين کي هنئين سان هنڊائينديون آهن ۽ موت ۾ انهن تي پنهنجي شرڌا جا گل نڇاور ڪنديون آهن. اهڙائي گل نڇاور ڪرڻ لاءِ محترم طارق اشرف، ماهوار "سهڻي" جا شيخ اياز کي ادبي ميڄتا ڏيڻ لاءِ به سارا نمبر ڪڍي، هن جي فن، فڪر ۽ ٻوليءَ تي مختلف، سهيوڳي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جا رايا ۽ ليک سهيڙي، سنڌي عوام کي سندن درد رکندڙ شاعر، اديب ۽ دانشور کي جوڳو مان ۽ ميڄتا ڏيارڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي. جيڪي نمبر ان وقت يعني مارچ ١٩٩٠ع ۽ مارچ ١٩٩١ع ۾ ڇاپي پڌرا ڪيا. ان سان گڏوگڏ نه صرف سنڌ ۾، پر هند ۾ به شيخ اياز تي ٽماهي سپون، اپريل، مئي، جون ١٩٩١ع،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺاڪر چاولا جي ادارت ۾ ۽ هفتيوار جهولي لال، شري اي. جي. اتم جي ادارت ۾ شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام نمبر ۱۵ اپريل ۱۹۹۱ع ۾ پڌرا ڪري، شيخ اياز کي سنڌس لکڻين تي ميڃتا ڏني. انهن کان پهرين شيخ اياز تي هفتيوار برسات يوسف شاهين جي ادارت ۾ پڻ شاندار نمبر ڪڍي، شيخ اياز کي خاصي عزت بخشي. انهن ئي ڏينهن ۾، پاڪستان ٽيليويزن، ڪراچيءَ پاران، شيخ اياز کي سڄي ملڪ ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ،اڙدوءِ ۾ هڪ پروگرام "شهرِ وفا" جي عنوان سان، بيدل مسرور جي نظرداريءَ هيٺ هلايو هو.

عوام، ڪنهن به اديب، شاعر يا دانشور کي انڪان وڌيڪ ڇيو ڏئي به ڇا ٿو سگهي. اسان جي اپوجهه، اڻ هوند ۽ اڄاڻ عوام وٽ ڪنهن کي به لفظن جا گل آڇڻ کان سواءِ ڇيو آهي به ڇا؟ سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچيءَ، انهن سڀني جي ڪيل محنت کي، جيئن جو تيئن، سهيڙي، اجان به ائين ڇڻجي ته انهن مان چونڊ ڪري، سنڌي نوجوان نسل جي مطالعي لاءِ، ڀيهر "ويا جي هنگلورِ "جي سري هيٺ ڇاپي پڌرا ڪيا آهن.

شيخ اياز، هن موجوده دؤر ۾، ادب جي افق تي کهڙي ستاري جي جاءِ ماڻي ٿو، ۽ شيخ اياز عالمي ادب ۾ ڪيتري جاءِ والاري ٿو، اها پروڙ اوهان کي، هن تي لکيل هند- سنڌ جي ميڃيل اديبن، دانشورن ۽ شاعرن جي لکڻين مان پئجي سگهي ٿي.

اسان آخر ۾ ماهوار "سهڻي" ، هفتيوار "برسات" ٽماهي "سپون" ۽ هفتيوار "جهولي لال"کان معذرت خواهه آهيون. اخلاقي طور تي اسان کي هنن کان اجازت وٺڻ گهربي هئي پر اسان اها جرئت، عوام جي حق ۾ ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته اهي مٿيان سڀ جا سڀ نمبر، هن وقت ملڻ محال آهن، پر نئين نسل کي، خاص ڪري جيڪو ۱۹۹۱ع کان پوءِ ادب ڏانهن لڙيو آهي، ان کي ملڻ محال آهن. اسان کي قوي اميد آهي ته مٿين رسالن جا ايڊيٽر/ سپارڪ اسان جي ڪوتاهيءَ کي نظر انداز ڪري، عوام جي حق کي نظر ۾ رکي، معاف ڪندا ۽ پڙهندڙ دل و جان سان سامي سچ وڙاءِ کي قبول ڪندا.

ستار

ڪراچي

18 سيپٽمبر 1999ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين باک ڦٽي

شيخ اياز هن ڌرتيءَ جو، هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هئڻ ناتي اسان جي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ بحث هيٺ آيل، سڀ کان وڌيڪ اختلافي Contro-versial ڪردار رهيو آهي. هن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ اڃا به پيو لکبو پر ڏٺو وڃي ته سندس شخصيت توڙي شاعريءَ سان انصاف نه ڪيو ويو آهي. سندس فن ۽ فڪر کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي خاطر خواهه ڪوشش ڪانه ڪئي وئي آهي. اهو ان ڪري ٿيو آهي جو مٿس لکڻ وارا ٻن واضح گروهن ۾ ورهايل آهن. هڪڙا سائس محبت ڪرڻ وارا سندس ويجها سائي ۽ دوست رهيا آهن ۽ ٻيا سائس ڪو وير رکندڙ سندس مخالف رهيا آهن (جن جو تعداد بهرحال پهرئين قسم وارن کان گهٽ آهي) اها ڳالهه هڪ طرح سٺي به آهي ته خراب به. سٺي ان ڪري جو ڪنٽرو ورسي ماڻهن جو توجهه ڇڪائيندي آهي ۽ اهم ماڻهو ئي ڪنٽرو ورشيل ٿيندا آهن، خراب وري ان ڪري جو ادبي تنقيد جي معيارن موجب اياز تي اڃا ڏري غيرجانبدار ۽ باقاعدي ادبي تنقيد ٿي ئي ڪانهي. مولانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام محمد گراميءَ کان وٺي ستار پيرزادي تائين اياز سان محبت ڪندڙن جي هڪ تمام ڊگهي فهرست آهي، جن جي مقالن، مهاڳن مضمونن ۽ تاثرن ۾ ادبي تنقيد کان به وڌيڪ محبت ۽ عقيدت جو عنصر ئي ڏسڻ ۾ اچي، وري ٻئي طرف سردار علي شاهه ذاڪر، آدرش يا تاج محمد سمون آهن جن جي مضمونن ۾ فني يا فڪري پهلوئن تي نڪته چينيءَ سان گڏوگڏ اياز جي ذات کي به تنقيد جو نشانو بنايو ويو آهي جڏهن ته اصولاً اياز تي تنقيد ڪرڻ وارن کي سندس فن جي پرک ڪرڻ گهرجي ها، سندس فڪر جي حوالي سان منجهس ايندڙ تبديلين کي سندس دؤر جي ملڪي ۽ بين الاقوامي سياسي سماجي حالتن جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي ها ۽ هن جي شخصيت يا نظرين ۾ محسوس ٿيندڙ ڪنهن به تضاد تي لکڻ کان اڳ ۾ سندس نفسياتي ۽ ذهني ڪيفيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ها. هڪڙي ڌر ڪيس غلطين کان مبرا ۽ مٿاهون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ۽ ٻي سندس ادبي قد گهٽائڻ لاءِ مٿس الزام تراشي ڪندي رهي. ايئن ٿيڻ نه گهربو هو. ٻهرحال لڏي ۾ وڏا وڏا نالا اچن ٿا جن جو ادب ۽ ادبي تنقيد جي حوالي سان مطالعو ۽ ڄاڻ ڪنهن به ريت گهٽ ڪونه هئا/ آهن. مولانا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، سراج، ڊاڪٽر جبار جوڻيجو، امداد حسيني، سحر امداد، ملڪ نديم، قاضي خادم، ولي رام ولڀ، سنڌي ادبي دنيا جا وڏا نالا آهن، جن شيخ اياز جي ڪتابن جي مهاڳن ۾ توڙي رسالن اخبارن ۾ مقالن ۽ مضمونن جي صورت ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ هن وقت انهن سڀني کي گڏ پڙهي ڏسبو ته ڪن جو انداز ڪيس ڍال مهيا ڪندڙ دفاعي Defensive لڳندو ته ڪن جو صفائي پيش ڪرڻ وارو يا Appologetic جو ته ڪنهن وقت خاص حالتن ۾ هڪ وڏو گروهه رجعت پسند ليکڪن جو مٿس تمام اگرائيءَ واري يا جارحاڻي Offensive نموني ۾ لکي رهيو هو ۽ سنڌ ۽ سنڌي اديبن کي عمومي طرح ۽ ترقي پسند يا قوم پرست اديبن کي خصوصي طرح وقت جي حاڪمن ۽ اسٽيبلشمينٽ اڳيان ڏوهاري ثابت ڪري رهيو هو ۽ "ادب ڪي آڙ ۾." ۽ "شيخ اياز ڇا ٿو چاهي". جهڙا ڪتابڙا لکجي رهيا هئا. انهن جو جواب ڏيڻ وقت جي ضرورت هئي. اهڙي ماحول ۾ مولانا غلام محمد گراميءَ پنهنجو مشهور مقالو "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر" مهراڻ ۾ لکي سموري مشرق جي چونڊ عربي فارسي ۽ اردوءَ جي شاعرن جي خيالن سان اياز جي شاعريءَ ۾ موجود ڪيترين ئي ڳالهين جي ڀيٽ ڪري جڻ ته ڪيس جواز ٿي مهيا ڪيو ۽ سندس بچاءُ ٿي ڪيو. اهو مقالو ڪن حلقن تمام گهڻو پسند ڪيو پر ڪن حلقن ان جي موٽ ۾ به گهٽائي ليک لکيا پر ان جي تاثر کي ختم نه ڪري سگهيا، ان کان پوءِ ٻيو اهم ڪتاب رسول بخش پليجي جو "انڌا اونڌا ويڄ" هو جنهن ۾ پڻ سنڌ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعريءَ کي تحفظ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور اياز کي هن نہ فقط پاڪستان جو پر دنيا جو وڏو شاعر ڪري مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ انٽرويو ۾ هن ايئن بہ چيو تہ "سمورن زمانن جي سمورين زبانن جا جيڪي عظيم شاعر ٿي گذريا آهن، مان سمجهان ٿو تہ ڪوبہ انصاف پسند شخص، سموري دنيا جي عالمي تاريخي سطح جي اڳين صف ۾ شيخ اياز کي بيهارڻ تي مجبور ٿي پوندو."

ٻئي طرف ڏٺو وڃي تہ اياز تي هن وقت تائين جيڪا بہ تنقيد ٿي آهي اها ذاتي يا نظرياتي حوالي سان ٿي آهي. فني حوالو ان سان اتفاقي اچي ويو هجي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي. ادبي تنقيد جي لاءِ خالص ادبي معيارن موجب غير جانبداري پهريون شرط هوندو آهي. هڪ نقاد سڀ کان اول هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ متاثر ٿيندو آهي جيستائين ڪوبہ نقاد ڪنهن ليکڪ کان متاثر ڪونہ ٿيندو تيستائين تنقيد وجود ۾ ئي ڪانہ ايندي. اهو تاثر پوءِ منفي بہ ٿي سگهي ٿو تہ مثبت بہ. پر تاثر ضروري آهي. اهو پسنديده بہ ٿي سگهي ٿو تہ ناپسنديده بہ. ذاتي پسند بہ سياويڪ آهي. پر جڏهن پڙهندڙ جي اندر جو نقاد لکڻ لاءِ آماده ٿيندو تہ ضروري آهي تہ هو انهيءَ پسند يا ناپسند جا سبب ڄاڻائي جيڪو هڪ مروج طريقو آهي پر اتي اچي اسان جا نقاد توازن يا جذباتي ٺهراءُ وڃائي ويهندا آهن.

نقادن جو هڪڙو گروهہ فن کي ان جي تاريخي ۽ سماجي تناظر کان ٻاهر ڏار رکي، اخلاقي يا افادي پهلوءَ کي غير اهم سمجهي صرف فني لحاظ کان مڪمل جمالياتي تجزيو ڪرڻ کي ئي صحيح پرک جو طريقو ٿو سمجهي. ان جو خيال آهي تہ تاريخي، سياسي، سماجي، اخلاقي يا نظرياتي پيمانن موجب پرک ڪرڻ سان نہ رڳو خود فن جو پنهنجو حسن متاثر ٿيندو پر پاڻ ان جو احساسات ۽ جمالياتي تجربو بہ ضايع ٿي ويندو، جيڪو ان کي پڙهڻ سان ماڻي سگهبو آهي. ان ريت اهو طبقو فن کي هر قسم جي سماجي ذميداريءَ کان آجو ڪريو ڇڏي. اهو مقصديت، ڪمٽمينٽ ۽ جوابداريءَ وغيره جهڙن لفظن جو مخالف آهي.

پر جڏهن وقت ثابت ڪيو تہ ادب جو سماج سان گهرو تعلق آهي تہ پوءِ ان، جي ماضي، حال ۽ مستقبل کان ڪيئن ٿو ڌار ٿي سگهي؟ فني لحاظ کان بہ هر دور جون پنهنجون تقاضائون هونديون آهن. انهن جي بہ تہ پوئواري ضروري هوندي آهي. اهڙيءَ طرح انهي نقطہ نظر جنم ورتو تہ ادب تاريخ سماج، جماليات، معاشيات، سياست، نفسيات، مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکي ٿو ان ڪري ان جي پرک ڪرڻ مهل پڻ اهي سڀ عنصر سامهون رکڻ گهرجن...... پر ڏٺو ايئن ويو آهي تہ هي طبقو پڻ ڪجهہ وقت کانپوءِ انتها پسنديءَ جو شڪار ٿي ويو. مقصديت، ڪمٽمينٽ ۽ جوابداريءَ جي حد کان وڌيڪ اظهار سان پرچار ۽ پروپيگنڊا جي ڏڦ اچڻ لڳي. هن قسم جا نقاد ڪنهن اديب يا شعر جي ڪنهن هڪ پهلوءَ کي اچي وٺندا هئا پوءِ هن کي ترقي پسند، رجعت پسند، فاشسٽ بورجوا ۽ الائجي ڇا ڇا ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا هئا. ايئن ڪندي هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان اديب يا شاعر جي فني خوبين کي بنهہ نظر انداز ڪري ڇڏيندا هئا... انتها پسندي اها هئي جو ڪنهن نقاد جي نظريي مطابق شاعر يا اديب جي سموري تخليقي زندگيءَ مان ڪو هڪ لفظ يا جملو ڳولي ان مطابق ان تي ڪو ٺپو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي.

اردوءَ جي ادبي تاريخ ۾ بہ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن. نياز فتح پوريءَ جي ترقي پسند نظرين سبب پهرين کيس ملحد، ڪافر ۽ دهريو چيو ويو ۽ هاڻي ويٺا سندس ورسيون ملهائين. هن کي اردو ادب ۾ تمام اوچو مقام مليل آهي. اقبال کي هندستان ۾ ڪميونسٽ ۽ فري ٿنڪر ڪري پيش ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سندس شعر جواز طور پيش ڪيا ويا ۽ پاڪستان ۾ کيس اسلامي شاعر ڪري پيش ڪرڻ لاءِ ٽنهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ويجي ٿو. ١٩٣٢ ۾ اردوءَ جي مشهور ترقي پسند اديب ۽ نقاد مرحوم اختر حسين رائپوريءَ پنهنجي هڪ مقالي "ادب اور زندگي" ۾ اقبال کي "فسطائيت پسند" لکيو هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سيد سبطِ حسن پنهنجي مقالي "فلسفہ شاهين" ۾ پڻ هن کي ساڳيو لقب ڏنو هو. بنگال جي نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ شاعر رابندرناٿ ٽئگور کي بہ پنهنجي هڪ لکڻيءَ ۾ مسوليني جي ساراهہ ڪرڻ سبب "فاشسٽ" سڏيو ويو هو.

اها ئي ڪار اسان وٽ اياز سان ڪئي وئي آهي. اياز هڪ هنڌ "پيٽ ڏيڍ خدا آهي" لکي ڪافر، ملحد ۽ دهريو مشهور ٿي ويو، وري "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو" لکڻ سان مٿس نظريہ پاڪستان جي خلاف هڻڻ جو الزام لڳو ۽ هاڻي "برسات" ۾ دعائن لکڻ سبب يڪدم "اسلامي" يا "اسلام پسند" ٿي پيو آهي.

اسان کي پهرين ڳالهہ تہ اها ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن نظريي کي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ وارو مامرو اديب يا شاعر جي پنهنجي ذاتي راءِ مطابق هوندو آهي جيڪا هو پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي مطابق قائم ڪندو آهي ۽ اهو سلسلو سندس زندگيءَ ۾ هميشہ جاري رهندو آهي خاص ڪري هڪ سوچيندڙ ذهن جمود کان وڌيڪ تبديليءَ ڏانهن مائل هوندو آهي. فرانس جو اديب سارتر پنهنجي وجوديت جي فلسفي سبب هميشہ ڪميونزم ۽ مارڪسزم جي خلاف رهيو پر زندگيءَ جي هڪ اسٽيج تي هو ان کان متاثر بہ ٿيو. اها تبديلي آخري ڪالہ هئي، ڪجهہ وقت کانپوءِ هو وري بہ ان کان ڦري ويو. پاڪستان ۾ فيض احمد فيض جي زندگيءَ ۾ بہ اهڙا لاهہ چاڙها ڏسي سگهجن ٿا. شروع شروع ۾ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ هلڪي ڦلڪي انداز ۾ رومانيت سبب مشهور ٿيو جنهن وقت "نقش فريادي" کيس ميٺا ڏياري، اهو ترقي پسندن جو انتها پسنديءَ وارو دؤر هو، انهن کيس گهٽي لفٽ ڪالہ ڪرائي. سندس شاعريءَ ۾ تيزي ۽ نظريي ۾ پختگي هن جي جيل ياترا کان پوءِ آئي جڏهن هو پهريون ڀيرو راولپنڊي سازش ڪيس ۾ اندر ڪيو ويو هو ۽ کيس موت جي سزا ٻڌائي وئي هئي. ان کانپوءِ لکيل سندس "دستِ صبا" نالي مجموعي اصل ۾ کيس شهرت ۽ عظمت جي بلندين تي پهچايو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو اياز جي زندگيءَ ۾ به اسين اهڙا لاها چاڙها ڏسي ٿا سگهون جن سندس خيالن ۽ نظرين کي پٺي متاثر ڪيو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه بلڪل سياويڪ. بلڪل نيچرل آهي. اديب ۽ شاعر زندگيءَ، موت، ڪائنات يا خود ادب جي باري ۾ جيڪو به نظريو رکي ٿو اهو پنهنجي مشاهدي، مطالعي ۽ پنهنجي دؤر جي حالتن کان متاثر ٿي اختيار ڪري ٿو، جنهن کي پوءِ هو مختلف فڪري قالبن ۾ ظاهر ڪري ٿو. نظريو، مقصد، فن ۽ جمالياتي قدر سڀ ڪجهه اصل فن جا معيار هوندا آهن پر اسين شخصيت پرستيءَ ۾ يقين رکندڙ قوم آهيون ۽ اها پٺتي پيل قومن جي خصوصيت آهي، ان کي بت پرستيءَ جي ارتقائي صورت چئي سگهجي ٿو. ڏٺو وڃي ته ادب يا سياست ۾ اسان جا هيرو يا ته فرشتا يا شيطان هوندا آهن، وچ واري ڪا واٽ اسان کي معلوم ئي ڪانهي. شخصيت پرستيءَ جي انتها اها آهي ته اسين پنهنجي پسنديده شخصيت ۾ ڪو عيب يا اوڻائي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ پسند ڪونه ڪندا آهيون ۽ جيڪڏهن ڪو ايئن ڪري ته ان جي نيت تي هرو ڀرو شڪ ڪرڻ لڳندا آهيون شايد ان ڪري جو اسان کي ڊپ هوندو آهي ته ڪٿي خود اسان جو گهڙيل بت ڀڄي نه پوي، ٻئي طرف جڏهن ڪنهن کي ناپسند ڪندا آهيون ته ان ۾ ڪا خوبي يا چڱائي ڏسڻ بدران رڳو عيب ڦلهوريندا آهيون، ته جيئن "بت شڪنيءَ" جو مقدس فرض نڀائڻ وارا سڏجون ۽ پنهنجو قدبت وڌائي سگهون.

سوال اهو آهي ته ڪنهن فنڪار کي سندس فن ۽ فڪر جي حوالي سان پرکڻ گهرجي يا نقاد جي نقطه نظر جي روشنيءَ ۾؟ سنڌ ۾ عام طرح سان نقاد پرک ڪرڻ مهل نه صرف فنڪار جي تخليق کي پنهنجي نظريي واري فريم ۾ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر خود ان جي ذات کي به هڪ مخصوص رنگ جي عينڪ سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پنهنجي طرفان انهن کي سمجهائيندا آهن نتيجي ۾ فن ۽ فڪر، خيال ۽ تصور گم ٿي ويندا آهن ۽ تخليقڪار نقاد جي نظريي ۾ فٽ ٿي پنهنجي سڃاڻپ ۽ اوريجنلٽي (اصليت ۽ انفراديت) وڃائي ڇڏيندو آهي جيڪي سندس بنيادي خوبيون هونديون آهن.

اهوئي سڀ ڪجهه شيخ اياز سان به ٿيو آهي، سندس تخليقن کي خالص ادبي بنيادن تي پرکڻ جي بدران هميشه مختلف ماڻهن جي نظرين ۽ مفروضن جي روشنيءَ ۾ پرکيو ويو آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ ۽ سندس ذهني ڪيفيت کي سمجهڻ جي گهٽ ڪوشش ٿي آهي. هڪڙي ڌر عقيدتمنديءَ جي ته ٻي ڌر اجائي دشمنيءَ جي شڪار رهي آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جي بنيادي خوبي سندس اصليت آهي. هو پنهنجي روايت سان سلهاڙيل هئڻ جي باوجود مڪمل انفرادي جوهر، نواڻ ۽ خوبصورتيءَ جو عنصر رکي ٿو، سندس شاعري هڪ اهڙي لئين چاول معصوم پار جيان محسوس ٿئي ٿي، جيڪو پنهنجي ابن ڏاڏن جي سيني خصوصيتن جو تسلسل هوندي به پنهنجو منهن مهاندو ۽ روش رکندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن روايت پرستيءَ بدران روايت پسنديءَ جو مظاهرو ڪندي مردار ۽ مدي خارج روايتن کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ بغاوت ڪئي پر ساڳئي وقت پنهنجي صحتمند روايت سان پنهنجو ناتو مضبوط ڪيو. سنڌي شاعريءَ ۾ نوان نوان تجربا ڪيا، نوان لاڙا نوان رجحان نوان رخ متعين ڪيا پر پنهنجي ورثي کي به سنڀاليو. ان ۾ ڀهر جان وڌي، نئون روح ڦوڪيو. هن جي ذات اعليٰ هئي مشاهدو گهرو ۽ مطالعو وسيع هو جنهن منجهس انفراديت ۽ اصليت واري خصوصيت پيدا ڪئي. جيڪڏهن وقت ۽ حالتن منجهس ڪا نظرياتي تبديلي آندي آهي ته ان کي قبول ڪرڻ سان اياز جو قد گهٽجي نٿو. هن سنڌ ۾ هڪ پوري نسل کي متاثر ڪيو ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو تاثر جهڪو يا هلڪو ڪونه ٿيو آهي. اياز تي هڪ ٻيو الزام اهو لڳايو ويو ته هن ڪجهه ترڪي ۽ آرمينا جي نظمن جا ترجما پنهنجي نظمن سان گڏ ڇپرائي ڇڏيا پر اهڙو اشارو ڪونه ڏنائين. اياز جي بچاءَ ۾ اهو به چئي سگهجي ٿو ته هن جي وسيع مطالعي هن جي ذهن تي ڪئين اڻ مٽ اثر ڇڏيا هوندا. ممڪن آهي ته اهو سڀ ڪجهه غير شعوري طرح سان ٿيو هجي پر جڏهن انهن نظمن تي نظر ٿي وجهجي ته اياز پاڻ مرادو ان الزام کان بري ٿو ٿي وڃي. انسان ذات جي صدين جي تجربن ۾ ڪئين تجربا فاصلن جي باوجود هڪ جهڙا به ٿي سگهن ٿا. انهن اعتراض هيٺ آيل نظمن مان ڪن تي غور ڪرڻ سان ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي؛

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڪنير جي گهر ۾ سچو مٽ ڪونه ملندو". "واڍي جي گهر ۾ سڄي کٽ ڪانه لڀندي". اياز تي الزا آهي ته هن هيءَ سٽ ترجمو ڪري پنهنجي نالي ڏني آهي. سا آهي؛ "لوهر جي گهوڙي کي نعل نه هوندا" (The black sinth's horse is shoe-less) چا اهو شاعر جو پنهنجو مشاهدو نٿو ٿي سگهي. سنڌيءَ ۾ هڪ اصطلاح آهي ته؛ "چرچي ۾ چهنڊڙي هڻ". يا سنڌ جا وطائي جهڙا سگهڙ ۽ سياڻا پوڪن ۾ سچ چوڻ جو جرم ڪندا رهيا آهن. اهڙي هڪ سٽ اياز لاءِ مهٿو بنجي وئي آهي ته "يوڳ يوڳ ۾ سچ ٻڌائي رهيو آهين".

(Always tell the truth in the form of a joke)

ڇا ان سٽ ۾ اهڙي ڪا ڳالهه آهي جيڪا اياز لاءِ نئين هجي يا سنڌ وارن لاءِ اوپري هجي؟

"اٽي ۾ لوڻ جي چپٽي". واري چوڻي جيڪڏهن ٻي ڪنهن قوم وٽ (Pinch of salt) جي صورت ۾ مروج آهي ته ان جي استعمال سان اياز ڪيئن ڏوهاري ٿي پيو؟

پر جيڪڏهن ميچجي به ڪئي ته اياز انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻاهران آندو آهي ته به اهي خيال ڪي اهڙا اعليٰ ۽ انوکا ڪونه آهن جن جي ڪري اياز جي قدبت تي ڪو فرق پويا ادبي تنقيد جا ماڻ ۽ ماپا ڪي ٻيا هوندا آهن. ڪنهن شاعر جي ڪا هڪ اڌ سٽ ڪٽي ڪا مجموعي راءِ نٿي جوڙي سگهجي. وقت وڏو منصف آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو شاعر جي سموري پورهيي کي سامهون رکي فيصلو ڪندو ۽ ڪري ۽ ڪوئي کي پاڻهي ڊار ڪندو. ڪهڙي تخليق دائمي اهميت رکندڙ آهي ۽ ڪهڙي عارضي آهي يا ڪهڙو اديب شاعر تاريخ ۾ زنده رهندو ڪهڙو نه. اها ڳالهه به وقت ۽ زمانو ثابت ڪندو! ڪنهن نقاد جي مڃڻ ۽ نه مڃڻ سان يا گهٽي تعريف يا نڪته چيني ڪرڻ سان ڪنهن جي ادبي حيثيت يا عظمت تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن تخليق ۾ جان آهي، فنڪارانه حسن ۽ فڪري گهرائي آهي ته اها پنهنجي جاء تاريخ ۾ پاڻهي ٺاهيندي. ها پر وقت جي نقادن کي پنهنجو ڪردار غير جانبداريءَ ۽ انصاف سان نڀائڻ جي ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي. هڪ ادبي نقاد لاءِ اهو ضروري آهي ته مجهس شاعريءَ جي ساڃاهه ميتا Appreciation جو ذهني تجربو ماڻڻ جي صلاحيت هجي، ان کي اندر ۾ محسوس ڪري سگهڻ واري قوت هجي. اڻ تجربي کانسواءِ تنقيد ڪرڻ ممڪن ئي ڪانهي. ڪنهن به اعليٰ تخليق جو قدر ۽ قيمت ڪٿڻ کان پهرين، ان جي مجموعي حسن کي هڪ مڪمل وحدت طور اندر ۾ اوتڻ جو عمل ضروري آهي ۽ اهو حسن نه محض خيال جو حسن آهي، نه جذبي جو ۽ نه ئي وري رڳو وزن .بحر يا ٻوليءَ جو. پر اهو اهڙن سيني عنصرن جي پوري پني استعمال منجهان پيدا ٿيندڙ مڪمل وحدت، مڪمل تاثر جو حسن هوندو آهي. عام طور تي نقاد ڪنهن هڪ پهلوءَ تي وڌيڪ زور ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ايئن ڪندي ٻين پهلوئن کي نظرانداز ڪري ويهندا آهن. اهوئي اياز جي شاعريءَ تي تنقيد ڪرڻ وارن ڪيو آهي. ادبي تنقيد جو اصول موجب اعليٰ خيال، ڀرپور جذبو، سهڻا عڪس، وڻندڙ اسلوب، جاندار ٻولي ۽ ان جي لفظن جو ترنم ۽ آهنگ، ۽ مناسب فني جوڙجڪ يا ڍانچو ئي دراصل شعري تخليق جو مجموعي حسن اجاگر ڪندا آهن جن کي هڪ ڪڏيل وحدت طور قبول ڪندڙ ئي صحيح تنقيد ڪري سگهندا آهن. جيستائين ڪو نقاد شعر جي انهن سيني ترڪيبي جزن جي ڇنڊ ڇاڻ نٿو ڪري تيستائين هو شاعر ۽ سندس شاعريءَ سان انصاف ڪري ئي نٿو سگهي. تخليق جي اصل جوهر جو ادراڪ ٿي نٿو سگهي. شاهه لطيف کان شيخ اياز تائين ڪنهن به سنڌي شاعر تي اهڙي ڪا تنقيد ڪانه ٿي آهي. اسان جي سموري ادبي تاريخ ۾ عملي تنقيد جي دائري ۾ صرف نظرياتي يا ذاتي نوعيت جي تنقيد ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اياز جا هن وقت تائين هيترا سارا ڪتاب (نثر توڙي نظم جا) پڌرا ٿي چڪا آهن، سندس اهڙو ڪهڙو ڪتاب آهي جنهن تي ڪنهن مڪمل ادبي تنقيد ڪئي هجي؟ "ڪلهي پاتر ڪينرو" ۽ "ڀنوَر ڀري آڪاس" سان شهرت ماڻيندڙ شاعر تي اڄ سندس آخري ڇپيل ڪتاب "ڪتي نه ڀڄبو ٽڪ مسافر" تائين ڪهڙي ادبي تنقيد ٿي آهي؟ سندس لکيل وائي، گيت، بيت، غزل، نظم، ٽيڙو، منظوم ناٽڪ ۽ نثر جي مختلف صنفن مان ڪهڙي صنف تي ٽيڪنيڪي تنقيد ڪئي وئي آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ امير علي چانڊئي جي تنقيدي مضمون "شيخ اياز هڪ مطالعو" جي ٻيا سڀ عمومي جائزا ۽ تبصرا ڇپيا آهن. سندس فڪر ۽ فلسفي جي حوالي سان ڪهڙي اڻ ڏري چند چاڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي؟ هن جي عڪسيت يا محاڪاتي منظر نگاريءَ کي ڪهڙن معيارن تي پرکيو ويو آهي؟ هن جي علامتن ۽ استعارن کي ڪنهن سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟

ادبي تنقيد تجزياتي Analytical علم هوندو آهي. جنهن جي ذريعي ڪنهن به تخليق جي مختلف پهلوئن جو ڇيد ڪري پرک ڪبي آهي. ڇا شيخ اياز جي تخليقن جو اهڙي نموني ڇيد ڪري پرک ڪئي وئي آهي؟ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سنڌي ادب ۾ به تنقيد کي خالص علمي ادبي ۽ فني بنيادن تي متعارف ڪرائجي. پر ته اها شروعات اياز کان ٿئي جيڪو بهرحال هن صديءَ جو هن سموري خطي جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين

ڪراچي
۴ جنوري ۱۹۹۷

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام محمد گرامي

باڪمال شعور جو شاعر

شيخ اياز پنهنجيءَ فني ۽ ذاتي حيثيت سان، هڪ رنگين طبع رند ۽ آزاد مشرب شخص آهي. سندس شاعرانه حيثيت، صوري ۽ معنوي طور، هم آهنگ ۽ همرنگ آهن. زندگيءَ جون تلخ ۽ تيز تند ۽ ڪيف آور وارداتون، حسن ۽ جمال جون نيرنگيون، هجر ۽ فراق جون ڪيفيتون، هن شاعر جي تخليق ۽ تشڪيل ۾ عملي طور حصو رکن ٿيون.

"اياز" بتڪلف شاعر نه بڻيو آهي، پر شاعري سندس فڪر و فن ۽ دل و دماغ مان ائين وهڪرا ڪري نڪري ٿي، جيئن چشمي مان ڌارا. سندس شاعريءَ جي "لي ۽ طرح" اڪتسابي نه، پر وجداني آهي. قلب تي جي وارداتون ۽ ڪيفيتون ڪيس گذرن ٿيون، تن کي "اياز" شاعريءَ جي ساغر ۾ اوتي ٿو. بعض اوقات سندس انفرادي، فن، فن جي روايتي قدرن ۽ فني حدبندين جا بند به ٽوڙي ٿو وجهي. اهي تڪلف ۽ تصنع جا جهوڙا ڇجاما، ٽول ۽ مٽڪا، ڇني، هڪ آزاد رند وانگر، نغاري جي چوٽ ٿو للڪاري. مصلحتي ابن الوقتي، جا اڄڪلهه جي سماجي قدرن اهل فڪر ماڻهن جي قلم ۽ زبان تي مسلط ڪري ڇڏي آهي، تنهن سان "اياز" بغاوت ڪري، منصور وارو، "اناالحق" جو بلند آهنگ نعرو هنيو آهي.

ايازجي شاعري حسين ۽ جميل لفظن، خيالن ۽ محاورن جي جامع آهي. سندس زبان رنگين، اسلوب شيرين آهي. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ گداز جو رنگين ۽ مرصع رنگ سمايل آهي. اهو رنگ اگرچ خارجي آهي، پر سندس داخلي ڪيفيات سان اهڙو ته رلي ملي ويو آهي، جو ائين چوڻ ڪان رهي نٿو سگهجي ته فن پنهنجي باڪمال شعور تي پهچي ڪري داخلي ۽ خارجي اثر و تاثير کان بالا تي وڃي ٿو. فن جڏهن همه گير درياهه بڻجي وڃي ٿو، تڏهن ڏڙيون ۽ دڪا، پٽ ۽ واهڙ، خشڪيون ۽ تريون، سڀ هڪ ٿي وڃن ٿا. هڪ موج افزا مهراڻ، پنهنجي ڪيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آور چولين ۾، ”غيريت ۽ هيئيت“ جا سڀ خس و خاشاڪ وهائي، ٻوڙي ٿو ڇڏي!
”اياز“ پنهنجي شاعرانہ شعر جي حيثيت سان، جديد ۽ قديم فن ۽ اسلوب جو سنگم آهي. سندس انهيءَ انفرادي جامعيت سندس فني حيثيت کي نہ فقط جدت پذير قدرن جو حامل بڻايو آهي، پر ان سان گڏ فن جي روايت کي بہ زندهہ رکيو آهي. ”اياز“ جي اها جامعيت بڌائي ٿي تہ فن زمان ۽ مڪان جي حيثيت سان بہ روان ۽ دوان آهي. فن جي تخليق ۽ ارتقا جي سلسلي ۾ نہ ماضي ٿو حائل رهي، نہ ماضيءَ جون روايتون ۽ ان جا قدر.
”اياز“ جي شاعريءَ اهو بہ واضح ڪيو آهي تہ فن ۽ اسلوب، هئيت ۽ مواد، سڀ ”ثانوي درجو“ رکن ٿا. اگر شاعر جو ”روح“ سلامت آهي، شاعر ۾ قدرت بياني آهي، شاعر جي حسن آفرين ۽ ندرت آميز طبع ۾ صحتمند حرارت ۽ حدت آهي نہ پوءِ ڪيس ماضيءَ جون پراڻيون روايتون يا پراڻيون هئيتون روڪي نٿيون سگهن. اهڙو شاعر، ماضيءَ جي ضعيف ۽ بيرنگ ڪکن ۽ ڪانن کي ميڙي چونڊي، هڪ آشيانو بڻائي سگهي ٿو ۽ ان ۾ پنهنجي ”روح عصر“ جي جانعالم کي منڍ پڙهي، طوطو بڻائي ويهاري سگهي ٿو.
”اياز“ سنڌ جي جديد شاعريءَ جو پهريون شاعر آهي، جو فني حيثيت سان هئيت جي زوليده ۽ پيچيده اندازن ۽ معيارن کان آزاد ٿي شاعري ڪري چڪو آهي. سندس تلقيد ۽ تتبع ۾ هزارين شاعر پيدا ٿيا، جن ۾ نو آموز بہ آهن ۽ استاد بہ، پر ڪين نڪو ”اياز“ جو فن حاصل ٿيو نہ زبان، نہ اندازِ بيان، نہ ندرت خيال، نہ رنگيني، نہ خوش ادائيگي، نہ جوش ۽ نہ مسرت.
”اياز“ جي اها حيثيت اگر اڪتسابي هجي ها تہ پوءِ اسان جا ڪيئي شاعر، ذهن ۽ زبان جي تراش خراش ڪري لفظن کي ميڙي چونڊي، ٽنب ٽاڻ ڪري، ڪو رنگ ڄمائين ها. اهو ان ڪري نہ ٿي سگهيو آهي جو هنن ”اياز“ جي فن جي ارتقا ۽ مسلسل واردات کي نہ سمجهيو آهي. ”اياز“ جي فني ارتقا ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان گذري آهي، اياز جي طبعي ۽ ذهني، فڪري ۽ ادبي ارتقا ڪهڙا ڪهڙا تلخ ۽ تند زمانا ڏٺا آهن، انهن کي مطالع ڪرڻ گهرجي ها. ان کان سواءِ، ڪي اهڙا قدر ۽ نعمتون بہ ٿين ٿيون جي قسامِ ازل جي طرفان ئي وديعت ڪيون وڃن ٿيون. ”اياز“ وانگر گيت چوڻ تہ سولو ٿيو، اياز وانگر دوهو چوڻ بہ چڱو، پر ”اياز“ جي دل جو سوزو گداز ڪٿان اچي؟ ”اياز“ جي دل ۾ جا آگ جلي رهي آهي، ”اياز“ جي اندر ۾ جو پنيٽ پيو ٻري اهو ڪٿان آڻجي؟ ”اياز“ جي ذهني تقليد تہ آسان آهي، پر ”شعوري ڪيفيات“، ”ذهني هيجانات“، ”قلبي جذبات“ ۽ ”وحي واردات“ کي ڪير ٿو نقل ڪري سگهي؟ اهو ئي سبب آهي جو ”اياز“ پنهنجي معاصر احباب ۾ ڪر ڪنيو بيٺو آهي. سندس ”فني عظمت“ جا جهنڊا سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ اوچي ڳاٽ ڦڙڪي رهيا آهن. اياز جي تلقيد ۽ تتبع ۾ هند ۽ سنڌ جي گهڻن شاعرن، محض ”جدت ۽ ترقي“ جي پويان لڳي، ”فني حقيقت“ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انهن کي سستي شهرت به ملي آهي. پر ان سان گڏ مور جي اهل ڪندي، پنهنجي اصلوڪي لوڏ به ڪاري وڌي اٿن. انهن جو نڪو فن سان رشتو قائم رهيو آهي، نڪو زندگيءَ جي زندهه ۽ پائنده روان ۽ دوان حقيقتن سان رابطو ۽ واسطو ئي قائم رکي سگهيا آهن. اهي ويچارا، نرڙ ڪانءَ وانگر، هوا ۾معلق ته آهن، پر جامد ۽ ساڪت. ٺان- ٺان ته موجود، پر اهو سوز ۽ ساز، درد ۽ گداز ڪٿي؟ اها صداي رستہ خيز ڪٿي؟ اها خلش ۽ تپش ڪٿي؟ اهو اضطراب ۽ التهاب ڪٿي؟ اها روشني ۽ گرمي ڪٿي؟ اها سرخوشي ۽ مستي ڪٿي؟ اها آس ۽ پياس ڪٿي؟ اها ريت ۽ پريت ڪٿي؟ اهو رنگ ۽ آهنگ ڪٿي؟ اسلوب جي نمائش، خيالات جي ندرت، لفظن جي مصنوعي آرائش، موادجي اشتهار بازي ۽ زبان جي لوچ پوچ به چڱي، پر "پلاسٽڪ جون پتليون" ڪٿي ۽ "اياز"جو زنده ۽ حسين پيڪر خيال ڪٿي! رقصان ته پلاسٽڪ جون پلتيون به آهن، پر "اياز" جي "ذي روح پيڪر خيال" جو "رقص ۽ وجد" ڪٿان اچي؟ ڪنهن نقال "اياز" جي چال جي چوري به ڪئي آهي ته پوءِ به اهو سر ۽ تال ڪٿان اچي؟ اها "پائل جي جهنڪار" ڪٿان ليي؟ اها لي ڪٿان اچي، جا "اياز" جي مترنم متبسم، نغمہ سنج ۽ مسرت انگيز پيڪر شعر و شاعري ۾ رقصان ۽ پيچان، غلطان ۽ حيران آهي!

"اياز"جي نقادن ۽ تابعين کي رڳو اهو عرض ڪندس ته پيلي، محض جدت جي ديوتا تي تاريخي تسلسل کي ذبح ڪرڻ نہ گهرجي. انسان جي فڪري ۽ شعوري حيات ۾ "وقت" ۽ ان جي تقاضا کي وڏي اهميت حاصل آهي. وقت ۽ ماحول جي عظيم ۽ صحتمند قدرن مان ئي شاعر جو فن زندگي ۽ روشني تو حاصل ڪري ۽ فڪر جي نزاڪت ۽ فن جي جزالت تو پيدا ڪري، ان ڪان سواءِ نڪو "جديد" جو ڪو مفهوم آهي، نڪو "قديم" جي ڪا تعريف ٿي ڪري سگهجي. "وقت" کي نڪو انساني فڪر جو خانہ زاد غلام سمجهڻ گهرجي، ۽ نہ ڪو ان کي نظرانداز ڪري، فڪر کي پنهنجي ماحول کان غير متعلق ڪري، متشڪل ڪري تو سگهجي، پر وقت جو صحيح تصور "زمان" ۽ "مڪان" جي "مجموعي وحدت" سان بڻجي ٿو. اهو ئي جديد سائنسي تجربو آهي. ان "تسلسل حيات" کي پلي "ماضي" ۽ "حال" ۽ "مستقبل" به سڏجي، پر "فن"جي تسلسل۾ فرق نٿو اچي. هڪ حقيقت زمان ۽ مڪان جي متغير قدرن تي محيط ٿي رهي، تخليقي عمل جو ڦهلاءُ ذهن ۽ فڪر جي نون تجربن سان هرحال ۾ وابستہ ٿو رهي ۽ انساني شعور ۽ ان جي فني ارتقا جا مدارج، هڪ جهان تازه وانگر، هر آن بدلبا ٿا رهن، اهو ئي ڪارڻ آهي جو فن زمان ۽ مڪان جي وسعتن ۽ گردشن کان بي نياز ته رهي ٿو، پر ماورا نہ.ان ۾ حقيقي عظمت ۽ ارتقائي جدت ان وقت ئي پيدا ٿئي ٿي، جڏهن "ماحول" ۽ انساني سماجي تقاضائن جو شعور فنڪار جي ذهن ۾ رچي ٿا وڃن. ائين ئي، فن، ماضيءَ جي صالح ۽ صحتمند روايت ۽ ذهنيت سان هم آغوش ٿي، "انقلابي تجدد" ۽ "تخليقي توانائيءَ" کان اڪتساب ڪندي، وڌي به ٿو ۽ ڦهلجي به ٿو؛ اهو فن ئي زندگيءَ جو فن ٿو بڻجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جا "نقاد بزرگ" چئي چڪا آهن ته "اياز" وٽ فقط "تعلي" ۽ "خود ستائي" آهي؛ اها "احساسِ ڪمتريءَ" جي پيداوار آهي. ان جو "فلسفه جمال" "جنسيت" کان آزاد نه آهي. ان جو "شعور" تصوف کان به متاثر ۽ مجروح آهي. منجهس "فرائيڊيت" به آهي، ترقي پسندانه رنگ سان جذباتي وابستگي به آهي ۽ "اضداد" جا عناصر به آهن، منجهس "قديم روايات" به آهن، ته انهن سان "بغاوت" به آهي، سندس "نظريہ حيات" به مبهم آهي ۽سندس شاعري مذهبي نقطه نظر سان گمراهانه به آهي، پر انهن سڀڪجهه چوڻ کان پوءِ به انهن ئي چونداسين ته "پر شاعر عظيم آهي!" "اياز" بيشڪ رند آهي، "جام بڪف" سندس جام آهي رقصان، سندس ڪلام آهي حسن آفرين ۽ ڪيف افزا ۽ شاعر آهي عظيم!

"اياز" بيت ۽ دوهي کي به روايتي هئيت کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس بيت ۾ قديم هئيت آهي، پر مواد ۾ ندرت ۽ جدت آهي. ترنم ۽ هم آهنگيءَ لاءِ هم قافيہ لفظن جو انتخاب "اياز" جي روشن طبع جو عظيم ڪارنامو آهي. اڄ تائين "بيت" صوفيانه خيالات لاءِ تختہء مشق رهندو آيو آهي. اياز ان ۾ موجوده انسان جي ذهني ۽ ذوقي ڪيفيات محسوسات جي رنگ آڻڻ جا تجربا ڪيا آهن. "اياز" "وائي" سان قطعن بغاوت ڪئي آهي. پنهنجي نيٺ سنڌي هئيت ۽ فن کي فارسيءَ جي اوزارن ۽ ارڪانن ۾ چئي، ڪٿي ڪٿي غزل ۽ مستزاد جو اثر پيدا ڪيو اٿس. سندس اهو تجربو، ڏسجي ته فني حيثيت سان ڪهڙي ٿو حيثيت اختيار ڪري.

"اياز" جا دوها پنهنجي فني حيثيت سان بيمثال آهن. سنڌي ته ڇا، هنديءَ جا دوها به سندس دوهن اڳيان مقابلي ۾ آڻي نٿا سگهجن. ماٺڪ اڳيان ڪچ جي ڪابہ حيثيت ڪانه آهي!

نظم ۽ آزاد نظم ۾ اگرچ نغمگي ۽ ترنم ريزي موجود آهي، تاهم دوهن ۽ بيتن جي مقابلي ۾ انهن ۾ نه فني حيثيت آهي، نه زوربياني، تنهن هوندي به "اياز" پنهنجي رنگينيءَ سان ان صنف کي به خوب چمڪايو آهي.

آزاد نظم هڪ اختلافي مسئلو آهي، پر ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته آزاد نظم رڳو نثر وانگر بيرنگ ۽ بيڍنگ بندشن جو جوڙ نه آهي. البته شاعر کي "طبعي رواني" گهرجي، جا سندس فڪري ڪيفيات کي حسين ۽ جميل طرز ۾ پلٽائي وجهي. "اياز" جو آزاد نظم به حسين آهي. نه ان ۾ فني بي راهہ روي آهي، نه گمراهي، نه ڪوتاهي، نه ڪج ادائي.

"اياز" جو فڪري مواد به جامعيت رکي ٿو. اهو پنهنجي "شعوري وحدت" جي ترجماني ڪندي، بيت ۽ دوهي، غزل ۽ وائي، ڪافيءَ ۽ غزل جا قالب اختيار ڪري ٿو، پر اهي جڏهن شعوري طور اختيار ڪيل نٿا ٿين، تڏهن سندس نظم ڪڏهن غزل نما آهن، ته ڪڏهن سندس غزل آهن گيت نما، ته ڪڏهن سندس گيت آهن نظم نما. اهل نظر جي نظر ته ڪلام جي معنويت رهي ٿي، تنهنڪري ظواهر جا پيالا ڪهڙا به ڪٿي هجن، "مئي" ته موجود آهي؛ نشہ ميءِ کو تعلق نهين پيماني سي!" (بشڪريہ مهران ٢-١٩٦٢ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوبندمالهي

شيخ اياز
سنڌ ۾ سنڌيت جو عيوضي شاعر

۱۹۴۴-۴۵ جي ڳالهه آهي نوجوان سنڌي ڪهاڻي ليکڪن جي ڪهاڻي جو مجموعو" ريگستاني ڦول" شايع ٿيو هو ۽ ادبي حلقن ۾ چڱي مقبوليت حاصل ڪري چڪو هو.

سوڀو گيانچنداڻي سياسي ۽ ٽريڊ يونين سرگرمين مان وقت ڪڍي نئين دنيا ڪتاب گهر جي اشاعتن ۾ دلچسپي وٺندو هو. "ريگستاني ڦول" لاءِ پنهنجي ڪهاڻي ڏني هئائين ۽ مسلم ليکڪ اياڻ لاءِ هڪ ڪهاڻي "رحيما" جو خاڪو به لکيو هائين، جنهن کي مون وڌائي شيخ عبدالستار جي نالي ۾ شايع ڪيو هو، اُن ئي دؤر ان ۾ شيخ اَياز سنڌي اَدبي اُفق تي اُڀري آيو هو ۽ انقلابي شعر لکي ورتا هئائين. هو محمد ابراهيم جوئي جي صحبت ۾ به آيو هو. سوڀي مون کي چيو، " هاڻ اسلوڪين رچنائن، ڪهاڻين، مضمونن ۽ شعرن جو مجموعو ڇپاءِ. انقلابي شعر مان تو آئي ڏيانءِ، سي به مسلمان شاعر جا. مون سوالي نگاهن سان هن طرف نهاريو. چيائين، "شيخ آياز جا. اهڙا عاليشان شعر لکيا آٿائين جو اُن ۾ انقلابي ويچار به آهن ته لئه تال به آهي. پڙهندين ته تنهنجي دل به ٽپا ڏيڻ لڳندي..." اِتفاق اِهو ٿيو جو ان ڏينهن ئي آياز مون کي ڪَچهري روڊ تي گڏجي ويو، در حقيقت مون هن کي نه ڏٺو هو. هن جو آواز منهنجي ڪن پيو هو. چيو هئائين، "ميان، هم ڀي ڪڙي هئين راهون مين..." ۽ مان هن جي ويجهو ٿيس ته حجائتي شڪايت ڪيائين، "شاعرن تنهنجي ڪا ڀلي ماري آهي؟" مون چيو، "ترقي پسند شاعر آهن ڪٿي؟" چيائين، "هڪ ته هيڏو سارو تنهنجي اڳيان بيٺو آهيان....." ۽ فولڊر مان اٺ ڏهه شعر هڪ هڪ الڳ نوٽ بوڪ واري پني تي لکيل، مون طرف وڌايا....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سڀ جو سڀ واقعي سڻا هئا. انقلابي خيالن وارا ۾ سنگيتمير. مون مسيلني ٽائيپ مجموعي "پرهه ڦٽي" جي منڍ ۾ سڀ جو سڀ ڇپيا. ڪو ڏماڪو مچي ويو ساهتيڪ ڪيتر ۾! هڪ مسلمان نوجوان شاعر. ايڪ هي رانجهو لڪان دا مڻ تي ادبي افق تي اڀريو ۽ ڇانئجي ويو!

شيخ اياز "نظيران" ۽ "سفيد وحشي" جهڙين ڪامياب ڪهاڻيون به لکيون ۽ "اڳتي قدم" مخزن به شروع ڪئي. جو ڀارت جي آزادي ورهاڱي جي لعنت ڪٺي آئي ۽ شروع ٿي ويئي سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ. ادب ۾ اياز جي مقام جوڙي وٺڻ جي باوجود هندو اديبن جي هڪ هٽي رهي هئي. سنڌ ۾. هندو اديبن جي هڪ ڀئي پنيان لڏي وڃڻ تي اياز دانهن ڪئي. "اسان کي ڇورڙو ڪري ڇڏي نه وڃو."

ورهاڱي جي ڀونڪپ ادب کي سرحد جي ٻنهي پاسين نهوڙيو هو. مگر ٻنهي پاسين ادب جي چشمي کي نئين سر جاري ڪرڻ جي مهم ڀهرين هند ۾ شروع ٿي ۽ پوءِ سنڌ ۾ به سڌ جو پڙاڏو ٿيو. سنڌ ۾ ادبي انقلاب جو علمبردار شيخ اياز ئي رهيو. هن جهونن ڳاڻ ڳڻين اديبن کي قلم کڻڻ لاءِ للڪاريو ۽ نون اڀرندڙ اديبن کي لکڻ لاءِ اتساهه ڪيو. آمادهه ڪيو ۽ همٿايو. ادب جو چشمو سر شار بڻيو. وهندو رهيو ۽ اڳتي وڌندو رهيو. سوڀي گيانچندالي ۽ محمد ابراهيم جوئي شيخ اياز کي تخليقي ۽ تحريڪي سرگرمين ۾ مڪمل ۽ هر ممڪن ساٿ ڏنو.

اياز سنڌ جي شاعر اعظم شاهه لطيف جي آڏ پڪڙي ۽ هن کي سنڌ جي سڃاڻپ جو سڪاني ۽ پنهنجو ساٿي بڻايو. هن شاهه جيان بيت چيا. وايون چيون. شاهه جا ويچار دهرايا.پئي نه. وقت جي تقاضا جا ترجمان بڻايا.

جسوڌن لاڙ جو هڪ جوڌو جنگ جوان ٿي گذريو آهي. جنهنجو ذڪر شاه جي رسالي ۾ به آهي. نقاد الياس عشقي خود شاهه کي پوري‌ءِ سنڌ جو جسوڌن سڏيو آهي. اياز جي شاهه جي آڏ پڪڙڻ تي هُو چوي ٿو؛ "مون کي اِئين لڳوڄن ته جسوڌن موٽي ماڳ تي آيو آهي. نئين روپ ۾ نئين روح ۾ ۽ نئون نياپو کڻي. اِهو نئون جسوڌن شيخ اياز هو. نئين دؤر ۽ نئين‌ءِ سنڌ جو نئون آواز. آواز جنهن ۾ جوش هو. سوز هو ۽ جسوڌن جووساريل پيغام هو. پڌندڙن جي ڪنن ۾ اڳوٺي جسوڌن جو پراڏو پرڻ لڳو. اياز پاڻ به اعتراف ڪيو آهي؛

پرسان تنهنجي پٽ ڏٺي، جهلي بينس جهول،
ڏنئہ بہ ٿي ٻول، سخي منهنجي ساهہ کي.

اياز شاهه جي عظمت لاءِ عقيدتمندي به لاثاني انداز ۾ پيش ڪئي آهي.

مون وٽ موڙيو ئي بيت، تون وٽ آهن آيتون.

سنڌ هندن جي لڏپلاڻ بعد مسلمان پناهگيرن هنن جا گهر ۽ ڏنڌا ئي نه والاريا. سنڌ جي اقتصادي حالت تي قبضو ئي نه ڪيو. پر سنڌين جو ساهه مٺ ۾ ڪيو. ان وقت جي صورت حال جي صحيح عڪاسي اياز هن ريت ڪئي. شاه به اِن ريت. ان انداز ۾ ڪري ها؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي،
اگهه آيا اوپرا، نڪري ويا نيهي،
پراوا پيهي، والاري ويا سنڌڙي.

۽ جڏهن حڪمرانن ۽ مهاجرن ملي عام سنڌين کي ستائڻ شروع ڪيو تڏهن اياز پٽ ڏٺيءَ کي سڏ ڏنو:

جاڳ پٽائي ڪهوٽ، سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مرن پيٺيون مارئيون، ڦابو آهن ڪوٽ،
اَڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وجهون.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جو رايو آهي تہ "شاهہ لطيف تواريخ جوڙي ۽ شيخ اياز ان تواريخ جو عظيم ڪردار رهيو. هن ائين بہ چيو، "آياز ۾ vitalجگر وارو آهي." ۽ آياز جي جگر جي پرک تڏهن ٿي، جڏهن سموري اولهہ پاڪستان کي ون يونٽ، يڪو پرڳڻو ڪيو ويو. ان سنڌين جي زندگي تهائين وبال ڪري ڇڏي. صوبي جي خودمختياري مڪمل ريت اسلام جي نالي ۾ ختم ڪئي وئي. سنڌ کي پنجاب جي ملٽري ڪالوني بڻايو ويو. آفي باقي جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ مان بدلائي لاهور ڪيو ويو، جڏهن سنڌ جي رهي کهي اهميت بہ ختم ٿي وئي. اسلام آباد اڃا جوڙيو نہ ويو هو. سنڌي ٻوليءَ کي اردوءَ جي ويديءَ تي سواهہ ڪيو ويو. ڌرتيءَ جا ڇاوا ڌرتي ڦٻائيندڙن جي رحم ڪرم تي رهڻ لڳا. ١٩٥٨ع ۾ مارشل لا لڳايو ويو ۽ ظلم جي گهوڙي کي ڇيڪ ڇڏيو ويو. اياز جي لفظن ۾ سنڌ جو نالو ڳنهڻ بہ ڪاريهر تي پير رکڻ برابر هو، آياز سنڌين کي للڪاريو:

"سهندو ڪير ميار اويار، سنڌڙيءَ کي سر ڪير نہ ڏيندو؟" ۽ ان للڪار جو جواب بہ پاڻ ڏنائين:

"جهول جهلي جنهن وقت پٽائيءَ، ڪرندا ڪنڌ هزار اويار." ۽ سنڌ جي ديش ڀڳتن جو اشارو بہ آياز ڏنو، سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نوايان." ۽ ان منيءَ منجهہ مرڻ تي امرتا پائڻ جو وشواس بہ آياز ئي ڏنو.

آياز هڪ نئي ازم اپنايو- سنڌيزم، سنڌيپڻو. سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو هن جي ادب جو مڪيہ وشيہ بڻجي پيا. ۽ سنڌ جا اهي هندو ۽ دنيا ڀر ۾ ڦهليل ماڻهو جي پاڻ يا جن جا وڏا اصل سنڌ جا ويٺل هئا اياز جا پنهنجا رهيا. هن جو ادب گهر مان شروع ٿيو پر اتي پورو نہ ٿيو. هن جو ادب عالمگيريت سان جڙيو رهيو- پر پهرين سنڌ، پوءِ دنيا ۽ انسانيت جو جت ڪٿ بول بالا. هن جي ادب جو مقصد اهو رهيو. ان ۾ بہ هن شاهہ لطيف جي اڏ پڪڙي، جتي شاهہ هڪ ئي مصرع ۾ سنڌ لاءِ سڪار ۽ عالم لاءِ آباديءَ جي دعا پني هئي، تتي اياز چيو: "ڌرتي منهنجو ديس مگر، مان سنڌڙي جندڙي لايان." ظاهر نہ ڪئي، انهن لفظن معرفت، ڇٽي ڪئي هن جنگ خلاف آواز اٿاريو. پر مارشل لائي حاڪمن کي بهانو ملي ويو اياز کي پڪڙڻ جو. هو جيل اماڻيو ويو. ۽ اِن طرح اياز جو جيل وڃڻ جو سلسلو جڙي ويو. ون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونٽ جي دؤران ۾ ۽ ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ بہ، هن جي لکڻ ۽ ڇپجڻ جو سلسلو بہ جاري رهندو آيو.... هن کي وشواس رهيو تہ سنڌيت بچائڻ لاءِ سلسلو جڙندو رهندو؛

مرنداسين تہ مٽيءَ مان پنهنجي، جڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متولا ايندا هشندا تن جي هام!

جتي هُو شاهہ لطيف جو پيروڪار هو، تتي هن جي چاڙهيل ڪَنيءَ جي ڏکڻ لاهيندڙ سچل سرمست کان بہ متاثر هو. سچل لاءِ هن کي اَٿاهہ ۽ اَتوٽ عقيدتمندي هئي؛

آءُ درازا هل.
تنهنجا سارا مولوي،
منهنجو هڪ سچل.

هڪ مرد جيان سچل سچ چيو تہ آياز سچ جي ويا کيا هن ريت ڪئي؛

ذات وڏي شيءِ ناهي
پر سچ وڏي شيءِ آهي
۽ جو سچ مڃائي مڃ
سو سچ وڏي شيءِ آهي.

هن لکيو بہ آهي تہ "مان پنائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جو وارث آهيان." ۽ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين سان بہ هن جو سنبنڌ جڙيو رهيو؛

تون مان دور نہ آهيون پيارا!
توکي مون کي روز ملائي سنڌوءَ جو سپنو.

هن اِهو سنڌوءَ جوسپنو نؤنهال سنڌ جي آئينده جو، ابن تائين بہ پهچايو- لولين معرفت؛

لولي لال، جئين شال! جيئي سنڌ، تنهنجي سنڌ،
جيئي جند، تنهنجي جند، لولي لال!

سنڌ تان سر قربان ڪرڻ جي ڀاونا بہ ٻاروتن ۾ ڀرڻ چاهي؛

شل دولهہ ٿئين! شل دودو ٿئين!
شلِ سورهيہ ٿئين! سنڌ تي سر ڏئين!
لوليون، او آبا، لوليون لوليون.

محمد ابراهيم جوئي. "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" جي مهاڳ ۾ آياز جي شاعريءَ بابت لکيو آهي؛

"اياز جو شعر وطن جي تسليميءَ، وطن جي بچاءَ ۽ وطن جي آبرو ۽ عظمت جو شعر آهي ۽ ان لاءِ محب وطن نوجوانن، ٻارن ۽ ٻڍن کان اهو هر قسم جي جهد ۽ قربانيءَ جي طلب ٿو ڪري ۽ اُن ۾ وطن دشمنن لاءِ اجهل نفرت ۽ بي پناهہ غصو موجود آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيلن جي چڪر ڪان آياز آجو ٿيو ته يڪا يڪ ٻه سال خاموش ٿي ويو. پاڻ ئي چوڻ لڳو؛ "شاعريءَ مون کي هڪ سريت جيان تلانجلي ڏني آهي." اِن قسم جي نراسائيءَ ۽ نراستاهه ٿيڻ لاءِ ڪو ڪارڻ ڪو نه هو. "جيئي سنڌ" هلچل زور پڪڙي رهي هئي. هر ميڙ ۾ تقريرن ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ شيخ آياز جا نغما ڳايا پئي ويا. پر نغمه نگار پاڻ خاموش ۽ گوشه نشين هو!

اِن وچ ۾ پاڪستان جي سياست ۾ وڏو ڦيرو آيو. اوڀر بنگال پاڪستان کان الڳ ٿي بنگلاديش بڻيو. باقي بچيل پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀٽو طاقت ۾ آيو. ۽ هن شيخ آياز کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شپ آڇي. ڪنهن وقت جيل جي ساٿي هجڻ جي ناتي ۾ ملڪ جي حڪمران هجڻ جو لحاظ رکي آياز ڀٽي جي آڇ قبولي. منهنجي سمجهه ۾ اِها آياز جي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي غلطي هئي ۽ اها غلطي ثابت به ٿي. هُو عام ماڻهن کان ئي نه مفڪرن ۽ همعصرن اديبن کان ئي ڪٽجي ويو. "جيئي سنڌ" تحريڪ به آياز کي ڪافي حيران پريشان ڪيو. ۽ جڏهن ضياءَ لوڪشاهي حڪومت جو پاتيو ڪڍي ملٽري راڄ قائم ڪيو. تڏهن آياز تهائين دماغي ڪشمڪش جو شڪار بڻيو. هن کي ضياءَ روبرو ڪهرائي هنجي دماغ جو جائزو وٺڻ چاهيو، تڏهن آياز ملٽري حڪمران اڳيان جهڪيو ڪو نه. لنوائي ويو. ڪافي وڏي عرصي تائين هڪ اديب طور آياز خاموش رهيو، مونجهاري ۾ رهيو. ان خاموشيءَ لاءِ آياز اهو ڪارڻ ڏسيو آهي، ته اَڌ سچ چوڻ کان نه چوڻ بهتر سمجهيم. ۽ ١٩٨٩ع ۾ مون سنڌ ياترا جي دوران جڏهن هن سان اِن لنبيءَ خاموشيءَ جو ذڪر ڪيو ته چيائين، "اِن دبڙدونس جي زماني ۾، جڏهن ڀٽو ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ هو، ملڪ ۾ غير صحتمند فضا هئي، مان بهتر فضا جي انتظار ۾ هوس، ۽ جڏن ئي فضا بدلجڻ لڳي، تيئن منهنجي قلم ۾ شدت موٽي آئي."

١٩٨٢ع کان آياز جي ڪتابن جي اشاعت نئين سر شروع ٿي ۽ انهن جو اَٽوٽ سلسلو بڻبو رهيو آهي. اَڄ توڻي ١٩٨٢ع ۾ شايع ٿيل "پتڻ ٿو پور ڪري" ۾ چوي ٿو، "منهنجي زندگي ڇا گونگي جيان گذري ويندي؟ مون آڪاٿئ چوڻ ته آڇا هاڻ شروع ڪئي آهي."

۽ سنڌ سنڌين جي عيوضي شاعر شيخ آياز جڻ نئون جنم ورتو. "پتڻ ٿو پور ڪري" جي پبلشر محمد سليم دائود پوٽا ٻه مهاڳ ۾ لکيو..... "هي ڪتاب نئين نيهن جو نئون نياپو آهي، پرهه ڦٽيءَ جو پيغام آهي."

سال ١٩٨٤ع آياز جي ڪتابن جو جهجهو فصل لٿو. اُن سان آياز جا پنج ڪتاب شايع ٿيا. "پن ڇڻ پڇاڻا" جو پبلشر وري به محمد سليم دائود پوٽا هو. هن مهاڳ ۾ لکيو؛ "هي شخص بنا ڪجهه وٺڻ جي، سنڌ کي، سنڌي ادب کي گهڻو ڪي ڏيئي رهيو آهي- نئين سوچ، نئون انداز، نئين واٽ، نئين لاٽ...." هن وڌيڪ لکيو؛ " هن شخص پنهنجي پورهئي مان ٧٩- ١٩٧٦ع جي دوران ڪجهه وٺڻ جي ڪوشش ڪئي (اشارو سندس وائيس چانسلر طرف آهي) ته سندس هٿ ڦٽجي پيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ڏار هٽي ويس ۽ هاڻ هجي آٽيس- جڻ تہ هاٿيءَ جي پيرن هيٺان آيو هجي، دل جو ڏورو پيس، اسپتال داخل ٿيو. بهرحال اهي زخم هو آڇا نہ ڇُٽائي سگهيو آهي."
آڇا بہ اڪثر هلي هن لکيو: " آسان وٽ، سنڌ ۾، ماڻهوءَ جي ذات ڦاهيءَ جي ڦندي سان ماپي ويندي آهي (شاهہ عنايت جيان) يا اُن کي کهاڻي مان گذرڻو پوندو آهي (مخدوم بلاول جيان).... آياز لاءِ آڇا ڪٿين آزمائشون رکيون آهن. پر ايترو يقين آهي تہ هن شاعر جي لاڻي سجائي ٿيندي."
۽ مان پاڻ بہ ساک پري سگهان ٿو تہ آياز وچايل لوڪ پريتا وري حاصل ڪري ورتي آهي. ١٩٨٩ع جي آخر ۾ ڪراچيءَ ۾ سچل ڪانگريس جي دوران مون روبرو ڏٺو تہ اُن ڪانگريس ۾ مڙيني جهونن خواهہ نون اديبن اياز کي عقيدتمنديءَ جي نگاهہ سان ٿي ڏٺو. هن جي اڳيان خواهہ هن جي پرپٺ، جتي هو پهتو ٿي، مجلس جو مور آياز هو.
محمد ابراهيم جويو تہ هن جو رهبر هوندي بہ پرستار پئي لڳو. هو آياز جو نالو وٺندي خوشيءَ ۽ فخر جو احساس لڪائي نٿي سگهيو. تاجل بيوس هن جو نالو بيحد عزت سان پئي ورتو ۽ آدل سومري جهڙو نئون اديب تہ هن جي خدمت ۾ هڪيو حاضر پئي رهيو. ماهتاب محبوب ۽ حميد سنڌي، سحر ۽ امداد حسيني، تنوير ۽ قمر بہ اياز جي ادبي ڪاوشن کي ساراهيو پئي، سراج الحق پنهنجي گهر آسان پارت مان ويل اديبن کي مانيءَ جي دعوت تي گهرايو. اُن ۾ سوڀو گيانچنداڻي، ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز ۽ ٿورا ٻيا دوست هئا. آياز جي پر پٺ سراج مون کي چيو؛ "آياز انهن بلندين تي موٽي آيو آهي، جن کي آسان وٽ، آسان جي وقت ۾ ٻيو ڪو شاعر آڇا ڇهي نہ سگهيو آهي." سوڀي چيو، "آياز جي عظمت کان انڪاري ٿي نٿو سگهجي." پوءِ تہ "سهڻي" مخزن جو خاص "اياز نمبر" بہ نڪتو، جن ۾ الاهي اديبن آياز جي خدمتن ۽ ويچارن بابت عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي.
٢٦، ٢٧، ٢٨ آڪٽوبر ١٩٩٠ع پارت ۾ "شاهہ،سچل ۽ سامي" سيمينار ۾، عوامي ميڙن، خانگي ڪچهرين ۾ آياز ور ور ڪري چيو تہ: هڪ ئي ازم ۾ وشواس ٿو ڪري، سنڌ ازم، سنڌ، سنڌي ۽ سنڌيت هن جي ادب جا مرڪزي موضع آهن. ۽ البت هو انسانيت جو علمبردار بہ آهي تہ دنيا ڀرجي سنڌين جي خير جو دعاگو بہ آهي تہ سنڌن آرٿڪ خواهہ آتمڪ اُنتيءَ جو خواهشمند بہ آهي.
پڇاڙيءَ جو مان ابراهيم جويو جيان اِها آرزو ٿو رکان تہ "آياز کان سنڌي ادب کي آڇا جو ڪجهہ مليو آهي، ان جو آستان اڃا ئي ڪجهہ مٿي هوندو ۽ اُن جو ملهہ اڃائي ڪجهہ مٿي هوندو." ۽ بس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سُوني ڌرتيءَ جو شاعر

منهنجو اِهو وشواس آهي تہ اسانجي پيڙهي تاريخ جي هڪ شاندر ۽ ولولي خيز دؤر مان گذري. شيخ اياز بہ انهيءَ دور جي پيداش آهي. اهو چڻ هڪ يگ جو بدلاءُ هو. قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي انساني تاريخ ۾ اُهي ڌماڪا ٿيا، جن تاريخ جا وهڪرا ئي ڦيري ڇڏيا، قومن جون قسمتون ئي بدلي ڇڏيون. پراڻا عقيدا، قدر ۽ ميڄاڻون اَچي پَٽِ پيا.

صديءَ جي پهرين چوٿائي ۾ روس اندر عوامي انقلاب، زار شاهيءَ جو سوَن سالن جو ظالمانو تخت الٽ پلٽ ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ وهم کي زمين ۾ پوري ڇڏيو تہ سادي سودي مظلوم ۽ پيڙيل جنتا جي قسمت ۾ صرف پورهيو ڪرڻ ۽ ڳهڻ لکيل آهي ۽ ٻئي طرف هنن جو خون پسيني مان پيدا ڪيل پدارٿن تي پلجندڙ چند شخص، ننگي طاقت جي زور تي سموري عيش وعشرت ۽ ڪڌن ڪارنامن جو خدائي پتو لڪائي ڪٿي آيا آهن. روسي انقلاب، انسان ذات جي بنيادي برابري ۽ آزادي جي جهنڊي جي پيڙهہ کي اَچا بہ مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترن وهمن، ڪوڙن ۽ ڏند ڪٿائن Myths کي دفنائي ڇڏيو.

ٻئي طرف قومي سطح تي پڻ هندستان جي تاريخ ۾ صديءَ جي شروعات ۾ وڏو ولولو شروع ٿي ويو هو. هندستان جي جنتا، دنيا جي وڏي ۾ وڏي جابر ۽ بيرحم سلطنت شاهي سان ٽڪر وٺي رهي هئي. سوين پروانا آزاديءَ جي شمع تي پنهنجي عظيم جان جي قرباني ڏيئي رهيا هئا. پوري ديش ۾ عوامي تحريڪ جون اُڀرندڙ لهرون لڳي رهيون هيون، اسان جو پورو نسل، پوري پيڙهي هن سيلاب ۾ وهي رهي هئي. سيني جي سر تي ڪفني ٻڌل هئي، مکَ تي "انقلاب زنده باد" جو نعرو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز هنن ؠنهي تاريخي واقعن کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سندس تخليق تي اُنهن جو نمايان اثر پيو ڏسجي. مون کي ياد آهي، اسين انهيءَ دؤر ۾ خاص طور چالهين واري زماني ۾ قومي تحريڪ ۾ گڏ هوندا هئاسون. رام باغ ۾ ڪا به قومي اڳواڻ جي ميٽنگ ٿيندي هئي ته شيخ اياز جي انقلابي شعر سان شروع ٿيندي هئي. ڪڏهين ڳائيندو هو:

او باغي! اوديس دروهي!
ڀارت ۾ بلوي جا باني

ته ڪڏهين ڳائيندو هو:

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!!
جيئن زمين آسمان جي کلي پئي زبان،
ڪنڊ ڪنڊ، ڇوڪ ڇوڪ، . .
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جيئن اُتي ڏئي جواب، انقلاب!
انقلاب! انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!

آزاديءَ جي هلچل ۾ اياز جيتوڻيڪ سرگرم ڀاڱ ڪو نه ورتو، پر ان وقت جون ڪيتريون سندس لکيون سلطنت شاهيءَ جي خلاف هيون. نه صرف سندس گيت، بلڪ ڪهاڻيون به ڏارين جي راڄ جي خلاف هيون. اُن دؤر ۾ شيخ اياز، تمام سٺن ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ هو. ۽ اگر مان ڀُلجان نٿو ته سندس ڪهاڻين جي پهرين مجموعي جو سِرو هو "سفيد وحشي" انهيءَ سِري واري ڪهاڻي ۾ حڪمران طبقي خلاف سخت نفرت جو اظهار هو ۽ آزاديءَ جو جذبو هو.

شيخ اياز سنڌ جي سوني ڌرتيءَ جو هڪ اهڙو اِسرار Phenomenon آهي، جيڪو صدين ۾ڪڏهين ڪڏهين ٿيندو آهي. هو ماڊرن زماني جو سنڌيءَ جو عظيم شاعر آهي. سنڌ جي اعليٰ ۽ شاندار روايت پرستيءَ جي علامت آهي. سنڌ جي اعليٰ صوفي مت جو لاجواب سنگم آهي. جنهن ۾ هندو ڌرم ۽ اسلام جا مڙئي انسان پرستيءَ جا قدر اچي وڃن ٿا. شيخ اياز سنڌ جي مهان تمورتي شاهه، سچل ۽ سامي جي شاندار ورثي کي اجوڪي دؤر ۾ اڳتي وٺي ويندڙ آهي. نَوَن سجن کي اُجاريندڙ آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ لطيف سائين جي وسعت ۽ همه گيري آهي ته سچل سرمست واري بغاوت ۽ مستي به آهي ته ساميءَ واري سِڪَ ۽ حليمائي به آهي. چوي ٿو:

ڪافر مومن ناهيان وو، ڪافر مومن ناهيان.
آ يتائي، آ درازي، ساڳيو نيهن نباهيان وو.
ڪافر مومن ناهيان وو.
ساڳيو معنيٰ جو مٺ پيئان، سامي ناءُ سڏايان وو.
ڪافر مومن ناهيان وو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ آياز جي تخليقي قوّت به هڪ حيرت ڀريو ڪارنامو آهي. هيلتائين ڇويهه ڪتاب ڇپائي چڪو آهي. ايڏي مقدار ۽ معيار جي شاعري جي خير ڀيٽ ڪرڻ ته اڳرو ڪم آهي، دنيا جي ادب ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا اهڙا مثال ملندا. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "جهڙنيشان نه لهي" جو ذري ڳهٽ ٻن سؤ صفحن جو ٿيندو، بيماريءَ جي بستري تان، لڳاتار به مهينا آسر جي ٢ بجي کان ٦ بجي تائين جاڳي لکيو اٿائين (سال ١٩٨٩ع) سو هڪ حيرت ڀريو اِسرار آهي. مان نٿو سمجهان ته دنيا جي اتهاس مان ڪو اهڙو مثال ڳولي سگهبو!

شيخ آياز هڪ اعليٰ وطن پرست شاعر آهي، پنهنجي ڌرتيءَ جو شاعر آهي. ورهاڱي کانپوءِ سندس شاعري اُپرڪو ڏيئي آڪاس اڏائي. اِهو ڪو اتفاق نه آهي جو سندس پهرين وڏي شاعريءَ جي مجموعيٰ جو نالو ئي هو "ڀؤنري ڀري آڪاس." سندس اندر ڀوليو پئي ته هاڻي سندس شاعري اڏام جي منزل تي پهچي رهي آهي. اِهو هڪ ڪتاب ئي آياز کي زنده رکڻ لاءِ ڪافي هو، پر نه اِها ته آجا پهرين پرواز هئي. "ڀؤنر ڀري آڪاس" ۾ آياز سنڌ ڌرتيءَ لاءِ پنهنجي دل جي ڳهري اُڪير اوتي هئي، پنهنجن سنڌي ڀائرن جي وڇوڙي تي سندس دل جو درد ڇلڪي پيو هو. هو شاهه، سچل، سامي، ڪاليداس، ٽئگور، ميران ٻائي، سورداس، ڪبير، ودياپتي- مطلب ته هندستان جي پوري ڳڏيل ورثي کان دست بردار ٿيڻ لاءِ تيار نه هو.... ۽ تڏهين ئي "ڀؤنر ڀري آڪاس" تي فرقي پرست شڪتين جي دٻاءَ هيٺ، بندش جو حڪم جاري ٿي ويو ۽ آياز کي ڪافي وقت ڪنڌائين ڀيچري تان هلڻو پيو.

شيخ آياز ان ڳالهه کان ڪڏهين به انڪاري نه ٿيو ته هو هڪ ڪمٽيڊ تخليقڪار آهي. پر سندس ڪمٽمينٽ ڪنهن متواد جو پرچار ڪرڻ نه آهي. هو ڪمٽيڊ آهي پنهنجي ڌرتيءَ سان، پنهنجي ماڻهن سان، پنهنجي زماني سان، انساني زندگيءَ ۽ پنهنجي فن سان. ڪو به اعليٰ ليکڪ يا شاعر خالِ vacum۾ نه رهندو آهي ۽ نه خال ۾ لکندو آهي. هو پنهنجي دؤر جي ڌڙڪڻ محسوس ڪندو آهي. وقت جي نبض تي سندس ڇهاءُ هوندو آهي. دنيا جي عظيم تخليقڪارن جي اِهائي شاندار روايت آهي. شاهه، سچل ۽ سامي مشعلون ٻڌجي آياز جي راهه روشن ڪري رهيا آهن.

اسان جي وقت ۾ آياز جي شاعريءَ جي ڪٿ ڪرڻ اؤکي آهي. اِها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. هر زماني ۾ هر عظيم فنڪار سان ائين ٿي گذريو آهي. جيتوڻيڪ پنهنجي وقت ۾ ئي شيخ آياز جي مهانتا تسليم ٿي چڪي آهي، پر ايندڙ زماني ۾ به سندس فن ۽ فڪر جو نئون نئون چمڪاٽ پَسيو ويندو. ههڙي ذات لاءِ هو وري وري پنهنجي ڌرتيءَ کي ٿو سلام ڀري:

جهوليءَ جهليان ڪيئن مان، ڌرتي ايڏا ڏان!
ڪيئي وايون مينهن جڻ، ڪيئي گيت مهان!
مان پاڻيان ٿو مان نه، هيءُ سڀ ڪجهه ٻئي ڪنهن لکيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاڱي ڪانپوءِ شيخ اياز پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان جيڪو ويل وهندو ڏٺو، تنهن سندس دل کي ڦٽي ڇڏيو. ان خون مان قلم ڀري هن سنڌ ڌرتيءَ جي اَمرتا ۽ اَن کي بچائڻ لاءِ ايترو ڪجهه لکيو آهي ۽ اهڙو ڪجهه لکيو آهي جنهن جو مٽ ڳولڻ ڏکيو آهي. سندس ڪي اهڙا گيت ماڻهن جي مک تي هر دم گونجاريا وڃن ٿا ۽ سنڌ جي گلين گلين ۾ ڳايا وڃن ٿا:

تنهنجي ڌرتي، مون کي پرتي، تو ۾ منهنجو ساهه،
تنهنجي ريتي، تنهنجي کيتي، تنهن سان منهنجو ساءُ.
تو تان واريان جند، منهنجي منڙي سنڌ!

O

نيٺ وڍيندڙ، وڍجي ويندا،
ڪنبندي نيٺ ڪٺار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرَ ڪير نه ڏيندو!
سهندو ڪير ميار، اويار!

O

سنڌ ديش جي ڌرتي، توتي پنهنجو سيس نوايان، مٽي ماٿي لايان!

O

سنڌڙي مون کي سڏ نه ڏي، تون چپ چو آهين؟ چاهي، ڪوئي آهي؟
ڪوئي آهي، ڪوئي آهي، جيڪو سچ چوي؟

ٻيو اهڙو ئي عظيم جذبو آهي، جيڪو اياز جي شاعريءَ جو روح آهي. اِهو جذبو آهي انسان سان بي انتها محبت. هَر اعليٰ شاعر محبت جو شاعر آهي، انسان جي عظمت جو شاعر آهي. محبت ئي سندس تخليق جو سرچشمو آهي. شاعر نفرت جي ٻولي نه ڄاڻي. تازو بمبئيءَ ۾ سنڌي سرموڙ ٿمورتي، شاهه، سچل ۽ سامي تي سيمينار جي مهورتي تقرير ڪندي، پنهنجي تقرير جو گهڻو حصو اياز ان محبت جي فلاسافيءَ کي ڀيٽ ڪيو. ٿورا ٽڪرا پيش آهن:

..... مون کي اَحساس آهي ته مون شاهه، سچل ۽ سامي تي گهٽ ڳالهايو، پر سنڌ تي وڌيڪ ڳالهايو آهي، ڇو ته اِهي سنڌ جا روح هيا. پيار، محبت ۽ اَمن جو شاعريءَ ۾ اهو پيغام هيا جو سنڌ جي تاريخ اسان کي ڏنو آهي، اِهو پيغام اسان جي رڳ رڳ ۾ رچيل آهي... اِهو ئي پيغام هو، جنهن مون کان ١٩٦٥ع واري جنگ جي مخالفت ڪرائي هئي ۽ مون اِهو نظم لکيو هو، "هي سنگهرام، سامهون آ نارائڻ شيام!".... عالم سڀ آباد ڪرين!؟ اِها آهي سنڌ جي آسيس، اِها آهي اسان جي پراچين سڀيتا جي پڪار، جا اَڄ تائين گونجي ٿي ۽ جڻ چئي ٿي ته نفرت، نفرت کي جنم ڏيندي آهي، اسين نفرت مان نٽا ڄاڻون، اسين نهن ڪان چوٽيءَ تائين محبت آهيون. اسان سيما جي هِنَ پار آهيون يا سيما جي هُنَ پار، هر اُهو ساهه وارو اسان جو ڀاءُ آهي، جنهن کي اسين انسان چئون ٿا... هيٺيون آزاد نظم، جڻ انسان جي حق ۾ هڪ خوبصورت نغمو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او انسان!
ڪنهن کي تو مارين!
هيءَ ماڻهوءَ جو ٻچڙو آهي،
هيءَ جو پٽر کان ڏاڍو آهي،
ڪونپل کان پي ڪچڙو آهي.
او حيوان!
او حيوان!
ڪنهن کي تو مارين!
هن جو توسان وير يي ڪهڙو،
هن جو ديش به ساڳي ڌرتي آهي،
هيءَ به تہ ماڻهو آ تو جهڙو!
او نادان!
او نادان!
ڪنهن کي مارين!

شيخ آياز جي شاعريءَ جي باڪمال جمالياتي حسن جي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي. اُن لاءِ وقت جي ويجهڙي گهرجي ۽ قابل سگهڙن جي به ضرورت آهي. مون هڪ ٿي ڳالهہ محسوس ڪئي آهي تہ شيخ آياز شاعريءَ سان لائون لڌيون آهن... ۽ اِهو رشتو لافاني آهي، روحاني آهي ۽ بي جوڙ آهي. سندس هيءَ سٽون تہ ڏسو:

اي شاعري!
مان توکان ڇرڪان ٿو
توکي ڇڏي بہ نٿو سگهان!
تون جا وِش ڪنيا آهين!
ياڳ،
منهنجو موت،
تنهنجي ياڪر ۾ لکيو آهي!

مان هن ننڍڙي مضمون ۾ آياز جي فن جي خوبصورتي کي ڇُهي به مس سگهيو آهيان. ان ۾ منهنجي پنهنجي محدودگي آهي. باقي صرف هڪ اهم پهلوءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندس. شيخ آياز جي پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن محبت بہ مثال آهي ۽ هند ۽ سنڌ جي سنڌين جو پنهنجي مٺڙي ماتر ڀاشا ڏانهن پريم ۾ بي رخي ڏيکاري آهي، تن کي هيٺيان بہ بيت دل تي اُتاري رکڻ گهرجن:

جيڪي سنڌيءَ ۾، سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪٿي!
اُردوءَ هندي ۾، تون آهين ڇڻ اوپرو.

○○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا ٻولي ٽِج سان، تنهنجي پيٽ پئي،
سا تو ڪيئن ڪئي، اڄڪلهہ آهي اوپري!

آياز اُميد ۽ روشني جو پيغمبر آهي. هو اونداهہ جي چادر پٺيان روشنيءَ جون باڪون ڏسي رهيو آهي. شاعر جي نيڻن اڳ سان هو پسي پيو تہ وچڙيل وري ملندا. مارُوئڙا ملير مونندا:

وڃو نہ ويراڳيو، هت بہ ٽيندو سوجهرو،
منهنجو جيءُ جڏو آلا، تنهن سان ساٿ ڏيو،
اِجهو ڏينهن ٽيو، ڪيسين رهندي راتڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي.جي.اُتم

آياز تي ٿيل تنقيد جو جائزو

اسان جي جديد سنڌي شاعريءَ جي سرتاج شيخ آياز تي اڄ تائين ٿيڪا ٽيڪا ٿيندي پيئي اچي. اها ٻن قسمن جي آهي. هڪ شخصي جا هن جي ڪمزورين بابت آهي ۽ ٻي آدبي جا هن جي شاعرائين خامين تي زور ڏئي ٿي. مان هن ليک ۾ انهن تي مختصر تبصرو ڪندس.

پارت ۾ اها تنقيد گهڻي ۾ گهڻي نارائڻ پارتيءَ سنڌي ٽائميس ۾ پاڻ صديءَ کان پٺي ڇپي آهي. آن جا مکيہ لکندڙ آهن- موهن ڪلپنا، ايم. ڪمل، آڄهل ۽ نند جويري.

شخصي تنقيد ۾ آياز جي وائيس چانسلري قبولڻ ۽ اُن وقت ۾ ڪيل سنڌس غلطين وغيره تي گهڻو زور ڏنو آهي. جئن ڪلپنا سنڌي ٽائيمس ۾ ٣- ٥- ١٩٨٢ع تي لکيو ته؛ "وائيس چانسلري وقت مارشل لا لڳو. پنهي کي ڦاسي آئي. ڪيترا سنڌي جيلن ۾ بند ٿيا، ته به آياز چپ رهيو." ڪلپنا ته ائين به لکيو ته "پاڪستان ۾ هندستاني ساڙهين خلاف تحريڪ هلي ته به آياز چپ رهيو. "ان تي جهولي لال هفتيوار ۾ ٢٢- ٥- ١٩٨٢ع تي آديب ڪالمسٽ زوردار جواب ڏيندي لکيو ته "شيخ آياز هڪ اوچ درجي وارو شاعر آهي، پر وائيس چانسلري ۾ سرڪاري هدايتن موجب جيڪي ڪم ڪرڻا پيس، تن ڪيس اديبن جي نظرن ۾ ڪيرائي وڌو. انهن اديبن اهو وساري ڇڏيو ته آياز گهڻو عرصو ڏاڍ ۽ ڏاين خلاف مقابلو ڪيو ۽ جيلن ۾ به ويو پر پارت ۾ ڪو به سنڌي اديب آهي ته اهڙي طرح ورود (مخالفت) ڪرڻ ڪري جيل جي ويجهوئي نه ويو آهي، جيتوڻيڪ ڏاڍ ۽ ڏاڍائي ۽ انياءَ ۽ رشوتخوري جوراڄ هت به آهي....."

ڪلپنا جي آياز طرفان ساڙهي جي بندش تي اعتراض نه وٺڻ تي "اديب" وڌيڪ لکي ٿو ته "ساڙهي جا هندستاني پوشاڪ آهي، اُن تي پاڪستاني بندش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خلاف ڪنهن به سنڌي ليکڪ اعتراض جو نه ورتوئي"
وري به شڪر آهي جو موهن ڪلپنا هن پيري شيخ آياز جي شاهه، سچل ۽ سامي سيمينار تي (سيتا سنڌو پون طرفان ناڪر چاولا جي ڪوشش سان سڏايل) وقت ڪليو ڪلايو اعلان ڪيو ته شيخ آياز نوبيل انعام جو حقدار آهي. اِهو رايو خود ڪلپنا "سپون" مخزن ۾ موڪليندي لکيو آهي ته "شيخ آياز دنيا جو هڪ اهو وڏو فنڪار آهي، جو "نوبيل پرائيز فار لٽريچر" جو مستحق آهي. ڪاش ڪيس اهو ملي."
ان ڪري مان هن شخصي تنقيد تي وڌيڪ نه لکي، رڳو سنڌ جي سياست ۽ سنڌين جي هلچل جي هڪ چوٽيءَ جي بزرگ رهبر ساٿي سوڀو گيانچندااڻي جو "سهڻي" مخزن جي آياز پرچي ۾ ڇپيل رايو مختصر ۾ ڏيندس.
ساٿي سوڀو لکي ٿو ته " ... نيڏڙي دماغ وارا آياز کي گهٽ ڪري پيش ڪندا آهن... آياز، جيترو ڪم ڪيو آهي، اوترو ڪي ڏهه اديب به ملي نه ٿا ڪري سگهن..... هيءَ هڪ پوري تحريڪ آهي .... اسان جا نوجوان جيڪي ڪيس وائيس چانسلري جي دؤر ڪان ٿا سڃاڻن، سي هن جي ڪردار ڪشي به سندس وائيس چانسلر هڻڻ جي ڪري ڪن ٿا. مان سمجهان ٿو ته آياز ان دؤر مان نڪري آيو آهي ۽ اسان جي قومي يا ادبي تحريڪ به تنگ نظريءَ مان نڪري آئي آهي ۽ اَڄ اَسين اهڙي دؤر ۾ داخل ٿيا آهيون، جتي آياز جي عظمت کي درگذر نه ٿا ڪري سگهون. آياز جڏهن مارشل لا جي شڪنجي مان نڪتو آهي ته هن پيهر اسان کي ڏهه بارنهن ڪتاب ڏنا آهن. اهي ايترائي بلند آهن، جيترا سندس پهريان ڪتاب آهن... مون کي اِهو چوڻو آهي، جيڪو مان سنڌي اَديبن ۽ سَنڌي ادبي سَنگت کي ٻن ٽن سالن کان چوندو ٿو اَچان، ته آياز جي خلاف جيڪي به پريجوڊسز (بغض) بلند ٿيا آهن، جن کي ٽوڙڻ ۾ منهنجو به هٿ آهي، اُنهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن..... هڪ شاعر کي هن جي شاعري، خيال ۽ جو فلسفو آهي اُن جي نقط نظر سان ڏسڻ کپي."
سوڀي ته اَڃا به آياز لاءِ وڌيڪ لکيو آهي ته به طارق "اياز پرچي" ۾ غلام نبي مغل جو آياز خلاف ليک ۽ پنهنجو آياز تي تنقيدي ليک ڏنو آهي، جو نه ڏيڻ کپندو هو. طارق اُن جي سبب لاءِ چيو آهي ته " مان نه چاهيندس ته تاريخ جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ منهنجي لاءِ اهو لکيل هجي ته هيءَ به مصلحت پسند هو."
(۱) مان ٿو پڇان ته طارق ائين دعويٰ ڪندو ته هو ڪڏهن مصلحت پسند نه هو؟
(۲) وري به "سهڻي" ۾ سوڀي، امداد حُسيني، عبدالله ملاح، بيدل مسرور، پليجي، اڪبر سومرو وغيره جا نوان ليک، ياءُ جوڻي ۽ سراج جا ڇپيل مهاڳ ڏنل آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ امير علي چانڊيو جو ۴۰ صفحن جو آياز جو اَدبي پرک وارو تفصيلي مقالو ڏنل آهي، جيڪو هڪ اعليٰ ۽ يادگار مقالو آهي. مان ان مقالي ۽ سهڻي جي آياز پرچي لاءِ ٻئي ڪنهن دفعي لکندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اَياز تي بي جيڪا اَدبي تنقيد پئي ٿي آهي، سان اها آهي تہ هو خاص ڪوشش وٺي تجنيس خطيءَ سان شاعريءَ ۾ موسيقي ڀري ٿو. جنهن ڪري اُن ۾ خيال جي گهرائي نہ ڏيئي سگهيو آهي ۽ ٻيو تہ هن شاهہ لطيف جي جهوني پراڻي ٻوليءَ جو نقل ڪري ڪيترائي متروڪ لفظ ڏنا آهن، جيڪي اڄ جي پاٺڪن لاءِ سمجهڻ ۾ ڏکيا ۽ منجهائيندڙ آهن.

اهڙا تنقيدي ليک هتي خاص سنڌي ٽائيمس ۾ اير ڪمل ۽ آچهل جا آهن. اير ڪمل هڪ اهڙو ليک "ڪونج" ۾ بہ لکيو آهي.

هر چند آچهل سنڌي ٽائيمس جي ڏياري، ١٩٦٨ع پرچي ۾ اياز تي تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ: "اَياز مطلب ڪان وڌيڪ موسيقيءَ ۽ سحرقي (چوڻ ڪپيس تجنس خطي) تي ڌيان ٿو ڏئي... اِن موهہ ۾ هن ٻوليءَ سان راڳا ڪيا آهن".... آچهل وڌيڪ لکي ٿو تہ "چاشنيدار مٺي لچڪشي ٺيٺ سنڌي ٻولي جديد موضوع جون تلخيون ۽ شوخيون ڪڏهن بہ اجاگر ڪري نہ سگهندي."

مون کي آچهل جو رايو صحيح نٿو لڳي، ڇو تہ جديد ادب جو هڪ رهبر جيمس جائس پنهنجي ناول "يولسز" ۾ پنهنجي جنم ڀومي ڊبلن جي جهوني ٻولي وري جيئاري ڪم آندي آهي، جا بہ جديد موضوعن جي اظهار جو ذريعو آهي. اُن لاءِ بہ پاٺڪ شڪايت ڪَندا آهن. اها حقيقت هتي مون اَياز کي ٻڌائي تہ هو بہ شامل راءِ ٿيو ۽ هن انهيءَ جو بہ مثال ڏنو. جنهنجو ذڪر هن ٽي وي تي ڏنل ملاقات ۾ ڪيو. اِها ملاقات مون ڪانئس هتي جنوري ۾ ورتي هئي.

اَياز خلاف موسيقيءَ ۽ شاهہ جي ٻولي بابت تنقيد اير. ڪمل ڪري سنڌي ٽائيمس جي ١٥- ١٢- ١٩٨٦ع واري ليک ۾ ڪئي آهي. ڪمل لکي ٿو: "ڪي شاعريءَ جو مکيہ عناصر موسيقي/ سنگيت کي ميڄيندا آهن... ڪيترن شاعرن جي غزلن مان گيت ليئا پائيندو آهي ۽ ڪيترن مان شاهہ صاحب جا بيت ... ڪيترن شاعرن، سنگيتميہ شعر جي شوق ۾، لفظن ڪان جهنجهٽن جو ڪم ورتو آهي." اير. ڪمل هن ۾ اَياز جو نالو نہ ڏنو آهي پر هن ڏانهن اِشارو ظاهر آهي.

اير. ڪمل "ڪونج" جي مئي- جون ١٩٨٣ع پرچي ۾ سنڌ جي شاعر ذوالفقار راشديءَ جي ڪتاب جي سمالوچنا جي اوٽ ۾ شاهہ جي ٻوليءَ بابت ڪيل اَياز تي تنقيد دهرائي لکيو آهي. پر "شاهہ" ۾ نبي هئڻ جڻ هڪ سند ٿي وئي. جڻ هڪ فيشن ٿي پيو ۽ شاهہ جي لهجي، اُن جي زبان جي ڌمڪ، گهٽڻ کي رهڙي ڇڏيو.... مطلب تہ هر هئيت ۾ شاهہ ليئا پائي رهيو آهي.

هاڻي سوال آهي تہ هر ساهتڪار ۽ ڪلاڪار کي پنهنجو ادبي ورثو ٿيندو آهي. شاهہ لطيف جي شاعري اَسان لاءِ هڪ اَهڙو ورثو آهي. نہ رڳو اَهو سنڀالڻو آهي، پر شاهہ جي روايت کي اڳتي وٺي هلڻو آهي ۽ شيخ اياز هن جي ٻولي، ڪردار، ماحول وغيره کي اڄ جي زماني مطابق ڪم آڻي شاهہ جي روايت ۾ اضافو ڪيو آهي. شاهہ جو اَثر رڳو اياز تي ڪونهي، پر ٻين وڏي شاعر نارائڻ شيام تي بہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن به ڪيترا لفظ، ڪردار، خيال ڪم آندا آهن. خود ٻين شاعرن به شاهه جو اثر جهٽيو آهي، ايمر ڪمل سميت. آياز ته شاهه جي متروڪ لفظن کي وري جيئاري سنڌي ٻوليءَ جو ڀنڊار ڀريو آهي. ساڳيءَ طرح شيام، ڪمل وغيره به تجنيس خطي ڪم آندي آهي.

ان ڪري اَجهل، ڪمل وغيره جهڙا، جيڪي به سڄڻ شيخ آياز تي شاهه لطيف جي ٻولي ڪم آڻڻ تي تنقيد ڪن ٿا، سي منهنجي ويچار ۾ شيخ آياز سان انصاف نه ٿا ڪن.

هاڻي اَچون آياز جي شاعريءَ ۾ موسيقي ڀرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ خيال جي گهرائي قربان ڪرڻ واري تنقيد تي. مون خود به ان تنقيد بابت شيخ آياز کان ٻڌو. وي ملاقات ۾ اهو سوال پڇيو ته اها موسيقي ۽ لئه ڪيس شاعراڻي خيال جي گهرائي پيدا ڪرڻ ۾ رنڊڪ ته نه بڻجدي آهي. چيائين ته ذري به نه ۽ هو اُن موسيقي لاءِ خاص ڪوشش نه وٺندو آهي، جڏهن مٿس نيڪا (تنقيد) ڪئي ٿي وڃي. هن وٽ شاعراڻا ۽ ميناج وارا لفظ اصل لهرن وانگر ڏوڪيندا ايندا آهن. (جيڪو شيخ آياز جهڙي اعليٰ جذبات ۽ حساس دل واري شاعر لاءِ ممڪن به آهي.) مون کي آياز جي شاعريءَ جي موسيقي ۽ لئه واري ٻولي هتراڏو نه لڳندي آهي. اها سياويڪ آهي ۽ ڪيترن ڪوتائن ۾ خيال جي گهرائي فڪر ۽ فن تمتار آهي. مثلاً آياز ۱۹۶۵ع جي جنگ ۾ شيام ڏانهن مخاطب ٿيل ڪوتا" هي سنگرام...... سامهون آهي نرائڻ شيام" ۾ به موسيقي سان گڏ خيال جي گهرائي ڏني آهي. جيئن چوي ٿو:

هوڪوتا جو ڪاڪ- ڏٺي، ۾
منهنجا رنگ رتول به ساڳيا
ڏٿ به ساڳيو
ڏول به ساڳيو
هانءُ به ساڳيو
هول به ساڳيو.

هاڻي هنن سٽن کي ڇا رڳو جهنجهٽو چئي رد ڪري ڇڏبو؟ ڏسو پهرين سٽ ۾ ئي ڪيڏي معنيٰ ڀريل آهي ۽ ٻي سٽ ڪيڏي نه شاعراڻي تصور واري آهي. اهڙي طرح ڪيترين ئي آياز جون لئه واريون يادگار ڪوتائون آهن، جڏهن هي ٿورڙيون ڏسو:

۱- سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڏسي رات پتائي گهوٽ رنو.

۲- پنهنجي رت ۾ رڱيو جهنڊو اَپ تائين جهوليندو، اهڙو ڏينهن به ايندو.

رڳو ٿورن مثالن تي قناعت ڪرڻي آئم جو آياز جي آهڙي موسيقيءَ سان معنيٰ ڀري شاعري آٿاهه آهي.

هونءَ به جيڪو خيال ڪن کي وڻندڙ آهي ته گيت ۾ معنيٰ يا خيال جي گهرائي نه ڏيئي سگهبي آهي سا هرو ڀرو صحيح ڳالهه ناهي. اسان کي خود سئنيما جي گيتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٻه (خاص ڪري وڏي شاعرن ساحر لڌيانوي، مجروح وغيره جي لکيل) معنيٰ ۽ خيال نظر ايندو آهي.

تازو بمبئيءَ ۾ ساهت اڪيڊميءَ پاران مشهور مرهٽي ليکڪ منگيش پڊگانوڪر سان شام ملهائي ويئي. اُن لاءِ جيڪو بروشر ڪڍيو ويو، تنهن ۾ هن ٻڌايو آهي تہ گيت ڪوسستي ۽ مشهوري واري وندر ڪانهي. اُنهن ۾ بہ سچيون شاعرائيون خوبيون آهن. هن خود ميرا جا پڇن مرهٽي ۾ ڪوتا ۾ ترجمو ڪيا آهن. هو انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ شاعري ۾ پنهنجا گيت ٻڌائي داد حاصل ڪري آيو آهي.

ٿوري ۾ آياز خلاف جيڪا شخصي ۽ آدبي تنقيد ڪئي ويئي آهي، تنهن جي ٻن مکيہ ڏيان ڏيڻ جوڳين شڪايتن تي ئي سرسري نظر وڌي آٿم. ڪاش! اسين سوچي جي ڳالهہ ميجي آياز خلاف، بغض کي ختم ڪري، هن جي ڪوتائن ۽ ڪتابن ۾ ڏنل فن، فڪر ۽ نظريي تي راهہ زني ڪريون تہ بهتر.

مهتاب محبوب

نہ ختمر ٿيندڙ دؤر...

اياز تي ڪيترائي مضمون لکيا ويا آهن، جن مان ڪي واقعي سندس شخصيت ۽ فن جو آئينو لڳندا، تہ ڪي وري "فردوسي" جي "شاهنامي" ڪي بہ پيا شهہ ڏيندا! مون تہ اياز جهڙي باصلاحيت ۽ ڀرپور شخصيت تي لکڻ لاءِ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو، توڙي جو "ڀونءِ نہ آئي ڀانءِ" واري وائيءَ جي هڪ سٽ پڙهڻ ڪانپوءِ، مان هن جا سڀ ڪتاب پڙهي چڪي هئس. اَن وائيءَ ۾ الائي ڪهڙو ڏوراپو هو، ڪا ميار هئي، ڪو پنهنجائپ ڀريو سهاپو هو، جنهن جيءَ کي جهونجهاڙي ڇڏيو، ۽ اِها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿي، تہ جذبي کي اثرائتي صورت ڏيڻ ۾ کيس ڪمال حاصل آهي.

مون هن جي دلين تي دائمي اثر ڇڏيندڙ، روح جي آرپار ڏسڻ وارين Laser Beam (ليزر بيمر) جهڙين نگاهن کي بہ محسوس ڪيو هو. مون ڪڏهن بہ هنجي شاعريءَ جي صنفن، ڪهاڙيٽن يا هيئتن وغيره تي سوچڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي... مون تہ رڳو سندس شاعري، جنهن ۾ سچائي ۽ سونهن جي مسلسل جستجو سان گڏ، ازلي حسن جون جهلڪيون جهنيل آهن، تنهن جي معنيٰ تي غور ٿي ڪيو، خيالن جي آڏامر کي سمجهڻ ٿي گهريو ۽ موتين جهڙن لفظن تي ويچارڻ ٿي چاهيو... جن مان ڪي من ۽ ذهن ۾ پيهي ٿي ويا، تہ ڪي رڳو هير جي خوشگوار جهوٽي جيان، ڀر مان لنگهي ٿي ويا... پوءِ بہ مونکي الائي ايئن ڇو ٿي محسوس ٿيو، تہ اياز جي شاعريءَ بابت منهنجو مطالعو اڻپورو آهي.منهنجي دل ۾ هن جي فن، فڪر ۽ شخصيت لاءِ جيڪي محسوسات هيون، مان انهن جو اظهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن جي بازيگريءَ جي شديد ڪوٽ سبيان پوريءَ طرح نہ ڪري سگهندس، پر اهڙو اعتماد ۽ حوصلو بہ هَن ئي مونکي ڏنو. اهو چئي تہ "ڪن ماڻهن کي مطالعي جي ضرورت ئي نہ هوندي آهي. جيڪي مطالعو ڪري لکندا آهن، انهن ۾ پنهنجو اثر اچي ٿو، پر گهٽ آهن اهي جيڪي پنهنجي سوچ جي حوالي سان لکن ۽ اهي سٺو ٿا لکن... توکي جا قدرتي ڏات آهي، ان ۾ مطالعي جي ضرورت ئي ناهي." ۽ تڏهن ئي مان هن جي ٻن ڪتابن تي لفظن جي جادوگريءَ سان نہ سهي، جذبن جي سچائيءَ سان سڌي سادي انداز ۾ مهاڳ لکي سگهي هيس، جا ڳالهہ لاشڪ تہ مون لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهي. هن نہ رڳو مونکي پاڻ تي لکڻ وارو اعتماد ڏنو، پر ڪن ڳالهين ۾ مون تي اعتماد ڪيو بہ آهي.

اياز بابت مون شروع کان ئي گهڻو ڪجهہ ٻڌو هو، جنهن ۾ دهريو، ناستڪ، غدار ۽ ڏات ويڪو وغيره جا لقب القاب پيش پيش هئا. اها بہ ڄاڻ پئي تہ "پيچ پٽائي گهوٽ ٿاني آيا سنڌ ۾" جهڙا طنزائتا بيت بہ سندس ئي شان ۾ جوڙيا ويا. انهن مڙني ڳالهين جي نتيجي ۾ جيڪو تاثر ذهن ۾ ويٺو، سو اِهو تہ اياز ڪوئي هل يا هنگامو آهي.... پر ڪيس ويجهو ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ ڪانپوءِ، مان اهو چوڻ ۾ ڪو عار محسوس نٿي ڪريان تہ ها، هو دهريو آهي، ملحد ۽ ڪافر آهي.... ان لاءِ، جو هن جي عبادتن، سجدن ۽ ساراهڻ جا طريقا عام کان انوکا ۽ جڳ کان نيارا آهن، جي سچ تہ ڏاڍا پيارا آهن... هن جي هڪ ڀرپور نهار ۾ قدرت جي هر رنگ روپ لِاءِ جيڪو پيار ۽ ميٺا آهي، جيڪا سوچ ۽ فڪر آهي، اها انفراديت ڀري نگاهہ ئي اياز جي بندگي آهي... هن جو ايمان آهي، جنهن ۾ هر انسان کي پنهنجي طريقي سان جيئڻ ۽ ڪائنات جي اسرارن کي سمجهڻ جو انفرادي حق حاصل آهي. ڪاش! ان حوالي سان جي سڄي دنيا "ملحد" ٿي وڃي، تہ خون خرابين ۽ مذهبي جنونيت جو آکيڙو بنجڻ بدران رنگ، نسل، مذهب ذات پات جي ويڇن کان ڪجهہ مٿيرو، ماڻائتي ۽ جيئڻ لائق بنجي پئي.

ادب جي آسمان تي اياز جي امر ڏات جا ڪکر جڻ صدين کان ڇانيل آهن. هڪڙا وسي خالي ٿين تہ ٻيا اڳ ئي وسڻ جا ويس ڪيو بيٺا آهن... اِهي پيار وسائيندڙ اُمنگ ڀريا جذبا ۽ سوچون، دل ڌرتيءَ جي لوٽ ٻڌر تي تشدد ۽ خوف هراس واري وايو منڊل ۾ تازگي، حوصلي ۽ اميد جا سرسبز ۽ شاداب سلا ڦٽجي اڀرن ٿا. هن کي سنڌ ۽ سڄي انسان ذات سان جيڪا محبت آهي، اهي جذبا ۽ احساس ڪيس راتين جون راتيون پيا جاڳائيندا آهن ۽ اڪثر پوئين پهر، ڪنهن الهام جيان اُهي اُڌما ۽ احساس، دل جي لهان خانن مان رت ڦڙن جيان ٽيپو ٽيپو ٿي ٽمندي، لفظن جو روپ ڌاري هن جي هانءَ کي هلڪو ڪندا آهن.... ان يقين سان تہ اهي ڏات جا ڏيا، سون جهڙا سچا احساس، سنڌ ڌرتيءَ تي هر خوددار فرد جي دل ۾ منتقل ٿي ويٺا آهن، جيڪي وِک وک تي سندن رهنمائي پيا ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن پاڻيءَ کي رنگت، هوا کي گرفت ۽ خوشبوءِ کي شڪل ناهي، تيئن اياز جي شاعريءَ کي به ڪي محدودگيون ناهن..... اها حقيقت آهي ته سندس شاعري رڳو سنڌ ۽ سنڌ واسين تائين محدود ناهي، پر هو ساري ڪائنات مان پنهنجا موضوع چونڊي ڪين شاعريءَ جي لڙين ۾ پوئي ٿو... ائين پيو لڳندو ڄڻ هن جي من ۾ پوري ڪائنات آباد آهي... پوءِ به هو ڀهرپائين هن ڌرتيءَ جو شاعر آهي، تنهن بعد ٻي ڪجهه پيو. اها شاعري هن جي امرتا آهي. شاعريءَ وسيلي، اياز جي سلجهيل سهڻين سوچن، هن جي ساري وجود کي هڪ غير فاني تصور ڏيئي، دلين تي طاري ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪي خواب به ڏٺا آهن، جيڪي هنجي اکين ۾ ڪنهن اڻ ڪٽ آس، نه اجهامندڙ اُڃ جيان اٽڪيل آهن. پنهنجي وطن ۽ وطن واسين جي مستقبل جا خواب، جن جي تعبير اڃا تاريخ جي پراسرار بطن ۾ نهان آهي.

ورهاڱي کان اڳ هندو ليکڪ، سنڌي ٻوليءَ ۾ هندي ۽ مسلمان، فارسي ملائڻ جا عادي هئا. اياز جي شروعاتي شاعريءَ تي به فارسيءَ جو ڪجهه اثر رهيو، پر سنڌي ٻوليءَ جي ثقافتي لاڙن ۽ قوت جي خبر پوندي ئي هن پاڻ کي ڳولهي لڌو ۽ شاعريءَ وسيلي جن هڪ نئين ۽ صحيح ٻولي سان سنڌي قوم کي آشنا ڪيو.

بيت، ڪافي ۽ وائي جيڪي نج سنڌي فارم آهن، اهي اياز کان اڳ نه لکيا ويا، جي ڪٿي لکيا به ويا ته پراڻي طرز تي، جنهن ۾ جديد دور جا تقاضا پورا نٿي ٿي سگهيا. هن بريڪ ٿرو ڪيو ۽ انکي اظهار جو ماڊرن روپ ڏنو، نتيجي ۾ هن جا بيت ۽ وايون پنهنجي دور جي ايذاءَ جو ڀرپور اظهار ٿا ڪن. اياز پنهنجي پوري دور کي متاثر ڪيو، ان کي نئين ٻولي ڏني، شاعريءَ جا نوان فارم ڏنا ... غزل جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ تمام گهڻو لکيو ويو، پر غزل جي شاعريءَ جو ڌرتيءَ سان رشتو نه هئڻ جي برابر هو. اياز غزل جي فارم کي، جيڪو بنيادي طرح هڪ ڌاريو فارم آهي، انجو رشتو سنڌ جي ڌرتيءَ سان جوڙيو ۽ غزل ۾ جيڪي فارسي ترڪيبون استعمال ٿينديون هيون، ان کي ڪڍي هن نج سنڌي غزل لکيا.

اياز جي شاعريءَ جو نمايان پهلو ۽ خاص خوبي موسيقيت آهي. هن جا بحر ايڏا ته نچندڙ ڪڏندڙ آهن جو ٻڌندڙ تي يڪدم پنهنجو اثر ڇڏين ٿا. هن پنهنجي شاعريءَ جي معرفت سنڌ جي نوجوان طبقي کي سياسي شعور ڏنو. سنڌ ۾ هينئر جيڪا به سياسي سجاڳي نظر اچي ٿي اُنهيءَ ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جو تمام گهڻو حصو آهي.

پنهنجي شروعاتي دور ۾ هن جيڪي ڪهاڻيون لکيون سي فني لحاظ کان مڪمل ۽ تاثر جي لحاظ کان ڀرپور ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻيڪار جي خيال کان به ڏسجي ته اياز وڏو ڪهاڻيڪار آهي ته وڏو نثر نويس پڻ. آهن نثر ۽ شاعريءَ جون حدون پاڻ ۾ ڪجهه ان ريت ملائي ڇڏيون آهن جو سندس نثر پڙهندي به ائين پيو لڳندو ڄڻ اهڙي شاعري پڙهندا هجون جا وزن جي محتاج ئي ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙا ناليِ ماتر وڏا شاعر، جيڪي اياز جي پيٽ ۾ پيا هن جي آڏو جيتامڙا آهن. تن سندس شاعرانه شخصيت جي ڪردار ڪشي ڪري، پاڻ کي قدآور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته ڪن وري هن جي پيٽ ۾ جيڪي ڪمزور شاعر آهن، انهن کي اُڀاري اياز کان وڏو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ وسان ڪين گهٽايو. پر اِها ميڄيل ڳالهه آهي ته اياز هن ننڍي کنڊ جو وڏي ۾ وڏو ۽ واحد شاعر آهي، جنهن تي شاهه جيان هر ايندڙ دور پاڻ ڳالهائيندو، ڇو ته اياز هڪ نه ختم ٿيندڙ دور آهي ۽ اسان هن جي پيٽ ۾ محدود دور جا پانڌيڙا......

مون اڪثر ائين پئي محسوس ڪيو آهي ته حال جا ذهين شاعر، ماضيءَ جي عظيم شاعرن جا جانشين هجن. شايد ته انڪري ئي لاشعوري طور ڪيس به شاهه سائين جي جانشين ٿي سمجهيم. اِها ٻي ڳالهه آهي ۽ انڪري هن جي ڪيترن ئي ڪتابن جا نالا به شاهه جي بيتن مان ورتل آهن، جن لاءِ سندس چوڻ آهي ته:

"آهي مون لاءِ ائين آهن، جڻ مٽي تي ڀتائي جي دعا جو هٿ رکيل هجي."

شاهه سان هر سنڌي کي محبت ۽ عقيدت آهي، پر ڪيس اها ان حد تائين آهي، جو هن پاڻ کي روحاني طور ساڻس ڳنڍي، پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. شاهه جي اُها حقيقي تصوير، جيڪا شاهه جي بيت جي هر سٽ پڙهندي ياڻمرادو ذهن ۾ اُڀريو اچي، تنهن کي اياز بنا ڪنهن نمائش جي پنهنجي دل ۾ سڀ کان اتاهين هنڌ تي رکيو آهي، جا هر گهڙي، هر ويل هن سان گڏ آهن... جيڪا لاشڪ ته محبتن ۽ عقيدتن جي اُها منزل چئبي، جنهن جي ڪابه ابتدا ناهي، ڪابه انتها ناهي.

اياز جون مختلف لکڻيون دل تي ايڏو اثر ڪنديون آهن، جو پڙهندڙ جي حالت ان لالچي شخص جهڙي ٿيو پئي، جيڪو ڀانئين ته سمورا مال خزانا هڪ ئي جست ۾ سندس حصي ۾ اچي وڃن...

اياز جون من موهيندڙ سوچون، هينئين سان هنڊائڻ جهڙا ٻول، جيءَ کي جهونجهاڙي، غافل ذهن کي بيدار ڪندڙ وزنائتا دليل، دلڪش تشبيهون، ڏکن، محبتن، نفرتن جا انوکا اظهار انهن کي پڙهڻ مهل، پڙهندڙ عجيب قسم جي مختلف ڪيفيتن مان گذري ٿو. اياز جون تحريرون ڪيس پنهنجي ايڏو ته ويجهو ٿيون لڳن جو ائين پيو محسوس ڪندو ته هن جيڪي چيو ٿي سو اڳ ئي سندس دل ۾ هو پر اهو سڀ من جي الائي ڪهڙي ڪوشي ۾ لڪل هو، جنهن کي چاڻڻ ۽ محسوس ڪرڻ هن لاءِ ممڪن ئي نه هو.

روح تي چاندوڪي وسائيندڙ، جڏهن اِهي سوچون شاعريءَ جي روپ ۾ هن تي ظاهر ٿيو وڃن ته هو ڪنهن به حالت ۾ ان ذهني خزاني کان پاڻ پري نٿو رهڻ چاهي، پر اياز جي سوچن کي ليو هٿي، پنهنجي وس ۾ ڪرڻ لاءِ هو بنهه بي وس آهي..... اياز جي تحريرن جو سمورو سمنڊ پيئندي به اُڃو آهي، ڇو ته اياز جي سوچن جو ساگر لا محدود آهي، آڪاش جيان بي انت... بس اهوئي فرق آهي عام

پڙهندڙ ۾ جيڪو کيس اياز بنجڻ نئو ڏي توڙي جو هو اُن مان گهڻو ڪجهه پرائي ۽ حاصل ڪري ٿو.

وقت ۽ دؤر ڪتابن ۾ قيد رهجي ويندا آهن، پر اياز جا لکيل ڪتاب، وقت جي هر لمحي سان گڏ وک وڌائيندا هر دور ۾ نواڻ ۽ تازگيءَ جي احساس سان ذهن کي مالا مال ڪندا رهن ٿا. ايئن لڳندو آهي ته ماضي حال، مستقبل جون سيئي ڪڙيون سندس ٺي مُٺ ۾ هجن، جنهن جي گرفت ڪڏهن به ڍري ناهي پوئي. شيخ اياز کي ادب ۾ اهو مقام حاصل ٿي چڪو آهي جنهن ۾ نه ڪيس لهر نه ڪو لوڏو. مستقبل ڪهڙي به صورت اختيار ڪري، هن جي شاعري مرڻي ناهي.

سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بنجي اياز جڏهن حيدرآباد آيو ته هر طرف کان سندس مرحبا ٿيڻ لڳي. هڪ ته ناميارو بيو وري موجوده شاعرن مان سڀ کان مٿاهون مقام رکندڙ، تنهنڪري خاص طور تي ادبي حلقن ۾ سندس خوب آجيان ڪئي وئي. آئي ڏينهن سندس مان ۾ گڏجاڻيون پيون ٿينديون هيون، اهڙي ئي هڪ گڏجاڻيءَ دوران سائنس پهريون ڀيرو ملڻ ٿيو..... اياز جي بارعب ۽ بردبار شخصيت جو اثر نه رڳو مون تي، پر گڏجاڻيءَ ۾ آيل مڙني اديبن تي ڇانيل هو. سندس اکين جي روشن مشعلن ۾ ڪاريهر جي مڻ جهڙا تجلا هئا.... جن ڇڻ ته ڪنهن اونهي اسرار جا عڪس ٿي پسايا.... ايڏو هجوم هئڻ جي باوجود به لڳو ٿي ته ڪنهن ڪنهن مهل خيالن جي اڏام کيس ڪوهين دور وٺي ٿي وئي جو ڇڻ اتي هوئي ڪين.... انهن ڏينهن اسان به پنهنجي گهر تي سندس مان ۾ هڪ گڏجاڻي رکي، جنهن ۾ ڪيترن ناميارن اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي، ته بيدل مسرور ۽ عاشق عارباڻي جهڙن فنڪارن دلڪش آواز ۾ اياز جا لکيل خوبصورت گيت ڳائي پاڻ ملهايو. بيدل انهن ڏينهن ۾ به ڪنهن تعارف جو محتاج نه هو، جو هن نرالي واٽ وٺي چند ترقي پسند شاعرن جو ڪلام ڳائي سنڌدن نالا وڻن تي اُڪري ڇڏيا هئا. ان محفل جي هڪ ڳالهه اڪثر ياد ايندي آهي. جڏهن بيدل مسرور، اياز جو مشهور ڪلام "انسان هزارين مان نه رڳو" جو شروع ڪيو ته غلام رباني جيڪو ڪوچ تي ڊِرڪيو پيو هو سو ڪڙو ٿي ويو ۽ ڪنڌ ڌوئيندي واهه واهه به ڪرڻ لڳو. هڪ به مصراعون ٿيون ته هن کي رهندو مزو اچي ويو ۽ هن بي اختيار دانهن ڪئي:

"واهه مير علي نواز واهه!"

نسيم کرل جي سرلن ڪنن تي رباني جي واهه واهه پئي ته هن ربانيءَ کان پڇيو: "ڪنهن کي تو داد ڏين؟" جنهن تي هن کيس ٻڌايو. "ان ڪلام جي شاعر مير علي نواز خان "ناز" کي."

"رباني، اهو ڪلام نازڻ جو آهي، ڇريو آن يا مٿو ڦريو اٿئي؟"

"ابوءِ مان پليس، واهه مولوي همايوني واهه!" رباني ڪانئو ڦيرائي وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولوي همايوني کي ياد ڪيو.
"اهو همايونيءَ جو ڪلام آ رباني."
نسيم ربانيءَ کي بجِ جيان چنبڙي پيو.
"يار ڪنهنجو آ تون ئي ٻڌاءِ." رباني ويچارو ڦڪو ٿي ويو. پوءِ ڪِلن جا ڪوڪرا هڻا ۽ کي گهڙيون ڏمچر مچي ويو. نسيم، اياز کي ڪلندي صلاح ڏني:
"اياز هن ربانيءَ کي ته پرو وائيس چانسلريءَ مان استعيفا ڏيار، هي توسان ڪونه ٿو نهي."
افسوس جو ان گڏجاڻيءَ جي رونق وڌائيندڙ، اسانجا ڪي ساٿي اڄ اسان ۾ موجود ناهن، پوءِ به اسين کين ساڳي شدت سان ياد ڪندا رهون ٿا... ڪاش، يادن کي ڪا مهڪَ هجي ها ته اها نسيم کرل، الطاف عباسي، رشيد ڀٽي ۽ ثميره زرين جي نالي سان فضائن ۾ پکڙجي وڃي ها...
ان گڏجاڻيءَ کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين اياز سان سِڪ ۽ خلوص جو رشتو قائم آهي. هر ملاقات ۾ هن پنهنجي سانتيڪي سڀاءَ، فهميدي گفتگو ۽ مهذب انداز سان. مون تي نهايت سٺو اثر ڇڏيو آهي.
ادبي دوستن جي وچ ۾ ويهي جڏهن هو پنهنجو نڪور شعر ٻڌائيندو آهي ته سموري ماحول تي ڄڻ ڪوئي سحر طاري ٿيو پئي. هڪ اهڙي ئي يادگار گڏجاڻيءَ ۾، شاعريءَ جي مشهور جاپاني صنف "هائيڪو" ٻڌائيندي، بي اختيار سندس چهري تي شوخ مُرڪ مڙي آئي ۽ مونکي لاشڪ ته سندس بي ساختگيءَ مان ڪيل اِهو انڪشاف ڏاڍو وڻيو جڏهن چيائين، "ماهتاب، مون تنهنجي ڪنهن ليکَ ۾ پڙهيو هو ته توکي لفظ "هائيڪو" نه وڻندو آهي، تڏهن مان ان ڳالهه کي اندر لاٿين ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته مونکي پڻ اهو لفظ نه وڻندو آهي."
جيئن چيو ويندو آهي ته، عَريانيت انسان جي جسم ۾ نه، من ۾ هوندي آهي. ساڳي ريت جن جي من ۾ ڦن هوندو آهي، ان سان ڪوبه گناهه ثواب لاڳو ڪونهي. ها، ڪي خواهشون آهن جي فنڪار جون ڪمزوريون ظاهر ڪن ٿيون ۽ فقط ان ڪري ٿي هو هڪ انسان لڳي ٿو... انسان هئڻ جي ناتي، اياز پنهنجي ڪمزورين کان باخبر رهندي ڪڏهن به انهن تي ڪو ڪاري غلاف چاڙهڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، جيئن اڪثر دانشور ڪندا آهن. ان جي برعڪس هن جنهن جرئت سان پاڻ کي پڌري پَٽ پيش ڪيو آهي، تنهن ۾ نه ڪو رک رکاءُ آهي نه ئي ڪا ذهني سينسر شپ، پوءِ به ذاتي سطح تي منجهس جيڪي به چڱايون آهن، تن کي ڪنهن گهٽ ئي High Light ڪيو هوندو. اهڙيون چڱايون اڄڪلهه جي اديبن، شاعرن خواه دانشورن ۾ ورلي ڪي نظر اينديون.
اياز تي هيلتائين جيڪي به تنقيدون ٿيون آهن. اُنهن ۾ ڪردار ڪشي، تهمتن ۽ الزامن ڪانسواءِ ڪنهن به تعميري تنقيد ناهي ڪئي. اهڙن تنقيدن ۽ جلهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالي سان، اياز جا ڪُلها چڻ گنا پيا آهن، جن کي هو ليکي ۽ ٿي نٿو آڻي ۽ نه ٿي انهن کان خوفزده ٿي بيان بدلائي، وضاحتون ڪري، جان ڇڏائڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي. اِها سندس نيت جي صداقت آهي جو بنا ڪنهن مصلحت ۽ منافقين جي وڏي جرئت سان هر آها ڳالهه چيو ڏي، جيڪا هو چوڻ چاهيندو آهي. اِها شاهدي اياز جا دشمن به ڏيندا ته هنجي شخصيت ۾ ڪي به ڦند ڦير يا انتقامي جذبا ناهن. هو پنيءَ ۾ خنجر کائڻ کانپوءِ، اهو به چوڻ وارو ناهي ته "بروٽس تون به..."

حق جي ڳالهه ڪرڻ کانسواءِ مون اياز کي ڪڏهن به ڪنهن جي شڪايت يا گلا ڪندي نه ٻڌو. ڪمر جي سالس ٿوري به چڱائي ڪري، اڳتي هلي طوطا چشميءَ واري خصلتن تي لهي اچي، ته به هو ان جي چڱائيءَ کي اوترو ئي مان ڏيندو ۽ ان جي چڱين ڳالهين کي سدائين عزت سان ياد ڪندو. اهو ڏسي هن لاءِ تنهائين عزت ۽ محبت پيدا ٿيو وڃي.... جڏهن هو ڪنهنجو، نالو کڻي چوندو، "فلاڻو مان سان ڏاڍو چڱو هليو." تڏهن اِنهن لفظن جي چڙو اداڪگي هو ايڏي ته سپاجهڙي انداز سان ڪندو، جو انهيءَ ماڻهوءَ جي بدبختيءَ تي افسوس پيو ٿيندو ته اُن کي الائي ڪهڙي نياڳ ورايو جو پنهنجو وات وڃائي، اڪيون لڄائي، اياز جهڙي پياري شخص کان منهنڙو مَٽي ڏار ٿي ويو...

اياز ڪج بحثي يا ڳالهين ۾ ماري ميڄائڻ واري انداز مان ڪونه چاٽي. بحث مباحثي ڪَج بحثي جي صورت اختيار ڪري ورتي هجي يا مخالفتن جهمڙي جهڙي جي ته به تهذيب جي دائري اندر. ڏيرج پرئي تڏي سياءُ سان پيو پيش ايندو. جڏهن ته پنهنجي ڳالهه ميڄائڻ ۽ ان کي مڻاهون ثابت ڪرڻ لاءِ اڪثر ماڻهو، وهلور پيا ويندا آهن. اياز وٽ پاڻ ميڄائڻ لاءِ ڪي به جڙتو هٽ ڪندا ناهن. هن جي عظمتن کي هرڪو ميڃي ٿو، آهي به جيڪي بظاهر سندس مخالف آهن. جيڪڏهن هو ڪنهن تي ڏمرهل آهي ته برهمڪيءَ جو اظهار به مخصوص رسائيءَ واري آواز ۾ ئي ڪندو. ان لاءِ ڪيس آپي مان نڪري، ميڄرجي پوڻ وارا انداز نه ايندا آهن. اِها ڳالهه نه رڳو اياز جي ادبي عظمت جي پر هن جي اندر جي حُسن (Grace) ۽ نيت ۾ جا صداقت آهي، ان جو دليل آهي.

اياز نه وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلي، نه ئي مُرڪ کي ڪهڙو گستاخ ٿيڻ جي اجازت ڏني اٿس، پر ڳالهين ٻولهين دوران، ڪن مهلن تي، ڪهڙيءَ ڪن لاءِ جي اِها حجاڻتي ٿي به پيس ته اُن کي پنهنجو چارم آهي. هو هن وسيلي چڻ ڪيترن سوالن جا جواب ڏيئي ويندو آهي ۽ ڪيترين ئي ڳالهين کي سمجهي وڃڻ ۽ ان مان لطف اندوز ٿيڻ جو ثبوت پيو ڏيندو آهي، پر منهنجو مشاهدو آهي ته هن جي دل ۾ ايا به ڪا ڪند اهڙي ضرور آهي، جنهن ۾ هو مزاح مان نه رڳو لطف اندوز ٿيندو آهي، پر خود به ان ۾ شريڪ ٿيندي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي کِل مُک شخصيت بنجي پوندو آهي.... اياز ۾ شگفته مزاجيءَ جو اِهو پهلو نه هجي ها ته رشيد ڀٽي، علي احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بروهي ۽ محمد ابراهيم جويو جهڙا زنده دلِ انسان هن جا گهاٽا دوست ڪيئن بڻجن ها.... ۽ شايد تہ انگريزي ۾ هو منهنجي سٽائيريڪل (هجويہ) انداز وارين لکڻين ۾ بہ چڱي دلچسپي وٺندو رهيو آهي.... هو جڏهن بہ ڪو غير معمولي واقعو ڏسندو يا ٻڌندو تہ ان تي ڪجهہ لکڻ لاءِ ضرور چوندو. گذريل سال هڪ فنڪشن جي دوران ڪا اسٽيج ڊهي پئي تہ حسب معمول پنهنجون شاعرانيون شوخ مرڪون پکيڙيندي ڏاڍي بي ساختگيءَ مان چيو هئائين. "انهيءَ تي اسٽوري لِک نہ...."

پر مان بنا مشاهدي جي ڪيئن ٿي لکي سگهيس، جو قربدار منتظمين شايد تہ اسٽيج ڊهڻ جي پيشگي خطري تحت مونکي انوائيٽ نہ ڪيو هو. ڪاش هو اهڙو قرب عابده پروين، مصطفيٰ قريشي ۽ ٻين فنڪارن لاءِ بہ ڏيکارين ها.... جن ويچارن کي چڱا آرام ڪرڻا پيا.

هونءَ تہ اياز جا ڪيترائي دوست آهن پر رشيد ڀٽيءَ جهڙي جيءَ دار دوست سان تہ هن جو جڻ سِر لڳندو هو.اِها خبر شايد اياز کي بہ نہ هُئي، پر اِهي اياز جا لڙڪ ئي هئا جيڪي رشيد ڀٽيءَ جي مرتئي تي اهڙي شاهدي ڏيندي، ڪنهن سيلاب جيان اياز جو اندر ٻوڙي، سمورا بند ڀڃي، اکين مان اُٿلي پيا هئا. هو جنهن طرح سان تڙپي تڙپي ٿي رنو، تنهن مان هر ڪنهن تي ظاهر ٿي پيو تہ کيس رشيد ڀٽيءَ سان ڪيترو پيار، هو.... اياز جي اندر جو اِهو انڪشاف شايد تہ هن لاءِ بہ بلڪل نئون ۽ انوکو هوندو.

سنڌي ادبي انڊسٽري ۾ رشيد ڀٽي، اياز جو هڪ حقيقي دوست هو. اياز جي طبيعت ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين مان جيترو رشيد ڀٽي واقف هو، شايد ئي ڪو ٻيو دوست هجي. هڪ ڀيري اياز هند جي اديبن جا ڪي ڪتاب پڙهڻ جي خواهش ڏيکاري، جنهن تي مون کيس ڪجهہ ڪتاب سوکڙيءَ طور ڏياري موڪليا. هُن سڪر مان فون تي انهن جي پهچ ڏيندي خوشگوار انداز ۾ چيو، "گهر ۾ رکڻ جي جاءِ نہ هُئي جا جو ايڏا سارا ڪتاب ڪٺي موڪليا اٿئي..."

اياز پنهنجي پَڙ وڪيل هئڻ جو ثبوت ڏيندي واه جو ڳالهہ سجاتي. پر مون بہ هرو ڀرو سمورو بار مٿس ڪونہ وڌو، چڙو ڊُپليڪيٽ ڪتاب ئي ڏياري موڪليا هئا. پر افسوس جو اهي ڪتاب مواد ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان کيس متاثر نہ ڪري سگهيا. اهڙو اظهار هن حيدرآباد اچڻ تي مونسان ڪيو. اتفاق سان ان مهل رشيد ڀٽي بہ ڪو اسان وٽ آيل هو. کيس پاسيرو ڪري چيم، "ادا، اياز صاحب کي هِند وارا ڪتاب نٿا وڻن. اوهان کي تہ انهن سان ڏاڍي دلچسپي آهي، اوهين ڪانئس وٺي ڇڏجو."

اهو ٻڌي هو مام ۾ مرڪيو، چيائين: "اياز ڪتاب نہ ڏيندو". "کيس تہ وڻن ئي نٿا، پو چونہ ڏيندو؟"

"ڀلي نہ وڻنس، تہ بہ نہ ڏيندو." رشيد ڀٽي اجا بہ گهري مُرڪ مرڪندي ورائيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون تنهائين تشويش مان پڇيو "جيڪا شيء هَن جي ڪمر جي آهي ئي ڪونه ته رکي ڇا ڪندو؟"

جواب ۾ وري به ساڳي مُرڪ......

"پلا چئي ته ڏسوس..."

"چوڻ مان ڪجھ نه ورندو...." پنيء جي مُچن تي شرير مُرڪ رقص ڪرڻ لڳي.

"مان چوانس، پوء ته ڏيندو؟"

"ته به نه ڏيندو!"

رشيد پنيء جي اِها ڳالھ مونکي ڏاڍي چيليجنگ لڳي ته آخر هو ايڏي اعتماد سان ڪيئن ٿو اِها ڳالھ ڪري. هو جيئن ئي آتي فون ڏي ويو ته اياز کي چيم، "توهانکي جي ڪتاب نٿا وٺن ته رشيد پنيء کي ڏيئي ڇڏجو."

"آن کي ڇو ڏيان؟" اياز سنجيدگيء سان وراڻيو.

"توهان کي نٿا جو وٺن..."

"ڪائي ڳالھ ناهي، پلي پيا هجن. مان پڙهندس."

اياز جو رعبدار جواب ٻڌي، پنيء کي ڪتاب ڏيارڻ واري ميس ئي مَري وئي... هيڏانهن پنّي، جنهن اياز جي پنيرو ٻيهي فون جو نمبر ٻي ملايو ۽ ڪن اسانجي گفتگو ڏي هئس، تنهن تي جيئن ئي منهنجي نظر پئي ته فاتحانه انداز ۾ مرڪندي، اياز ڏي اِشارو ڪري، ڪنڌ کي اهڙي لوڏ ڏنائين ڄڻ چوندو هجي، "ڏٺئي، مان صحيح ٿي چيوني!"

بهرحال ان ننڍڙي واقعي مان مونکي معلوم ٿيو ته اياز ٻي ڪنهن ڳالھ ۾ هجي نه هجي پر ڪتابن جي معاملي ۾ چڱو پڪو آهي.

اياز جي وڪالت جي ڪافي نيڪي ٻڌي اٿم. ان ڏس ۾ هڪ پيرو ڪيس صلاح ڏيندي چيم ته هو وڪالت دوران پيش آيل چوند واقعا، مشاهدا ۽ تجربا ڪتابي صورت ۾ لکي ڇو نٿو پڌرا ڪري... تڏهن هَن اِها ڳالھ گهڻي ايپريشيئيٽ (مڃي)ڪندي خاطري ڏني، ته هو اهڙو ڪتاب ضرور لکندو. هاڻ ڏسجي ته اهو ڪتاب ڪڏهن ٿو لکجي پبلڪ آڏو اچي... حال ته هن مهيني کن جي مختصر عرصي ۾ شاعريء جو ايڏو پاري ڪتاب لکي ورتو آهي، جيڪو پيو ڪير لکڻ ۾شايد ته سڄي ڄمار ڳاري وڃهي.

هو جيترو وڏو شاعر آهي اوترو ئي وڏو عالم، دانشور ۽ سياسي مفڪر... دنيا جو ادب پڙهيو آٿين، جنهن هن جي زندگيء جي نظريي ۾ وڏيڪ پختگي آندي آهي. ساري دنيا جي ادب ۾ ڇا پيو وهي واپاري، ڪهڙا لاڙا پيا اُڀرن، ڪهڙا ختم پيا ٿين، ڪهڙيون نيون فلاسافيز متعارف پيون ٿين ۽ ڪهڙيون آئوٽ ڊيٽيڊ (مدي خارج) ٿي چڪيون آهن، انهن سڀني ڳالهين کان هو باخبر ٿو رهي. ڪيس ڪتابن سان جنون جي حد تائين عشق آهي. ونس ڪيئي ڪتاب آهن، جي انبارن جي صورت ۾ ڪڏ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا اٿس. نوان آندل ڪتاب، ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ مڪس اپ ٿي ويڻ ڪري، گهربل ڪتاب ڳولڻ ۾ ڪافي ڏکيائي ٿيندي اٿس. ڪتابن تي ڳالهائيندي چيائين، "سکر واري گهر ۾ ڊائننگ ٽيبل سڄي ڪتابن سان پيري پئي هوندي آهي. ذري ڪا ڪنڊ خالي ڏسي انهيءَ تي پليٽ رکي ماني کائيندو آهيان ۽ ڪڏهن ته انهن ڪتابن جي دنيا ۾ ايڏو گم، جو زرينه مانيءَ لاءِ سڏيندي ته ايستائين نه ٻڌندو آهيان جيستائين ڪلهن کي ڌونڌاڙي سجاڳ نه ڪندم."

ڪراچيءَ ۾ اياز جا نفاست سان سجيل فليٽ آهن پر مونکي انهن کان وڌيڪ گرميءَ Warmth پريو. شاعرائو ۽ آرٽسٽڪ سندس سکر وارو گهر لڳو. جڏهن ته ڪيس الائي ڇو ان جي اولڊ ماڊل هئڻ جو شديد احساس رهندو آهي. شايد ته انجو لاشعوري سبب شاعرائي طبيعت واري جدت پسندي هجي.

رشيد ڀٽيءَ جي چاليهي واري موقعي تي اسين "فورم اِن" ۾ رهيل هئاسين. جتان قرب ڪري اياز اسان کي پنهنجي اِن گهر ۾ وٺي آيو. ڪليل پڌر ۾ پير رکندي ئي سندس پَٽ راڻيءَ اچي گلي لڳايو ته چوڌاري سڪ جون هبڪارون پکڙجي ويون.... اندر اچي ويهڻ ڪانپوءِ جيئن ئي ڊائننگ ٽيبل تي منهنجي نظر وئي ته ڏٺم واقعي ان سان وڏا هاڃا ٿيل هئا... اياز ته چيو ٿي پليٽ رکڻ جي جاءِ مس هوندي آهي، پر مونکي تِرَ ڇڻڻ جيتري به جاءِ نٿي سُجهي. ڳالهين دوران اياز پنهنجي لائبريري ناهڻ جو ارادو ظاهر ڪندي ٻڌايو ته ڪتابن جي سنڀال هن لاءِ وڏو مسئلو بنجي پئي آهي. سندس پٽ ڪراچيءَ ۾ سيٽل ٿي ويا، ڌيئر پرڻجي ويون. زال نيڪ نٿي رهيس ۽ هو خود ڏهه ٻارنهن ڪلاڪ ڪورٽ جي ٻلي.... باقي جيڪو وقت ملندس، سو به مطالعي لاءِ وقف. ان صورت ۾ ڪير ويهي ڪتابن کي ترتيب ڏيندو....

شاعر پنهنجي زالن کي ٻين عورتن جي ڀيٽ ۾ اڪثر نظر انداز ڪندا آهن. پر اياز، جنهن جون ماضيءَ توڙي حال ۾ ڪيترين ئي عورتن سان دوستيون ۽ وابستگيون رهيون آهن. تنهن پنهنجي زال کي هر حالت ۾ انهن کان وڌيڪ گهريو آهي. هوءَ جهڙي ٻاڻ نفيس آهي تهڙا سندس خيال، ليکڪا هجي ها ته ادب ۾ لاشڪ ته اعليٰ مقام ماڻي ها. انساني جذبن ۽ احساسن جو جنهن دلگير ۽ نمائي انداز سان هوءَ اظهار ڪري ٿي، ان جو لفظ لفظ هانءَ ۾ کپيو وڃي. ٻارن کان دوري ۽ سکر جي اَڪيلائين ڪان هن جون وڏيون وڏيون خماريل اکيون، جڏهن لڙڪن سان پرجي ڇلڪڻ تي هونديون آهن، تڏهن اياز جون ڪيتريون ئي ڪويتائون ۽ نظم جڻ انهن مان ليڙا ليڙا پائيندا آهن. ڪي ڏينهن بيمار ٿي پئي ته اياز جا ڪاڏا پيتا وِهَ ٿي ويا. ڪا ڳالهه ئي نه سُجهيس. حيدرآباد آيو ته ڊاڍي ڏک ۽ پريشانيءَ مان چيو هئائين: "زرينه مونکي بيحد پياري آهي... هَن جن حالتن ۾ منهنجو سات ڏنو، ٻي ڪا عورت ڪڏهن به نه ڏيئي سگهي ها. هاڻ هوءَ بيمار ٿي رهي، هوءَ نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي تہ مان هن ڪانسواءِ زندگي گذارڻ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهان... مان تہ چوندو آهيان، منهنجي زندگي بہ ڪيس ئي ملي."

هيڏانهن زرينہ بہ اياز کي گهٽ ناهي ڀاتيو. جن ڏينهن پاڻ جيلن ۾ هو تہ ڇوڪري ويٺل "مهاجر" عورتن جون نفرتون سهندي بہ هيءَ مڪڻ زال، ننڍڙن ٻارن سان اڪيلي سر گهر ۾ پئي گرندي جهرندي هئي، تہ پئي پل خبر ناهي ڇا ٿئي... اهڙين اڻ سهائيندڙ حالتن ۾ بہ هن پنهنجي اولاد جي تربيت نهايت سٺي نموني ڪئي. جڏهن ڪان نياڻين پنهنجا گهر وسايا ۽ پٽ پرڏيهي وڃي ڪراچي سيٽل ٿيا تہ هوءَ ايڏي وڏي شاهي گهر ۾ اڪيلي ٿي پئي. موڪلن ۾ ٻار ونس ايندا يا پاڻ انهن ڏي ڪراچي ويندي تہ خوشيءَ وچان من جي ڪنڊ ڪنڊ ٻهڪي پوندس، پر سڪر، جتي ڪو مِٽ مائٽ بہ نٿو رهيس، اتي جي اڪيلائين کي سارينديءَ اکين مان ڳوڙهو ئي نہ سگهندس. چيائين: "جيئن آسمان تي ڪڪر چانيل هجن، تيئن هنجون اکيون بہ سدائين ڳوڙهن سان ڀريل هونديون آهن. چلڪي پوڻ لاءِ ..... اياز بيمار، تہ مونکي اِهُو خوف، مان اڪيلي ڇا ڪندس. مان بيمار تہ اياز پريشان... ٻارن کي بہ سڪر پسند ناهي پوءِ اتي رهي ڇا ڪريون... هاڻ جيترو جلدي سگهيو، اِن گهر کي وڪڻي ڇڏينداسين."

اهو ٻڌي مونکي الائي ڇو ڌڪ ٿيو. شايد تہ انڪري جو اياز جي حوالي سان ان گهر جي تاريخي حيثيت پڻ آهي. ڪيس بہ ان ڳالهہ جو شديد احساس هو، پر اهو چئي دل کي دلاسو ٿي ڏنائين: "گهر سڙي بہ تہ ويندا آهن، ان کي وڪڻي اسين بہ ايئن سمجهنداسين!"

اياز جا ڪيئي روپ مون ڏٺا آهن، پر هڪ روپ خاص طور ايڏو پيارو، اهڙو دلڪش جو وسريو نٿو وسري... اِن گهر متعلق ايجا اسانجون ڳالهيون هليون ئي پئي تہ حيدرآباد مان سندن ڏيءَ ياسمين بہ اچي سهڙي، اياز جو ڏهٽو ۽ ڏهٽي "نانا آبا" کي ڀاڪر پائي چنبڙي ويا ۽ ڪا دير آسيس وچان، پنهنجو پاڻ سندس ٻنهي ٻانهن ۾ ايئن سمايل رهيا، جيئن ڪي ننڍڙا معصوم پکيئڙا... جن کي ڏينهن ڀچاتان گرم هنج جو تحفظ مليو هجي، جو ٻانهن تہ تان ڇڙن ئي نہ... اُن ويل اياز جي چهري مان محبتن ۽ شفقتن جي اهڙي ناقابلِ بيان روشني ٿي ڦٽي، جنهن کي رڳو محسوس ئي ڪري ٿي سگهيس. مونکي لڳو تہ اياز کي بہ پنهنجي شاعريءَ جي آغوش ۾ اهڙو ئي تحفظ ملندو هوندو... اها شاعري، جنهن جي هر لفظ کي روح آهي ۽ روح ڪڏهن نہ مرندا آهن.

اياز جو سڪر سان سِر لڳي، ڪيس نہ رڳو اتي جي ماڻهن ۾ گهڻين ڪسن سان بہ پيار آهي. ڪراچيءَ شفٽ ٿيڻ لاءِ پٽن گهڻائي ايلاز ڪيس پر سندس دل نہ مڃيو. هن جو روزگار، دوستي ۽ واقفيت بہ سڪر ۾ ئي گهٽي آهي، هڪ زندگي گذاري اٿس ان شهر ۾. هاڻ ڪراچيءَ سان ڪهڙا ويهي نوان نيهن ڳنڍي، پوءِ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنجي ڳالهين مان اندازو پئي ٿيو تہ پنهنجي پياري زال جي اڪيلائين جو احساس ڪري، شايد تہ مستقبل قريب ۾ ڪيس ڪراچي لڏڻو پوندو..... اَن ڪَلال ڪراچيءَ ڏي جا ڪيس پسند ناهي، جنهن لاءِ چيائين ٿي: "هِتي فاصلا آهن... گهرن، دلين ۽ ذهنن ۾... هرڪو پنهنجيءَ ۾ مگن...."

هن ڪراچيءَ جي مفاصلن جو ذڪر ٿي ڪيو، پر مون ڏٺو هو تہ موڪلن ۾ جڏهن بہ هتي آيو ٿي، تہ سندس مداح ۽ پرستارن ڪيس انهن فاصلن ڪان پوءِ بہ "پرنس ڪامپليڪس" ۾ اچي ڳولي ٿي لڌو ۽ سندس اِرد گرد پنهنجي خلوص جي اظهار طور ڪيترن ئي ڪتابن ۽ آڊيو ڪيسٽس جا انبار لڳائي ڇڏيا.

هاڻ تہ اياز مستقبل طور پنهنجو پاڻ کي ان فاصلن جي شهر ۾ ڪنهن حد تائين ٺهڪائي Adjust بہ ڇڏيو آهي. هونءَ بہ هن ۾ ماحول سان مانوس ٿيڻ جي ڪافي صلاحيت آهي. بقول سندس تہ ڪيس "ساهيوال جيل" ۾ بہ پاڻ کي ايڊجسٽ (مانوس) ڪرڻ ۾ ڪا دقت محسوس نہ ٿي هئي ۽ بنا ڪنهن پريشانيءَ جي بي فڪريءَ سان ڪتابن جا مطالعا پيو ڪندو هو.

بهرحال ڪراچي ساهيوال جيل تہ ناهي، پر سکر واري گهر جي پيٽ ۾، اياز جي شاندار ۽ اعليٰ فرنشڊ فليٽ جي هر شيءِ ۾ ايڏي گهڻي ترتيب ۽ نفاست ڏسي سوچيندي آهيان تہ ڪٿي سندس آزاد شاعرانو روح ان ترتيب ۾ مُنجهندو نہ هجي..... پر اِهو محض منهنجو خيال ئي هو، جو تہ اياز پنهنجي ڪراچيءَ واري دنيا ۾ ايڏو ئي مگن آهي، جيترو سکر ۾ هو. پيو تہ سندس شاندار لائبريري ٺهرائڻ واري خواهش بہ پوري ٿي چڪي آهي، جهن جي ڊزائننگ سندس ننڍي ڌيءَ لبنا جي آرٽسٽڪ ذوق رکڻ جي نشاندهي ٿي ڪئي. اياز ڏاڍي چاهہ مان پنهنجي لائبريري گهمائيندي، ڪيترائي ناياب ڪتاب ڪڍي مونکي ڏيکاريا. سکر مان سندس ڪتابن جي شِفٽنگ اڃا تائين جاري آهي، ان ڏس ۾ نئين ٽهيءَ جو سڄاڻ شاعر ادل سومرو سندس ڪافي مدد ڪري پيو. جيتري قدر مونکي خبر آهي تہ اَدل، اياز جي ناچاڪيءَ وارن ڏينهن ۾ بہ سندس مضمون وغيره ڊڪٽيٽ ڪرائڻ ۾ ساٿس ڇڳا ڳن ڏنا.

اياز جو ڪلام ڪيترن ئي ناميارن فنڪارن نهايت خوبصورتيءَ سان پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڳايو آهي، پر "وائسز گروپ" اياز جي دل کي خاص طور تي سڀ کان گهڻو ويجهو ٿي لڳو. تازو وائسس گروپ واري ڪيسٽ جي بي پناهہ ڪاميابيءَ تي هو ڪافي سرهو پي نظر آيو. چيائين، "جيڪڏهن شاعر عوام ۽ ڌرتيءَ سان واڳيل ناهي تہ سندس فڪري وِت ڳري، تڪر تڪر ٿي پنهنجي موت پاڻ مري ويندو، ۽ شاعري اها آهي جيڪا فڪر جو پاٿمرادو اظهار هجي. شاعر جو روايتي تصور، جنهن ۾ هو وقت جو غلام ۽ عارضي قدرن جي پوئواري ڪندڙ ٿئي ٿو، ختم ٿيڻ کپي، جو تہ نئين دؤر جون گهرجون بنهہ مختلف آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائسز گروپ وارن جنهن جوش ۾ وَلوَلي ڏياريندڙ انداز ۾ اياز جو ڪلام ڳايو آهي، اهڙي تيز ڌن ۾ انقلابي ٻولن وارا گيت اسانجي نئين ٽهيءَ جي اهم ضرورت آهن. جو تہ جديد موسيقيءَ جي ڪٿي ڪيتري بہ مخالفت ڪجي پر اِها وقت جي ضرورت مطابق ڏيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃي. سنڌي موسيقيءَ جي دنيا ۾، وائسز گروپ جي جدت جو اِهو بي مثال ڪارنامو آهي جو مغربي موسيقيءَ تي مست ٿي سِر ڌوڻيندڙ اُهي نوجوان، جن جو شاهہ، اياز ۽ فيض جي ڪلامن طرف ڪڏهن ڪو لاڙو ئي نہ هو، اڄ اهي بہ سندن ڪلام جا مداح بڻجي، اُنهن مان گهڻو ڪجهہ پرائي رهيا آهن.

اياز جي تہ هونءَ بہ موسيقيءَ سان چڱي دل آهي. البت غزل جي مقابلي ۾ ڪافي ۽ گيت ڪيس وڌيڪ پسند آهن. سُر سٺو ۽ ٻول بڪواس آهن تہ اهو گيت ڪيس بِنهہ متاثر نہ ڪندو. ساڳيءَ ريت جي ٻول سهڻا ۽ سُر بيڪار هوندو تہ بہ دل کي نہ وڻندس. هو سُر ۽ ٻول، ٻنهي ۾ توازن جو قائل آهي. جڏهن تہ مون ڀارن کي وري ڀهريائين ڌن، سُر يا آواز اٽريڪ ڪندو ۽ اُن جي لئہ تال تي بڪواس ٻول بہ برداشت ٿي ويندا.

موسيقيءَ جي حوالي سان اياز کي خورشيد بانو، ريشما ۽ رفيع ڪان علاوه امريڪن نيگرو ڳائڻو مائيڪل جيڪسن بيحد پسند آهي. ٻڌائي خان جو ڳايل، غلام فريد جو ڪلام "ميڏا عشق وِي توُن" هڪ اهڙو گيت آهي، جنهن جي شروعات ۾ چڻ ساز روئندا هجن.... ان بعد گيت جو هر لفظ روح ۾ ايئن لهندي محسوس ٿيندو، جيئن لوٽ زمين جي چاتيءَ جي ذري ذري ۾ هوريان هوريان پاڻي جذب ٿيندو هجي. تنهن ڏينهن شاعريءَ سان گڏ، موسيقيءَ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي، قضا سان اِن ڪافيءَ جو اچي ذڪر نڪتو. جنهن کي ساراهيندي اياز چيو تہ اها ڪيس بہ ڏاڍي وڻندي آهي، جيڪا اڪثر سندس لاشعور ۾ گونجندي رهي ٿي.

هن نهايت شوق مان اهو ڪيسٽ ٻڌڻ جي مرضي ڏيکاري، ويهہ منٽ طويل ترين ڪافي اڪيون ٻوني لاڳيتو ٿي چار ڀيرا ڌيان سان ٻڌي، اياز تہ ان مان چڱو فيض حاصل ڪيو پر مونکي ان ڪانپوءِ وري ٻڌڻ جي همت ئي نہ ٿي سگهي! ويتر جو ٿي ويءَ تان ٻڌائي خان کي آڇا پرون چاڙهي، رڳو سيٽي ۽ پوائٽي نموني وات ڦاڙي ڳائيندي ڏٺم تہ يا عمر لاءِ ان ڪافيءَ تان ارواح ئي ڪڇي ويو. انهن افعالن سوران مهدي حسن بہ ڏٺي ڪونہ وٺي، جو ٻَچڙا مهاندا ٺاهي ٺاهي گيت جهڙي لطيف ۽ نفيس شيءِ جي ٻيڙي ٻوڙيو رکي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻ ڦڪائي وندرائڻ وارا بيان ڏيندو تو وتي تہ "ڪوبہ گيت يا راڳ ڳائڻ مهل "جبڙي" کان وٺي چهري جي هر عضوي جي مشق ڪرڻي ٿي پئي." هاڻ ماڻهو وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي! ايڪسرسائيز ڏسي يا ڳائڻ ٻڌي.

اياز پنهنجي زندگيءَ کان سدائين مطمئن رهيو آهي ۽ گڏ ان ڌرتيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احسانمند بہ جنھن ھن کي جنم ڏيئي، سندس من کي پنھنجي سموري مھڪ ۽ ساڀيا سان جرڪايو آھي. قدرت ڪيس اھڙي ذات سان نوازيو آھي، جيڪا جڳن جي تلاش ۽ جستجو ڪانپوءِ ڪنھن خوشنصيب جي حصي ۾ ايندي آھي. ڪھڙو اڳ ھن زندگيءَ کي ڇيو ھو." تو مونکي اھي گيت ڏنا آھن، جي ڏاڍي ڪان ڏاڍو بہ مون کان ڪسي نٿو سگھي. جي ھي ناداں مونکان ڪاغذ ۽ قلم ڪسي بہ ونن ھا، تڏھن بہ منھنجو من ساڳيا گيت ڳائي ھا. اِھي ايندڙ پيڙھيءَ تائين تہ نہ پھچن ھا، پر ھن بي انت سنسار ۾ اڪٽ ستارن جي جھرمر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي موجود ھجن ھا. ھن سنسار ۾ سڀ ڪجھہ ابناسي آھي. گيت موت کان ڏاڍو آھي. ان کي ڪوبہ مٽائي نٿو سگھي."

اياز جي اھا پيشنگوئي اڄ بہ صحيح آھي تہ ڪوئي ڪانئس قلم ڪسي نہ سگھيو آھي. ھن جا گيت نہ رڳو ايندڙ پيڙھين تائين پھچي رھيا آھن پر آڪاش جي بي انت ستارن جي جھرمٽ ۾ چنڊ جي چانڊاڻ سان چمڪندي نظر اچي رھيا آھن. جنھن مان ثابت ٿيو تہ اياز جھڙي شاعرن جي سانجھي ڪڏھن بہ نہ ايندي آھي انھن جي من جي گونج، سنڌوءَ جي ھر اُيرندڙ ۽ لھندڙ وير ۾ ساھ! جيان روان دوان رھندي اچي.

شاعر اڪثر پاڻ کي "گھورن جو گھائل" ڪوٺائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آھن، جڏھن تہ اياز واحد شاعر آھي جيڪو پنھنجي گھورن سان پاڻ لاءِ مشڪوڪ حالتون پيدا ڪري وجھندو آھي. ان ڏس ۾ ھن ڪيئي دلچسپ واقعا ٻڌايا. ھڪ ڀيري ڪنھن تحريڪي گڏجاڻيءَ جي سلسلي ۾ فنڪاره کي ڳائيندو ڏسي وڃائجي ويو ۽ ان مان اک ئي نہ ڪيڍي، فنڪاره جي جوشيلي مڙس کان برداشت نہ ٿي سگھيو ۽ غيرت مان اُڪتي ايندي چيائينس، "يار اِھا ڪٿان جي شرافت آھي؟" تڏھن اياز ڇڻ ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳيو. ٻي ڀيري ھڪ دعوت ۾ ساڳي نموني ڪرنل جي زال کي گھوريندو رھيو... ايستائين جو سندس ھٿن ۾ جھليل جام بہ خالي ٿي پيو تہ ڪرنل اُڪتي وڏي طنز مان چيس، "اچي ھي ٻيو جام پي گلاس خالي ٿي ويو اٿئي شايد وڏيڪ غور سان ڏسي سگھين!" اھڙي ريت ھڪ ڀيري بنگال ۾ اِسٽيمر ذريعي سندر بن ڏانھن ويندي ڪنھن عورت کي گھوريندو رھيو. ڪافي دير گذري وئي تہ انجو مڙس، زال ڏي اچي چوڻ لڳو. "مان ڀانيان ٿو ھاڻ توکي نديءَ ۾ جمپ ڏيڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ناھي."

اياز مڙني ڳالھين جي ترديد ڪندي چيو. "ڪا حسين صورت سامھون ھجي تہ نظر برابر ان ۾ ھوندي، پر مان پنھنجي دنيا ۾ خيالن ۾ وڃايل ھوندو آھيان. اوسي پاسي ڇا ٿو وھي واپري، تنھن جي ڪا خبر ئي نہ ھوندي اٿم." اياز، آڻ ڏکيل سگريٽ ھٿ ۾ جھلي ڪا ڳالھہ ڪندو يا ڪنھنجي ٻڌندو، تہ ٻئي کي ايئن پيو لڳندو جڻ ڳالھہ پوري ٿيڻ جي انتظار ۾ سيڙيو ويٺو آھي، يا پنھنجي خيالن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم تي اها دڪاڻ ٺي وسري وئي اٿس جو خالي ڪَش پيو هڻي. پهريون پيرو ڪيس ان انداز ۾ ڏسي محبوب کي چيم، "اياز صاحب کي لائيٽر ڏيو ته سگريٽ دکائي وٺي." جيسين محبوب ڪيس لائٽر ڏي ٿي ڏي، هو مشڪي چوڻ لڳو، "مان سگريٽ ڪونه پيئان بس رکو ٻاڙ، وڃائڻ لاءِ هٿ ۾ جهلي ويهندو آهيان."

جڏهن کان ڊاڪٽر ڪيس شراب ۽ سگريٽ پيئڻ جي منع ڪئي آهي، هو پنهنجي اطمينان لاءِ خالي ڪش پريندو رهي ٿو.....

شراب متعلق هن جو رايو آهي ته جيڪي چون ٿا، شراب غم غلط ڪرڻ لاءِ پيئبو آهي، سي بڪواس ٿا ڪن، جڏهن ته هو خوشيءَ وڌائڻ ۽ دوستن سان ڪچهرين ۾ وڌيڪ لطف مائڻ لاءِ پيئندو آهي، پر هاڻ ته هن اهو بلڪل ڇڏي ڏنو آهي.

اياز درگذر ڪندڙ انسان آهي. جتي ناانصافيون، حق تلفيون ۽ زيادتيون ڏسندو اتي حق جي ڳالهه ضرور ڪندو، سندس اِها خوبي وڏي اديب هئڻ جو پهريون دليل آهي. هن جو خيال آهي ته جيڪو ماڻهو چڱو ڪم ڪري تنهن کي لاشڪ ته جس ملڻ گهرجي. ڪيس، هري موٽوانيءَ جو ٺاپو ڏنم ته لکي ٿو. "اوهانجي چوڻ تي اتم جي خلاف لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم. پوءِ به هو مون لاءِ بَدِ شَدَ ڳالهائيندو رهي ٿو... هاڻ ٻڌايو ڇا ڪريان؟" اياز ڪلندي وراڻيو ته چئيس، "اتم ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي، پر شگر جو مريض آهي. اُن ڪري ڪاوڙ ايندي هوندي، بهرحال تون هن کي ڪجهه به نه چئو!."

حالتن ۽ مسئلن کي منجهائي پيچيده ڪرڻ بدران، اياز سدائين سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻن ويجهن ڌرين ۾ ذاتي رنجش سببان ڪا دوري، ناراضگي يا ويڇا پيدا ٿي پوندا، ته هو بنا غرض جي ڪنهن خير خواه جيان ڪين ويجهو آڻڻ لاءِ وسان ڪين گهٽائيندو ۽ دلين ۾ ڪجهه اهڙو تاثر ويهاريندو، جو رُٺل ڌريون هڪ ٻئي لاءِ نرم گوشو Soft corner محسوس ڪرڻ لڳنديون. ان حوالي سان ڪيس اَمن جو پيامبر ڪوٺجي ته غلط نه ٿيندو.

هونءَ ته زندگي جي پڄاڻيءَ جي ڪا حد مقرر ٿيل ناهي پوءِ به پنجاهه پنجونجاهه تائين ماڻهو ٻي اونو ٿيو ويٺو هوندو، پر "سٺ ڪنيائين لٺ" کي پهچندو ٿي مس ته جڻ "هُن پار" جي حدن جي تعمير تيزيءَ سان شروع ٿي ويندي. ايئن ته اَسي ۽ نوي جا ماڻهو به چوڙا چن ۾ قرقوٽ ٻاريو، ڏاڍي لٺ لڳايو ويٺا آهن، پر "خدائي حدود آرڊيننس" جي ڌمڪاءَ جو ڇا ڪجي جنهن ۾ اِهي "حدون" اورانگهڻ سان ٺي پَل پَل جا پُور شروع ٿيو وڃن ته "جاڻ سڌ ٿيو." مٿان وزي ٻي درد زمانو جدا اکيون وجهي ويهندو ته "اجهي ٿا سڄڻ سفر هلن." در اصل اِها ورهين ۽ سالن واري فضول ڳڻپ ٿي آهي، جيڪا انسان کي انهن حدن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گرم Warm ڪندي ٿي رهي. سالن جا چڪر نه هجن ته هوند ڪنهن کي فڪر ٿي نه هجي ته ڪڏهن سج اُڀريو، ڪڏهن غروب ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز جهڙو ڳڀرو نوجوان مات ميٽ ۾ پنجهٺ جو ٿي ٻه ويو! ڪيئن ٿي ويو؟ اسين ته حيران آهيون ئي پر هو خود به ڏاڍو حيران هوندو. شايد ته ڪيس چڙ به ايندي هجي ته ايتري جلدي اِهو سڀ ڪيئن ٿيو! ڇو ٿيو........؟ هن جي سدا جوان جذبن، پرپور امڪن ۽ ٻَرندڙ احساسن کي چالاڪ ٿو قدرت طرفان زور زبردستي "جهونائپ" جو "ميڪ اپ" ڪيو ويو... جڏهن ته پنهنجي فيصلن ۽ سوچن ۾ اٽل ۽ اڏول، زندگيءَ سان نمتار، هِن انسان جي فطرت ۾ اڄ به بهار جي موسم جهڙيون خصوصيتون ۽ شگفتگيون شامل آهن. هو پنهنجي من ۽ ذهن جي سموري سچائيءَ سان اڳي کان به اڳرو آهي، پوءِ به الائي ڇو، "ٻَڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي،" "اڪن نيرا ڦليا" ۽ "الوداعي گيت" جي ڪيترن ئي شعرن ۽ نظمن ۾ هن زندگيءَ کان مايوسيءَ جو گهرو اظهار ڪيو آهي، جن کي پڙهي، موت جي اَڻ ٽر حقيقتن سان سهمت ڪندي به اياز جي حوالي سان اِهي حقيقتون قبول ڪرڻ تي اجا دل نٿي ٿئي، رهندو هانءُ پرچي ايندو جو اسان سنڌي ادب ۾ اهڙا ڪونڌر ۽ پيارا ساٿي وڃايا آهن جو هاڻ وڌيڪ سهڻ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي... تازو سندس هيءُ نظم پڙهيم ته سٽ سٽ جڻ هانءُ تي نيوڙيو.

ڪـذهـن هـوا دروازو کـولـي
منهنجي گـهـر ۾ پيـهـي ايـنـدي
۽ مـونـکـي ڪـرسـيءَ تـي ڳولـي
مـايـوسـيءَ مـان مـوٽـي ويـنـدي
منهنجي مـيـز مـٿـان سَوَ ڪاغذ،
پـکـڙيـل هـونـدا، آنءُ نـه هـونـدس!
گـيـت اڌورا، آنءُ نـه هـونـدس!
۽ پـمـو ڇا ڇا، آنءُ نـه هـونـدس!

اها سموري تصوراتي منظر ڪشي حقيقت بڻجي اکين اڳيان ايئن ٿي ڦري جو لڳو ته هوا، مس، ڪاغذ، قلم، ڪرسيون سڀ روئيندا هجن.... اياز بنا اڪيلا ۽ اڻ پورا هجن.... هوا مايوسيءَ مان ورلاپ ڪندي، روئيندي سڏ ڪندي ڪيڏانهن هلي وئي هجي! ۽ تڏهن ئي منهنجي اکين مان بي اختيار لڙڪ لڙي پيا هئا... ڇا سچ پچ اياز ويندو هليو... ههڙي پياري شخصيت ڇا هميشه لاءِ اسان کان ڌار ٿي ويندي... هن جي بي پناهه ادبي خدمتن جي صلي ۾ چونه ٿا، اسين هن جي دامن ۾ دنيا جهان جون خوشيون پري ڇڏيون... هو ايترو حق ته اسان کان لهڻي ئي ٿو.... سچي چمار ڏني آهي، هن ادب کي... پوءِ اڄ اسين هن جي ننڍين ننڍين ڳالهين تي ڳنڍ ٻڌي ڇوٿا ڪيس ڏکويون جو هو وڃڻ جون وايون ٿو ڪري... هڪ ملاقات ۾ مون سائس ان مايوس لکڻيءَ جي شڪايت ڪئي ته مشڪندي وراڻيائين، " اُنهن ڏينهن ۾ بيمار هئڻ ڪري اهڙا خيال ايندا هئم، پر هاڻ انهن مان نڪري آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان... پوءِ بہ زندگيءَ ۾ اهڙو وقت اچي ٿو جڏهن انساني، ڪيفيتن جو ان ريت اظهار ٿيو وڃي." اياز جي جواب ڪنهن حد تائين مونکي مطمئن ڪيو پر جذبات ڪان هٽي غور ڪجي تہ ان قسم جي شاعريءَ ۾ بہ هو ڏي ۾ حوصلي جو پيغام هڪ نئين ۽ منفرد انداز ۾ ڏئي ٿو. جڻ موت ڪا ڳالهہ ئي ناهي. هونءَ ڏسجي تہ ڪڏهن ڪڏهن بيمار ٿي پوڻ ۾، موسمي اثراتن کان وڌيڪ سندس پنهنجو بہ هٿ آهي، جو لاڳيتي انداز ۾ تخليقي جاکوڙ جاري رکڻ سبب، پاڻ کي ٿڪائي اڪثر بيمار ڪيو وجهي.

اياز ۾ مسلسل اڳتي وڌڻ ۽ محنت سان ڪم ڪرڻ جو شديد لاڙو آهي، سندس لکڻ جا طور طريقا بہ نيارا آهن، ڪتاب لکندي لکندي اوچتو ڪو نئون خيال ذهن ۾ اچي ويس تہ اُن سان ڪيس ايڏي دلچسپي پيدا ٿي ويندي جو پهريون ڪم اڌ ۾ ڇڏي، نئين خيال کي پُر جوش نموني عملي صورت ڏيڻ ۾ جُنبي ويندو، پر ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيو جو اڳ شروع ڪيل تخليق کي سدا لاءِ اڌ ۾ ئي ڇڏي رکي ڇڏي. دير سوير ئي سهي، ان کي مڪمل ضرورت ڪندو. هن مختلف موڙن تي زندگيءَ جي وهڪري سان روان دوان رهي، زندگيءَ ۽ ان سان واڳيل هر نعمت کي ڀرپورائين ۽ اڳتي وڌي حاصل ڪيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مونکي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ زندگي اياز ۾ نہ پر اياز خود زندگيءَ ۾ موجود رهي ٿو.

اياز کي ڪراچي شفٽ ٿئي ڪافي ڏينهن گذري ويا آهن. سکر ۾ هوندي رڳو موڪلن ۾ ئي سائنس ملڻ ٿيو ٿيندو هو. هاڻ هوُ جڏهن بہ حيدرآباد ايندو تہ اسان وٽان ٿيرو نہ ڀڃندو ۽ اسين جڏهن بہ ڪراچي ويندا آهيون، سائنس ملڻ ضروري Must ٿيو پئي. اهي سندس قرب آهن جو هوٽل ۾ رهندو ڏسي هن ڪيئي ڀيرا پاڻ وٽ رهڻ جون صلاحون ڪيون آهن، پر هاڻ سمجهي ويو آهي تہ ڪراچيءَ ۾ ماٽائتا ۽ ساهرائتا گهر هوندي بہ مان هوٽل ۾ رهڻ وڌيڪ پسند ڪندي آهيان.

سکر جي ڀيٽ ۾ اياز جي سِرَ جي سائڻ، ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پُٽن، نهن ۽ سندن ٻارن جي ويجهو رهي ڪافي مطمئن ۽ خوش آهي، پر هن جي روح ۾ اڃا بہ ڪي اڪيلايون وسن ٿيون... توڙي جو اياز ڪيس گهڻو گهرندي، سندس ڀرپور نموني خيال رکيو آهي، پر ڇور جي ماءُ روئي ڪنڌ ۾ چوائي، اديب جي زال بہ ڪو هرويرو نري ڪونہ ويٺي هوندي. ڪهڙي زال چاهيندي تہ هن جي سِرِ جو سائين رات ڏينهن ڪتابن ۾ مُنهن وجهيو پيو هجي! ڪتابن مان ڪنڌ ڪڍندو تہ وري لکڻ کي لڳندو. لکي پڙهي واندو ٿيندو تہ بہ ذهن ۾ هيلتائين پڙهيل الائي ڪهڙا ڪهڙا ٽالسٽاءِ، ڊوستوسڪي ۽ چيخوف پيا چيخون ڪندس، وري جي ليکڪ اعليٰ پائي جو هوندو پوءِ تہ ماڳهين جٽ ٿي پوندي، ذهن ۾ هزارين لائبريريون ۽ ڪوجنائن جا اڻ ڳڻ ڪاتا کليل پوندس، جن کان هڪ پَل لاءِ بہ هو آجپائي حاصل نہ ڪري سگهندو. آتڻ ويهڻ، کهڻ ڦرڻ مطلب تہ هر پڙهيل توڙي ڏٺل وائٺل شيءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پنهنجي نظرين ۽ سوچن مطابق پيو تڪ تور ڪندو. دوستن يارن جي ڪمپنيءَ ۾ به اُهي ئي اڪابرن واريون بقراطي ڳالهيون، دليل ۽ پيشنگويون پيون هلنديون. جڏهن ته زال ويچاريءَ کي ڪُجهہ جو آمَر ئي نہ هوندو. مِني به ماٺ ته مُني به ماٺ! اديب مڙس جي لکڻ پڙهڻ ۾ رَخنو پوڻ سوران ڪي ته ويچاريون ايڏو کهڪايل هونديون آهن، جو جيڏين سرتين سان بہ گهٽي گهرائپ رکڻ ڪان پيون نهنديون تہ متان اُهي مهل ڪُمهل ٻارن جو ولر ساڻ ڪري ڪچڪو مچائڻ لاءِ سِر تي نہ بيٺيون هجن. جو تہ "ويلو نہ وقت، ليلان چڙهي تخت" جيان اديب جي لکڻ پڙهڻ جي بہ ڪا مهل مقرر نہ هوندي آهي تہ ڪڏهن ٿو "الهام" لهيس. اياز بہ وڏو شاعر ۽ مڃيل دانشور هئڻ ڪري اهڙين عالمانين صفتن ڪان ڪيئن وانجيل هوندو. هن سموري زندگي ادب کي ڏني آهي ۽ ان لاءِ وقف ٿي ڪٽي آهي. تنهنڪري ئي اڄ هو هر خاص ۽ عام لاءِ نيشنل پراپرٽيءَ (قومي ملڪيت) جي حيثيت رکي ٿو. جنهن جي اياز جي وفا شعار ۽ سگهڙ زال کي جيڪا پنهنجي ذاتي پراپرٽي ملڪي سطح تي عوام سان (ونڊي) Share ڪندي، هن سان هر حال ۾ ساٿ نڀائيندي اچي، جنهن جو خود اياز کي بہ اعتراف آهي.

اياز جون شاعرانيون صفتون سامهون رکندي قدرت کيس مناسب قد ڪاٺ ۽ چڱا موچارا نقش ڏيئي خلقيو آهي. سندس شخصيت ڪوٽ پتلون ۾ نکريو بيهي، پر جي سلوار قميص تہ ٺاهوڪي صدري، چوراڻ جهڙو ڪٽو يا ڪشميري پرت واري سفيد شال اوڍيندو تہ اهو لباس سوٽ کي بہ شهہ ڏيئي ويندو. هو ڪپڙي لٽي پرديسينٽ (خوبصورت) ۽ چڱو ذوق رکندڙ آهي.

هڪ وڏي شاعر ۽ سٺي انسان جي ناتي اياز ۾ جيڪي چڱايون آهن، اُنهن مان جا ڳالهہ خاص طور ساراهڻ جوڳي آهي، سا هيءَ تہ هن پنهنجي (غريب ٻالا پڻ) Poor child hood جو ذڪر ڪندي، ڪڏهن بہ ڪو عار محسوس ناهي ڪيو. بلڪہ اهڙي ڪا ڳالهہ نِڪرندي تہ ڏاڍي بي نيازيءَ مان ڪري ويندو. تنهن ڏينهن بہ ساروڻيون ٻڌائيندي روانيءَ ۾ چئي ويو، "انهن ڏينهن مان ٿرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪندو هئس..." نہ تہ ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جن وٽ ورهين پڇاڻا سِڪي پِني گهر ۾ ڪو ڪِلر ۽ چار ڪرسيون اينديون تہ پنهنجو ماضي وساري ايئين پيا ڏيک ڏيندا جڻ سائن ڪلهو هئڻ وارو ڪو پيدا ئي ناهي ٿيو! بقول اياز تہ: هَن پئسي کي سدائين تچ سمجهي، ان کي پائيءَ وانگر وجايو آهي..... اهو بہ سچ آهي تہ هو ان کي تحفظ ڏيڻ جو هڪ اهم وسيلو سمجهي ٿو، پر ان ڏانهن ڪڏهن ڪڏهن سندس محتاط رويو، نٺيڻ جي غير محفوظ ۽ نفسياتي پهلوئن کي بہ ظاهر ڪري وجهندو آهي.

تازو گوبند پنجابيءَ سان گڏجي سندس فليٽ تي وياسين، جتي اياز، گوبند پنجابيءَ ۽ ڪرشن راهيءَ جي مان ۾ سڄي ساري نمبل طرح طرح جي شين سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻرائي ڇڏي. خوشگوار ڪچهرين دوران، گوبند پنجابيءَ انگور ٽڪيندي چيو، ”آزاديءَ کان اڳ جڏهن ڪوئيٽا ۾ هوندا هئاسين تہ اِهي انگور چئين آني سير ملندا هئا...“

اياز، جيڪو ان مهل ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ مگن هو، تنهن ڇرڪ ڀري بي ساختگيءَ مان چيو، ”چئين آني جا ڪاٽي آهن، هي تہ چاليهن رپئي ڪلو ورتا اٿرا“
”پائي مان تہ ڪوئٽہ واري زماني جو ذڪر ٿو ڪريان...“ گوبند مرڪندي ورائيو. ان وقت اسان سڀ مرڪي پياسين تہ اياز بہ ڳالهہ سمجهي ان مرڪ ۾ شامل ٿي پيو.

هند مان جيڪو بہ اديب ايندو تہ اياز ان کي وس آهر ڀرپور سڪ ۽ مان ڏيندو، پوءِ اهو هري موٽواڻي هجي يا گوبند پنجابي، ڪرشن کتواڻي هجي يا گوبند مالهي، هر ڪنهن لاءِ ونس ساڳي سڪ ۽ ساڳيو پيار آهي. چاليهن سالن کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي پر هن اڃا تائين پنهنجو پاڻ کي انهن پراڻن ساٿين کان الڳ ناهي سمجهيو... ڇاڪاڻ تہ هو سندس سپني جو اٽوٽ حصو آهن. سپنو، جيڪو هن جواني تہ اڄ نہ سيان ضرور ساڻيا ٿيندو. هو لنڊ توڙي جاڳ ۾ جڻ ان سپني جو راهي رهندو اچي.... اهو پنڌ نيٺ بہ انهيءَ منزل تي ڪٽندو، جنهن جي آجهل ڇڪ سندس پيرن کي ساهي پٽڻ لاءِ وقت ئي نٿي ڏي. اياز کي ان ڳالهہ ۾ ويساهہ آهي تہ سندس شاعريءَ جي پيغام جو ڀرپور ساٿ ڏيندي، پيار ۽ محبت جو ڏڙ ضرور ايندو ۽ اسانجا ماڻهو نيٺ سک جو ساهہ کڻندا. ڪيس هر وقت پنهنجي سپني جي منزل ويجهو اچڻ جي پڪ ٿيندي پئي وڃي. هن کي ان ڳالهہ ۾ پختو يقين آهي تہ جيستائين ساهہ آهي تيستائين ويساهہ آهي، ۽ ويساهہ ڪڏهن نہ وڃڻ گهرجي، جو انڪانسواءِ ساهہ کي ڪا معنيٰ ئي ناهي. شايد تہ انڪري ئي هن پنهنجي قلم ۽ گفتار ذريعي سدائين اهو يقين ڏياريو آهي تہ تاريخ ۾ سچ جي جيت آوس ٿئي ٿي پوءِ چاهي ڪيتري بہ دير پئجي وڃي، پر سچ ۽ پيار امر رهي ٿو ۽ فتح نيٺ بہ انسانيت جي ٿيڻي آهي.

ڪراچيءَ ۾ هوندي،اڪثر اياز کي ساڻ ڪري سمنڊ ڪناري ايندا آهيون، ان مهل اياز بہ مونکي سمنڊ جو ئي ٻيو روپ نظر ايندو آهي.... جنهن ۾ اونهاين جي اعتبار کان ڪو فرق نہ هوندي بہ، هڪ وڏو فرق اهو محسوس ڪندي آهيان تہ سمنڊ جي گهرائيءَ ۾ ڪر ٿي پنهنجو وجود وڃائي ويهبو آهي، پر اياز جي شاعريءَ جي اونهاين ۾ لهي ايئن پيو لڳندو، جڻ سمورو سمنڊ اندر ۾ سمائجي ويو هجي....

سمنڊ ڪناري هن جي چهري مان سرشاريءَ جي عجيب ڪيفيت پئي ظاهر ٿيندي آهي، ڪيترين ئي آڻ ڳڻ يادون هن جي من مان ڇولين جي ڇوهہ جيان اڇلون ڏيئي پاڻمرادو پيون اڀرنديون، جيڪي ماحول تي ڪجهہ ان ريت ڇانئجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي‌ون آهن جو سڀ ڪجهه اکين اڳيان ايئن پيو ڦرندو، جڻ اهو وقت موٽي آيو هجي.... هر واقعو بيان ڪندي سندس چهري تي اهڙا ئي رنگ ٿي اڀريا، جن گذريل وقت جي هر پل جي ترجماني ٿي ڪئي.

سمنڊ ڪناري بيٺل لاتعداد سائيڪلن کي ڏسي هن جي چهري تي ڪنهن شرير ٻار جهڙي شوخي پکڙجي وئي... مرڪندي چوڻ لڳو، "جن ڏينهن ۾ مان ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هئس، تن ڏينهن به ساڳيءَ طرح سائيڪلون بيهنديون هيون، تڏهن مان هر روز صبح سوپر ماسٽر ڪِي جي ذريعي پنهنجي پسند جي ڪا سائيڪل ڪٽي خوب سائيڪلنگ ڪندو هئس ۽ وري واپس به آڻي بيهاريندو هئس."

.... چنڊ ڏي نهار ويندس ته اهڙا نانءَ جيڪي سندس هانءَ ۾ پيا هُرندا آهن، انهن جا روشن عڪس چهري تي چنيءَ طور پڌرا ٿي پوندا اٿس... ۽ هو چاهت جي ڀرپور جذبن مان هوريان هوريان پيو اُهي ساروڻيون Share (ونڊيندو) ڪندو آهي...

"هوءَ مونکي ايڏو ته وڻندي هئي جو هڪ ڀيري هن خاطر مان امتحان ۾ به نه ويٺس."

"ڇو!"

هن جا امتحان پورا ٿي چڪا هئا ۽ هوءَ ڳوٺ هلي آئي. جڏهن ته منهنجا امتحان اڃا شروع ٿيڻا هئا. جنهن لاءِ مونکي ڪراچي وڃڻو هو... ۽ مان هن کان دوري برداشت نٿي ڪري سگهيس..."

"پوءِ توهان هن کي ڇو ڇڏيو...؟"

"مان نه ڇڏيو... هوءَ پاڻ هلي وئي، ڇو ته انهن ڏينهن ۾ مون وٽ پئسو نه هو، جڏهن ته زندگي گذارڻ لاءِ هوءَ پئسي جي اهميت کان واقف هئي."

"توهان ته اڄ تائين به پنهنجي يادن ۾ هن سان ڏاڍا Sincere (سچا) رهيا آهيو..."

"مان سڀ سان ئي Sincere (سچو) رهيو آهيان..." تڏهن مان سوچڻ لڳس ته محبتن جي امرتا کي اياز کان وڌيڪ شايد ئي ڪو سمجهندو ۽ ڄاڻندو هجي، تڏهن ته اهي وقت جي واريءَ ۾ لٽجي، دٻجي وري وري اڀري ٿيون اچن، هن جي من ۾ واسو ڪرڻ لاءِ... هن جي گيتن تي سر مٿي کڻائن جيان ڇانئجي وڃڻ لاءِ... ڪيس پنهنجو پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ.

لنڊن مان موٽڻ تي ڪيس سرهو، صحت مند ۽ هيڪاندي خوشگوار موڊ ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. سوچيم، ماحول جي تبديلي، چڱي سار سنڀال جي آڌار تي صحت جي ضمانت. انسان کي جڻ نئون جنم ڏيو ڇڏي، نه ته اياز توڙي جو علاج خاطر ٻاهر وڃڻ لاءِ وڏا وس ٿي ڪيا، پر جنهن ڳالهه ڪيس تهائين نِستو، حال کان بي حال، بيمار ۽ ڪتين ۾ ٿي ڳاريو سو هيو "دل جو آپريشن" يا "باءِ پاس" جو ڌمڪاءُ! هَنِ جا سمورا ڏينهن "وڃان نه وڃان" جي سُرتال ۾ دل من هٿندي گذرڻ

لڳا. ولايت اُسرڻ جي تاريخ ويجهو ڏسي لڳندو ته ان کي پنتي ڪرائڻ جو اُلڪو هوندس، پر جي پاڻ ئي ڪا دير پئجي وئي ته پائيندو. اِهو معاملو جلدي اُڪلجي ته چڱو. ان باري ۾ هو چوندو ڪنهن نه هو پر هنجي ڳالهين مان ازخود اهڙو اندازو لڳائڻ ڪا مشڪل ڳالهه نه هئي.

اياز جي اِن لاشعوري، "کهڪاءَ" هن جي بي همتيءَ کي نتي ظاهر ڪيو. پر جيتري قدر مان سمجهان ٿي ته ڪيس زندگيءَ سان بي حد پيار آهي. هن پرپور زندگي گذاري آهي ۽ اڃا به هن ۾ اهڙي زندگي گهارڻ جون اُمنگون بلڪه صلاحيتون آهن! پوءِ نيٺ "الوداعي گيت". "جهڙ نيشان نه لهي،" ۽ اهڙا ٻيا موتناڪ آلاپ هن جو ٿي آلاپيا... ڇو ايڏي مايوسي طاري ٿي وئي هئي هن تي؟ مان سمجهان ٿي ان ۾ سڌي يا اڻ سڌي ريت اسان ليکڪ لڏي جو به ڪجهه نه ڪجهه هٿ ضرور هو.

ان ڪان اڳ جو هو "الوداعي گيت" لکي ئي لکي، تيسين اسان هن تي اهڙا درديلا ۽ ماتمي مضمون لکڻ شروع ڪري ڏنا ڄڻ اياز نه پرڪو پُر اسرار روح يا ڀاڇو هجي! جيڪو پَرَ ڪيو اصل هتن مان ٿي ويو... بهرحال ان ۾ ڪنهنجي نيت تي شڪ ڪرڻ نٿو جڳائي. اِها ته اسانجي محبت آهي... ڀاڄهاري ۽ نرم دل آهي جو اسان اهڙو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ٿيو وڃون.... ان مهل اسان ڪان وسريو وڃي ته جيڪا ڳالهه اسين سچٿپائي ۽ سِڪ ۾ ڪريون ٿا. سان اسان جهڙي ئي ڪنهن حساس اِنسان جو هانءُ به ڦاڙي سگهي ٿي... ياد ٿو پئيم اڄ ڪان اٽڪل ڏهه ٻارنهن سال اڳ وارو هڪ ننڍڙو واقعو...

نيشنل سينٽر ۾ مانواري صحافي ۽ ليکڪ گرداس واڌواڻيءَ جي ڀهرئين ڪتاب جو مهورت هجي، هو مهمان خاص پير حسام الدين راشدي صاحب سان گڏ، ڪرسيءَ تي ڪڙو ٿيو ويٺو هو. ان موقعي تي هر دلعزيز شاعر نصير مرزا. هَن جي عمر اڏو رکندي هڪ هانءُ ڏاريندڙ مقالو پڙهيو. مونکي اُهو حرف به حرف ته ياد ناهي، پر پڇاڙيءَ وارين اُداس سِٽن جو تت ڪجهه هن ريت هو ته، "اهو ڏينهن پري ناهي جنهن ۾ اسانجو هي مانوارو ليکڪ پريس ڪلب جي اونداهي ڪوٺيءَ ۾، ڪنڊ لاڙي، سوڙ پائي سُتو پيو هوندو، اسانکي خبر ئي نه پوندي ۽ ڏيو اجهامي ويندو!"

مون ڏٺو ته گرداس، جيڪو اڳ ۾ ڪڙو تڙو ٿيو ويٺو هو، سو هوريان هوريان ڪرسيءَ ۾ ڪهر ڪندو پئي ويو، ايئن ٿي لڳو ڄڻ اِجهو ٿو "مَڪ مَڪالو" ٿئيس، پر آفرين بلڪه صد آفرين هجيس جو هو اِها سڙهه جي سَٽ جهلي ويو. ڪو ڪمزور دل هجي ها ته اهو مقالو ٻڌڻ ڪانپوءِ ٻارنهن سال ته پري، ٻارنهن ڏينهن به بس ڪيي ها.

مَها ڪوي، نارائڻ شيام جي سرڳواسي ٿيڻ ڪانپوءِ ذري گهٽ ساڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال اياز سان بہ پيدا ٿيڻ ٿيڻ واري هئي، جو هن بروقت پنهنجو بَچاءُ ڪري ورتو. ان ڏک ڏائڪ سانحي تہ هونءَ ئي ڪيس حال ڪان بي حال ڪري ڇڏيو. مثال وري هر عمر، هر پلئہ شاعر واري حيثيت ۽ هر ڳالهہ ۾ هڪ جهڙائيءَ واري پيٽ، ڪيس ڪي قدر مايوس ۽ ملول بہ ڪري ڇڏيو. انڊيا جي ٽي. ويءَ تان تعذيتي پروگرام هلندو تہ ان ۾ ٻنهي جون گڏوگڏ تصويرون ڏيکاريندا. رسالن جي سرورق تي بہ ٻنهيءَ جون تصويرون ڇپ. تعذيتي گڏجاڻين تورڙي مضمونن ۾ بہ ٻنهيءَ جو ذڪر گڏ.... ايتري قدر جو سرگواسي ٿيڻ کان اڳ واري ڪيفيت جي اظهار ۾ بہ ساڳي هڪجهڙائي! شيام کي گذرڻ کان پهرين دردناڪ بانسريون ٻڌڻ جي شديد طلب محسوس ٿي، هيڏانهن اياز کي وري بيماريءَ دوران سائين مرنا واريون وچوڙي جون دردناڪ ڌنون ٻڌڻ جي حسرت جاڳي..... شيام هليو ويو تہ هاڻ لازمي ڪيس بہ سندس راهہ وٺڻي پوندي.... اِنهن هڪ جهڙائي وارين ڳالهين ڪري، ماڻهن ۾ ڪيئي غير متوقع اَنومان ڪيا پي ويا. شڪر جو اياز اهڙين ڳالهين تي بروقت احتجاج ڪندي، مذاحمت ڪئي ۽ چڻ دانهن ڏيندي چيائين، "هي وري ڇا ٿا لکن پيا. مونکي اهو پسند ناهي." "توهان اهڙين ڳالهين تي ڌيان ئي نہ ڏيندا ڪيو." مون دلجاءِ ڏيڻ واري نوع ۾ ورائيو. پر تڏهن بلاشڪ تہ اياز تي اِنهن ڳالهين جو دل تي گهرو اثر وڌو هو. آخر ڪيئن نہ وٺي ها. نيٺ بہ تہ هو انسان آهي.

هري موٽوانيءَ جي حيدرآباد اچڻ تي اياز جي ان احتجاج جو ذڪر ڪيم تہ هن کلندي ٻڌايو تہ "اياز ان قسم جا "پيانڪ" ايڊيٽوريل لکڻ تي اڳ ئي ڪيس هلڪي چَنڊ ڪڍي چڪو آهي." جنهن جو "پراشچت" ڪندي هن ڪيس ساندهہ بہ ڪلاڪ پنَ ۽ جنگهن تي زور ڏيئي سندس ڪاوڙ کي ٿڌو ڪري ڇڏيو."

بهرحال، جيڪو نفسياتي اثر اياز تي پوڻو هو سو تہ پئجي ويو. جو خوش پوش اياز، پنهنجا ويس وڳا ترڪ ڪري هڪ ئي وڳي ۾ ڪٽي سنياس ورتو. اهڙو اظهار موڏانهن اماڻيل هڪ خط ۾ ڪندي لکيائين،

"مون کي ڪپڙي لٽي، کاڌي پيتي ۽ آس پاس جو ڪوئي احساس نہ رهيو آهي... الائي مونکي ڇا ٿي ويو آهي. مونکي ڪافي سوٽ آهن. جن مان ڪجهہ تہ نوان رکيا آهن. پر پوءِ بہ مان ساڳي سوٽ ۾ مهينن جا مهينا هاءِ ڪورٽ ۾ ويندو رهيو آهيان... ڪيترين ئي نيڪ ٽاين هوندي، ساڳي، ڪاري ٽاءِ پائي ويندو آهيان..."

انهن مڙني ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو تہ هو هر وقت پنهنجي شاعريءَ وسيلي "موتيالاجيءَ" جا راڳ آلاپڻ لڳو، جن سندس پرستارن ۾ هيڪاندي هاءِ گهوڙا مچائي ڏني تہ "گهوڙا ڙي اياز ويو ڪي ويو..." پر اِنهن سمورن نياڳ ۽ ڪروڌ تي مشتمل انديشن ۽ وسوسن کي ان مهل، بريڪ لڳي وِيو جڏهن اياز نيون امنگون ۽ ترنگون ساڻ ڪٺي لنڊن مان تازو توانو ٿي موٽيو.

ٽيمس نديءَ وٽ ٽهلندي Own Risk (جوکم) تي وڏي دلبريءَ مان ٻبر شينهن ۽ چيتن جي وچ. ڪار ۾ ڦرڻ واريون اياز جون لاتماد تصويرون ڏسي اندازو ٿيو تہ هن جي دل ايا ڪافي مضبوط آهي، منجهس ڪيئي ڪتاب لکڻ جي ايا گهڻي سگهہ آهي... ڏکن ۽ سکن جا بي شمار گيت الاپڻ جو منجهس اڪٿ جذبو آهي.... پنهنجي ڌرتيءَ جي بي گناهہ معصوم ڪولڊرن کي، نيت ٻڇڙن هٿان ٽارچرسيل ۾ بند ڪري اذيتون ڏيڻ ۽ چوندي چوندي قتل ڪرڻ وارن ظالمن کي لفظن جي ڏنگن سان ترپائي ترپائي مارڻ جيتري طاقت آهي... هن کي ايا زنده رهڻو آهي، سنڌ لاءِ .... سنڌ واسين لاءِ....

لنڊن ۾ نڪتل، لياز جي لاتعداد تصويرن مان. هرٽين جي گهيري ۾ گهريل هڪ تصوير مونکي ايڏي تہ وڻي جنهن جي ڪا انتها ناهي، پنج ڇهہ نمائيون هرڻيون، معصوم ۽ ساده مزاج نينگرين جيان،[1] پنهنجا نفيس ڳاٽ کڻي، اياز کي ايئن گهيري ويون ڄڻ سندس وڏيون پرستار هجن. جيڪي شاعر جي عظمت ۽ لافاني حيثيت کي سڃاڻي، آٽو گراف وٺڻ لاءِ بي اختيار ڏانهنس ڇڪجي آيون هجن.

اياز جنهن مسرت ڀرئي جذبي مان پنهنجي دبئي توڙي لنڊن وارن دوستن ۽ عقيدتمندن جا احوال ٿي ٻڌايا. ان مان لڳو پي تہ کيس اُتي بيحد مانَ ۽ پيار مليو آهي. فنڪار جي ڪل ڪائنات اهو پيار ئي تہ آهي، جيڪو هو پنهنجي قلم ۽ فن ذريعي عوام سان ونڊي، انهن جي جيءَ ۾ جايون ٺو جوڙي، پر پوءِ بہ ڳالهہ مان ڳالهوڙو پيدا ڪرڻ واري "تفريح" تي يقين رکندڙ کي ادبي لابيون قلم ڪار کي بي سورو ويهڻ نہ ڏينديون. اهو تہ اديب جي سڀ ۽ مزاج تي مدار ٿو رکي تہ هو "ڪهڙي" ۾ بيهاري، پيا ڳاڇا ڪرڻ جهڙي ڳالهين کان ڀسٽرب (مشتعل) ٿئي ٿو يا نہ. اياز جي شاهہ عنايت واري بيان بابت اڄڪلهہ جيڪو بحث پيو هلي، ان جي پيش نظر پيو ڪو هجي ها تہ هٿ ٻڌي پنهنجي جند اِن "هچائي ۽ ڄچائي" نموني وارن بحثن مان ڪڏهوڪي آجي ڪرائي وجهي ها. پر اياز اهڙن بحثن تي "لِڪَ جنين جا لوهہ" وارو ڪردار نڀائيندي ايڏو تہ هِري ويو آهي، جو سندس صحت تي ڪو اثر ئي نٿو ٿئي، هو پنهنجي بيان تي اڄ بہ ساڳيءَ ريت قائم آهي. اِن "ممٿناڪ" بحث ۾ کِهلڻ لاءِ جڏهن مونکان بہ رايو ورتو ويو، تہ مان بجاءِ الجي جو ٻين وانگر ويهي سندس بيان تي عقل جون ڊوڙون ڊوڙايان، ڊائريڪٽ (سڌو) اياز سان رابطو قائم ڪرڻ وڌيڪ بهتر سمجهو. هُن ڏاڍي ڌيرج ۽ اطمينان مان ورائيو.

"اِن ڳالهہ مان منهنجي مراد ڪنهن کي ڪنهن تي ترجيح ڏيڻ هر گز ناهي. جن بزرگن همہ اوست ۾ يقين رکندي صوفي ازم†جي ڳالهہ ٿي ڪئي، انهن لاءِ مونکي وڏي عزت آهي. مون ڪنڌ نہ جهڪائڻ ۽ وڌيڪ پوڻ جي حوالي سان ڳالهہ ڪئي آهي. پتي صاحب لڳاتار ٻہ سال اذيتون سَهي قيد ڀوڳيو، پر پنهنجي قول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي اٽل رهندي ڪڏهن به آمر اڳيان پيش نه پيو. انهن ٻن سالن ۾ هو چاهي ها ته پنهنجو اصول بدلائي، جان بچائي ٿي سگهيو. سندس مقصد پڻ اجتماعي هو. جڏهن ته ايترو ڊگهو عرصو ٻين لاءِ برداشت ڪرڻ ممڪن هجي ها يا نه.... ۽ انهن جو ڪاز (ڪم) فقط هڪ روحاني ازم سان وابستگيءَ تحت هو." اها اياز جي پنهنجي ذاتي راءِ آهي ۽ منهنجي خيال ۾ ته راءِ کي ظاهر ڪرڻ جو حق، سواءِ آمر جي ٻيو ڪير به ڪنهن کان نٿو کسي سگهي.

لنڊن مان موٽڻ بعد جڏهن اياز، جويو صاحب سان ڳڏجي اسان ڏي آيو ته مختلف ڪتابن جي باري ۾ ڳالهائيندي اوچتو سندس چهري تي شوخ مُرڪ پکڙجي وئي. هن هندستان جي انقلابي مفڪر هرديال جي بايوگرافي تي تبصرو ڪندي شرارت سان جوئي صاحب ڏانهن ڏٺو ۽ ٽهڪ ڏيئي چيو. "مون هر ديال جي آخري دؤر جا ڪجهه خيال جوئي صاحب کي ٻڌايا، جي هن کي ڏاڍا وڻيا ها." اِهو ٻڌي جويو صاحب کِلي ويڙهجي ويو ۽ چيائين "وس پڇي ته ڪجي به ائين!" بهرحال، هرديال جي بايوگرافي بابت سموري تفصيلي گفتگو نهايت دلچسپ رهي، پر مان ان جي تفصيل ۾ وڃڻ کان ان ڪري ٿي ڇرڪان ته ڪٿي وري نه ڪو ڳُلم ٻري، ۽ ٻيهر نچير جا اڻ ڪٽ سلسلا شروع ٿي پون.

ساڳي ويهڪ ۾ قدرت ۽ آخرت جي بحث دوران جويو صاحب پنهنجو خيال ظاهر ڪندي چيو ته: انسان مرڻ کانپوءِ اتي ئي ختم ٿيو وڃي، جڏهن ته اياز جي راءِ موجب مرڻ کانپوءِ روح Survive (زنده) ڪندو ٿو رهي. ڪيس ان ڳالهه جو به اٽل يقين آهي ته ڌرتي، جيڪا سڄي ڪائنات ۽ انجي وسعتن ۾ محض هڪ ٽبڪي برابر آهي، تنهن تي ٿيندڙ لکين معصوم ٻارن جا موت يا بيگناهن جا قتلام، ڪڏهن نه ڪڏهن نيٺ Reconcile (ٻيهر ڳنڍبا) ٿيندا. شال سندس اِهوويساهه سچ ثابت ٿئي. بلڪل ائين، جيئن ڪهڙو وقت اڳي اياز "پؤنر پري آڪاس" ۾ لکيو هو.

ڪتين جا سوين قافلا رهگزر ۾
سفر ۾
سوين ڪائناتون
نه آغاز جن جو نه انجام جن جو....

۱۹٦۲ع ۾ جڏهن اياز جون اِهي سٽون ڇپيون تڏهن ڪنهن به سائنس دان اهڙو ذڪر نه ڪيو هو. سائنس ۾ اها ڳالهه پهريون ڀيرو پنج ست سال اڳ جي چيل آهي، جنهن موجب فلڪيات جي ماهرن هن ڪائنات ۾ اهڙا Black Holes (اونداها سوراخ) ڏٺا آهن، جن مان روشنيءَ جوگذر نه ٿو ٿي سگهي. هو ان نتيجي تي پهتا آهن ته هر بلئڪ هول جي پٺيان، بنا ڪنهن آغاز ۽ انجام جي ڪيتريون ئي ڪائناتون آهن، جي نظر نٿيون اچن، ۽ ائين ڪائناتن جو اڻکٽ سلسلو آهي.

اياز سائنسدان ته ناهي، پر وجداني طرح هن کي ان ڳالهه جو احساس

ڪيترونئي وقت اڳي ٿيو هو. جي اهو حسنِ اتفاق آهي، تہ پوءِ تہ حسنِ اتفاق آهي! جو قدرت ڪيس ڪيڏي نہ دوررس نگاه سان نوازيو آهي. جي اهڙيءَ ريت سندس پيشنگويون سچ ثابت ٿينديون رهيون تہ ان ڳالهہ جو امڪان بہ رد نٿو ڪري سگهجي تہ اڳتي هلي "شاعرِ اعظم" هئڻ سان گڏوگڏ ڪتي ڪيس "سائين ڪَرما والا" جهڙو ٺي ڪو معتبر خطاب نہ ملي پئي. تڏهن لاشڪ تہ من جون مرادون مائڻ لاءِ هر ڪنهن جي ونس ڏَڪ پئي پوندي....

ماضيءَ جي يادن کي حال جي اسڪرين تي آڻيندي، اياز اڪثر انهن ڳالهين جو ذڪر ڪندو آهي، جيڪي سندس قدرت جي معجزن ۾ وڏو ويساهہ رکڻ جو دليل آهن. ان ڏس ۾ ڪيس موت سان مقابلي ڪرڻ جهڙا ڪيترائي تجربا بہ ٿيا آهن. اسڪولي زماني ۾ جڏهن شڪارپور کي ٻوڏ جو شديد خطرو ٿي پيو تہ هو پنهنجي ڪجهہ اسڪولي ساٿين کي ساڻ ڪري، سنڌو واهہ تي هٿرادو ڳهارو هڻي، شهر کي ٻوڏ کان بچائڻ جي ارادي سان ويو. جتي پاڻيءَ جي تيز وهڪري ڪيس کِهلي تمام پري وڃي ڇڏيو. جيتوڻيڪ هو پاڻ بہ تارُو هو پر اڳيان وهڪرو بہ ڪو گهٽ نہ هئس. اها تہ سندس خوشقسمتي هئي جو هن جو هٿ، هڪ وڻ جي ٽاريءَ ۾ ڦٻجي ويو ۽ هو ايستائين واهہ تي رهيو جيستائين سندس ساٿي ڪنهن دڪان تان رسي وٺي آيا ۽ اها هن ڏانهن اڇلائي ڪيس ڇڪي ورتائون. اهڙيءَ ريت ٻين ڪيترن ئي قدرتي معجزن ڪڏهن ڪيس ڪاريهر جي ڏنگ کان ٿي بچايو تہ ڪڏهن ريل جي خطرناڪ حادثن ۽ انجيڪشن جي موتماري ايڪشن کان ٿي محفوظ رکيو.

هن ڀيري روهہ رليئي ڪرفيو سببان، نئين سال کي سيليبريٽ (ملهائڻ) ڪرڻ وارن ٻارن ٻچن جا سمورا پروگرام رلي ويا، ۽ جيسين اسانجو وڏو وزير اچي حسب معمول الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهلڻ وارا، "ٻائيچاري" جا ڪي نصيحت ڀريا نقطا ٻڌائي، حالتن کي "نارمل" ٿڌو ڪري، تيسين سوچيوسين تہ ڇو نہ ڪراچي وڃي نئين سال جا ڪي رنگ ڏسجن. پر اتي بہ نمائي حڪومت ڪن جي بليڪ ميلنگ ۾ اچي وئي هئي ۽ اُن وڏين هوٽلن ۽ ٻين اهڙين تفريحي جاين تي اڳ ئي ڀهرا ٻيهاري ڇڏيا هئا. ١٩٩٠ع جي آجيان ڪرڻ لاءِ، ڪلفٽن جي پوش علائقن ۾ ڪي ننڍا ننڍا ريسٽورنٽ ڪليل ڏسي، اياز سميت اسڪپرس 'Skippers' تي آياسين. جتي چڱي رونق متل هئي.

سال الثانوي جي آخري ڊنر ڪرڻ ڪانپوءِ ٻاهر ايندي، ڀريان ٻيٺل هڪ نوجوان جي نظر جيئن ئي اياز تي پئي تہ هو آمالڪ وڏي آڪير مان اڳتي وڌي آيو ۽ اڪين ۾ لڙڪ ڀري، ڪي قدر نمي اچي هن سان مليو. پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين، "مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊرائيور آهيان." حال احوال وٺڻ ڪانپوءِ هن نهايت عقيدت مان اياز کي چيو، "سائين اوهان وري سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر ڇو نٿا ٿيو... اسين اوهانکي ڏاڍو ساريندا آهيون. اوهانجو پروگرام ٽي-ويءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي." ڪي ڪهڙيون ساٿس ڳالهائڻ ڪانپوءِ اياز ڪار ۾ ويهندي ٻڌايو ته ڪيس وائيس چانسلريءَ واري زماني ۾ بيورو ڪريسي نه ايندي هئي، تنهنڪري وڏن عهدن وارا ته هن مان خوش نه هئا. البت هيٺيون ليبر طبقو منجهانس تمام گهڻو مطمئن هو. جنهن جو مشاهدو ان نوجوان جي روپ ۾ مون به پنهنجن اکين سان ماڻيو.

يونين وارا اياز کي شايد ته انڪري به گهرن ٿا جو هو واحد وائيس چانسلر هو جيڪو پاڻ سندن گهرن تي ويو ۽ انهن جا مسئلا ٻڌي حل ڪرايا. ان ڏس ۾ اياز هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو ته "مزورن جي يونيفارم لاءِ هر سال هڪ وڏي گرانٽ ملندي هئي پر ان مان ڪين ڪوبه فائدو نٿي مليو. انهن کي سڄي سال ۾ رڳو هڪ سستو ۽ سادو يونيفارم ڏياري جند ڇڏائبي هئي. پوءِ اها وردي نٽندي هجي يا وڏي ان سان انتظاميه ٻڌل نه هوندي هئي، مون انهن کي يونيفارم جي عيوض روڪ پئسا ڏياريا. شايد انڪري ئي اڄ سوڌو سندن دلين ۾ زنده آهيان."

ڪنهن قيمتي پٿر يا هيري جي پاڻ ءَ نه پوڻ جيان، وائيس چانسلري اياز کي گهڻي راس نه آئي پر ڪهت ۾ ڪهت "ساڏن سان سنمک ته پنهنجن سان به پورا" جهڙي دوست دشمن جي چاڻ ته ڪيس ڏيئي وئي. جيڪي پاڻ ته سُرخرو ٿي وڃي چوڏول چڙهيا. پر هن لاءِ چڻ ڏکن جو ڏيج ڇڏي ويا.... دوست ته دوست پر آهي ماڻهو به جن وائيس چانسلريءَ جي زماني ۾ هن کان ڪيترائي فائدا ورتا. انهن به پين جي ديڪا ديکيءَ ۾ ڪانئس اکيون ڦيري ڇڏيون ۽ وڏ ڪان وڏ سندس مخالفت ۾ ڳالهائڻ؛ پنهنجو اخلاقي فرض سمجهڻ لڳا. هڪ چوندو ته اياز فلاڻي فلاڻي خطا ڪاري ڪئي ته ٻيو "پرمتڙئي پوڙهي" واري جڳ مشهور قصي جيان بنا سوچ ويچار جي ۾ وکون اچا به اڳتي وڌي، انجي پُرزور تائيد ڪندو. ڪيس پڻو ٿيندو ته ايئن نه چوڻ سان ڪٿي پُٺ تي پيل يا رجعت پسند نه سمجهو وڃي... جڏهن ته اياز سنڌي پنجابي ۽ پناهگيري جو فرق رکڻ بنا، انهن سان وس آهر سدائين چڱو هلڻ جي ڪوشش ڪئي. ممڪن آهي ته اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اياز کان به ڪي پلون چُڪون ٿي ويون هجن، جو "پاورز" يا اختيارات شئي ئي اهڙي ٿيندي آهي جنهن ۾ توازن رکڻ مشڪل ٿيو پئي. هڪ کي خوش ته ٻئي کي ناخوش ڪرڻ جو ڪو نه ڪو سبب ته نڪري ئي اچي. اهو مسئلو رڳو اياز سان نه پر هر وڏي عهديدار سان اڪثر ان وقت پيش ايندو آهي، جڏهن اهو مسڪين قضا سان ڪنهن وڏي عهدي تي چڙهيو پئي ۽ ماڻهو پنهنجي "م سهو" روايت نڀائيندي ايستائين نري نه ويهندا جيستائين سندس عهدو يا اقتدار نه ڪسجي! اياز جيئن ته وڏو شاعر به آهي تنهنڪري شايد ته اهڙن معاملن ۾ وڌيڪ نمايان ٿي لڳو. پر مجموعي طور ڏسجي ته هو پنهنجي هلت چلت ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي هر انداز مان نهايت مهذب ۽ سانيتڪو انسان آهي. "ادبي ساڻدن" وارو ڪوبه رنگ هن تي چڙهيل ناهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتري قدر مون کي خبر آهي تہ علمي ادبي شخصيت هئڻ جي حيثيت ۾ اياز کي تعليم ۽ ان جي معيار وڌائڻ جي سدائين اون رهندي هئي. جيڪر کيس اهڙي ذميواري پوريءَ ريت نڀائڻ جو موقعو ڏجي ها تہ اسان وٽ هڪ پيڙهي ٿي سهي، پراها يقينا چڱي نموني تعليم حاصل ڪري، عملي دنيا ۾ قدم رکي ها ۽ انجو سهرو لاشڪ تہ اياز جي سِر هجي ها. چاڪاڻ جو هن ڪانپوءِ اِها سابقي سنڌ يونيورسٽي جيڪا اڄڪلهہ ملڪي سطح تي بند يونيورسٽيءَ جي نالي سان وڏيڪ سڃاتي وڃي ٿي، تنهن جي بچاءَ ۾ ڪيترائي ڪک چو نہ رکجن، پر حقيقت اِها آهي تہ هو پنهنجو معيار گهٽائي چڪي آهي.

اياز جي ڏينهن ۾ تہ سنڌ يونيورسٽي جڻ اديبن جوگڙهہ بڻجي پئي هئي، جنهن ۾ چڱا ليکڪ ۽ ليکڪائون مختلف عهدن تي نظر اچڻ لڳا. ان ڳالهہ جو اياز کي بہ احساس هو. هڪ ڀيري مشڪندي چيائين، "رڳو تون ئي يونيورسٽي کان ٻاهر آهين، باقي تہ تقريباً سمورو لڏو هت Job (نوڪري) ٿو ڪري."

جواب ۾ مان رڳو مرڪي پئي هئس، البت اهو ضرور سوچيم تہ منهنجي طبيعت ۾ جيڪر ڪو "جاب آلو" رجحان هجي ها تہ ٻين جيان اياز جي اقتدار مان ضرور فائدو حاصل ڪريان ها. اِها سندس تعليم ڏيارڻ سان دلچسپي هئي جو هن مونکي گهر ۾ ويٺل ڏسي نہ رڳو ايم- اي ڪرڻ جي آڇ ڪئي پر ايڏي پنڌ تي اچڻ وڃڻ جوبندوبست پڻ ڪري ٿي ڏنو. ان ڳالهہ کي مان پنهنجي قسمت جي تہ نہ. باقي طبيعت جي ڪوتاهي ضرور چوندس جو مونکي ڪورس جي ڪتابن سان ڪڏهن بہ ڪا دلچسپي نہ رهي آهي ۽ ايم –اي†اسان تہ جڻ خدا واسطي جو ڪو وير ٿي لڳم. بي–اي†ڪانپوءِ بجي سٺون سڌو Ph.D هجي ها تہ اُها بہ گريجئيشن جيان ئي پرندي سڙندي ڪري وٺان ها. باقي ايم- اي†ڪرڻ جو تہ منهنجو ڪو ارادو ئي نہ هو. ڪڏهن جي آتم ڪٿا لکڻ جو وجهہ مليو تہ ايم- اي†نہ ڪرڻ جا نرالا سبب ضرور ظاهر ڪندس. بهرحال، يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري يا ايم- اي †جي ڊگري نہ سهي، پر اياز جي مهربانيءَ سان سنڌالاجيءَ ۾ سينڊيڪيٽ جي ميمبر بنجڻ جو مکي ڏينهن سو شرف ضرور حاصل ٿيو.!

سنڌ جي لازوال عظمتن کي اياز پنهنجي غير فاني تخليقن تجربي، آزمودي، مشاهدي ۽ وسيع مطالعي سان نہ رڳو سدائين اُڀتي وڌڻ جو حوصلو پئي ڏنو آهي، پر ڪيترن ئي ذهنن کي وسعت ۽ عظمت بخشي، انهن ۾ جوش، جذبو ۽ اُمنگ پيدا ڪئي آهي تہ جرئت پريا قدم کڻي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جي سگهہ بہ ڏني آهي. هوسنڌي ادب جي هڪ نرالي ۽ منفرد شخصيت آهي، قدرت کيس جنهن لافاني ذات سان نوازيو آهي، اُها هن لاءِ ڪيترن ئي ڏکين مرحلن مان لنگهڻ جو ڪارڻ پئي بڻي آهي پوءِ بہ هو ادب جي راهن ۾ سدائين ثابت قدم رهيو آهي.

شال اياز وڏي ڄمار ماڻي ۽ نت نوان ڪتاب لکي پڌرا ڪندو رهي، پر جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو نہ هوندو، مان نہ هوندس، اوهان مان ڪوبہ نہ هوندو... صديون لنگهي ويندّيون.... تڏهن شاهہ لطيف سان گڏ، سندس شاعري، تاريخ بڻجي ويندي، سنڌين جي سک ۽ پيار جي تاريخ... سندن رنگا رنگ ورثي جي تاريخ، سکهہ ۽ ڏاکوڙ جي تاريخ... اهڙي تاريخ جيڪا پاڻ دهرائيندي رهي آهي، هڪ ڀيرو پاڻ کي ٻيهر ورجائي، اياز جي شاعريءَ تي آبد تائين امرتا جي ڇاپ هڻي ڇڏيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوپٽي - ر - هيرانندائي

ڏات - ڏٺي شيخ اياز

پهريون ڀيرو جڏهن شيخ اياز هند ۾ آيو هو ۽ مون اُنجي واتان سندس شعر ٻڌو، تڏهن مونکي ائين لڳو، ڄڻ والئيءَ جي گنگا سندس مک مان نڪري، گڙ گڙ ڪندي اٿي وَهي هلي آهي.

نما شام جي ويل هئي. منهنجي گهر جي ڪڏ تي ڪبوتر ائين‌ءَ شام جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾، سٽ ڪن ليڪڪن. شاعرن جي وچ ۾ فرش تي ويهي ڪوي- اياز پنهنجو شعر پلٽي رهيو هو. هڪ شاعر جي عظمت، سنڌي شعر جي قوت ۽ شبدن جي شڪتي، مون اُن وقت پهريون ڀيرو ئي محسوس ڪئي هئي. اياز جو شعر هو يا لفظن جو سيلاب؟ گيتن جا چشما هُئا يا آواز جي ندي؟ سنڌي ٻوليءَ جي سناتن ڪونج هُئي يا ڪويتائن جا قالين؟ چئي نه ٿي سگهان.

ان بعد اياز جو نثر توڙي نظم پڙهيو اٿم. هڪ پڪي پختي شاعر جو نثر به اعليٰ نثر نويس کان گهٽو اوچو ٿيندو آهي. ٻوليءَ جا سڀ اندرلئي رنگ هو استعمال ڪري سگهندو آهي. زبان جا سڀ سُر ۽ تال ڪيس معلوم هوندا آهن. اياز جي آتم ڪٿا "جڳ مڙيوئي سپنو" مان ٻه چار جملا پڙهي ڏسو،

"هن کي خاڪي وردي ڪفن کان وڌيڪ ڪنبائيندي آهي. ٿاڻو گهاٽو آهي، جو اُبوئين رت ڦڙي ٻه چوسي ٿو وٺي. پوليس ان لاءِ نه آهي ته پوري جاچ ڪري ۽ انصاف لاءِ پاڻ پتوڙي، خون ٿيو، ڌاڙو لڳو، رَنَ ڀڳي يا زوريءَ ڪنئي ويئي، ڪنهن جي پونگيءَ کي باهه ڏني وئي يا مال جي چوري ڪئي وئي، فرياد پوءِ لکي ويندي، پهرين ٿاڻي منشي/ جمعدار/ صوبيدار کي رشوت ڏيئي پوندي. فريادي توڙي سچو هجي، فرياديءَ کي ڀُنڊ ۾ ڪجهه هجي نه هجي، ڀُهه ڀُنو وڪڻي، پاڙو اوڙو پني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرض پکو ڪٿي، ڪٿان بہ آڻي، پر ڏئي ضرور. پوءِ پوليس واردات تي ايندي تہ ڳوٺ ۾ ناڪوڙو پوندو."

اياز جي "ساهيوال جيل جي ڊائري" ڪتاب مان بہ سندس اعليٰ نثر جي ڄاڻ پوي ٿي. پر اياز بنيادي طرح شاعر آهي. "ڀؤنر ڀري آڪاس." "ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" - "لڙيو سج لڪن ۾" - "ڪلهي پاتر ڪينرو" وغيره شعرن جي ڳٽڪن ۾ اياز دوها، گيت، وايون، غزل، نظم، بيت ڇپيا آهن.

شروعاتي شاعر، اياز ۾ جذبات جو سيلاب جان تان تِک سان وهي ٿو. هاڻوڪي شاعر- اياز ۾ پڪل ميوي جو ڳپ ۽ رس آهي. جنهن ڪري هو اڳي کان ڳؤرو لڳي ٿو. سندس ڪتاب "ڪلهي پاتر ڪينرو" (١٩٦٣ع) جي هڪ وائي ڪٿبي ۽ ساڻ سان "لڙيو سج لڪن ۾" جي وائي تہ ڇنائيءَ سان معلوم ٿيندو تہ اڳوڻي ڪتاب ۾ آيل وائي هڪ جذباتي نؤجوان جي رچيل آهي ۽ پوئين ڪتاب ۾ وائي، زمانو ڏٺل هڪ ڪروڙڊ جي رچيل آهي. مثال طور؛

رهندي جيون جي جهرٽي ۾، هن جندڙيءَ جي جهانءِ،
آلا مـــان اڏري ويـــنـــدوســـانءِ.
ڳائي منهنجا گيت پيو، پو مون کي ياد ڪجانءِ،
الا مـــان اڏري ويـــنـــدوســـانءِ.

(ڪلهي پاتر ڪينرو)

ســـاريم ســـڀ جمـــار، پـــرت ونـــدن جا پـــار،
ڏنـــي لـــهـــنـــدم ڏڪـــڙا.
اڪـــڙيـــن جُهـــڙ جهـــمـــي پـــيـــا، آئي مـــند مـــلـــهـــار،
ڏني لهندم ڏڪڙا.

هر هڪ شاعر پنهنجي وقت جو آواز آهي. هنجي شعر ۾ زمان حال جا چتر بلڪل چٽا ٿين ٿا. جنگ جو ذڪر ڪندي اياز چوي ٿو؛

برسيا مٿان بم- دونهين سان دانهون آٿيون،
ڏاري ويا ڏيهـــ کـــي - چيـــري ويـــا چم،
آڙي او آدم، هَيـــا! هـــي؟ ڇاڻـــو ڪـــريـــن!

هاڻوڪي زماني ۾ ماڻهن جو وهنوار ڪيئن آهي، اُن بابت چوي ٿو؛

ڪـــنـــهـــن تـــي ڇاتـــو، اي انـــســـان،
تـــوکـــي ڪَهـــنـــدو تـــنـــهـــنـــجو پـــا!!

کهڙي نہ سادي سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام سولن لفظن ۾ اڄ جي وِنجوڳ جو چِٽ چٽيل آهي!

هاڻوڪي زماني ۾ سڀ پئسي کي پوڄين ٿا. اَڄ ناڻي واري جي ئي عزت آهي ۽ هنجي ٻهڄ ۽ هلندي آهي. شاعر پئسي کي، ڪلجگ جو ڪرتار ٿو سڏي ۽ چوي ٿو؛

"هر ڪنهن ڪاڻي کي راڻي جو روپ ڏنو ڪلدار!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعر جو شعر، چرچي جو چرچو ۽ زماني جي روپ جو چٽ جو چٽ! وهنواري دنيا ۾ اڄ "هن دنيا ۾ ڪيئن نہ پنهنجا، هڪ ٻئي لاءِ پراوا آهن!"

اياز کي سنڌين پيار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هُنَ سنڌ ۽ سنڌين کي پيار ڪيو آهي. جڏهين عابده پروين دل جي گهري جذبات مان اياز جو گيت ڳائيندي آهي؛ تڏهن سنڌ، سنڌي شاعر اياز ۽ راڳ جي راڻي عابده ٽيئي ملي هڪ ٿي ويندا آهن!

اياز، لطيف ۽ سامي، راجا ڏاهر ۽ هيمُو، سنڌ جي اروڙ ۽ ڪارونجهر مطلب تہ سنڌ جي ڌرڙي ۽ سنڌ جي چپي چپي کي پيار ڪيو آهي. هُن لاءِ سنڌ جي ڌرتي پاڪ پوتر ۽ پياري چيز آهي.

تنهنجا پير چُهانِ، ڌرتي، منهنجي مائڙي!
پاڪر پايان پاومان، ماٿهوءِ ماٿهوءِ سان.

هتجي ڪنهن شعر مان سامي ليئا پائيندو آهي تہ ڪنهن مان شاهہ لطيف؛

ساڳيو سامي ڪاپڙيو،
جنهن جا گيڙو گيت سٺيام.

(ڪَلهي پاتم ڪينرو)

سنڌڙي! تنهنجي سينڌ ڏسي،
رات پيٺائي گهوٽ رُنو.

(ڪَلهي پاتم ڪينرو)

جنم جنم جي جيت اياز،
شاهہ، سچل، سامي ڪجهہ نام.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي هيٺي حالت ڏسي شاعر چوي ٿو؛

وِڌوا جو مرڙهہ آهہ اَدب،
اجڪلهہ سنڌي ٻوليءَ جو!

سنڌ جي راجا ڏاهر تي فخر ڪندي آکي ٿو؛

راجا ڏاهر
تنهنجون نياڻيون
سَهڻيون سياڻيون
ڪنهن هِتَن آنديون
مانديون! بانديون!

اياز شاعر آهي. ڪوبہ شاعر پنهنجي ڌرتي جو دشمن نہ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ شاعر جذبات وهيٺو آهي ۽ جذبات دل جي ڏارا آهي. انسان جو دماغ پل ڪيڏانهن بہ پيو وڃي، پر دل جي جذبات ۾ صداقت ٿئي ٿي. ان ڪري ٿي هو چوي ٿو؛

آءُ ڪنياتا آءُ ، ڏي ڪا سَڏ ساٿيهہ جي،
ڪوئي واءُ سواءُ، سانگين جي سرچاوَ جو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر اُهو انسان آهي، جنهنجو ڪوئي مذهب نہ ٿو ٿئي. اياز چوي ٿو: "منهنجو مذهب ماڻهپو." اياز جي ٻولي مذهب جي پابندي ٽوڙي چوي ٿي:

مـــــن راڌا جو روپ نـــــہ آهـــــي،
تـــون تـہ اِهـوئـي آهـين شـــيـــام.
شـــو جو ســيـس نـہ- ٺـهـنـدڙ نـانـگ،
تـــو ۾ آيـــا ڪـــيـــئـــن ڪـــلام.

OOO

دل تـــہ چوي ٿـــي ســـارا ويـــچا،
پـــاڪـــر پـــائـــي رک ڪـــريـــون هـــا،
ســـانـــگ ســـيـــاســـت جا آهـــن جي،
تـــن ڪـــي ڪـــانـــا ڪـــک ڪـــريـــون هـــا.

شاعر فيلسوف ٿئي ٿو. حياتيءَ جي پروليءَ ڪي سلڻ لاءِ هو گنڀير بڻجي وڃي ٿو. ڪيس اِها ڄاڻ پئجي ٿي وڃي تہ سندس اندر ۾ ڪير وينو آهي، جو پيو ٻوليون ٻولي!

تـــون جو مـــون ۾ ويـــنـــو ڳـائـــين،
مـنـهـنـجي مک مـــان گـــيـــت چوائـين
مـنـهـنـجي پـــيـجري ۾ ڀَرَ ســـاهـــي،
اُڏري ويـــنـــديـــن پـــيـجرو ڊاهـــي!

يا

ٻوبان پير ڪري جو آيس، گهمي گهٽيون ۾ گهات،
ڏنم تہ لانديءَ اوٽ ڪڙو آن، جهلي ولهيءَ جي وات.

ائين پيو لڳي ٿو، رابندر ناٿ ٽئگور سنڌيءَ ۾ پيو ڪوتا چوي! سنڌي صوفيٺوءَ هندي ڇايا واد ٻئي اياز جي شعر ۾ ملي هڪ ٿي ويا آهن.

هڪ سناتني رشي يا هڪ مست صوفي جيئن آکي تيئن ئي اياز چوي ٿو:

هيءُ دروازو اڄا تو لئہ کُليل آهي،
۽ اڄا تائين تہ مون ڪي ننڊ ناهي.
۽ ائين تولئہ اُجاڻل،
ايترو ترسي سگهان ٿو،
جيترو ڪوئي نہ ترسي...

(ٻڙ جي ڇانوَ اُڳي ڪان گهاٽي)

ڀر شاعرائيون وصفون ڪنهن ۾ ڪيتريون بہ هُجن، مڪيہ ڳالهہ اِهائي آهي تہ ٻهرين هو شاعر هجي. شاعر، جنهن کي ذات مليل هجي. شاعر، جنهن جي جذبات کي نديءَ جهڙو وهڪرو هُجي، نديءَ جهڙي اُجل هجي ۽ جا نديءَ جيئان ئي خود بہ خود ٽپ ڏيندي وهندي هلي! اِها اُجل ڪڏهين پيار جي رنگت ٻسائي ٿي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُونج وانگر تو قِران مان،
تي ٻَڌين ڪِرلاءُ منهنجو؟
(ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان ڪهاڻي)
مان ۽ تنهنجي سار
سڀُو وڄ سُرندي
وڃي ويرو تار.
(ٻڙ جي ڇانو اڳي ڪان ڪهاڻي)
اياز قدرت جي سونهن جو عڪس ڏيکاري يا انساني سونهن جو، يا هو جذبات جو چتر چٽي، هنجو بيان ۽ ان بيان جو انداز بس مخصوص اياز جو انداز ئي آهي.
رات ملي وينجهر جي ڏيءُ،
جنهنجون اکڙيون هيري-ڪاڻ.
○○○
ڪي ڪي اکيون اوپريون، توڙي ڇاڻ سُڃاڻ،
ڪي ڪي اکيون آرسيون، جن ۾ نينهن نياڻ!
○○○
چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي پوٽي جيان ڇڻ تون هُئين،
يا سڱنڌن ۾ پڙيل ڪنهن واءُ جي جهوٽي جيان، ڇڻ تون هُئين.
○○○
پنهنجي پيار جيان،
پوپٽڙو، رت- پنکيو،
تنهنجي سار جيان!
○○○
سنڌ تي نڪري اچين،
ڪاش! تون پنهنجي دران،
ڪاش تون ويجهي هُجين!
○○○
شاعر جي ٻوليءَ ۾ چوان ته آياز جو شعر صاف ڪُوزي ۾ اوتيل مئي آهي. هنجو شعر شفاف جهرڻي جي پاڻيءَ تي پوڪيل آنگور جي رس آهي. اياز جي ڪلپنا چوي ٿي ته ساريءَ ڪائنات ۾ هڪ نشو آهي.
تا ستارا لڙکڙائن،
عرش تائين آ خمار.
۽ مان چوان ٿي ته اياز جي شعر پڙهڻ سان پڻ اهڙو خمار چڙهي ٿو، جو پڙهندڙ جو سڄي جو سڄو وجود لڙکڙائيندو رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امداد حسيني

جي تون سرجڻهارُ، جيءُ انوکو جَڳَ ۾

"هو توکي لوڻي رهيا آهن ۽ تون چپ آهين! پٽر کي چوڻيءَ تان هيٺ ڏکبو آهي تہ ان ۾ جان پنجي ويندي آهي."

(پتڻ تو پور ڪري، ص ١٤٦)

هن ڌرتيءَ تي نبين ۽ اوتارن جي آمد جو سلسلو ڪڏهوڪو ڪپجي چڪو آهي، آسماني صحيفن جي نزول جو بہ ڪڏهوڪو خاتمو اچي چڪو آهي، اهڙيءَ صورتحال ۾ جڏهن بہ ڪنهن قوم تي ڏکيا ڏينهن ايندا آهن ۽ اُها نگهوسار ٿيڻ تي هوندي، تڏهن، انهيءَ قوم ۾ اياز جهڙا شاعر پيدا ٿيندا آهن. جيڪي هر ڏاڍ ۽ ڌمڪاءَ سان، هر انياءَ، جبر ۽ پرماريت سان، اڪيلي سر مهاڏو اٽڪائيندا آهن،

آءُ اڪيـــلـــو ســـامـــهـــون سَٽ،
خـــنـــجـــر خـــنـــجـــر ڪـــيـــئـــي هَٿَ.

اياز، هڪ اهڙي دور ۾ جنم ورتو، جڏهن اَنا جي انڌ ۾ ورتل سياستدان، سنڌي قوم کي، پنهنجي انڌي سياست جي اَگهاڙي ترار سان، پوري وچ تان بہ اڌ ڪري چڪا هئا. اديبن ۽ شاعرن جو حال انهن کان بہ ابتڙ هو. اُهي نہ رڳو تاريخ جي بدترين غلاميءَ جو ڳٽ سنڌين جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ واري سازش ۾، سياستدانن سان ٻٽ هئا، بلڪ انهن کان بہ ٻہ رتيون ڪسر هئا. مون کي ان ڳالهہ تي سخت اچرج ۽ ڏک ٿيندو آهي ۽ ڏاڍا جک ڪائيندو آهيان، تہ ان دؤر جي رجعت پرست سياستدانن ۽ اديبن ۾، مستقبل ۾ صدين تائين گهورڻ تہ پري رهيو، ۾ ايندڙ پنجن ڏهن سالن تائين بہ گهورڻ جي سگهہ ڪانہ هئي. ۽ انهن اسان کي هڪ اهڙي گهاٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونداهي جهنگ ۾ آئي ڦٿو ڪيو هو. جي جيڪڏهن ڪا روشني هئي به، رڳو بکين بکهڙن جي اکين ۾ ئي هئي. اهڙي آڳري صورتحال ۾، اسان کي پنهنجي انهن سرجڻهارن ۽ ذات- ڏٿين ڏانهن ئي رجوع ڪرڻو پوندو آهي، جيڪي اسان جا سونهان بڻجي، پنهنجي ذات- ڏياتيءَ سان، اسان کي انهيءَ گهاٽي اونداهي جهنگ مان پار اُڪاري سگهندا آهن. انهيءَ پد تي پهچي، شاعر هڪ مصلح بڻجي ويندو آهي، جيڪو اسان کي پنهنجي شعور جي روشني بخشيندو آهي ۽ اسان کي سنئين دڳ لائي مومل جهڙي ماڳ ماڻڻ لاءِ مسلسل اتساهيندو رهندو آهي. اياز، هڪ سچي شاعر جي انهيءَ بنيادي ڪردار کان نه رڳو آگاهه آهي، پر هَن پوري سرت ۽ ساڃاهه سان، ۽ ڀرپور سگهه سان، انهيءَ ڪردار کي تخليقي توڙي عملي سطح تي نڀايو به آهي:

سگهه ڏي اهڙي سڄ، منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڀڄي تنئي ڀڄ، ته به چوان جو چوڻو هجي.

OOO

ڇڪي ساڻ ڇني، ڪڙيون تنهنجي ڪوٽ جون،
چڙهي پوري چوٽ تي، ڏنر ڀمبڇ ڀني،
مون کي ذات ڏني، اهڙي سگهه سرير ۾.

(ڪلهي پاتر ڪينرو-ص-٦)

ڏرتيءَ ڏرتيءَ تي اياز جي شاعري هڪ اهڙي گهاٽي ساڻي بڙ وانگر آهي، جنهن جون پاڙون انت- پاتال تائين پهتل ويل آهن ۽ جنهن جا ڏار اوچ- آڪاش تائين پکڙيل آهن. ۽ انهيءَ گهاٽي ساڻي بڙ جي ڇانوَ پوري پرٿويءَ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو بيٺي آهي.

اياز دنيا جو اهو واحد شاعر آهي، جنهن شاعريءَ جي سڀ کان گهڻين صنفن ۾ لکيو آهي. انهن صنفن ۾ لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ جديد ترين صنفون اچي ٿيون وڃن. اياز، روايتي دؤر جي صنف "غزل" کي به ورتايو آهي:

اي اسيرانِ شب پڌو مون کان،
ڪنهن جي زلفن جو داستان هان مان

OOO

دامنِ ترتي وڃ نه اي واعظ،
چشمِ فطرت جو رازدان هان مان.

(يونر پري آڪاس، ص-٢٢٥)

اياز وٽ انهيءَ روايتي غزل اڳتي هلي "گيڙو ويس غزل" جو روپ ڪيئن ڌاريو، يا اياز جي شروعاتي "وائي"، جيڪا عربي، فارسي بحر تي آڌارڪ هئي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي زمانن جا ضميرا
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

انهيءَ هائوڪي صورت اختيار ڪرڻ ۾ ڪهڙا مرحلا طئي ڪيا؟ اهو هڪڙو الڳ ڀرپور موضوع آهي. اياز جي سرجيل هر صنف تي الڳ سان لکڻ جي بيحد ضرورت آهي، پر اهو ڪنهن ٻئي ڀيري. مان رڳو اهو ٿو ٻڌائڻ گهران، ته اياز نه رڳو سڀ ڪان گهڻين صنفن تي لکيو آهي، بلڪ هن ڪيترين مرده ۽ متروڪ صنفن کي نئين سر جيئاريو، رائج ڪيو ۽ مقبول پڻ بڻايو آهي. گيت، دوهو، بيت، وائي.... سنڌي شاعريءَ جون بنيادي ۽ اهم صنفون آهن. اياز، انهن کي ڀيهر اهو رتبو عطا ڪيو، جنهن جون اهي حقدار آهن– ۽ اياز جي هٿ– ڇهاءُ ۾ اها پارس واري خاصيت آهي، جيڪا لوهه کي سون ڪري سگهندي آهي. ان سان گڏگڏ اياز نيون صنفون، نوان گهاڙيٽا ۽ نئون ردم به سنڌي شاعريءَ کي عطا ڪيو آهي. مثال طور، "روح رهاڻ" (اپريل ١٩٦٧ع) ۾ ڇپيل سندس مجموعي "هي گيت ايايل مورن جا" جي هيءَ صنف/ گهاڙيٽو:

طرو وڏو آبـــا جو،
ڇَرو وڏو آبـــا جو.

"مزدور ٻار جو گيت" جي عنوان سان اها اسان جي لوڪ– ردم تي آڌارڪ آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ صنف هيٺان نوٽ ۾ انهيءَ کي ڇند ۽ فارسيءَ جي ڇٽن بحرن تي پورو ڊيڪاريل آهي، پر انهيءَ صنف جو بنيادي بحر وري به ڇند ئي آهي، يعني هر سٽ ٻارهن ماترائن جي. بهرحال، ان مان اسان کي عربي– فارسي عروض ۽ ماترڪ– ڇند بابت اياز جي گهري ڄاڻ ۽ انهن تي اياز جي مضبوط گرفت جو قائل ٿيڻو پوي ٿو. لوڪ–ردم، ڪلاسيڪل–ڇند ۽ روايتي دور جي عربي–فارسي عروض جي گهري ڄاڻ جي ڪارڻ ۽ انهن جي صحيح اپيوگ سان ئي اياز ايڏا سندر، سرل، سجل ۽ سڦل تجربا ڪري سگهيو آهي. "طرو وڏو ابا جو" واري صنف کي ئي جيڪڏهن ڪنجي، ته ان ۾ چار عربي–فارسي بحر ۽ هڪ هندي–سنڌي ماترڪ ڇند، ڪل پنج بحر ڪتب آندا ويا آهن. انهن پنجن ئي بحرن جو ردم ساڳيو آهي ۽ اياز انهيءَ ردم ۾ سٽن کي اهڙي ته جڙاءُ سان جڙيو آهي، جو اصل جيءَ ۾ جڙجيو وڃن:

هـــٽ ڇگا آبـــا جا
نـــٽ ڇگي امـان جي
ٻيـچ ڇگا آمـــان جا
ڇيـــچ ڇگي ابـــا جي
پيٽ برو سيـٺ جو
پيٽ ٻَرو سيـٺ جو

("روح رهاڻ" اپريل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ٻولن ۾ ناچ-ڌن واري ڪيفيت آهي.

اياز پنهنجي پوري شاعريءَ ۾ "ردم" کي ايڏي تہ مترتا اسان سان جي آڏو پيش ٿو ڪري، جو اُن کي پڙهندي، تحت اللفظ توڙي ڳائيندي ٻڌندي، اسان جي پوري آتما اُن مترتا سان لين ٿي ٿي وڃي.

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ اياز وٽ جيڪو سٽن جو سنگ، لفظن جو جڙاءُ ۽ لَيءِ جو لڳاءُ آهي، اهو سڀ کان اول پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي پنهنجي منڊ ۾ منڊي ٿو ڇڏي. جيئن جوئي صاحب "هي ڪيت اُڇايل مورن جا" جي مهاڳ ۾ چيو آهي تہ:

"ايتري قدر جو ٻڌڻ سان ڪلام جي فڪري مواد ڏانهن ڀرين ڏيان ئي نٿو وڃي."

("روح رهاڻ" اپريل ١٩٦٧ع ص-١٠)

پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي، جيڪا لعل پشپ ورتي آهي تہ:

"اياز جي شعر ۾ ويچار گهٽ آهي. ڀاونا وڌيڪ آهي. ترنم ۽ انداز بيان گهڻو آهي. لفظن جو جادو گهڻو آهي...."

("چيتنا" ص-٦١)

مان تڏهن بہ لعل سان ان تي سَهمت نہ ٿيو هئس. جهرڻي تائين پهچڻ کان پهريائين، توهان کي جهرڻي جي جهانءِ تائين اوس پهچڻو پوندو آهي ۽ جيئن جيئن توهين جهرڻي کي ويجها پوندا ويندا آهيون، تيئن تيئن اها جهانءِ وڌيڪ ڇتي ٿيندي، گونجندي، ٻَرندي، نيٺ گجگوڙ ۾ تبديل ٿي، توهان جي وجود جي اندر توڙي ٻاهر پڙاڏجندي رهندي آهي. اياز بہ "انهيءَ ساڳي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگورن جون ولڙيون پوکي، اُن جي رس مان هيءُ ميءُ جوڙي آهي. تون انهيءَ مان چُڪي چکي تہ ڏس شايد اها توکي امر ڪري ڇڏي."

("ڪُلهي پاتم ڪينرو" ١٩٦٧ع ص-١٠)

ڪنهن بہ اعليٰ شاعريءَ ۾ سُر ۽ معنيٰ "سڏ- پڙاڏي" وانگر ئي آهي. ٻنهي کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. اصليت وري بہ "سڏ" (معنيٰ) کي ئي آهي. ان ڏس ۾ خود اياز جي راءِ اسان لاءِ املهہ ۽ اهم آهي:

"مون شاعريءَ ۾ فن کي اوليت ڏني آهي. پر منهنجي شاعري مقصد کان ڪڏهن بہ خالي (عاري) نہ رهي آهي."

(ٽي-وي پروگرام "شهرِ وفا، ٢٧-١٢-١٩٨٩ع)

آ گدري جي ڦار، امان!

اياز وٽ فن ۽ فڪر، سُر ۽ معنيٰ جو حيرت انگيز سنگم آهي. اندروني قافئي، تجنيس، مختلف بحرن جي آميزش، شبد، ٻولن جو ورجاءُ، سٽن کي ننڍي- وڏي ڪرڻ سان، هونئن ردم/ گهاڙيٽي جو سرجڻ ٿو ڪري:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ ڳدري جي ڦار، امان!
اڄ پورو ناهي چنڊ– اسان کي ٻک به ڏاڍي آ!

OOO

ڪالهه ڏٺا پوتار
ميڻن جا وار
ته به ٽي اڃا ها!

OOO

هونءَ وڏيرو هِل ڙي!
ڏاڍي جو ڏمڪار، ته هن جي جهرڪيءَ جهڙي دل ڙي!
هونءَ وڏيرو ڏَپ ڙي!
ڪيئن نه ڪچهريءَ ۾ ايندو لائي سَرهي لَپ ڙي!
پنهنجي ريتي راندڙي!
لال جهنڊي جي اڪتان ڏاڍو ميرجي ٿو هُو ڏاندڙي!

انهن ڪوتائن ۾ جيڪو مقصد آهي، ردم اُن تي حاوي نه، پر ان سان رلمل آهي ۽ ان کي وڌيڪ گهري بڻائڻ ۾ مدد ٿو ڏئي. آ ڳدري جي ڦار...“ ۾ جيڪو ”ٻک“ جو احساس آهي، ان کي اسين لتوائي نٿا سگهون. ”ڪالهه ڏٺا پوتار...“ طرو وڏو ابا جو“ ۽ ”هونءَ وڏيرو هِل...“ ۾ پڻ ساري قوتن سان شديد بچان ۽ ڏڪار جو جيڪو اظهار آهي، اُن کان ڪن لاتار ممڪن ئي نه آهي.

”هونءَ وڏيرو هِل ڙي“ جي آخر ۾؛
پنهنجي ريتي راند ڙي،
جو ته وڏيرو ڏاند ڙي،
جو ورجاءُ ان ڪوتا کي وڌيڪ بامعنيٰ ٿو بڻائي.

مٿي مون عربي- فارسي بحر تي اياز جي مضبوط گرفت جي ڳالهه ڪئي آهي. عربي- فارسي بحر ۾ جتي ڪجهه رعايتون مليل آهن، اتي انهيءَ ۾ ڪوڙ پابنديون به آهن. انهيءَ ۾ سڀ کان وڏي پابندي آهي، رڪنن جو پورائو. مثال طور، فاعلاتن آهي، ان ۾ رڪنن پٽاندر ئي لفظ فٽ ڪرڻا آهن: ”جوڙو-اڪي-جوڙو جوڙو- ان کان ٻاهر ناهي نڪرڻو. انهيءَ پابنديءَ کي شعوري/ لاشعوري طور تي ڪافي ڪو شاعرن ٽوڙيو. ڇاڪاڻ ته سنڌي شاعريءَ جو مزاج سُريلو آهي، تنهنڪري ڪافيءَ ۾ انهيءَ بحر کي به سنڌي شاعريءَ جي سُريلي روايت پٽاندر ئي ورتايو ويو. پر انهيءَ بحر کي مڪمل طور تي سنڌي مزاج سان ٺهڪائڻ لاءِ جس وري به اياز لهڻو. اهو صحيح آهي، ته مُهڙ ۾ خود اياز جي شاعريءَ ۾ انهن رعايتن جو ولهو ملي ٿو؛

”ڳاءِ پيـارا ڳاءِ! هيءَ دروديوار ناهي پايدار
ڪهڙي پياري رات آ!“

(پور پري آڪاس“ ۱۹۸۹ع ص-۹۱)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تــــرس اي حـــــــــــــنِ ازل!
اڄ تہ منهنجو روح رڃجي ٿي نٿو!"

(پونر پري آڪاس، ص-٩٢)

عربي- فارسي بحر جي انهن رعايتن جي واهپي کي اياز جائز پڻ سڏيو آهي:
"مان وائي، نظم، آزاد نظم، قطع ۽ غزل ۾ زير اضافت، همزه اضافت... جو محدود استعمال اعتراض جوڳو نٿو سمجهان."

(پونر پري آڪاس- پيش لفظ ص-٣)

۽ ان جو ڪارڻ پڌائيندي، اياز ساڳئي صفحي تي سنڌي زبان ۽ شعر تي فارسي ۽ اڙدو زبان ۽ شعر جي ڪافي اثر جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو ٻن سون سالن تي محيط آهي. مون ٻهرين بہ چيو آهي، تہ عربي- فارسي بحر ۾ اهي جائز رعايتون آهن- ۽ اياز جي ٿهيءَ کي ويجهي ۾ ويجهي شعري روايت بہ اهائي هئي، ۽ اياز انهن رعايتن کان منحرف ٿيڻ کي اسان جي ٻوليءَ جي شعر لاءِ مفر نٿو سمجهي، پر خود اياز پنهنجي پهرين شعري مجموعي "پونر پري آڪاس"۾ شعوري/ لاشعوري طور تي انهن شعري رعايتن کان منحرف ٿيڻ لڳو آهي:

ورِي ڪــونــج ڪــرڪــي
ورِي جوت جرڪـــــــــــي
ورِي چاڻ چرڪـــــــــي
اَتــي مـــيــت، ڪَرڪــي!

("پونر پري آڪاس" ص- ١٢٤)

اهو نج سنڌي لهجو آهي، ۽ اتان ٿي اياز جي پنهنجي اصل ڏانهن موٽ جو پتو پوي ٿو. ائين هو هڪ اهڙي اعليٰ ترين ڪارنامي سرانجام ڏيڻ لاءِ مستعد ٿي ٿو وڃي، جيڪو نہ رڳو هن جي پنهنجي دور کي متاثر ٿو ڪري، بلڪ ايندڙ زمانن (مستقبل جي مستقبل) کي بہ متاثر ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿو، ۽ اهو اعليٰ ترين ڪارنامو آهي:

"پنهنجي اتهاسڪ- پرمپرا سان پاڻ کي جوڙي رکڻ."

ماضيءَ جي ماضيءَ سان رشتو جوڙڻ ڪو سؤکو ڪم بہ ڪونہ هو. انهيءَ جاکوڙ جي راهہ ۾ انيڪ خطرا هئا. سڀ کان وڏو خطرو تہ اها روايتي بي تعلق دور جي ڪاهي ۽ ان جا رجعت پرست رکوال هئا، جيڪي انهيءَ اڏاري ۽ اوپري روايت جي بيٺل ۽ سينواريل تلاءَ ۾ پٿر اڇلائڻ کي ڪفر ٺهرائي چڪا هئا. سنڌ جي، سنڌين جي ۽ سنڌ جي اتهاس جي ڳالهہ ڪرڻ واري کي واجب القتل قرار ڏئي چڪا هئا:

ســـنـــڌڙي تـــنـــهـــنـــجو نـــانءُ وٺـــو،
جڻ ڪــاريــهـــر تـــي پـــيـــر پـــيـــو.

اياز وٽ فن ۽ مقصد کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري پرکڻ کي ڪابہ معنيٰ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر هتي مقصديت يا افاديت جي اُها عام معنيٰ نہ آهي، جيڪا پوري ترقي پسند شاعريءَ تي ٺاڦي ويندي آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ جنهن ردم جو ذڪر مون ڪيو آهي، اهو لوڪ- ردم اسان جي خمير ۾ ڳوهيل سوهيل آهي. اياز، انهيءَ ردم، يا اچا بہ وسيع معنيٰ ۾، تہ صنف غزل تي بہ لاڳو (Apply) ڪيو آهي، توڙي جو اُهي عربي- فارسي بحر تي آڌارڪ آهن؛

جو تـــو ايا نـــہ چاتـــو، آ ڪـيـــــر ديـــس واسِي،
تـنـهـنـجو جنم اجايـو، تـنـهـنـجي مـتـي آلـاسِي!
جي وک ڪـــي وڌائـــين، اڄ مـــــاڳ ڏور نـــاهـــي،
ڏونـڪـر ڏري پـيـــو آ، ســــاهـس تـہ ڏارِ ســـاسِي!

(”ڪپر ٿو ڪُنَ ڪري“ ص- ٣٢٠)

ايا رڄ مـــــــــان رڙ اچي تـــي اچي تـــي،
مــتـــان ايـئـن ســمــجـهين، مَـنـا مـورســــارا!

عربي-فارسي بحر جي انهن رعايتن مان لاڀ يقين پرائي سگهجي ٿو، پر اڳتي هلي اياز پاڻ بہ انهن رعايتن کي تڏي ڇڏيو آهي. لتاڙيل پيچرن تي پنڌ ڪرڻ بدران اياز پنهنجا نوان گس گهڙيا آهن؛

تون پُرجهـنـدين نـہ پـانـدي، جا لوڏ آ لـڪـن ۾،
ســــا راهـہ راهـہ نـاهـي، جا آ سِڌي سَنـوانـي.

(ڪلهي پاتم ڪينرو“ ص- ٧١)

”ڪَلهي پاتم ڪينرو“ ۾ اهو هڪڙو ئي غزل آهي، جيڪو عربي-فارسي عروض تہ ڇيل آهي ۽ ان ۾ عروض کي سنڌي مزاج پٽاندر ورتايو ويو آهي. انهيءَ ساڳئي مجموعي ۾ اياز، ”غزل“ کي ”گيڙو ويس“ پهرائي، نج سنڌي صنف جو رتبو عطا ڪيو آهي.

”وائي“ جيڪا سنڌي شاعريءَ جي اهم ۽ منفرد صنف آهي ۽ جنهن لاءِ اياز پنهنجي پهرئين مجموعي ”پونر پري آڪاس“ (١٩٦٢ع ۾، عربي- فارسي بحر جي استعمال ۽ ان جي جائز هئڻ جو جواز ٿو پيش ڪري، اُها ئي ”وائي“ هڪ سال جي وٿيءَ کان پوءِ ڇپجندڙ سندس ٻئي مجموعي ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ (١٩٦٣ع) ۾ گهاڙيٽي ۽ موضوع جي لحاظ کان هڪ بلڪل مختلف وائي آهي؛

پـونءِ نـہ آئـي پـان، آلا مـان آڏري وينـدوسـانءِ.

OOO

روزوڪـائـي، هـاءِ نمـائـي، ويـنـگـس وڃ بـزار.

OOO

پنـتـي مـوڙ مـهـارَ، الـومـيـان، پنـتـي مـوڙ مـهـارَ.

OOO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافر مومن ناهيان وو، ڪافر مومن ناهيان وو.

OOO

بادل ڙي، بادل ڙي، منهنجا نيڻ نٿا بس ڪن.

"اياز" بحر وزن، ردم جو نرماڻ ڪيو آهي؛

"عظيم شاعر بحر وزن ناهيندا آهن، بحر وزن عظيم شاعر ناهي نہ سگهندو آهي."

(اياز: "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ص-۴۱)

"اتهاسڪ- پرمپرا سان پاڻ کي جوڙي رکڻ" وارو اعليٰ ترين ڪارنامو، اياز جي ذات جوئي ڪرشمو آهي- ۽ ان جو ڏس اسان کي سڀ ڪان پهرين سڳن آهوجا ڏنو آهي. نارائڻ شيام جي شعري مجموعي "روشن ڇانورو" تي هڪ پرپور مهاڳ لکندي، سڳن انهيءَ اعليٰ ترين ڪارنامي جو کوج لڳايو آهي. سڳن انهيءَ مهاڳ لکڻ جي جوابداري پاڻ تي ان لاءِ کنئي هئي، تہ جيئن؛

"شيام کي سندس قوتن جو آئينو ڏيکاري سگهان."

۽ چاڪاڻ تہ نارائڻ شيام جي شاعري وقت جي دائري ۾ محدود نہ آهي ۽ شيام سنڌي شاعريءَ جو نهايت شاندار، روشن ۽ لازوال باب رقم ڪيو آهي، ان ڪري بہ سڳن انهيءَ جوابداريءَ کي محدود نہ رکي سگهيو آهي ۽ جوابداريءَ جي انهيءَ دائري کي هو لطيف، بيوس، اياز ۽ شيام جي حوالي سان، جديد ڪان قديم، نئين ڪان ڪلاسيڪل- اڄ ڪان ڪالهہ تائين وسيع ڪري ويو آهي. انهيءَ آئيني ۾ سڳن اهڙا عڪس ۽ اولڙا پسائي ويو آهي، جيڪي ان ڪان اڳ اسان جي نظرن ڪان اوجهل هئا. سنڌي شاعريءَ ۾ اياز جي جيڪا ڏين آهي. اُن کي سڳن "بي سجاڳي" سڏيو آهي؛

"هن (اياز) سنڌي شاعريءَ کي نئون ذهن، نئون شعور ڏنو، نئين انفراديت، نئين آفاقيت ڏني، سڀ ڪان وڌيڪ هن پنهنجي بيگاني فن ۽ شخصيت سان سنڌي شاعريءَ کي نئين ليءِ، نئين لوچ، نئون تاثر ڏنو."

(روشن ڇانورو- ص-۲)

اهو مهاڳ سڳن ۱۹۶۱ع ۾ لکيو آهي. اهو اهوئي دور آهي، جڏهن نئين سنڌي شاعريءَ جو اهاءُ تي رهيو هو. ان دور جا حقيقي شاعر، فارسيت زده اڏاري ۽ اوپري روايت ڪان بغاوت تي آماده تي چڪا هئا ۽ پنهنجي لوڪ- ڪلاسيڪل اتهاس سان رشتي جوڙڻ لاءِ شعوري/ لاشعوري طور جاکوڙي رهيا هئا. ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين رنگ- رتا گيت گونجڻ لڳا هئا؛

سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪنهبو ٿي ويندي تيسين

۽ جي ان تي منهنجي ڦلڙيون ڏات ڏسين.

("روح رهاڻ ۱۹۶۸ع ص-۱۸)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڳن آهوجا انهيءَ دؤر کي "نئين سجاڳي" (Renaissance) ٿو سڏي؛

"هن نئين سجاڳيءَ جو سرچشمو اسان جي اُن پاڪيزه جذبي ۾ آهي، جنهن جذبي جو راس اچڻ سنڌيت کي قائم دائم رکڻ ۽ ان جي قلڻ- ڦولڻ جي هر معنيٰ آهي."

(روشن چانورو، ص-۴)

۽ چاڪاڻ ته "سنڌيت" جو اهو پاڪيزه جذبو زمان ۽ مڪان جي حد بندين کان اجو آهي، ان ڪري اهو نئين سجاڳيءَ جودؤر به ڪالهه، اڄ ۽ سڀاڻي، تائين پکڙيل آهي، ۽ اياز انهيءَ پوري دؤر جو سرواڻ شاعر آهي. اهو اياز ئي آهي، جنهن اسان ۾ "سنڌيت" جو اهو پاڪيزه جذبو ٻيهر جاڳائي، اسان کي جيئڻ جو ساهس بخشو آهي؛

هي جي پٿر پٽِ، جن ۾ ڇَرِپَر ناهي ڪا،
جي تون چورين چنڊ کي، جاڳي اتن جَهتِ،
ڪونج نه پائنج ڪهتِ، پڙڪي ته پنيٺ ٿئي.

ooo

پَرجهي هر پرڏيهه ۾، ذات ڪنيم ڏيهي،
پيڙا جي هرپور ۾، ڏيهه ڏنم پيهي،
سنڌڙي تو جيهي، ڏِنِ نه آ ڪنهن ديس ۾.

("ڪپر ٿو ڪُنَ ڪري" ۱۹۸٦ -ص-۲۳۵)

هي جو ڏؤرن ڏيهه، مون کي ملهيو ڦاڄ ۾،
اهڙو ڪو سانيهه، آءٌ نه پاڻما پُونءِ ٿي.

("ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ۱۹۸٦ع ص-۱۷۰)

سنڌي شاعريءَ جي انهيءَ نئين ۽ سياويڪ لاڙي کي، "نمون ڌارائون يا رجحان" جي عنوان هيٺ، سڳن آهوجا، "نئين ڪلاسيڪل Neo-classical شاعري" جي اصطلاح سان اجاگر ٿو ڪري؛ "مذڪور نئين سجاڳيءَ جي ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ رجحان آيو آهي؛ وقت جي تقاضائن مطابق ڦير گهير ڪرڻ سان، پنهنجي ڪلاسيڪل شاعريءَ کي نئين سر جاڳائڻ."

("روشن چانورو" ص-۱٦)

پر ان ڏس ۾، جيستائين اياز جو تعلق آهي، ته انهيءَ اصطلاح کي، اجا به وسيع پسمنظر ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪندي، مون انهيءَ کي؛

"نئين- لوڪ- ڪلاسيڪل Neo-Folk-classical شاعري" جي اصطلاح سان اجاگر ڪيو آهي." سڳن آهوجا سنڌي شاعريءَ جي اُجري آئيندي جا سپنا ڏٺا هئا. ڪاش! اسان جي دؤر جواهو اهم شاعر ۽ سنڌي شاعريءَ جو اهم نقاد، اڄ اسان ۾ موجود هجي ها، ته اياز جي پوڪمل "سپني-ول" تي ساپيان جا تڙيل رنگا رنگ ڦول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَسي، ڪيڏو نہ اتساهہ ماڻي ها.

اياز جي شاعريءَ ۾ هڪ مخصوص ردم، ليءِ ۽ سُر آهي. اياز جي بيت جوڻي جيڪڏهن مثال ونجي، جنهن لاءِ خود اياز جا پنهنجا لفظ آهن تہ:

"بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي. شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ ۾ مقفيٰ شعر ۾، هر- قافيا لفظ ائين سٽ جي وچ ۾ ملندا، جيئن بيت ۾ آهن."

("پونر پري آڪاس" ص-٢)

تہ اياز جي بيت جو ڳهاڙيٽو بہ اهوئي آهي، جيڪو ڪلاسيڪل بيت جو آهي، يعني چند تي آڌارڪ، پر بيت جي هر پد ۾ اکرن جي ڳهڙت ۽ جڙت هڪ مخصوص ردم کي جنمي ٿي:

سدا ڪويل ڪنڌ ۾، سرجي ٿو ساوڻ،
برڪا رُتِ جي باک ڪا، جرڪي پمڻي چڻ،
ويشا ٿي وڻ وڻ، جهومجهمو جنهن جي جهانءَ ۾.

بيت نہ رڳو سنڌي شاعريءَ جي مزاج وٽان هڪ آڳاٽي ۽ اهم صنف آهي، پر اها هڪ ڏکي صنف پڻ آهي. ان صنف کي صحيح نموني نڀائڻ لاءِ وسيع مشاهدي، مطالعي جي ضرورت آهي، ان سان گڏوگڏ ٻوليءَ تي قدرت لازمي آهي. جيئن اياز چيو آهي:

"دراصل سٺي سنڌي بيت جي تخليق نهايت مشڪل آهي ۽ سٺو بيت اهوئي تو لکي سگهي، جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي. سنڌي بيت الهامي شعر آهي، آيت آهي."

("پونر پري آڪاس" ص-٢)

اياز، سنڌي شاعريءَ جي بنيادي، اهم، منفرد صنف "بيت" کي تصوف جي ڍير مان ڪڍي، اُجاري، نون موضوعن سان آشنا ڪري، جيڪا وسعت بخشي آهي، اهو وڙ- سُوَڙ اسين ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون:

هو جو اخبارون، ساڄهر سانجهيءَ آئيون،
ڪارنهن ۾ ڪارون، لکي ويون لوڪ جون.

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري ، ص-٢٧٠)

ooo

ڪهڪهو وڳو ڪهڪهہ ۾، ڏني جهپ جهاز،
قاتا وڏي قات سان، بمن مان آواز،
هي آزاديءَ راز، اک نہ چنيين آدميا!

ooo

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــٿـن پـاپـوڙا پـڌي، جهــاڳين پـيـــا جهـنــگ،
اڳ نـہ واسـيـنـگـن ڏنـا، ڪـڏهـن هـيـٺـن نـسـنـگ،
وڻـن وجهـي ونـگ، تـاريـن تـي ڪـــســـڪـي ويـا.
(ڪپر ٿو ڪن ڪري، ص-٢٧٧)

ooo

سنڌي شاعريءَ ۾ "قافيءَ ڪي هڪ نرالي سونهن آهي. اياز جي هونئن تہ پوري شاعريءَ ۾ پر خاص طور تي "بيت" ۾ "قافئي" جي آمئي سونهن آهي؛

مَهـــريءَ مــــٿـــان هَٽَ، لٿـــي اُس آڪـــاڙ جي،
پـنـکـهـــر ڦـــڙو نـرڙ تـان، لـهـــي پـکو نَٽَ،
مــوتـي ڪـهــڙي وَٽَ، اُن ۾ مــهــڪ نـہ منـڌ جي.
("ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ص-١٦٥)

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ "بيت" جيڪو ڪلاسيڪل دور ڪان پوءِ سگهڙن جي اڻ ڳهڙين هٿن ۾ هليو ويو هو، اُن کي اياز، نئين سونهن، سوڀيا ۽ گهرائي عطا ڪئي ۽ انهيءَ املهہ ورثي کي هميشہ هميشہ لاءِ گم ٿي وڃڻ کان بچائي ورتو. پيڙهين جي پورهئي کي وئرث وڃڻ نہ ڏنو؛

"ڪير چائي ٿو تہ پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي رت ۾ اُهو ڇا پلجندو اچي ٿو، جو اوچتو ڪنهن انسان مان اُڀري لفظ، رنگ يا پٿر کي زندگي بخشي ٿو."
(ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ص-٥٣)

۽ اياز اسان جو اهو ذات ذٽي آهي، جنهن وٽ صدين کي سٽ ۾سموهڻ جي ذات آهي، ۽ اياز جهڙي امر اتهاسڪار، جنهن لاءِ "وڏو، مهان ۽ عظيم" جهڙا لفظ بہ ڏاڍا ننڍڙا ٿا ڀاسن، تي هي ليک لکندي، مون کي اهو شدت سان احساس ٿيو، تہ اياز جي شخصيت، فن ۽ فڪر تي مسلسل ۽ پوري ڌيان- گيان سان لکڻ جي بيحد ضرورت آهي. اياز جي سنگيت ميہ ٻولي، اکر- پندار، موضوع، ڪهاڙيتا، صنفون، لهجو، تشبيهون، ڪردار، اصطلاح، جدت، قدامت، آفاقيت..... اهي سڀ اياز جي شاعريءَ جا مختلف عنوان پن پن وشيہ آهن. جن تي ڀرپور انداز سان لکي، اسين پنهنجي امر اتهاس جي اُجري آنهريءَ ۾ پنهنجو روپ- سروپ پسي سگهون ٿا؛

تـــر ڪـــان ســـوا آنءُ، مُور نـــہ تـــيـــان مـــارئـــي.

ooo

مــان ٿـي تـــر جي ريت هــان، مــان ٿـي هــان آڪــاس،
مـــان ٿـي مـــاڪ مـلـيــر تـــي، تـارن هـيـنـــان تَلَ
("ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ص-١٧٨)

ooo

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهليون پائن ڳهي، مون تي هَسَ هياوَ جو.

OOO

جڏهن ڳاتو مون، وڻ نڻ موريا ماڪ ۾.

("ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ص-١٧٥)

اياز، مقدار ۽ معيار جي لحاظ سان اهڙو ۽ ايترو ڪجهه ڏنو آهي، جيڪو اسان جي لاءِ فخر جوڳو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ سگا پاران ملهايل "سچل ڪانفرنس" پيري جڏهن اياز سان اسين ملڻ وياسين، تڏهن اياز پنهنجي نئين رچنا "الوداعي گيت" بابت ٻڌايو هو. "الوداعي گيت" پهريون ڀيرو "سهڻي" جي "اياز نمبر" ۾ اسين پڙهي سگهنداسين. ڇا "الوداعي گيت" اياز جي آخري تخليق هئي؟ ويچوڙي جو گيت! پر نه اياز انهيءَ ڪان پوءِ به سوين صفحا لکيا آهن، جيڪي سنڌي ادب جا صحيفا بڻجڻا آهن. زندگي ڪيڏي نه مختصر آهي! اياز انهيءَ مختصر زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه لکڻ ٿو چاهي. وقت تي سوڀ پائڻ ٿو چاهي؛

"مون ڪي گهڻو ڪجهه لکڻو آهي، سچ ته مون اڃا ڪجهه لکيو ئي ڪونهي آهي!"

تارا ڪجهه ترسو اڃا، اڃا ڪجهه لکان.

OOO

جي تون سرجڻهار، جيءَ انوکو جڳ ۾،
واري پنهنجي جندڙي، جوڙ اهو جنسار،
توکان پوءِ سنسار، سرس ٿئي ڪجهه سونهن ۾.

اياز جي جندڙي ڪلا لاءِ آهي ۽ ڪلا جو ڪو ڇيهه ناهي. نئين جنسار جوڙڻ وارو اياز، پوري سنسار کي جندڙي واري به سرس سونهن ڏيڻ جي چاهنا رکڻ وارو اياز، پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي امرتا ماڻي چڪو آهي؛

"... ماءُ کي ڇنڇانءِ ته بابا به سنڌ آهي. سنڌ کي ڪوئي ماري نٿو سگهي."

("ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ص-١٨)

اي چنڊ ستارو! ساڪي ٿيو،
اڄ رات لهوءَ جي ڇولڻيءَ ۾،
ڪجهه آهن منهنجون رتَ ڦڙيون،
جي گيت لڳن ٿيون ٻوليءَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي

شيخ اياز نثر نويس

شيخ اياز، شاعر طور پر سڃ آهي. پر هن جو نثر به پنهنجو مٽ پاڻ آهي، شروعاتي دؤر يعني سال ١٩٤٧ع ڌاري شيخ آياز ڪجهه ڪهاڻيون لکيون هيون، سي تڏهين ئي "سفيد وحشي" جي نالي هيٺ ڪتابي صورت ۾ آيون هيون. ان بعد اهي ۽ ڪي ٻيون ڪهاڻيون "پنهل ڪان پوءِ" جي نالي سان مجموعي جي روپ ۾ ظاهر ٿيون.

پر سندس نثر جو پهريون ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" سال ١٩٦٣ع ۾ ظاهر ٿيو، جنهن پڙهندڙن ۽ نقادن جو ڌيان ڇڪايو ۽ سيني يڪراءِ چيو ته شيخ آياز نظم سان گڏ نثر به واه جو ٿو لکي، ان بعد ته سندس نثر جا ٻيا به ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائري" "خط، تقريرون، ۽ انٽرويو" به ظاهر ٿيا ۽ "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" به پڙهندڙ وٽ پهچي ويو. ۽ پوءِ ڪتاب "جڳ مڙيوئي سپنو." هي سڀ ڪتاب شيخ آياز جي آتم- ڪٿا جو روپ آهن. جيئن جيئن ڪيس ڪي واقعا ياد ٿا اچن، اهي قلمبند ڪيا آهن، ان ڪري انهن ورقن جو ڪو سلسلو ڪو نه آهي، پر اهي ڪڙيون ڳنڍي سندس زندگيءَ جون ڪافي جهلڪون ملن ٿيون" جڳ مڙيوئي سپنو" ڪتاب بابت خود پاڻ لکي ٿو؛

"مان ڀانيان ٿو ته، مان پنهنجي شخصيت جي پوري عڪاسي ڪنهن "ڊاڪٽر زواگوا" جهڙي ناول ۾ ئي ڪري سگهان ٿو. هيءَ آتم ڪهاڻي، هڪ ڦرندڙ سٽرپين وانگر آهي. جنهن جا رنگا رنگ شيشا منتشر رنگ ۽ نقش ته بڻائي رهيا آهن، پر انهن ۾ ڪوئي تسلسل ڪو نه آهي..."

برابر هن ڪتاب "جڳ مڙيوئي سپنو." "ساهيوال جيل جي ڊائري" "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ منتشر رنگ ۽ نقش ته آهن، پر انهن ۾ ڪوئي تسلسل ڪونه آهي. جيئن وڃڻ لڪشمي پنڊت جون يادگيريون The scope of

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

happiness يا ڪملاديو چٽوپاڌيہ جو Inner recesess outer spaces يا نيرد چوڌريءَ جو The hand great anarch پڙهيا هوندا، اهي شيخ آياز جي هٿن ڊائري (زندگيءَ جون ڪي يادگيرون) پڙهي چائندا تہ شيخ اياز ڪيئن ٿو لکي ۽ ڇا ٿو لکي.

سنڌيءَ ۾ ان قسم جو ڪتاب هري دلگير جو "چولو متهنجي چڪ ۾" ظاهر ٿيل آهي.

شيخ آياز جي هٿن ڊائرين (مجموعن) پڙهڻ سان آياز جي آپياس ۽ ڄاڻ جي بخوبي معلومات ٿئي ٿي. ان بابت سنڌيءَ جي مشهور ليکڪا مهتاب محبوب "ساهيوال جيل جي ڊائري" جي مهاڳ ۾ بہ ذڪر ڪيو آهي.

.... مطالي (آپياس) جي ذوق رکڻ وارا ڪافي آهن، پر آياز جيان "ويا جي عميق ۾ منهن ڪاٿو ڏيئي" ٿورا آهن. هن جي من ۾ هڪڙي جستجو، طلب، علم جي اڄ ۽ اُسات آهي. جا ڪيس وڌ ڪان وڌ ڪتاب پڙهڻ لاءِ اڪسائيندي رهي ٿي.

ڏسجي اِئين ٿو تہ مطالعو هن لاءِ جڳن جو جادو آهي، جنهن سان گهري هم آهنگي ۽ وابستگي هن زمان ۽ مڪان جا فاصلا متائي ڇڏيا آهن، هَو نيٺن جي مشعلن سان ڪائنات جي انڌيرن کي دور ڪندو رهي ٿو..."

هڪ هنڌ خوشونت سنگهہ؛ رجنيش جي سلسلي ۾ لکيو آهي تہ؛ "سڄي دنيا ۾ اهڙا ڪي ٿورا شخص آهن، جن ايترو ۽ ايڏو اپياس ڪيو آهي. ۽ ان کي پنهنجي نموني ۾ پيش ڪيو آهي."

مان جيڪر اُهي ئي لفظ هن نموني ڪم آڻيان تہ.

"..... سنڌيءَ جا ڪي ٿورڙا شخص آهن، جن آياز جيترو، اياز جهڙو اپياس ڪيو آهي، ۽ ان اپياس کي پنهنجي نموني بخوبي طور پيش ڪيو آهي..."

آياز جو ڪهڙو بہ ڪتاب ڪڻو. خاص طور نثر ۾ لکيل، پوءِ اهو" جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" هجي يا "ساهيوال جيل جي ڊائري" يا "خط، تقريرون ۽ انٽرويو". يا "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون". يا "جڳ مڙيو ئي سپنو" هر صفحي تي دنيا جي جدا جدا ٻولين جي ادب جا حوالا آهن، پوءِ ادب هجي يا سياست.

آياز نہ فقط پڙهيو آهي، پر ان کي سمجهيو بہ آهي ۽ اهو اَڄ جي حوالن ۾ ٻڌائي بہ ٿو.

تازو آياز جڏهن هتي هندستان ۾ آيو هو تہ هو رجنيش جا ڪتاب وٺي ويو، جيئن هَو ان جي ويچارن کان گهري طور واقف ٿي سگهي.

آياز پڙهي ٿو، لکي ٿو، ڏسي ٿو وائسي ٿو. ڪن نقادن آياز بابت لکيوآهي تہ هَو فقط لکي ٿو، پر انهن سان بيهي ڪو نہ ٿو. يعنيٰ عوام سان گڏ ڪو نہ ٿو هلي يعنيٰ عوام سان گڏ ڪو نہ آهي.

اياز جي لکيل ڊائري مان اِئين نٿو لڳي. اِئين بہ ضروري ڪو نہ آهي تہ، شاعر يا ليکڪ ان تحريڪ ۾ بهرو وٺي جا تقاضا ڪن نقادن ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر بنڪم چندر چٽرجي "آنند مٺ" ناول لکيو ۽ ان ۾ "وند ماتر" جو گيت ڏنل آهي. ان گيت، آزاديءَ جي تحرڪ ۾ قومي گيت جو روپ ورتو ۽ آزاديءَ جي جنگ ان گيت ڳائيندي لڙي وئي. پر بنڪم بابو آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سپاهي ٿي نہ لڙيو. هُو سرڪاري ملازم هو. ڪوي بيوس بہ آزاديءَ جي هلچل ۾ پاڻ والنٽيئر ٿي بهرو ڪو نہ ورتو. پوءِ جي آياز جي گيت "ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ" ڳائيندي آزاديءَ جي لڙائي لڙي وئي آهي تہ اهو بہ هڪ قسم جو لڙائيءَ ۾ پڻ حصو وٺڻ جي برابر آهي، ۽ اهو ضروري ڪو نہ آهي تہ آياز انهن سرگسن، ميڙن ۾ پاڻ آچي بهرو وٺي. جيتوڻيڪ هن ون يونٽ واري تحريڪ ۾ ان قسم جو بہ بهرو ورتو هو. جيئن سارتري پنهنجي ويچارن واري اخبار جو وڪرو گهٽين ۾، رستن تي هاڪر ٿي ڪيو هو. آياز بہ ان نموني حصو ورتو آهي. ان ڪري ائين ڪو نہ چئبو تہ هُو ڏڄي ويو آهي. يا پاسو وٺي بيٺو آهي. ڪيئن بہ، آياز جون هي لکڻيون، تصنيفون بہ آزاديءَ لاءِ اُتساه پيدا ڪن ٿيون.

نند جويري

اياز جي فڪر جو سفر

"شيخ اياز شعر ۽ ادب ۾ اوچي شخصيت جو نالو آهي." حسام الدين راشدي

"شاهه ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ساميءَ کان پوءِ، سنڌيءَ جو سڀ کان وڏو شاعر اياز آهي" جي. ايم مهڪري.

"شيخ اياز، شاهه لطيف جو ثاني آهي." رشيد ڀٽي.

"اياز جي ڪوتا ڌرتيءَ جي ڏين آهي. اياز جي مهانتا اِها آهي ته هو مهان ڌرتيءَ جو ڪوي آهي"- سحر امداد

"شاهه جو نمبر هڪ آهي. ٻن کان ڏهن نمبرن ۾ ڪوئي نه آهي، يارهين ۽ ٻارهين نمبر ۾ نرائڻ شيام يا شيخ اياز آهي، مان سمجهان ٿو ته يارنهون نمبر شايد شيخ اياز جو آهي." موهن ڪلپنا.

"شروعاتي شاعر اياز ۾ جذبات جو سيلاب جان تان تڪ سان وهي ٿو. هاڻوڪو شاعر اياز پڪل ميوي جي ڳيٽ ۽ رسُ آهي... ائين پيو لڳي، ٽئگور سنڌيءَ ۾ پيو ڪوتا چوي... هڪ سناتني رشي يا هڪ مست صوفي جيئن آکي تيئن ئي اياز چوي ٿو." پوپٽي هيرا نندائي.

وڏن وڏن اديبن اياز کي وڏا وڏا سرٽيفڪيٽ ڏنا آهن. جڏهن ته "سهڻيءَ" جي سمپادڪ طارق اشرف جو چوڻ آهي ته- "اڃا اياز جي شاعريءَ تي تنقيد ٿي ئي ڪا نه آهي" ۽ هوڏانهن اياز جو چوڻ آهي ته "اڃا تائين ته سنڌ ۾ ڪنهن وٽ اهڙي ادبي ڪسوٽي نه آهي، جا معلوم ڪري سگهي ته منهنجي شاعريءَ ۾ ڪيتري قيمت مليل آهي." اياز جي هنن لفظن مان اهو صاف ظاهر ٿو ٿئي، ته اڃا تائين اياز جي شاعريءَ تي صحيح معنيٰ ۾ تنقيد ٿي ئي ڪا نه آهي. اگر ڪجهه تنقيد ٿي به آهي ته اها اياز کي قبول ڪرڻ پئي آهي. اياز جي ئي چواڻي آهي: "مون ۾ اڃا ايتري تازگي آهي، جو مان وڻ کي چوان ته ٽڙي پؤ ته هو ٽڙي پوندو. منهنجي قلم جو قد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدائين سنڌ رهيو آهي. ڪڏهن به ڪنهن پوڙهي جي پڻتيءَ وانگر ڪُبو نہ ٿيو آهي."

اِها هڪ حقيقت آهي تہ اياز وٽ سنڌي ٻوليءَ جا آڪيچار لفظ آهن. شايد ئي ڪنهن ٻئي اديب ايڏي وڏي انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ادب ۾ ڪم آندا هوندا. ان ڪان سواءِ هڪ ناول کي ڇڏي اياز ادب جي هر شاخ تي لکيو آهي. اڄ اسان جي اڳيان اياز جو نظم شاهہ لطيف جي نظم کان وڌيڪ وڏي انداز ۾ پيش آهي. پر ڇا اِهي سڀ خوبيون اياز کي مهان شاعر بڻائين ٿيون؟ موءِ وچان اياز جي لاءِ چار چڱا لفظ چئي، ڇا اسان اياز کي مهان شاعر سڏي سگهون ٿا؟ اياز جي مهانتا هڪ تنقيد نگار ئي سنڌ ڪري سگهي ٿو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ اياز جي شاعري تي وواد (تنقيد) ئي اياز کي صحيح مقام تي وهاري سگهي ٿو.

هن مضمون جومقصد تنقيد نہ آهي، اِهو منهنجو وشيہ (موضوع) ئي ڪو نہ آهي. مون اياز جي شاعريءَ ۾ ٻن وشين- ماديت ۽ روحانيت جو ڪجهہ ابياس ڪيو آهي، جنهن کي اُهو ئي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. انهيءَ لاءِ هن مضمون کي هڪ ابياسي مضمون ئي سمجهيو وڃي.

شروعات ۾ اچا جڏهن اياز هڪ اسڪولي شاگرد هو تہ هن وير ساور ڪر جي آجيان لاءِ هڪ وڏو سواگتي گيت لکيو هو، جيڪو سنسار سماچار جي پهرين پيج تي هوند راج "داس" ڇپيو هو. ۱۹٦۴ع ۾ مون ڏانهن خط لکي وير ساورڪر جو ۱۹۵۷ع جي آزاديءَ جي لڙائي بابت لکيل ڪتاب سکر ۾ گهرايائين ۱۹۹۰ع ۾ پرنسيپال تلريجا کان ساورڪر جي جيوني گهريائين. اياز ۱۹۸٦ع ۾ "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" نالي هڪ ۳۰ صفحن جو وڏو نظم لکيو. راجا ڏاهر کي سنڌي قوم جو راشٽر پُرشَ National hero بڻائي، پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ميرا، تانتيا ٽوپي، نانا صاحب، هيمو ڪالاڻي، سڀاش چندر بوس، مهاتما گانڌي، اندراگانڌي کي پنهنجي نظمن ۾ امر ڪيو اٿائين.

اسڪولي جيون کان پوءِ، ڪاليجي جيون ۾ هن جو واسطو سنڌ جي ڪميونسٽ دوستن، سوڀي گيانچنداڻي ۽ حشوڪيولراماڻي ساڻ پئي رهيو. هن ايم. اين. راءِ جو ابياس ڪيو. مارڪس کي پڙهيو. هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر تہ ڪڏهن ڪو نہ ٿيو، پر ان ويچار ڌارا کان متاثر ضرور هو. انهيءَ هوندي بہ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڏهن ڪو بہ راجنيتڪ نعرو ڪو نہ هنيو، ۽ نہ ئي پنهنجي شاعريءَ کي ڪنهن واد يا مت جي ويسا ڪين جو آڌار ڏنو.

روس جي سفر هن جي سجاڳ سوچ کي ڏنداڙيو. اياز لکيو آهي: "مان ۽ڻ ۱۹۷٦ع ۾ پاڪستاني اديبن سان سربراهہ جي حيثيت ۾، روس ويو هوس.... مون اُتي رڳو هڪ ئي ڪمي محسوس ڪئي هئي ۽ اُها هئي دانشور لاءِ پوري آزاديءَ جو نہ هئڻ.... ستر سال جي رائگان ڪوشش منهنجو ڪميونزم جي بنيادي فلسفي، جدلياتي ماديت ۾ اعتبار لوڏي وڌو آهي. در اصل جدلياتي ماديت تہ ڇا، ماديت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بور جوائي خواهہ اشتراڪي، پنهي ڪي مان شڪ جي نگاهہ سان اڳ بہ ڏٺو آهي ۽ هاڻي وڌيڪ چڱيءَ طرح ڏسان ٿو.“

اِن کان اڳ اياز ائين بہ اعلان ڪيو آهي تہ ”پنائيءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ”سامي“ منهنجو ڳوناڻي هو. هو منهنجي شخصيت جو هڪ پُراسرار حصو ٿي رهيو آهي. جڏهن ماحول مونکان ڏاڍو ٿي ويندو آهي، مان ساميءَ کان سام گهرندو آهيان. هونءَ منهنجو ساميءَ سان سدائين جهيڙو هوندو آهي ۽ مان هن جي ويدانيت کان لهرائيندو آهيان. سامي وري مونکي پناهہ جو پاند آڇي رهيو آهي. ڇا مان هن ويدانتيءَ کان جان ڇڏائي نہ سگهندس؟ ڇا مان اڪيلو بي پوءِ موت جي اکين ۾ گهوري ڏسي نہ ٿو سگهان؟ هو ڪيڏا نہ ترڪڻ وارا تڙ ڏسي رهيو آهي. ڇا مان سڌو ڇلانگ ڏيئي، ڇولين جي پاڪر ۾ نہ ٿو وجي سگهان؟ اڄ ساميءَ سان منهنجو پويون جهيڙو آهي. يا تہ مان هميشه لاءِ هن جي آڻ مڃيندسَ يا هن کي پاڻ مان تڙي ڪيندس. پرڇا اسان ٻئي ٺهي نہ ٿا سگهون؟ ڇا اسان ۾ ايڏو وڏو مت ڀيد آهي؟ ڇا ناستڪ ويدانتي نهٺو ناهِ نہ آهي؟“

اياز پنهنجي ماديت جو فلسفو ساميءَ جي سلوڪن ۾ پيش ڪيو آهي. ”مون ساميءَ جي انداز ۾ ساميءَ جا نوان سلوڪ لکيا آهن، جن ۾ مون پنهنجي زندگي ۽ ڪائنات جو فلسفو ڏنو آهي.“

ويدانت ۽ اسلامَ ۾ ايشور کي نراڪار جي روپ ۾ ڄاتو ويو آهي. جڏهن جڙوادي Matirialstic ايشور جي وجود کي قبول ئي ڪو نہ ڪندا آهن. هندو مت ۽ اسلام موجب نراڪار جي ڪا بہ شروعات ڪو نہ آهي ۽ نہ نراڪار جو انت آهي. ويدانت موجب هيءَ پرڪرتي (ڪائنات) اَن پرش (خدا) جي جڙيل آهي. ويدانت ۾ هن سنسار کي ڪوڙ ۽ خدا کي ئي صرف سچ سمجهيو ويو آهي. جڙوادي ان جي ابتر خدا کي هڪ وهم ۽ سنسار کي سچ ٿا ڇون. جڙواد موجب هيءَ سچو برهمانڊَ (ڪائنات) هڪ مادو آهي. هن ڪائنات جو خلقيندڙ نہ برهمہ آهي، نہ ئي خدا آهي. پر هن مادي جو ڪارڻ خود مادو آهي. شروعات ۾ ئي هيءَ مادو هو، هاڻ بہ هيءَ مادو آهي ۽ اڳتي بہ هيءَ مادو رهندو. اياز بہ ائين ئي پنهنجو فلسفو پيش ڪيوآهي؛

سامي هن سنسار ۾ تار نہ آهي تِرَ،
هن جو انت نہ آد آ ڪٿي ناهہ ڪپرَ.
ائين آهي امر، سِر جي پنهنجو پاڻ ۾.

جڙواد جو مت هن پوڪند لاءِ ڪو نئون مت نہ آهي. غير ويدانتي درش (فلاسافي) بہ لڳ ڀڳ ايترو ئي پراڻو آهي، جيترو ويدانت جو درشن. جڙواد جو پايو وجهندڙ رشي برهسپتي هو. پر هيءَ مت هن جي شش رشي چارواڪ جي ناليِ سڃاتو وڃي ٿو. اڄ اسان وٽ چارواڪ درشن موجود نہ آهي، پر چارواڪ درشن جي مخالفت ۾ جيڪي ڪجهہ چيو ويو آهي، اهو ضرور موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙواد موجب گيان صرف حواسن جي معرفت ئي ممڪن آهي. اک جيڪي ڏسي ٿي، نڪ جيڪي سنگهي ٿو، ڪن جيڪي ٻڌي ٿو، زبان جيڪي چکي ٿي، ڇهاءُ جيڪي ڇُهي ٿو، اهوئي، صرف اهوئي آهي، باقي ڪجهه به نه آهي. ان ڪري خدا هڪ وهم آهي، جو حواسن جي معرفت، هن جو احساس ممڪن نه آهي.

اياز چوي ٿو:

سڀ ڪجھ آ آڪار ۾، ڪجهه به نه نر آڪار،
اڻڏٺو اوندهه ۾ ڏسي، انوڪو اِسرارُ،
ڳڻ ستارا آپ ۾، نرگڻ اڻڏٺو ڪارُ،
مايا ناهي ڄارُ، مايا ساگر سونهن جو.

جڙوادي ڪرم سڌانت ۾ وشواس ڪو نه ڪندا آهن. جنهن سبب هو پنر جنم کان به انڪاري آهن. هن لاءِ هن لوڪ کان سواءِ ٻيو لوڪ آهي ئي ڪو نه.

هي آ، هن جاءِ، سڀ ڪجهه آ هن لوڪ ۾،
پرمتڙيا پر لوڪ لاءِ، وَهي ڪو نه وڃاءِ،
لَنوَ انهيءَ سان لاءِ، جوٽ نه آهي جنڊڙي.

ماديت جي مت موجب هيءُ انسان جو سرير ۽ سرير جو سک ئي سڀ ڪجهه آهي. سرير جو سک ئي پرم سک آهي. ٻوڪ ولاس کان سواءِ ٻيو وڏيڪ مٺو سک ممڪن نه آهي. هر انسان ڀوڳي آهي ته هن جي آڏو ٻيئل شخص ڀوڳ وستوآهي ۽ اُن ئي ٻوليءَ ۾ اياز به ٻولي ٿو:

سامي هيءُ سرير، جيئن منيءَ جو مانو،
رچي جي ريتو ٿئي، مَڏَ منجهس ڪهانو،
ڳڻ پائي ڳانو، آپري اوچو آپ کان.

هيٺ ڏنل بيتن ۾ جڙوادي ويدانتي ساميءَ کي للچائيندي چوي ٿو ۽ ڳهيلا(پورا) تون اجايو پنهنجي جيءَ کي عذاب ڏيئي رهيو آهين. ناري (مَنڊ) جا ارهه(سينو) اَڏ رات جومايا نه اٿئي، پر هڪ سچ اٿئي، تون اجايو مايا جي موهه ۾ انهن کان ڪوءَ ڪائي رهيو آهين:

ڪيڏو توکي ڪُوءَ، آهي مايا موهه کان،
آڏيءَ ارهه منڊ جا، جوڻا آهن جوءِ،
پورا تنهنجو پوءِ، جاڙ اجائي جيءَ سان.

○

سندر ناري سيج تي، مايا نه سامي،
آئي اڏامي، ماڪيءَ ماکيءَ مک ڏي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوري سٽي سيج تي، رمندي رهي رات،
پرينءَ سان پريات، جوٺ نہ آهي جوڳيا.

O

هيءَ جو ساگر سونهن جو، انهيءَ کان انڪار،
سامي پنهنجي سوچ تي، تون ٿي پنهنجو چار،
سچو آ سنسار، جوٺ سنڌءِ ٿي جيءَ ۾،

O

اِن کان وڏيڪ ڪهڙي، ملي مڪتي ماڻهوءَ کي،
چپ ڪپيل انجير جان، اُيري اچن جي،
۽ امرت آچي، ڪائي نار نهار ۾.

هر يوڳ کان پوءِ وڏيڪ نہ يوڳڻ جي اچا کي سولي ياشا ۾ ويراڳ چئبو آهي. جڙوادي ان ويراڳ کي ئي موڪش تا سمجهن. جيئن مٿين سلوڪن ۾ هڪ جڙوادي ناريءَ جي نهار ۾، ناريءَ جي سيني ۾، ناريءَ جي انجير جيان ڪپيل چپن ۾، ناريءَ سان سيج تي امرت ۽ مڪتي ٿو پائي.

"بنيادي طرح اچ بہ ڪائنات سان منهنجو ناتو هڪ ناستڪ جوڳيءَ وارو آهي... اچ بہ منهنجي اندر جو ناستڪ جوڳي مئو ناهي. اچ بہ ساڳيو جوڳ جڙاءِ اٿس."

اياز ائين بہ هڪ هنڌ لکيو آهي:

"پر... پر اچ هيءَ ناستڪ جوڳي يوڳتا جي سنسار ۾ ڏکي ڏکي ٽِڪجي پيو آهي. هن جي فڪر ۾ فلسفي ۾ ڦيرو آيو آهي. هن جو فڪر ماديت کان هٽي روحانيت ڏانهن وريو آهي."

اياز صاحب جي تازي قلم اِن جي قبوليت بہ ڏني آهي."اُبر چند پس پرين" اياز جي نون بيتن جي جلد جي مهاڳ ۾ هو صاحب خود لکي ٿو: "مايوسيءَ مان نڪرڻ جا ٽي طريقا آهن- هڪڙو اِهو آهي تہ يسوع ۾ پورو پروسو هجي ٻيو اِهو آهي تہ دنيا تي غصي ۾ پرجي ويجي ۽ اُن جو نڪ ۽ ناسون رتو رت ڪجن- ٽيون طريقو اِهو آهي تہ ڪنهن عورت سان عشق ڪجي ... مون ٽيون طريقو ڪيئي ڀيرا آزمايو آهي.. اُن جي موسلا ڌار مينهن ۾ وهنتو آهيان.... مون ٻيو طريقو بہ آزمايو آهي... منهنجي شاعري ئي منهنجو بهترين عمل آهي، منهنجي بهترين سياست آهي ۽ دنيا کي بدلائڻ لاءِ منهنجو بهترين ذريعو آهي.. باقي پهريون طريقو مون موڪيءَ جي مت وانگر انهيءَ پوءِ کان ڪم نہ آندو آهي تہ متان سري جي سَرڪ متارا ماري نہ وجهي."

انهيءَ کان پوءِ بہ اچ ناستڪ جوڳي مايوس آهي. اچ مايوسيءَ مان نڪرڻ لاءِ هيءُ جڙوادي ايشور جي شرڻ ۾ آيو آهي، يوڳ ولاس جي زندگيءَ مان ٿڪجي ٽٽجي، هو پريوءَ (خدا) جي چرڻن ۾ سجدو ڪندي چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـڏون ڪـوٺا ڪيتـرا، سـامـهـون آيـرو واھ،
آءُ ٿـــڪـــو هـان پـنـڌ ۾، تـون مـــون ڏي آءُ،
ميءُ جو منهنجو ڪـهاءُ، ڇِڪي ڇڪي ڪيترو.

○

مـيـان مـون ڪـان ڪـو نـہ ٿـو، پُڄي هـالـي پـنڌَ،
سـائـيـنءَ تـو سـوڳـنـڌ، مـوتـائـي وُٺَ جـنـڊڙي.
زندگيءَ مان موھ تياڳي، اندر جو آواز ٻڌي خدا اڳيان پنهنجي هار قبول
ڪندي اياز چوي ٿو:

تـون ٺـي ســويــارو ٿــئين، مــان ٺـي هـارايـو،
ٻڃيءَ پــارايــو، تــوڪـي هــارَ هــٿـن ســڻـان.

○

ڇا مــون هـارايـو؟ ڇا تـون ڪــوھ ڪــٺـي وٺين،
ڪـيـڏو شـرمـايو، آ مـون، پـنـهـنجو پاڻ تـيءَ

○

اڄ هو ويدانتي ساميءَ سان هڪ راءِ رکندي چوي ٿو:
ســپـنـو آ يـا ســايـيـا، هــيءُ ســارو سـنـســار،
هــيءُ جو مـــايـا ڄارَ، ڇڄي ڇڄي ڪــيـنـڪــي.

○

سـب ڪـجهہ ڳـذري ٿـو وڃي، هي سـب مـايـا ڙيءَ
ڪــيــٺـي آيــا ڙيءِ تــو جـڻـن هــن ســنـســـــار ۾!
هن ماياوي سنسار کي سمجهڻ لاءِ هو اڪيلو پنڌ ۾ نڪري پيو آهي:

ڇا آهـــي ســـنـــســــــار، ۽ انـــين ڇـو آهـــي،
لاڳـاپـــا لاهــــي، پـــايـــان أن جـويـتـــــــوا

○

هــو اونــهـــــو آڪــاش، ڇا آڪـــارڻ آهـــي،
ڌرتـــيءَ ڪـــي چاهــي، ڇا ڇا نــــ وســـاريـــوا

○

اڄ تـائين مـون کي ڏلـو، ڏس نـہ ڪـنـهن ڏاهـي،
ڇا لـئـہ "ڪـجـهـہ آهي،" "ڪـجـهـہ بـہ نـہ" جي جاءِ تيءَ

ڌرتي هڪ مادو، سنسار هڪ مايا، انهن کي چاهي هن ڇا ڇا نہ املهہ وڃايو
آهي، أن جو احساس اڄ هن کي ٿيو آهي. اڳتي ملن ۽ مولوين جي ڏاڍهن ڪندي
سچل سرمست وانگر للڪاري ٿو:

ڪيئي مُلان مولوي، ٻهون ٻول فقيهہَ،
انهيءَ ساري پيهہَ، منهنجو رستو روڪيو.

ساڳي راهہ تي هلندي اياز چوي ٿو: چائٺ (ٻيائي) کي من مان ڪڍي. مون توکي چاهيو آهي اهي مندر ۽ مسجدون سڀ ٻيائيءَ جا مرڪز آهن.

مندر مسجد ڪان پري، تنهنجو گهر ناهي،
مون توکي آڪاش مان، ڌرتي تي لاهي،
چائٺ ٻن چاهي، مَنُ جوڙي مورتي،

مندرن ۽ مسجدن کان هٽي هو ساري برهمانڊ کي شوجيءَ جو شوالو ٿو سمجهي:

آ ساري سنسار ۾، جڻ تنهنجو نالو،
جوڏس شوالو، پڇن ڪيئي پاوَ سان.

هاڻ جڏهن ناستڪ جوڳي پنهنجوپاڻ سجاتو آهي، ٻي ڏيو ٿي موت کي للڪاري ٿو، موت جي آجيان ٿو ڪري:

جيڪر پوري ٿي وڃي، هيءَ ساري ڳڻ ڳوت،
تون جي اچين موت، تنهنجي ڪيان آجيان.

○

هي جو منهنجي موت کان، آهي پو ٻہ مهان،
هائو ان آواز ۾، اڀري ٿو انسانُ،
انهيءَ جو اشنانُ، گنگا ۽ آڪاش ۾.

هندو، جين ۽ ٻڌ مت جو ڪرم سڌانت بنياد آهي، پنر جنم جو ڪارڻُ ٻہ ڪرم آهي. هندو ڪير آهي؟ ان جو سولي سنڌيءَ ۾ جواب اهو ڏنو ويو آهي تہ- هر اهو شخص جيڪوڪَرم سڌانت ۾ وشواس رکي ٿو. هو هندو آهي- ڪرم جي وياکيا ڪندي اياز صاحب چيو آهي:

توکي پنهنجا ٿا ملن، پلانٽيءَ پاڙا،
قدرت ڪهاڙا، ڪنهن لاءِ ڪٿي ڪا نہ ٿي.

ٻئي هڪ هنڌ ساڳي سَر ۾ گيت ڳائيندي اياز گنگنائي ٿو:

ڪو موت سدائين لاءِ نہ آ،
ها هيءَ حياتي مرڻي آ.
۽ ان جي جيءَ جياپي جي،
اڳتي پڻ ڪرڻي پرڻي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جو پوءِ ماڻهوءَ کي ماري وجهندو آهي، پر اياز ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ موت سان راند ٿو ڪري؛

مـــٽي آ مـــٽـي، هـيءَ مـــاڻـهـــو جي جنـدڙي،
جيڪا جڳ سان ٿي ڪري، ڪن پل لئہ ڪٽي،
چانـدوڪـــي چِـــي، اونـدھ ڪـــان اڳـتـــي آئــي.

O

وڃين تـــــو وڻ راھ، ۾ اڳـتـــي نـــاھــــي ســـچ،
تــو ۾ تـنـهـنـجـي اَچ، ڳول لـهـنـدي اُٿ کـــي.

مٿي "ڪٽي" لفظ سان "ٻڌي" لفظ خاموشيءَ سان جڙيل آهي. چانڊوڪي ٻيو جنم آهي، جيڪو موت (اونڌھ) کان پوءِ اچڻو آهي. موت (سچ) کان پوءِ ٻيو جنم (وٺراھ) ٻڪ سان آهي. ٻئي جنم جو ڪارڻ واسنا (اَچ) آهي. اِچا آهي. اِچائي ڪرم جو ڪارڻ آهي. ڪرم جو چرخو (اُٿ) اِچا (اَچ) تي آڌار تو رکي. مٿين ٻن بيتن ۾ گيتا آهن. اياز صاحب ٿورن شبدن ۾ پنهنجي فن جو لياقت سان هيڏي ساري گيتا جو گيان ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي، جنهن کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. اِهائي شاعريءَ جي اونهائي اياز کي امر بڻائيندي.

تـوڙي هـي دک سـکَ، اونـدھـ پـوڙي تـي ڇڏي،
اڳـتـي لـئـــہ جا ٻک، لـهـي لـهـي ڪـيـنـڪـــي.

سيپ دک سکَ کي موت (اونده) پوڙي ٿو ڇڏي؟ پر واسنائون (ٻک) انسان کي وري ٻيو جنم (اڳتي) وٺڻ لاءِ مجبور ٿيون ڪن.

هڪ جيو آتما جو پرم آتما سان ڪهڙو ناتو آهي. اُن جو ساکيا تکار بہ اياز صاحب ڪيو آهي؛

مـان ٿي آهـيـان بـانـسـري، مـان ٿـي برنـدا بـن،
تــو ۾ مــنــهــنــجـو مـن، آهــي آد جڳاد کـــان.

O

مـون چاهيو ڪنهن ريت مان، تو تائين پهچان،
تون جو آهين" مان"، مونکان مونکي ويجهڙو.

اج اياز ويدانتي سوامي وويڪانند وانگر پاڻ سڃاتو آهي، هو خدا ۾ خدا جي خدائيءَ ۾ هيڪڙائي ٿو ڏسي.

آءَ وويـڪـــانـنـد، سـبـرچي ويـاسـين ســـوچ ۾،
ماٺـي ڪـو بہ نہ بـنـدَ، هنجي لـهـر لـپـيـٽ تـي.

سوامي وويڪانند هن يگ جو انقلابي سنت هو. هن اسلام جو سناتن گيان کي بہ ساراهيو آهي. هن جي سوچ ۾ اسلام جي سناتن گيان جو قدر آهي. سوامي وويڪانند هڪ مسلمان دوست سرفراز حسين کي ١٠- ٦- ١٩٩٨ع تي الموڙا مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط لکندي چيو آهي:

پريہ متر- توهان جو خط پڙهي مونکي خوشي ٿي ۽ اهو ڄاڻي وڏيک آنند مليو تہ ايشور ڇپ ڇاپ اسانجي ماتر ڀوميءَ لاءِ اپوربي Unprecadented چيزن جي تياري ڪري رهيو آهي.

اسان اِن ڪي ويدانت ڇنون يا ٻئي ڪنهن نالي سان پڪاريون. پر اڄ اِهو آهي تہ ڌرم ۽ ويچار ۾ ادويت واد (وحدت الوجود) ئي آخري شبد آهي. صرف ان درشٽيءَ سان ئي سڀني مذهبن ۽ ڄاتين کي پريم سان ڏسي سگهجي ٿو. مون کي وشواس آهي تہ ڀوشيہ ۾ سڄاڳ سماج جو اِهوئي ڌرم هوندو. ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ هندن کي اِهو جس ملندو تہ هنن سڀ کان اڳ ان فڪر جي کوج ڪئي. اِهو انهيءَ ڪارڻ آهي جو هو عربن ۽ يهودين کان وڏيک پراچين قوم آهي. پر ساڻ ساڻ ڪارگر آدريت واد- جو سموري انسان ذات پنهنجي ئي آتما ٿو سمجهي ۽ اُن موجب آچرڻ ٿو ڪري- اُن جو ساور لَو ڪڪ Universal ڀاو سان وڪاس اڃا هندن ۾ ٿيڻ باقي آهي.

اِن جي برعڪس منهنجو انيوءَ اِهو آهي تہ اگر ڪنهن مذهب جا پوئلگ ڪارگر جڳت جي روز مره جي ڪيتر ۾. اِن برابريءَ کي صحيح انگ ۾ آڻي سگهيا آهن، تہ آهي اسلام ۽ صرف اسلام جا پوئلگ آهن. اگر سدانت جي موجب دستوري آچرڻ ۾ اُن جي ڏِلائي آهي، تہ انجي گهري آرٿ کان هو ناواقف آهن. جيئن رواجي طور ظاهر روپ ۾ هندو سمجهن ٿا.

انهيءَ لاءِ مونکي پڪو وشواس آهي تہ ويدانت جا سدانت ڪيترائي آدار ۽ قيمتي ڇو ڪو نہ هجن، پر ڪارگر اسلام جي مدد کان سواءِ انسان ذات جي لاءِ ملهہ هيڻ آهن. اسان انسان ذات کي اُن مقام تي وٺي وڃڻ ٿا چاهيون، جتي نہ ويد هوندو، نہ بائبل هوندو ۽ نہ ئي ٻيو ڪو مذهبي ڪتاب هوندو، پر اهو سڀ ويد، بائيبل ۽ قرآن جي مِٺ محبت سان ئي ممڪن آهي. انسان ذات کي اها سکيا ڏيڻ گهرجي تہ سڀ ڌرم اُن هڪ ڌرم ادويت واد جا جدا جدا روپ آهن. انهيءَ لاءِ هر هڪ انسانِ انهن ڌرمن مان پنهنجي پنهنجي من پسند راهہ ڳولهي سگهي ٿو.

اسان جي ماتر ڀوميءَ لاءِ انهن ٻنهي عظيم مَتن، هندومت ۽ اسلام- ويدانتي بُڌي ۽ اسلامي سرير- جو تال ميل- اِهائي هڪ آشا آهي.

مان پنهنجي انساني نظر سان ايندڙ ڀارت جي اُن پورڻ مقام کي ڏسان ٿو، جنهن جو اِن جدوجهد ۽ انقلاب سان تيجسوي آجيت روپ ۾ ويدانتي بُڌي ۽ اسلامي سرير سان اُڀرڻ ٿيندو.

منهنجي سدا اِها پرارٿنا رهندي تہ پريہ توهان کي انسان ذات جي سهايتا لاءِ، خاص ڪري اسان جي غريب ماتر ڀوميءَ لاءِ هڪ شڪتي شالي ينتر بڻائي.

سچائي ۽ سنيهہ وچان.

وويڪانند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانگي ٿي انداز ۾ شيخ اياز چوي ٿو: ”دراصل جنهن به فلسفي ۾ انساني شخصيت ۽ انجي روحاني آزاديءَ کان انڪار آهي، جنهن به فلسفي ۾ تعصب ۽ انسان ذات لاءِ نفرت آهي، انسان جي برابريءَ کان نابري واري وئي آهي ۽ هنجي ذات کي قابل احترام نه سمجهيو ويو آهي. مطلب ته جنهن به فلسفي ۾ تصوف جي اصطلاح ۾ انسان کي ذات خداونديءَ جو پرتوو نه سمجهيو ويو آهي، ۽ جمهور جي آواز کي قطعي نه مڃيو ويو آهي. اهو فسلفو بنهه رد ڪيو وڃي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امر جليل

اذري وبندو سانءَ

گهڻو اڳ ڪنهن مون کان پڇيو هو، "ادبي زندگيءَ ۾ تنهنجي سڀ کان وڏي خواهش يا تمنا ڪهڙي آهي؟"

وراڻيو هوم: "فقط هڪ خواهش اٿم ته ان لائق ٿيان جو شيخ اياز جي فن تي هڪ ڀرپور مقالو لکان، طويل ٿيسز لکان." منهنجي جواب کي ورهيه گذري ويا آهن مان شيخ اياز جي فن تي طويل مقالو لکڻ جي لائق ٿي نه سگهيو آهيان. پنهنجي سڀ کان وڏي تمنا سيني ۾ سانڍي مان جيئڻ جا وس ڪري رهيو آهيان. پنهنجي محروميءَ جو ارمان اٿم. پنهنجي محدود صلاحيتن جو اعتراف اٿم. شيخ اياز جي فن تي فقط اهو شخص طويل ۽ ڀرپور اسٽڊي (اپياس) لکي سگهندو، جنهنجو پنهنجو قد ادبي دنيا ۾ پل ته اياز جيڏو اُچو نه هجي، پر گهٽ ۾ گهٽ اياز کي قدم ۾ ڪنڌ کُلهي تائين ضرور پهچندڙ هجي. وڏي ڪڙيءَ واري بوٽ پائڻ يا پڃن تي بيهڻ سان ادب ۾ قد وڏي نه سگهندو آهي.

شيخ اياز سان عقيدت مون کي ان وقت کان آهي، جڏهن مون اڃا لکڻ شروع نه ڪيو هو. شيخ اياز سان ملڻ جو، ڪيس ڏسڻ جو شوق جنون ۾ بدلجي ويو، پر منهنجي جنون کي امڪان جو در نظر نه آيو. پوءِ اڳتي هلي، جڏهن مون لکڻ شروع ڪيو، تڏهن منهنجي دوستيءَ جو دائرو رانديگرن بدران اديبن ۽ شاعرن ۾بدلجي ويو، جن دوستن شيخ اياز کي ڏٺو هو، ساڻس ڳالهايو هو. تن دوستن کان ور ور ڪري پڇندو هوس ته اياز ڪيئن آهي. ڀلامون جهڙن سان ملندو آهي، ڳالهائيندو آهي، ڀلا هن وٽ ڪنهن شام ملڻ جو وقت آهي! عجيب سوال پڇندو هوس دوستن کان، اياز جو آواز ڪيئن آهي. پنهنجو ڪلام پاڻ پنهنجي زبان سان ٻڌائيندو آهي ۽ جڏهن ٻڌائيندو آهي تڏهن ڪيئن لڳندو اهي.

شيخ اياز سکر ۾، مان ڪراچيءَ ۾، ملڻ محال ٿي پيو! ان وچ ۾ ٻه چار دفعا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روهڙيءَ وڃڻ جو اتفاق بہ ٿيو. تڏهن سوچيو بہ هيم تہ درياهہ اڪري سکر ۾ اياز سان وڃي ملي ايندس، پر دل جهلي نہ سگهيم، پوءِ اها بہ خبر هيم تہ هائي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ لاءِ اياز انهن ڏهين ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ايندو آهي. ملڻ جي همت ڪري نہ سگهيم.

... ۽ پوءِ هڪ دفعي اوچتو ئي اوچتو اياز لاءِ منهنجي عقيدت انتها جي سرحدن مان ٻاهر نڪري وئي. اها شايد ١٩٦٢ع يا ١٩٦٣ع جي ڳالهہ آهي. اياز جي نئين وائي شايع ٿي هئي.

"پونءِ نہ آئي پانءِ، الامان آڏري ويندو سانءِ،
الا مـــان آڏري ويـنـدو ســـانءِ.

اياز مون کي ايڏو وڻيو، جو مون سائس ملڻ جي تمنا ترڪ ڪري ڇڏي. جڏهن بہ ڪنهن لاءِ منهنجي عقيدت، حُب ۽ پيار انتها جي سرحدن کي اورانگهي ويندا آهن، تڏهن مان هن سان نہ ملندو آهيان، جنهن کي چاهيو اٿم، تنهن کان دور رهيو آهيان. اهو منهنجو پنهنجو رستو آهي. اهو منهنجن چاهتن جو دستور آهي. اياز سان ملڻ جي تمنا ترڪ ڪري مان اٻاڻڪو ضرور ٿيو هوس، پر پنهنجي عقيدت جي جذبي تحت اندر ۾ آسودگي ۽ اطمينان محسوس ڪيم ۽ اڄ تائين محسوس ڪندو آيو آهيان. انهن ڏينهن ۾ مان دوستن کان پڇندو هوس تہ. پلا ايازمنهنجا افسانا پڙهندو آهي. مان ڪانئن اهو نہ پڇيندو هوس تہ اياز کي منهنجا افسانہ وڻندا آهن يا نہ. دوست مون کي ٻڌائيندا هئا تہ ها اياز ڪڏهن ڪڏهن منهنجو ڪو افسانو پڙهي وٺندو آهي. اياز منهنجا افسانہ پڙهندو آهي اهو اطلاع منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو انعام هو.

ادب جي تاريخ ۾ اهڙين گهٽ ٿيو آهي جو ڪو اديب يا شاعر پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي لافاني ٿي ويو هجي، ورنہ ٿيندو ائين آهي جوفنڪار پنهنجي حياتي ۾ نور نچوئي هليو ويندو آهي، اڻ ڳاتل، اڻ سڃاتل ٿي ويندو هيلو ويندو آهي ۽ ورهين کان پوءِ سڃاتو ويندو آهي. جيڪي اديب پنهنجي حياتيءَ ۾ مڃيا ويندا آهن، سي تاريخ ساز حيثيت جا مالڪ ۽ ڏات جا ڌڻي ٿيندا آهن. هو ماضيءَ جا امين ٿيندا آهن ۽ حال تي پنهنجي عظمت جي ڇاپ هڻي ايندڙ نسلن لاءِ راهہ هموار ڪري ويندا آهن. شيخ اياز اسان جو ماضي آهي، شيخ اياز اسان جو حال آهي ـ شيخ اياز اسان جو مستقبل آهي.

مان مٿي جنهن وائيءَ جوحوالو ڏيئي آيو آهيان، اها وائي ايازجي ان دور جي لکيل آهي، جڏهن سندس عظمت جو اعتراف سڄي ملڪ جي ادبي دنيا ۾ ٿي چڪو هو. ان وقت ئي هو لافاني ٿي چڪو هو. تخليقي ڪم ڪندڙ هرڪو فنڪارڪنهن نہ ڪنهن حد تائين غم پسند ٿيندو آهي. ايازجي ڪلام ۾ جتي شينهن واري گجگوڙ آهي، اتي سندس ڪلام ۾ سُندرتا جو سنگيت ۽ دل جي درد جو درمان بہ آهي. سندس مٿين وائيءَ ۾ آخري بند فنڪار جي درد جي ڏک جي اڄ تائين ترجماني ڪري رهيا آهن. اهي بہ بند آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نيٺ تہ پائيندين تون،
هاڻ پلي نہ مون کي پاڻ.
الا مان اڏري ويندو ساڻ.
"ڳائي منهنجا گيت،
پوءِ مون کي ياد ڪجاءِ.

اڄ، جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو آهي، تڏهن سندس وائي جي مٿين بندن جي معنيٰ منهنجي لاءِ بيحد وسيع ٿي وئي آهي. اسان پنهنجو اياز سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڏنو آهي. اياز پنهنجي شخصيت ۾ سنڌ جي علامت آهي. اسان سنڌ يونيورسٽيءَ کي پنهنجي سنڌ ڏني آهي. ڪيس هِنين سان هنڊائجو دوستو. ڪيس دل ۾ جاءِ ڏجو. علم ۽ ڄاڻ جو وڻجارو وري نہ ايندو. سنڌ ڌرتي ورهين تائين ٻيو ڪو اياز ڏسي نہ سگهندي. سنڌ جي امانت اسان سنڌ جي سورمن کي ڏني آهي.

(شڪريہ هلال پاڪستان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد سليم/ مسرور پيرزادو

شيخ اياز آفاقي شاعر

شيخ اياز هن دؤر جي چندوڏن شاعرن مان هڪ آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف کانپوءِ هن جي مقابلي ۾ ٻيو ڪوبه نالو ناهي. اجا به ائين چيو وڃي ته وڌيڪ مناسب ٿيندو ته ماڻهن شاهه کي به اياز جي وسيلي سان سمجهڻ شروع ڪيو آهي، نه ته ان کان اڳ ۾ شاهه صرف پنهنجي مُريدن جي فڪر تائين محدود هيو. اڄ شاهه کي جيئن سنڌ جي ماڻهن جي آسن اميدن جو ترجمان سمجهو ٿو وڃي، ان جي پويان جديد سنڌي ادب جي تحريڪ ۽ شيخ اياز جي شعوري ڪوشش جوبي حد دخل حاصل آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ کي ڄاڻڻ لاءِ پهريون سنڌ کي ڄاڻڻو پوندو. اياز جي شاعريءَ کي سنڌ کان جدا ڪري نٿو ڏسي سگهجي، جيڪي ماڻهو شاعريءَ جي آفاقي هجڻ ۾ يقين رکندا آهن، انهن کي شيخ اياز کي آفاقي شاعر چوڻ تي شايد اعتراض ٿئي، ڇوته هڪ عام نظريي مطابق هر آفاقي شاعر پنهنجي ديس کان مٿاهين ڳالهه ڪندو آهي، پر ڇا آفاقي شاعري سچ پچ ديس جي درد کان اوپري ٿيندي آهي؟ مان سمجهان ٿو ائين هرگز نه آهي. ان جي برعڪس مونکي چوڻ ڏيو ته ڪوبه شاعر پنهنجي ديس جي درد کي سمجهي ۽ انکي پنهنجي فن جو حصو بڻائڻ کانسواءِ آفاقي قدرن جو حامل نٿو ٿي سگهي. ڪو به سفر ڪرڻ وقت پهريون قدم گهر مان گهٽيءَ ۾ رکبو آهي. شيخ اياز جي هنوقت جي ڇپيل شاعري گهر کان گهٽيءَ ۾، گهٽيءَ کان بازار تائين ۽ پوءِ سڄي دنيا جي بازارن تائين، ڪنڊن ڀريو سفر آهي، جنهن ۾ قيد ڪڙن جون تڪليفون به آهن، پنهنجن جا ستم به ۽ پراون جي جفا به ۽ ديس پرديس جا سخن ور دوست به.

اردو شاعريءَ ۾ آفاقي نظرين جو گهڻو پرچار ڪيو ويو آهي، پر اها شاعري پنهنجي ديس کان اوپري هئڻ ڪري خلا ۾ لڙڪيل ڳوڙهن ڀرين اکين جا آهي ڳوڙها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جن کي زمين تي ڪِرڻ نصيب ناهي ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ اڪيون خلا ۾ ٻہ اونڌيون لڙڪيل هونديون آهن. فيض اردو شاعريءَ جي آبرو آهي. هُن انساني آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي عمر جي رياضت جو صلو (قتل) آهي. هن پنهنجي اردو شاعريءَ ۾ سڄي عمر فرهاد جو ڏک روئڻ ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتو آهي تہ انهن کي هيرجو ڏک روئڻو پوندو ۽ پنجابي زبان ۾ روئڻو پوندو. فيض جنهن ڇيو هو،

دیس پردیس کے یارانِ قدح خوار کے نام
حُسنِ آفاق، جمالِ لب و رخسار کےنام.

اڄ آفاق جو حُسن پنجاب جي ڳوٺن ۾ تلاش ڪري رهيا آهن. جيڪا ڳالهہ ڪالهہ شيخ اياز ۽ ديس جو ڏک روئڻ وارن ٻين شاعرن جي لاءِ الزام هئو اڄ هڪ وڏي سچائي ۽ طور پنهنجي پاڻ کي عمل ۾ سچو ثابت ڪري چُڪي آهي. سچي آفاقيت ڏي جيڪو پهريون قدم اڄ فيض کنيو آهي يا پنجاب جا ٻيا اردو شاعر کڻي رهيا آهن. اهو دراصل اياز جو نقشِ قدم آهي.

شيخ اياز جي شاعري موضوع جي اعتبار کان عام ماڻهوءَ جي جذبن جي ترجمان آهي ۽ فني اعتبار کان ان جو خمير سنڌي لوڪ ادب تي رکيو ويو آهي. ان نڪتہ نظر سان شيخ اياز کي جيڪڏهن ڪنهن بين الاقوامي شهرت جي شاعر جي هڪ جهڙو چيو وڃي تہ اهو لورڪا آهي. شيخ اياز جا منظور ڊراما "دودي سومري جو موت" ۽ "رني ڪوٽ جا ڌاڙيل" لورڪا جي ڊرامي رتائين شادي -Blood Wed) ding) کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ ٿا قرار ڏئي سگهجن. انهيءَ ريت شيخ اياز جون وائيون ۽ گيت لورڪا جي گيتن جهڙا پُراثر، ڀرپور ۽ ترنم وارا آهن ۽ هو غير مترنم گيتن جي خلاف جنگ ڪندو آهي. لورڪا ڪانپوءِ هي نڪتو شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ اسان کي بيحد نمايان نظر اچي ٿو. ان ترنم جو مثال توهان بہ ڏسو.

ڪنڌيءَ نہ سگري، پير نہ پلرو،
سائو نہ سلڙو.
ڇانگون نہ ڇيلڙا.
مارو اڪيلڙا!
مارو اڪيلڙا!

OO

هٺ هٺ پيريون ڄاگوريون،
هٺ هٺ ارتيون آگريون.

OO

ونجهہ تکيرا وانجهيو،
اڃا ڪــهــاٽ پري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس شعر زندگي، حُسن ۽ شاعريءَ جا اعليٰ ترين نمونا آهن ۽ اهي هڪ اهڙو مثال آهن، جنهن کي اسان نعري بازي به نه ٿا چئي سگهون ۽ جيڪو فاشزم جي خلاف جنگ آزما به آهي. لورڪا جي گيتن جيان هيءَ شاعري رت ڳاڙيندڙ ته آهي، پر توهان ان کي هارايل نٿا چئي سگهو. ڌرتيءَ جي شاعريءَ کي ڌرتيءَ جي ڪنهن ٻي زبان ۾ منتقل ڪرڻ وقت، سواءِ ڪجهه لفظن کي هيڏي هوڏي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي ڪرڻو پوندو. هر اها زبان جنهن جي جهوليءَ ۾ لوڪ گيتن جو ذخيرو هجي، ڌرتيءَ جي هر جذبي کي پنهنجي اندر سمائڻ جي طاقت رکندي آهي.

مان شيخ اياز کي آفاقي شاعر ٻڌائيندي چيو هو ته ان جو سفر گهر کان گهٽيءَ ۽ گهٽيءَ کان سڄي دنيا جي گهٽين تائين جو سفر آهي. شيخ اياز جو هڪ "لوممبا جو ديس" ان سلسلي ۾ مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. شاعر پنهنجي ديس ۾ آمريت سان مهاڏو اٽڪايل آهي ۽ ان ديس جو هڪ ٻيو شاعر پنهنجي ديس جي آمريت کي وساري لوممبا جي شهادت تي نوحه خوان آهي. جوته لوممبا جو ڏک روئڻ سان ان جي ذات کي ڪوئي نقصان نٿو پهچي، پر پنهنجي ديس جي آمريت کي للڪارڻ سان جيڪڏهن وڏيڪ نه ته گهٽ ۾ گهٽ ان آمريت جي هٿان هٿڪڙيون ته ضرور پائڻيون پونديون آهن. اهوئي تضاد آهي جنهن کي بيان ڪندي شيخ اياز خلا ۾ اونڌين لڙڪيل اکين واري آفاقيت کي بي نقاب ڪيو آهي.' پر شيخ اياز ان کان به اڳتي وڌي ويجي ٿو.' هڪ وائيءَ ۾ هو پنهنجي اڱڻ جي تعريف ڪندي اجنبيءَ کي دعوت ڏئي ٿو ته هو مٽيءَ جي پيالي مان امرت جا ڍُڪ پي سگهي ٿو. پر ان مٽيءَ جي اڳيان سِر به جهڪائڻو پوندو.

مان تو تان قربان ٿيان،

منهن جي ويڙهي آءُ

ڪوئي آفاقي قدرن جو حامل انسان ئي ڪنهن ٻاهران آيل کي ائين چئي سگهي ٿو ته جيڪڏهن ٻين زمينن سان ٿنهنجا رشتا ٽٽي چڪا آهن، ته تون منهنجي باغ ۾ رهي سگهين ٿو، جنهن کي ديس جي جوانن پنهنجي رت سان مهڪايو آهي ۽ جيڪي منفرد گيت ڳائين ٿا.

هيءَ آفاقيت" وڃون وسڻ آئيون" جي هڪ وائيءَ ۾ اڃا به نمايان ٿي سامهون اچي ٿي. امير خسرو ۽ پنهاريءَ جي گفتگو:

منهن جو نانءُ ڪانتي
منهنجو ويس بنارسي
تنهن جي ٻولي پارسي
منهنجي ٻولي پوربي
مان پوڄان مور تي
تنهن جو من گهنگور
مان چندرما جي شانتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيئن سُر سهڻيءَ کان بغير شاهہ لطيف جو ذڪر نٿو ڪري سگهجي، ائين ئي "ڪپر ٿو ڪَن ڪري" کان بغير اياز جي شاعري تي ڳالهائي نٿو سگهجي. هونءَ تہ هن ڪتاب جو ڪوبہ سُر اهڙو ناهي، جنهن کي فلسفي جي جديد بحثن کان الڳ ڪري ڏسي سگهجي. پر "سُر سورٺ" ۾ اياز جي جڙاوت خصوصيت سان توجهہ جي لائق آهي. هي سُر آرٽ جي رتوڇاڻ تاريخ جو هڪ اهڙو باب آهي، جنهن ۾ آڳريون زخمي نہ ٿينديون، پر سِر ڌڙ کان جدا ڪرڻو پوندو آهي. اياز فن جي آفاقي قدرن کي ان سُر جي شڪل ۾ هڪ امر تحفوڏنو آهي ۽ هي امر تحفو پري ڳوٺن ۾ وسندڙ هارين ۽ مانجهين جي ٻوليءَ ۾ آهي، جنهن کي جديد شهري طبقو "مشڪل زبان" چوندو آهي.

نوٽ:
(هي مضمون اصل اردوءَ ۾ لکيل ۽ ماهتيوار "برسات" شيخ اياز نمبر تان ڪنيو ويو آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاجل بيوس

اياز ۾ منظر نگاري

هر عظيم شاعر پنهنجي ديس کي نئون چنم ڏيندو آهي. شاهه لطيف عيسوي سترهين صديءَ جو عظيم شاعر آهي، جنهن سنڌي ٻولي، ثقافت، سنڌ جي جابلو، ريگستاني، دريائي توڙي ساموندي نظارن کي نئون جنم ڏيئي، امر بڻائي ڇڏيو آهي. شاهه، سچل ۽ ساميءَ کان پوءِ سگهارن قدرن واري قومي شاعري تخليق ٿيڻ بند ٿي ويئي، جنهن جو خاص سبب فارسيءَ جي جڪڙ، ملان ۽ مدرسي جو محدود فڪر ٿي سگهي ٿو. اُها مانار ڌرتي ڇاين کي ٻي گهر ۽ جلاوطن ڪرڻ واري عرصي تائين برقرار رهي، جڏهن ڌرتيءَ جي اصل ڌڻين، ڏاتارن، عالمن، ڏاهن ۽ رکوالن کي ڪائناتيءَ جي ڳوڙهي وانگر سرحد پار اڇليو ويو هو، ۽ پهريون پيرو شاهه جي لاڏاڻي يعني ١٧٥٢ع کان پوءِ ٻن صدين تائين اها ڦهليل مانار ٽٽڻ شروع ٿي ٿئي، جيڪا ١٩٦٢ع ۽ ١٩٦٣ع ۾ "ڀؤنر ڀري آڪاس" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" جي ڇپجڻ سان گهٽي قدر ٽٽي پوي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اُن مانار ۽ تخليقي خاموشيءَ جي ٽوڙيندڙ کي دنيا شيخ اياز جي نالي سان سڃاڻڻ لڳي ٿي.

برطانيا جي جڳ مشهور شاعر شيلي (SHELLEY) چنڊول پکيءَ (SKYLARK) تي نظم لکي، فطرت جي حسين نظارن کي معنيٰ بخشي، امر بڻائي ڇڏي. جڏهن هو چوي ٿو: "تون موت جي باري ۾ اسان فاني انسانن کان وڌيڪ سچيون ۽ ڪريون حقيقتون ڄاڻندو هوندين. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ تنهنجا اِهي نغما شفاف مؤجن مان ائين نه ڦٽي نڪرن ها."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ آ فطرت ۽ ماحول جي دل ۾ پيهي ويندڙ سچي ۽ سونهن ڀري ترجماني، جنهن لاءِ شيلي کي چنڊول جي اڏام ۽ نغمن آلاپڻ وارن نظارن جو الائي ڪيترا ڀيرا مشاهدو ڪرڻو پيو هوندو، تڏهن وڃي نظم جي پد پد ۾ دل ۾ پيهي ويندڙ ڪيفيت پيدا ٿي آهي.

اِها حقيقت آهي تہ وڏي شاعر لاءِ جذبن سان گڏ ڳوڙهو مطالعو، ماحول جو ڀرپور مشاهدو ۽ ايڏوئي تجربو لازمي هجي ٿو. جيتري قدر مشاهدي جو تعلق آهي تہ هرڪو تخليقڪار پنهنجي ئي ماحول جي چٽي عڪاسي ڪري سگهي ٿو. ٿر ۽ ڪاڇي جو شاعر سانجهيءَ ويل منهوڙي ڪان سمنڊ ۾ ٽٻي هڻندڙ سج تي ايترو ڀرپور طريقي سان نہ لکي سگهندو، جيترو ڪراچيءَ جي ملير ۽ ڪلفٽن جو رهواسي. ننگرپارڪر تي وسڪارن ۽ ڦوڳن جي ڦوٽهڙي جي عڪاسي هڪ اڻ ڏٺل اک ڇا ڪري سگهندي؟ تنوير عباسيءَ ان حقيقت جي تصديق هن طرح ڪئي آهي:
"شاعريءَ ۾ چٽا عڪس اولڙا اهوئي شاعر پيش ڪري سگهي ٿو، جيڪو اُن خاص ماحول جو حصو ٿي رهيو هوندو."

اِها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ دنيا جا وڏا شاعر ۽ اديب اهي ئي ٿي سگهيا آهن، جنهن جو واسطو گهڻي ڀاڱي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين سان رهيو آهي. ورڊس ورٿ، رچرڊ لي وٺلن، پرسي باڻشي شيلي، جبران، گورڪي، رسول حمزه، يسنن، ٽئگور، ڪبير ۽ شاهہ لطيف اسان وٽ هن ڏس ۾ وڏا نالا آهن. هنن تخليقڪارن ملهو، فطرت، ۽ ڌرتيءَ جي وجودي سچ ۽ سندرتا جو راز ڀليءَ ڀت معلوم ڪري ورتو هو. اکين کي ڪئميرا بڻائي، هن ڪائنات جي ذري پرزي جي تصوير ڪڍي، ذهن جي پردي تي لڳائي، پوءِ ويهي هنن نور نچويو آهي. وڏي شاعر ٽيڻ لاءِ ڪنهن ٻٽ تي بيٺل اڪيلي وڻ ڪان وٺي جبل تان لهندڙ ڳَڻ جي ڇلانگن لڳائڻ تائين، صاف سٿري تصوير ڪڍڻي آهي. موجوده حالتن کي تاريخ جي هر باب سان ڀيٽي، ماضي ۽ حال جي وچ ۾ پُل ٿي جوڙڻي پوي. اها پل جيڪڏهن ڪمزور هوندي تہ پوءِ تاريخ اُن تخليقڪار جو قدر قيمت اهو مقرر ڪندي، جيڪو قاضي قاضن جو ٿيو هو. ٻيءَ صورت ۾ سندس ڪئنواس اڻڊلٺ جيان ڌرتيءَ جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڦهليل رهندو، جنهن جي دائري ۾ ڪيئي سرسبز واديون اچي وينديون. سنڌ جي رهواسي شاعر کي ڪانوڙ ڪان مدوي جي مسجد بلال تائين، غير مقامي مالڪن کي پڳڙن مٿ تي زمينون ڏيڻ سان گڏ، ڏکڻ آفريڪا جي ڪاري نسل وارن سان گوري سرڪار جي غير انساني سلوڪ جو سڌ سماءُ رکڻو ٿو پوي. هڪ ڪامل ۽ مهان ڪوي هجڻ لاءِ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها، تہ پوءِ هن ڌرتيءَ جو عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي لاکي ڦلاڻي، جاڙيجن، جسوڌن، ڪاهوڙين، ڪيڙائن، سڪائين ۽ سون ميانيءَ جي رهواسي اوڀاهي جي پٽن ۽ مانگر مڇ جهڙين استحصالي قوتن جا وکا پڌرا ڪرڻ تي نورنچوئي، اسان لاءِ هيڏو وڏو رسالو نہ ويهي لکي ها. ٿر تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسڪاري کان پوءِ لطيف ڳنڍير ۾ ڳپ پوندي ڏٺو هو. ڏهرن ۾ ميڄ جا ڇڳا ۽ پيرون پچندي ڏٺا هئا. سانيڪن تان پاڻي پرڻ لاءِ ڪيٽرين جون ڪيرون ڏٺيون هيون. تڏهن ويهي لطيف سارنگ، ڏهر ۽ مارئي سُرَ لکيا هئا.

ڪنهن ڪنگ يا ڍنڍ جي ڪناري نيلوفر ۽ ڪنول جي اڻ -ڪتندڙ گلن جو هوا جي جهوٽن تي پٽ ڏلڻ ٻيهي رقص ڏٺو هو. ڪڇي جي ڪنهن جوانڙيءَ کي سنڌوءَ مان پاڻي پريندي ۽ ڪينجهر ڪنڌيءَ ڄرڪن ۽ ڏيرن جاکوڙ ڏٺا هئا. پٽ ڏلڻ تڏهن ويهي ڪاموڏ ۽ سهڻيءَ جهڙا سُرَ سرجيا هئا.

مٿيان مشاهداتي روپ ۽ رنگ اسان شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ ڳولهي سگهون ٿا. هن ڏس ۾ مرحوم حسام الدين راشديءَ شاهہ. سچل ۽ ساميءَ کان پوءِ اياز کي سنڌيءَ جو سڀ کان وڏو شاعر سڏيو آهي. سنڌ جي سڄاڻ تخليقڪار مهتاب محبوب کي لاشعوري طور اياز. شاهہ جو جانشين لڳو آهي. سائين ابراهيم جوڻي جي لکت موجب حفيظ قريشي چئي ويٺو آهي، تہ جي سنڌ آزاد ٿيئي نہ هجي ها. تہ شيخ اياز پيدا نہ ٿئي ها. اياز جي ڪتاب"چنڊ چنبيليءَ ول" جي مهاڳ ۾ سائين سراج نموني طور هيٺين وائي ڏئي فيصلو ڏنو آهي تہ هيءَ وائي لطيف سان همسري ٿي ڪري؛

سنڌ ملي مسهار،
تہ چرڪا ڪير هيا.
لهرين لڙ لهي ويا آخر، سانت وسي سنسار
تہ چرڪا ڪير هيا.
ساهہ جڏهن ويساهہ سمائو، پرکي پاتو پيار.
تہ چرڪا ڪير هيا.
ياڳا ياڳا ڪير هئي ڪلهہ، مان نہ هيس منجهدار.
تہ چرڪا ڪير هيا.

هڪڙي هنڌ اياز پنهنجين تخليقن جي تور تڪور ڪندي پاڻ بہ هيٺن چيو آهي؛

"تون ياد ڪجانءِ تہ سنڌ ۾ منهنجي موت کان پوءِ جيڪڏهن ٻئي ڪنهن جو شعر زنده رهندو، تہ اهو ائين اُسريو هوندو، جيئن ڪمند جي هڪ فصل ڪپڻ کان پوءِ، ٻيو فصل ان جي جڙن مان خود بخود اسري ايندو آهي."

اڄ مان ٻنائي ۽ سچل جي روحن کي مخاطب ٿي چوان ٿو تہ؛ "اي پٽ ڌڻي! تنهنجيءَ پٽ تي سج وري ايري آيو آهي. اِن ازلي چراغ کي ڪوئي بہ وسائي نٿو سگهي. اي سرمست! تنهنجي درازن جي دز کي ڪوئي ڇهي نٿو سگهي. جيسين مارون ٻار چٽيندڙيون رهنديون، تون قائم ۽ دائم آهين. تنهنجون ڪهڙوليون ڳائبيون رهنديون، تنهنجا نغارا وڄندا رهندا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائي اياز وٽ ڪٿڪ جي ڪنب وانگر جهومندي نظر ٿي اچي. مون لاءِ بہ پنهنجي ڪتاب "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" جي صفحي ٦٢ ۽ ٧٣ تي هيٺن چيو اٿائين:

"تاجل خود بيت ۽ وائيءَ جو شاعر آهي ۽ هِن جهڙيون وايون ۽ بيت هن جي ڪنهن بہ هم عمر يا هن کان گهٽ عمر شاعر نہ لکيا آهن ..... تاجل هڪ جهور شاعر آهي ۽ هن جي شاعريءَ ۾فطرت جي عڪاسيءَ مونکي متاثر ڪيو. خاص ڪري هو اتر جي ڪچي جا منظر نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿو......"

اياز جي مٿين سهڻن من موهڻ جذبن لاءِ، مان سندس ٿورائتو آهيان. ڇو تہ سندس دل جي پاتال مان اوتجي نڪتل واکاڻ، مونکي هڪ هنڌ ٽِڪ ڏئي بيهاري ڇڏڻ بدران، اڳتي وڌي وڃڻ لاءِ ڏئي جي لاٽ ثابت ٿي سگهي ٿي.

اياز جي شاعريءَ بابت مٿي ذڪر ڪيل رايا ۽ فيصلا اسان جي جهونڙن پارکن ۽ اديبن جا آهن. جيڪي اياز کي شاهہ، سچل ۽ ساميءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر ڪري تسليم ڪن. هاڻي اچو تہ اياز جي شاعريءَ ۾ قدرتي ماحول، عڪاسي ۽ منظر نگاريءَ تي لکڻ کان اڳ، ڪنهن وڏي شاعر جون خوبيون مقرر ڪريو، ان تي اياز ۽ اياز جي تخليقن جي تڪ تور ڪيون. منهنجي ذاتي تجربي موجب، اهي خوبيون يا تخليقي لياقتون هيٺيون ٿي سگهن ٿيون:

١) اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ ڳوٺن ۾ رهندڙ عوام ٻولي، لفظن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن، ڏاهپ جي نُڪتن ۽ لوڪ ادب جو خالق هجي ٿو. ڏسڻو آهي تہ شاعر جون تخليقون ڪيتريءَ حد تائين ٻهراڙيءَ جي پڙهن ۽ وستين مان صبح جي ڪرڻن وانگر ڦٽي نڪرندڙ (Rural-oriented) آهن.

٢) سنڌي ٻوليءَ تي فارسي ۽ اردو ٻولين جو ڪنهن ڪيترو اثر قبوليو آهي. ڏٺو ٿو وڃي تہ ڪن شاعرن هنن ٻولين جي لفظن کي جائز ٺهرائيندي، زير اضافت، ۽ همزهء اِضافت کي بہ ڪثرت سان پنهنجيءَ شاعريءَ جي تاجي پيٽي ۾ اڻيو آهي. ڏسڻو اهو آهي تہ شاعر پنهنجيءَ زبان کي شاهوڪار تسليم ڪندي، پنهنجين تخليقن کي ڪيتري قدر ڌارين ٻولين کان پاڪ صاف رکيو آهي.

٣) شاعر جي تخليقن ۾ مطالعاتي ۽ شهري ماحول واري شاعريءَ (Urbanized poetry) جو ڪيترو حصو اهي. هن ڪتابي مطالعي تي پاڙيو آهي، يا سندس اک هن ڪائنات جي ڪليل ڪتاب جو مطالعو ڪندي رهي آهي. هتي سندس مشاهدي جي سگهہ ڏسڻي آهي.

٤) شاعر تي عالمن، ڏاهن، سگهڙن، ڪچهرين ۽ سنڌي مطالعي جو اثر آهي، يا اردوءَ جي اڪثر شاعرن وانگر درٻاري ماحول، گهٽين ۽ محلن ۾ جنم وٺندڙ ثقافت جو اثر آهي. استعمال ڪيل ٻوليءَ جون جڙون ڪهڙيون آهن. شعر پڙهڻ سان سنڌي ماحول پيدا ٿو ٿئي يا مٿي تي هٿ رکي سوچڻو ٿو پوي. شعر ۾ سنڌ جي

متيءَ جي پنهنجي خوشبوءِ آهي يا پاندانن ۽ شيراز جي مقبرن واري چونڊي جي بوءِ. ٻوليءَ جي لحاظ کان پڙهندڙ تي پنهنجائپ وارو اثر ٿو پيدا ٿئي، يا ڌاريائپ جو.

۵) عوام شاعريءَ کي ڪيتري قدر قبوليو آهي. ڳوٺائن توڙي شهر ۾ رهندڙ ماڻهن کي اُن شاعر جو ڪيترو ڪلام برزبان ياد آهي، يا ڳاتو ٿو وڃي. ائين نه ناهي ته شعر رڳو ادبي حلقن تائين محدود آهي.

٦) شاعريءَ جو اثر قبوليندي ماڻهو شاعر وٽ هلي اچي ٿا ڳالهه ٿين، يا تخليقڪار نوڪرو متي تي ڪٿي وڃي ٿو پنهنجي وڪر جا پاڻ هوڪا ڏيندو.

٧) پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ کي اقتصادي ۽ سياسي طور آزاد ڪرائڻ يا ٻولي، ثقافت ۽ اخلاقي قدرن کي زرخيز بڻائڻ يا ڪين نئون جنم ونرائڻ ۾ اُن شاعر جو ڪيترو حصو رهيو آهي. دنيا جي قومن جي حوالي سان غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ ۾ شاعر جو معروضي ۽ آفاقي ڪردار ڪهڙو رهيو آهي. بنيادي حقن وٺڻ واريءَ جنگ ۾ شاعر پنهنجين تخليقن ذريعي ڀرپور ڀرپور دستي ڀريهيو آهي، يا لنداڪڙي واريءَ ڪيفيت ۾ اهڙن مسئلن ۽ حل تلاش ڪرڻ واريءَ ڊڪ ڊوڙ ۾ عوام سان واڳيل رهيو آهي، يا ڪن لاتار ڪندو رهيو آهي.

٨) آمريت جي ٻوساٽيندڙ ماحول ۽ جمهوريت جي آزاد فضائن جو شاعر جي تخليقي عمل تي ڪهڙو اثر رهيو آهي. ائين نه ناهي جو شاعر ٻنهي قسمن جي اقتدارن کي هڪ جيترو پئي قبوليو آهي.

٩) شاعر جون تخليقون ٻولي، ٻوليءَ جي سونهن، اسلوب، فڪر، فلسفي ۽ انءَ قسم جي ٻين شاعرائين خوبين سان ڪيتري قدر مالا مال آهن.

١٠) آخر ۾ ارتقائي اثر، وقت ۽ ماحول جي ميڄا ۽ ترقي پسند لاڙا.

مٿين ڏهن خوبين جو ڪيترو مقدار شاعر جي تخليقن ۾ آهي، اُن جو فيصلو پارکو ئي ڪري سگهن ٿا، جنجي پرک اديب گهٽ، پر عوام وڌيڪ ڪري سگهي ٿو. شهر جي ڏمـاڙ يا ڪلفتن جي ڪنهن بنگلي ۾، ٽيبل اڳيان رکي، مٿان پلب ٻاري ڪتابن جي اٿل پٿل سان، تنقيد جا ڪرا ۽ ٺوس فرض ئتا پورا ڪري سگهجن. هن قسم جي وٽج وکر جي ڪٽ آهي ئي پارکو ڪري سگهن ٿا، جيڪي وڻن جي ڪوڪڙي يا سرنهن جي ڦريءَ وانگي ڦٽي ڦاٽي پيا هوندا.

متي ڀيش ٽيل ڏهن نڪتن واري ڪسوٽيءَ جي مونکي شديد ضرورت محسوس ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته مان شيخ اياز ۽ سندس فن تي لکي رهيو آهيان، جيڪو هن لنڍي ڪنڊ ۾ وڏو شاعر آهي، جيڪو صدين جي شاعريءَ جو نچوڙ، پنهنجي ڪنهن به هڪ ڪتاب ۾ پيش ڪري سگهي ٿو.

اياز سان منهنجي بنيادي دعا سلام يا ٻالجتيءَ وارو رشتو ڪين رهيو آهي. اسان جا ڳانڍاپا شاعرائي فن تائين محدود آهن. اياز جڏهن وائيس چانسلر هو ته سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان "پرک" رسالو ڪڍندو هو. مونکي منهنجيءَ ذات کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون پيرو واقف ڪرائڻ لاءِ، شاعرن جي فهرست کي ترتيب ڏيندي، اياز پاڻ
کان پوءِ منهنجو نالو ڇاپيو هو، سو به اُن وقت، جڏهن منهنجو هڪ ڪتاب به نه
ڇپيو هو. شاعريءَ جي ميدان ۾ اياز جو اِهو ورتاءُ ائين هو، جيئن ٿر تي وسڪارو يا
ڪنڊڙيءَ ٻير ۾ اچي ڪو صوفڻ ٻير جو پيوند لڳائي. اياز جو جڏهن مونکي قرب
نصيب ٿيڻ لڳو هو، ته مان به پيرا وٺس ڇام شوري ويو هئس. هڪ لڳا رات جو
هڪ وڳو هو. اسان ٽي ڄڻا وي–سي هائوس ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسون. ائين
ڪٿي ڄڻجي ته مونکي ٻن وڏن ذات ڏٺين جي سنگت نصيب ٿي هئي. هڪ شعر سخن
جو مالڪ ٻيو ادب ۾ ڏاهپ جو پندار. يعني هڪ رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي ۽ "جل
جل مشعل جل" جو خالق شيخ اياز ۽ ٻيو مانوارو محمد ابراهيم جويو. اُن وقت مان
پاڻ کي شهتوت جي ٻن وڻن جي پر ۾ بيٺل،ميندیءَ جو ٻوٽو لڳو هئس. مون جڏهن
ڪچهريءَ مان اٿي اياز ۽ جوئي صاحب کان موڪلايو هو، ته محسوس ڪيو هئم
ته مان جهول ۾ جي ڪندا ۽ ڦرول جا پتا ڪٺي، ڇام شوري پهتو هئس، سي گل ۽
ڳاڙها ڳنٺول ٻير ٿي پيا هئا. موڪلائڻ کان اڳ، اياز اسان کي پنهنجو تازو ڪلام
ٻڌايو هو. اُن وقت اياز لکيءَ جا چشما کوليا هئا ۽ اسان ٻهڪ جهلي اُنهن چشمن
جو شفاف ۽ اوجل پاڻي پيتو هو. اياز ۽ جوئي صاحب جي فرمائش تي مون به ڪنڊ
هيٺ ڪري ڪين، ڏيڍ ڊزن کن وايون ٻڌايون هيون. جن مان پوءِ اياز چڱيون
خاصيون وايون "پرک" ۾ ڇپيون هيون. اياز پنهنجين مرڪن ۽ ٽهڪن سان جيڪو
مونکي داد ڏنو هو، اُن منهنجي شعور کي وڏيڪ زرخيز بڻايو هو. جوئي صاحب
سوال ڪيو هو ته مان ڪيس پنهنجي پسند جا شاعر ٻڌايان. ان روائتي سوال گهڙي
ڪن مون ۾ ٻڌ تر واري ڪيفيت پيدا ڪئي هئي. مون کيس جواب ڏنو هو ته
جيڪڏهن مونکان منهنجي پسند جا شاعر پڇيا ٿا وڃن، ته پوءِ مان ١٦٨٩ع کان
شروعات ڪندس. مون ڪين ٻڌايو هو ته شاهه، سچل ۽ سامي کان وٺي اياز تائين
سنڌ ڌرتيءَ جيڪي به شاعر پيدا ڪيا آهن، اُنهن کي قطار ۾ بيهاري، جيڪڏهن
مونکي سنڌن آڏر پياءُ لاءِ چيو وڃي ته ٻن شاعرن وٽ پهچندي، مان پاڻ کي
ڪارونجهر وانگر زمين ۾ ڪتل محسوس ڪندس. مون اُنهن ٻن شاعرن جا نالا ڪين
ڪونه ٻڌايا هئا. پر پوءِ به جوئي صاحب ۽ اياز منهنجي جواب تي مرڪي ڏنو هو.
١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ اياز جي شعري مجموعن سان گڏ ڪتابي سلسلن،
"جل جل مشعل جل" "رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" مونکي بيحد متاثر ڪيو هو.
لطيف کان پوءِ مونکي اياز جا ئي بيت وڻندا هئا. خاص ڪري سنڌس سر سورٺ
وارا بيت. اڄ به اياز بيتن جي اُها معروضي ۽ آفاقي خوبي برقرار رکي آهي. بيت ۽
وائي جي انقلابي خوبين کي اڄا به اڳيرو وٺي آيو آهي. وائيمنس چانسلريءَ کان پوءِ
اياز ڪجهه سالن تائين ٻڌ تر واريءَ ڪيفيت ۾ رهيو هو. لکان يا نه. لکان ته ڇا
لکان. لکان ته ڪتان شروع ڪيان وغيره. اياز جهڙي قداور شاعر جي اِن مانار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون تي سخت اثر ٿيو هو ۽ مان اُن جو شدت سان نوٽيس ورتو هو. مون پنهنجي شعري مجموعي "جڏهن پونءِ ٻني" ۾ مشوري جي عنوان هيٺ اياز تي ٻارنهن بيت ۽ وايون لکي، ٻيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائي لهرون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. الائي ڇو مانواري ابراهيم جوڻي کي منهنجي مشوري واري ڳالهه نه وڻي هئي. جڏهن جو مان اياز کي، سپرين ڪوي، ڪاپڙي، راڪي، مها پاتي، رانول، ناڪو، ميان وڻجارو ۽ ڳهٽو تي مخاطب ٿيو آهيان. مون محسوس ڪيو هو ته ڪويءَ وٽ ذات به هئي ته ڏانءُ به، پر ڪا ويڌن ضرور هئي، جنهن ڪري ڪوي رستو ڇڏي، رستي جي پر ۾ لرڙ تي هٽ رکي ويهي رهيو هو. مون ته سندس ڪلهن تي هٿ هٿي، کيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پوءِ به جوڻي صاحب کي منهنجي هيءَ نمائي ڪوشش نه وڻي هئي. جڏهن اسانجي دوستن خان محمد پنهور، آزاد جتوئي ۽ ٻين چيو هو ته تاجل جي مشوري تي لکڻ جو اياز ايڏو ته نوٽيس ورتو آهي، جو ١٩٧٣ع کان پوءِ اياز جو ڪتاب مٿان ڪتاب پيو ڇپجي.

اڄ کان ڏهاڪو سال اڳ مان اياز وٽ سندس گلشن اقبال واري گهر ويندو هئس، جتي اڪثر مان يوسف شاهين کي ويٺل يا بيٺل ڏسندو هئس. اياز به قرب ڪري مون وٽ گارڊن واري منهنجي سرڪاري گهر ايندو هو. اياز سان ڪڏهن، ڪڏهن ميون شاهه عنايت جو ڳوٺائي، يوسف شاهين به ايندو هو. نصرپور جو شاهين، جتان جي ماڻهن کي ڪنهن زماني ترخاني قيادت هاٿين جي ٽنگن سان لتاڙائي ڇڏيو هو. يوسف ايندو ته هو، پر اسانجي ذهن تي مُرڪن جون تصويرون جوڙي، سومهڻيءَ جي لذتن کان محروم ٿي هليو ويندو هو. ۽ اياز کي اسان سان گڏ انگورن جي ولين هيٺان وهاري، پارت ڪري ويندو هو ته ڪيس "ڪِرِيءَ" واري ٻاجي ۽ ڪِرِيءَ وارو پاڻي پيارينداڻ يوسف مٿارن منجهان هجي ها ته اِن قسم جي پارت ڪڏهن به نه ڪري ها.

اياز جي اچڻ تي مان "چوٻاري" پوري ڪرڻ لاءِ نيلهڙ (ٽن دوستن) يعني شمشير، هدايت ۽ منهنجي ننڍپڻ واري دوست امام الدين پٺاڻ کي به گهرائيندو هئس ۽ اُهي ادبي ڪچهريون رات جي پوئين پهر تائين به هلنديون هيون. انهن ڪچهرين ۾ مونکي اياز جي نه رڳو وسيع مطالعي جي خبر پئي، پر سندس شعر، خاص ڪري وائي ۽ بيت جي ارتقائي سفر جي به سڌ پئي. ان قسم جون ڪچهريون اسان جون اڄ تائين جاري آهن. اياز فون ڪري چوندو ته تاجل اڄ ته ڪلفٽن هلئون ۽ ڏسون ته اڄ منهوڙي کان سج ڪيئن ٿو سمنڊ ۾ ٽبي هئي. ڪڏهن چوندو ته فقير محمد لاشاريءَ کي به ڪنيو اچ. يا چوندو ته عطيه مائي اڄي ته ڪيس ڪنيو اچ.

هونءَ ته اياز جي شاعريءَ جا ڪيئي سندر روپ ۽ رنگ آهن. هن مضمون ۾ مان "اياز ۾ منظر نگاري" تي لکندس. ڏسون ته اياز پنهنجي مشاهداتي سگهه وسيلي اک جي ڪئميرا سان ڪهڙيون تصويرون ڪڍي اسانکي ٿو آڇي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍنڍ جي هڪ ڪپ سان لَون،ٻيرن ۽ ڪامَهن جي وڻن جون قطارون آهن، جن جا عڪس ۽ اولڙا ڍنڍ جي نيري پاڻيءَ ۾ لهن ۽ ڏهن ٿا. ٻئي ڪناري تي پٽنتلو آهي ۽ ڪَلَ سان گڏ سينواريل پاڻيءَ ۾ نيلوفر (ڪَمن جا گل) ۽ ڪنول جا گل، هوا جي هلڪڙن جهوٽن ۽ ڪهن تي رقص ڪري رهيا آهن، ڍنڍ تي ڪانير، نيرڳا، آڙيون ۽ ڪوڪڙات ٿا لهن، جنهن ڪري پاڻيءَ تي گول دائرا ٺهي ٿا پون. ساڳيءَ ئي پرتي، ڇٽن جو ڪيت آهي، جنهن ۾ سرنهن جي ٽانڪر آهي. ڳوٺائيون عورتون ٽيٽا هٿن ۾ جهلي، سرنهن جو ساڳ ۽ ڳنر پٽي رهيون آهن. ٻـ جوانڙيون ور ڪَنجي، ڪنگوٽارن کي پڪڙي ڳهارو اُڪري رهيون آهن. سندن وارن ۽ ڪلهن تي اينوٽيءَ جا ڪير جهڙا اڇا اُجرا گل ڇٽي رهيا آهن، جيڪي سج جي ڪرڻن تي جرڪي، آسمان ۾ ستارن جيان لڳي رهيا آهن. اياز اِن نظاري جي هيئن تو عڪاسي ڪري؛

هي جي وليون اينوٽيءَ، چاڙهيان ڪٿي مان؟
ڏاڍو ڏور اچان، آهـن ڪـڪـر اُپ جا.

OOO

اهـڙي لـڳي واءُ جو، ورهـين لـيءَ ويڙيـا،
ڪـنـڪـوءَ ٽـارن جا، پـاڻـيءَ مـٿـان اولـڙا.

ٿَل ڍوري جي ڪَرّ تي ٻاٽڙ ٻڌي، نار ۾ ڏاند جوٽيل آهي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪنڙات پيل آهي. ۽ ٿرندڙ چڪري جا چيڪات ماحول ۾ ترنم پيدا ڪري رهيا آهن. لوٽيون ڪوهاڏي مان پرجي پاڙڇ ۾ هارجن پيون. پاڻي نيسر مان ٽيندو اچي تو آهڏ ۾ نِڪ تي ڪري. ڪانجڻ جي هڪڙي چيڙي وٽ ٺلهه پرسان بيٺل ڪرڙ تي، پوريون ڏيلها ٽڪي رهيون آهن، جنهن ڪري سر ۽ مريٽڙي جي پوٽن تِي پَسيون ڇٽي رهيون آهن ۽ پاڻي واهيءَ مان ٽيندو وڃي تو ٻاجهريءَ جي ڪيت ۾ پوي. هڪ ڳوٺاڻي ڏاڪن ۾ هٿ وجهندي، پيهي تي چڙهي رهي آهي ۽ ائين ٻاجهريءَ جي ڪيت کي ٻهڪائي، سنگ. سنگ کي معنيٰ پئي بخشي. اياز اُتان لانگهائو ٿئي تو ۽ اندر جي جذبن جو اظهار هيئن تو ڪري.

ڇا منـهـنجي سـاهـ ۾، شـيءِ آ سـمـائي،
پـاڙڇ جو پـاڻي، نـيـسـر مـان سـوئـي وهـي.

OOO

ٻـوريءَ مـٿـان جهرڪيـون، ٻهر کي نـہ ڏسـن،
ڪـانـيـاٺـيءَ ٿـهـڪـن- چَهـ چهـ آندي چپ ۾.

شام ٿي آهي. ڏنار ٻوڻيندا وڃائيندا، مينهن پٺارين کي تنوارپندا، سنگهڙ ڪرائي، ڪُنگ اُڪري رهيا آهن. پرسان مهاڻن جا ٻار ڪَلَ مان ڪمن سان گودا پري رهيا آهن. سندن ڪوٺين جهڙي نرم جسمن کي نيلوفر جا گل ڇُهي، ڪُنگ جي قدرتي نظاري کي سونهن بخشي رهيا آهن. ڪَنبَ مٿان ٻتيلو بيٺو آهي، جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڳل تي هڪ جهونڙي ويٺي آهي، جا ڪيرٿر جبل جي اولهائين قطارن ۾ لهندڙ سج کي ڏسي رهي آهي. گگنگ جي اهڙي نظاري جي عڪاسي اياز هيئن ٿو ڪري:

شفق، پاڻيءَ گگنگ ۾، نيلوفر جا گلَ،
ويندا اونداهہ ۾ ٻڏي، سارا آڙين هلَ،
يا هيءَ منهنجي پلَ، ڀيهر اچڻو آنهہ تون؟

OOO

ٻوڏيءَ تي هيءَ ٻوڏڙي، اچا لڙڪائي،
ڀيٽي پاڻيءَ آرسيءَ کان منهن ڇپائي،
ڪٿي الائي، هن جا جوين ڏينهڙا؟

OOO

هڪ پاسي کان ٻڍيءَ آسوءَ جي گهٽ ۽ ڪاڙهو آهي. سنڌوءَ ۾ چاڙهہ آهي. ڏنڍون ۽ ڍورا تارون تار آهن. جهنگ جهر کي ڪيلاش جي تازي پاڻيءَ ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو آهي. ڪٿي، ڪٿي پاڻيءَ ۾ لاٽ آهي. پاڻيءَ جي ڇڇڻ ڪري ٻانڌا ظاهر ٿي پيا آهن. اياز چوي ٿو:

هالي پالي ڇڇندو، رهي ڏٺيءَ نانءُ،
وجان ڀيو آنءُ، ڏنڍون ڍورا سڀ ڀري.

OOO

ٻئي پاسي کان چڪڻ جو چڙهول آهي، جا جهلي بند وٽان زمين کي روڙي رهي آهي. انهن پيو لڳي، جڻ پالي ڪڙاهہ ۾ اُيامي رهيو آهي. چڪڻ جي چڪ کان مهاٽا ونءُ پيا وجن. اياز اهڙي منظر کي هيئن ٿو بيتن جو لباس پهرائي:

سوچي سمجهي واٽڙا! ڳولي لهو ڀيٽ،
چڪڻ جي چپيٽ، ڀيڙا ڀوڙي ڪيترا.

OOO

چڪڻ جو آواز، آيو اسر وير جو،
متان ٻيڙو انهن ڪنيي، جيئن جهرڪيءَ کي باز،
سوچي ڪيو ناز، موڙها ملاحن تي.

OOO

آسڪر وائيلڊ چيو آهي:
"جڏهن فنڪار کي محبت ۾ سرشار ڏسو تہ اُن جو مطلب محض هيءُ آهي، تہ هُن جي ذات ۾ حسن جو شعور گهر ڪري ويو آهي."
هڪ ٻئي هنڌ آسڪر وائيلڊ هيئن بہ چيو آهي:
"فطرت منهنجي نگاهہ کي تازو ۽ تيز ڪندي آهي."

اِن کان اڳ ستين صديءَ جو مها ڪوي پرتري هري سنسار جي سونهن ۽ مجازي عشق جي باري ۾ هيئن چيو هو:
"زندگيءَ جي ٻن قدرن کان سواءِ، سڄو سنسار بيڪار آهي. آهي قدر آهن.
"عورت جو جوڀن" ۽ "جهنگلن جا نظارا"
ويهين صديءَ ۾ سنڌي زبان جو وڏو شاعر شيخ اياز وڌيڪ اثرائتي نموني هيئن ٿو چوي:

ٽِبي هٿي هنج جيئن، جڏهن نڪتس آءُ،
هيو منهنجو هانءُ، اڃان ڇڻ تہ تلاءَ ۾.

OOO

خالي دٻا، بوتلون، ڪناري ڪيئي،
پرسان چانگها، ڪيڪڙا، گهمن گهٽيئي،
پار بہ اُتيئي، ڪيڏن ڪوڏ ڪنا ڪري.

OOO

بيگاريءَ جي گهات وٽ، واياٿيون تڙگن،
ڇاڇا منهنجي من، آيا گل گلاب جا.

OOO

جهومڪ جهلي ايئن، ڳاڙهي روپ ڳتول تي،
تارو هجي جيئن، پرسان چوڏهينءَ چنڊ جي.

OOO

اياز جي شاعريءَ ۾ برجستن ۽ سگهارن تخليقي قدرن کي پڙهي، ميڇڻ ٿو پوي تہ اياز جي ذهن تي ماٿهو، ڌرتي ۽ فطرت جو حسن ۽ اُن حسن جو شعور سانوڻيءَ جي وڏ ڦڙڻي وانگر وسڪارا لايو بيٺا آهن.
"وسڪار جي ويل" ڪهڙا نہ سندر منظر آڇيندي آهي. هيٺان ڌرتي، مٿان آڪاس، مينهن جون ڌارون ڇڻ تہ ڌرتي ۽ آڪاس کي واڍين ۽ رسن ذريعي ملائي ڇڏينديون آهن. وڏ ڦڙڻي جي وسڪارن ۾ لڳندو آهي ڄڻ فطرت ڇيريون پائي، نچندي آهي. اهڙي ماحول جي منظر نگاري اياز هيئن ڪئي آهي:

اُڀ ۾ نڪتي الدلت، ڄڻ ڪونئي ڪنمالَ،
مٿان پون مينهڙا، هيٺان چري مالَ،
ڪير چوي جنجال، آهن جيئڻ ڏينهڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريو "وفا"

شيخ اياز هڪ عظيم شاعر ۽ عظيم شخص

عظيم شاعر شيخ اياز ۽ منهنجي عمر وچ ۾ آٽڪل ستن سالن جو فرق آهي، مون جڏهن ١٩٣٨ع ۾ بي اي پاس ڪري، ڊي، جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ کي الوداع ڪئي، ان ڪان پوءِ آياز صاحب ڪاليج ۾ قدم ڌريو. هو شڪارپور ۾ رهندو هو ۽ مان لاڙڪاڻي ۾، ان ڪري سنڌ ۾ ساڻس سمپرڪ ٿي نہ سگهيو. پَو شاعريءَ جي ميدان ۾ سندس نالو گهڻو ٻڌندو رهيو هوس. اُن زماني ۾ سورگيہ ٻُولچند راجپال هڪ دلڪش ۽ معياري مخزن "سنڌوُ" نالي سان ڪڍندو هو، جنهن ۾ شيخ اياز، ڪشنچند آزاد، شيام، فاني، دلگير ۽ منهنجا شعر شايع ٿيندا رهندا هئا. شيخ اياز جي شعرن ڪان ڪافي متاثر ٿيندو هوس. ڪيس ڏسڻ جي دل ۾ چاهنا رهندي هئي ۽ آس هئم تہ هن جي قريب اچان ۽ ڪيس پنهنجو دوست بڻايان. اِها آس سنڌ ۾ پوري ٿي نہ سگهي، ڇو جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ کي الوداع ڪري ڀارت ۾ آياسين ۽ آياز سنڌ ۾ رهجي ويو.

ڀارت ۾ پاڪستان ڪان هڪ معياري مخزن "مهراڻ" جي نالي سان ايندي هئي، جنهن ۾ اياز جا شعر شايع ٿيندا هئا. هيءَ مخزن مان ڏيان سان پڙهندو هوس. اياز جا شعر پڪا پختا هوندا هئا. ۽ آياز مڪمل طور رچي راس ٿِيو هو. مون ان وقت ئي محسوس ڪيو هو تہ اياز اڳتي هلي هڪ عظيم شاعر جي حيثيت ۾ مشهور ٿيندو. آياز صاحب لاءِ منهنجو پيار ۽ عزت وڌندا رهيا.

١٩٦٣ع ۾ آياز ڀارت ۾ پڌاريو هو. بمبئي ڪان پوءِ، گيتا ۽ راج جي ميزبانيءَ هيٺ دهليءَ ۾ آيل هو ۽ ڪناٽ پئليس جي هڪ موٽيل ۾ رهيل هئا. مان نارائڻ شيام سان گڏ ساڻس گڏجڻ ويس ۽ شيخ آياز کي ساکيات وچي ڏٺم. ڏسڻ سان ئي سندس شخصيت تي موهت ٿي پيس. شينهن مڙس ٿي لڳو. منهنجي ذهن ۾سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقبال اڙدو شاعر جي صورت اُيري آئي. اهائي ڪشادي پيشاني، پريل منهن، ڪاريون مڇون ۽ جاندار شخصيت هئي، ڪيس پاڪر پاتي گڏيم. هن به مون کي پنهنجي رڇ جهڙي پاڪر ۾ پري ڇڏيو. ويهي حالي احوالي ٿياسين. گفتگو جي دوران مون ڪائنس پڇيو: " مون کي سڃاڻو ٿا، منهنجو نالو پريو وفا آهي." جواب ڏنائين: "وفا کي ڪيئن نه سڃاڻبو. مون کي تنهنجي هڪ ڪافي جو شعر به ياد آهي." ۽ اهو گنگنائي ٻڌايائين:

"آڌي رات اسان وٽ آيو لوڪن پاڻ لڪائي يار
لوڪن پاڻ لڪائي ويو مون سان ڳالهه ڳجهي ڳالهائي يار."

مان دنگ رهجي ويس. هي شعر منهنجو ايڏو ته پراڻو هو(شايد ١٩٣٢ع جو لکيل هو) جو مون کي به ياد ڪو نه هو. آياز جي ياداشت کي دل ئي دل ۾ داد ڏيڻ لڳم. آياز جو هٿ پڪڙي، هٿ تي چمي ڏنم.

دهليءَ ۾ خوب مشاعرا ٿيا. ڪي خانگي گهرن ۾ ته ڪي سڀائن ۾. سندس شعرن کي ٻڌڻ جو هي پهريون شرف مون کي مليو هو. جنهن قافيه جو شعر مون ٿي پڙهيو ان قافيه تي هن پنهنجو شعر تي پيش ڪيو، سو به يادگيريءَ مان. ڪيس ڪيڏا نه پنهنجا شعر ياد هئا ۽ مان جو، پنهنجو" پرواز" (جو تازو ڇپيل هو) کولي پئي پڙهيو.

آخر الوداع ڪري آيازصاحب پاڪستان هليو ويو ۾ ان ڪان پوءِ به ڪيترا ڏينهن سندس شعر(گيت ۽ غزل) منهنجن ڪنن ۾ ٿي ٻُريا ۽ سندس صورت اکين اڳيان ٿي ڦري. ويندي ويندي هڪ نثر جوڪتاب" جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" سوکڙيءَ طور ڏئي ويو، جو مون ور ور ڪري پڙهيو ۽ حظ حاصل ڪيو. مون محسوس ڪيو ته اياز کي نثر تي به ڪافي دست رس هو، اڃا ڪنهن حد تائين نظم کان به وڌيڪ سندس نثر ٿي وڻيو. سندس نظم جو ڪتاب" پنوڙ پري آڪاس" ناراڻ شيام کان وٺي پڙهيم ۽ بيحد متاثر ٿيس.

پارت کان آياز کي هڪ خط لکيم، جنهن ۾ سندس جهوليءَ ۾ ثنا جا گل برسايا هئم. خط انگريزيءَ ۾ لکيل هو. موٽ ۾ اياز لکيو: "تون سنڌيءَ جو هيڏو چاڻو سنڌيءَ ۾ تمام سٺا خط لکي سگهين ٿو. پوءِ به خط سنڌيءَ ۾ ڇو نه ٿو لکين." وڌيڪ لکيائين ته هُو سنڌيءَ ۾ ئي خط لکندو آهي. سندس اهو ڏوراپو منهنجي ڇاتيءَ تي چاٻي وانگر ڇبجي ويوءِ اهو ڏينهن اهو ڏشينهن، مون سنڌيءَ ۾ ئي خط لکڻ شروع ڪيا ۽ اڄ تائين ان نيم جي پيروي ڪندو آيو آهيان. ان کان پوءِ آياز جو هر ڪتاب نظم توڙي نثر جو ملندو هو، ان جو مطالعو ڪندو هوس ۽ پريرڻا پائيندو رهيس.

هن پيري جڏهن شيخ آياز بمبئيءَ ۾ "شاهه، سچل ۽ سامي" سيمينار تي آيل هو ته پنهنجيءَ رفيق، حيات زرينه کي به ساڻ وٺي آيو هو ۽ ڪي ڪلاڪار به آيل هئا. سڀ روزوڊ هوٽل ۾ رهيل هئا، جتي ساڻن ملڻ ويس. مون کي ياد آڇي ويو آياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو دهليءَ ۾ چيل گفتو. جو ڪنهن دهليءَ جي اديب جي حوالي ۾ چيو هئائين تہ "اسين سنڌ مان هزارين ڪوهہ ڪهي ڀارت جي دوستن سان ملڻ آيا آهيون ۽ هُو بہ پير ڪٽي مون سان گڏجڻ نہ آيو آهي." اهو گفتو ياد ايندي ئي مان اياز سان پهرين ڏينهن تي گڏجڻ ويو هوس. هن دفعي آياز کي ڪافي ديرينو ۽ ٿور ڳالهائو ۽ سندس سرير بہ ڪافي جهڪو ڏٺم. دهليءَ ۾ جا سندس دهشت ڀري جاندار شخصيت ڏٺي هئم، سان عدم پيدا هئي، هٿ ۾ لٺ جو سهارو، ڳالهائڻ ڏيري ۽ اها دهليءَ واري چنچلتا نظر نہ آئي. جيتوڻيڪ سائنس گفتگوءَ جي دوران پنهنجن عقيدن ۽ اُصولن ۾ اڳ کان بہ وڌيڪ اٽل ۽ محڪم ٿي لڳو.

جلد ئي آسان جي اديب دوست گوبند پنجابيءَ اياز، زرينہ ۽ سندس ميزبان ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا ۽ ڪن ٻين ساهتڪارن کي دعوت ڏيئي پنهنجي گهر ڊنر تي گهرايو هو، جنهن ۾ مان بہ هوس. آتي وچہ وني ڪانٽس پڇيم تہ اڄ ڪلهہ سندس صحت ڪيئن ٿي رهي تہ چيائين:" بہ دفعا دل جي تڪليف ٿي هئي ۽ پاڪستاني جيلن ۾ رهي رهي صحت ئي ڊهي پئي آهي. هن دفع هر موقع تي ڏٺم تہ سندس هٿ جي ٻن آڱرين وچ ۾ اڻ- جليل سگريٽ رهندو هو، جو ور ور ڪري چپن تائين آڻي خيالي سوٽو پئي ڪيائين. وڌيڪ چيائين "ڊاڪٽرن سگريٽ کان خاص منع ڪئي آهي." پهرين دفعي دهليءَ ۾ ڪيس گهڻ- چيڪو Chain smokers جي صورت ۾ ڏٺو هوم. اياز جي اِجا شڪتيءَ تي عجب لڳم ۽ ڪيس دل ئي دل ۾ دادَ ڏنم.

اياز کي آجا بہ قريب آڻڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس، پيڻ زرينہ، ارجن شاد، موهنيءَ، ٺاڪر چاولا ۽ پاور چاولا (آياز جا ميزبان ۽ منهنجا دوست) کي پنهنجي گهر رات جي مانيءَ تي گهرايم. جتي خوب دل کولي ڳالهيون ڪيون ۽ گڏجي فوٽا ڪڍياسين. سچ تہ دل کي سڪون اچي ويو. سنڌ ۾ جنهن کي دوست ٻنائڻ جو سپنو هو، سو آخر ڀارت ۾ ساڪار ٿيو. گفتگو جي دوران مون کان سوال پڇيائين تہ "تون رٽائر ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ڇو ٿو ڪرين. پورت جي خيال کان تو نوڪري ڪرين يا اٿين ئي؟" پنهنجي باري ۾ چيائين تہ مان باقائدي رٽائر ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جو سمورو وقت شاعريءَ کي ڏنو اٿم. تو بہ اٿين جو نہ ٿو ڪرين؟ مون کيس جواب ڏنو تہ "سچ تہ رپئي جي ايتري پرواهہ نہ آهي. پر نوڪريءَ ڪرڻ سان بدن چست ۽ تندرست ٿو رهي." پوءِ کلي چيائين تہ "تنهنجي صحت ڏسي مان سمجهان ٿو تہ سؤ سال پڪ پُورا ڪندين." اِها دعا ڪري آخر جدا ٿيو.

قديم زماني ۾ اورنگزيب جي ڌيءَ زيب النساء، جا هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي شاعره هئي. چوندي هئي " منهنجي شخصيت منهنجن شعرن ۾ مخفي آهي." اهڙيءَ طرح هر شاعر کي سندس شاعريءَ مان ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. آياز صاحب جي شخصيت بہ سندس شعرن مان لياڪا پائي رهي آهي. اياز ذاتي طور هڪ رومانوي شاعري آهي. هو سونهن جو مشتاق. هو زندگيءَ کي پيار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سندر سنسار، ڪيئن ڇڏيندس جوڳيا،
مان جو سرجنهار، ان بن مان ڪاڏي وڃان.

○

مان جنهن سندر نار جو، عاشقڙو آهيان،
اُن کي ڪيئن پايان، مايا پنهنجي هنج ۾.

○

سامي! جا شمشان ۾، سڙي تي ديهي،
توکي اُن جيهي، مور نہ ملندي جندڙي.

○

نارائڻ شيام کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

آچا سيڪجهہ سانورا، آڏورو آهي،
دل تہ نہ ٿي چاهي، ائين لڏجي لوءِ مان،

○

ٻانهون گلن ناريون، ڳچيءَ ۾ پائي،
ڇاتيءَ سان لائي، مون ۾ ڇپيا سپرين

○

جرڪي منهنجي جيءَ سان، تنهنجي جيءَ ملي،
پيئون جڻ تہ کلي، ڇيبون هڪ ٻئي هنج ۾.

○

سنڌوءَ ۾ اشنان،
ناريءَ اُرهہ سِيرَ ۾،
چوڏهين چندرما.

○

تو جي ڪر موڙيا ،
اُرهہ اُڊيڙي ڪنجرو،
تاڪا سي توڙيا.

○

ڪارون منجهہ ڪجل،
ڇپ ڪڇيون ڪچنار جون،
مکڙيون ماڪ- ڀنل.

○

چنڊ چنڊ چيهي ڪي.
منيءَ- هاٿا پيرڙا،
تانگر تي نہ رکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرتري هري، پارت جي ڪلاسيڪل شاعر جي بقول، شيخ اياز به پنهنجي حقيقتن کان متاثر آهي. هڪ قدرت جي سونهن ۽ ٻي انساني سرير جي سونهن.

اَياز اَول ۽ آخر ۾ هڪ انسان آهي. هُو وطن دوست بہ آهي. سنڌڙيءَ سان جنڌڙي جڙيل اٿس. هن جو مذهب آهي "ماڻهپو" هن ۾ نہ هندڪي نہ مسلمانڪي آهي. سچل سرمست وانگر "هندو" مومن ناهيان مان جوئي آهيان سوئي آهيان." هوهڪ عالمگير انسان آهي. ذات پات ۽ نيات کان مٿي، جنهن کي ساري خدا جي مخلوق لاءِ محبت آهي. هُو هر عالمگير شاعر ۾ پنهنجي صورت تـو پسي. هڪ ڪتاب ۾ لکيو اٿس:

"مون کي ڪـوري رهيون آهن ڪاليداس، وديا پتي، پرتري هريءَ جون اکيون، پنڙ پنڙ اکيون جن ۾ گنجار آهي، ڪنول ڪنول لاءِ پياس آهي. مون کي ڪوري رهيون آهن جائسي ۽ خان خانا جون اکيون، ميگهہ ملهار اکيون، جن مان اِنسان دوستي ۽ رواداري برسي رهي آهي. مون کي ڪـوري رهيون آهن سورداس جون اکيون، جن ۾ جڳ جڳ جي جوت ٻري رهي آهي، ميران جون هيٺيون وهيٺيون سونهيون آسونهيون اکيون، ڪبير، پتائيءَ، نانڪ ۽ ٽئگور جون اکيون، جن ۾ حقيقت جا سدا گلاب، جن ۾ همہ اوست جو هڳاءُ آهي. سرمد ۽ سرمست جون اکيون، لا الله جهرڻيون پر جلال، باوقار اکيون. ها، آهي اکيون مون کي ڪوري رهيون آهن ۽ پڇي رهيون آهن " چا تون اسان کان اکيون موڙي ويندين. چا هن ڌرتيءَ جي آرتيءَ ۾ تون پنهنجا ٻہ ڏيئا نہ جلائيندين؟" ۽ اڄ عظيم شاعر شيخ اياز اُنهن عظيم ۽ عالمگير اِنسانن ۽ شاعرن جي نقش قدم تي هلي رهيو آهي. انسان سان دوستي ۽ وطن دوستي ۽ خداُ جي بندن لاءِ اٿاه عشق سندس هر شعر مان جهاتيون پائي رهيا آهن. اياز جي وطن دوستي ۽ سنڌڙيءَ لاءِ پيار ۽ صدق ڪوٽان ڪوٽ سندس شعرن ۾ ڀريل آهي. هن جو هڪ گيت جو ديسان ديس مشهور آهي سو آهي:

"سنڌڙي کي سر ڪير نہ ڏيندو- سهندو ڪير ميار اويار."

سنڌڙيءَ لاءِ ڪيس ڪيڏي نہ اُڪير آهي، ان جو هيٺ هڪ مثال تو ڏجي.

تـوکـي کـهـڙي کـل، جيءَ نہ آڇي جهـل.
مونکان سنڌ نہ وسري.

تـون چا چاڻي اوپـرا، تـوکـي کـهـڙي کـل.
مونکان سنڌ نہ وسري.

ڪارونجهـر جون ڪامـڻيون، ڳاگين ڳاڙها ڳل.
مونکان سنڌ نہ وسري.

باکون باکونُ سونهن جون، راتيون روپ- رَنل.
مونکان سنڌ نہ وسري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏرن ٿــا جنهــن جوءِ تــي، پــاريــهـــر جا پــل.
مونکان سنڌ نہ وسري.

ڪونجون ڪـٺــڪـن روهہ ۾، تارن هيـٺــان تـل.
مونکان سنڌ نہ وسري.

سنڌ ۾ حاڪمن جا ظلم ڏسي، ڪُوڙ جو ٻول بالا ڏسي از خود سندس اندر مان هي لفظ نڪري ٿا وڃن:

ڪيڏي ڪان ڪان ڪوڙ جي، ساڌي چپ سچن،
ڌِڪــــايــو آ ڏيــهـــــ ڪـــي، ڏاڍو هــيــل ڏچن،
ڍو تــي ڪــاڏو ڍونڊ ڪـي، ٻيــهــر ٻـانـڀ ٻـچن،
اورانـــڪــهـڻ اوڙاهــہ ڪــي، نــاهـي ڪــر ڪــچن،
ڪـــي ســـــونــهــــان ســــــر جا، واهـــر وڄ اچن،
او شــل جرڪــي جنـدڙي

○

ڪيئن ڪـو ڪَوڪاري، مڙني ماٺ اَچي وئي.
آهــي ڌوڙ ڌمــال تــي، هــر ڪــنهــن اوتــاري،
مــڙنــي مــاٺ اَچي وئــي.
هيل تہ ســائو پن پــي، ڪو نہ چڙيو پاري،
مــڙنــي مــاٺ اَچي وئــي.
آهــي ڪــو ڪــوهــيــار، جو ڏونــڪــر ڪــي ڏاري،
مــڙنــي مــاٺ اَچي وئــي.
ڏٻڻ جيئن ڏڏڪي پيو، ڪير ڳهري ڳاري،
مــڙنــي مــاٺ اَچي وئــي.
چڻ ڪا ڏائڻ ڏيهہ ڪي، پيئي ڏهڪاري.
مــڙنــي مــاٺ اَچي وئــي.

اَياز ڪي مظلومن لاءِ محبت، هيٺن لاءِ همدردي آهي. غريبن مٿان ظلم ٿيندو ڏسي سندس نيڻ نير سان ڀرجي ٿا اچن ۽ وڏيرن کي ويڻ ٿو ڏئي. پورهيت جو برو حال ڏسي ساڻس همدردي ٿوڪري. چئي ٿو:

هي ٻہ نہ پورهيت جو.
هي جو ڪوئلي ڪاٺ تي،
سج- لٿي سونو.

۽ پوءِ آسمان ڏانهن نهاري ڪنهن آ غيبي شڪتيءَ کي پڪاري ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڙين جا آڌر،
اسين مسافر اَج ۾،
ڇڏ کي ڇيڪ ڇمر.

●

آسان تو آهار.
ڏنگر ڏاري تو رکين،
آڙين جا آڌار.

آياز هڪ انقلابي شاعر آهي. هڪ نئين سنڌ ٺاهڻ لاءِ آياز جي اکين ۾ سپنو جرڪي رهيو آهي. نارائڻ شيام آياز جو دل گهريو دوست هو. بلڪ ائين ڪٿي ڇنڊجي تہ هو ٻئي جاڙا ڀائر هئا. شيام جڏهن هن جهان مان ڪوچ ڪري هليو ويو. آياز ڪيس اِلتجا تو ڪري تہ:

"شيام اَجا اَڏئي هئي، تو مان نئين سنڌ،
ڇا توهر ڪي هند، پنهنجي ڪٿي پيار مان.

○

سانورا تون سنڌ کي، ڪرڪائي آسيس،
جيئن نہ جهڪن سيس، ڪنهنجي آڳرائيءَ اڳيان.

جڏهن شيخ آياز روس جي دوري تي ويو هو تہ اُتي هن ڪيترا منظر ڏٺا. جن کان متاثر ٿي هن ڪي گيت رچيا هئا. ليننگراڊ ۾ زار جي زماني واري جيل ۾ ڦاسي ڪاڏل قيدين جا سوٽ بوٽ ۽ پير ڪڙيون وغيره هڪ ميوزم ۾ سنڀالي رکيا ويا آهن. اُتي مائڪو وسڪي، جو روسي انقلاب جو هڪ عظيم شاعر هو ان جو بت کڙو ڪيل آهي. بت هيٺان سندس نالو پڙهي آياز لکيو:

پنهنجو روسي نانءُ،
مائڪو وسڪي چونڪ تي،
پڙهان پيو آنءُ.

لرمنتوف روس جو رومانوي شاعر. جو شيلي جو همعصر هو. مقابلي ۾ ماريو ويو هو اُن لاءِ آياز تو لکي:

پيارا لر منتوف.
موت تہ مون لاءِ راند هو،
هي مون کهڙو خوف.

پشڪن روس جو عظيم شاعر هو. پشڪن جي نالي پٺيان هڪ ميوزم آهي، جنهن ۾ پشڪن جو خالي پيالو، جنهن ۾ هو شراب پيئندو هو رکيل آهي. جڏهن آياز ان ميوزم ۾ ويو تہ شايد ان خالي پيالي کي پنهنجن چپن سان لڳايو تو ڏسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن تہ آياز لکيو؛

پشڪن جو پيالو.
خالي؟ جنهن جي ڳيت سان،
ايڏو اُجالو!.

لورڪا اسپين جي آزاديءَ جو اپاسڪ. جو هڪ عظيم شاعر هو. سندس شاعريءَ جي موسيقي ۽ تخيل اسپين جي جپسي گيتن کان متاثر آهي. هو فرانڪو جي حمايتين هٿان ماريو ويو هو. ان لاءِ آياز تو لکي؛

منهنجا نندڙا ياءُ!
چکي پيو لورڪا!
مون ۾ تنهنجو گهاءُ.

شيخ آياز هڪ عالمگير اِنسان آهي. ذات پات کان مٿي هڪ اَلله لوڪَ آهي، هڪ پيار جي پنڌ جو پانڌيئڙو جو زندگيءَ جي سفر ۾ سڀ کي گلي لڳائي، اڳتي قدم وڌائيندو منزل تي رسڻ تو چاهي. آياز پيار جو اَننت ساگر آهي، جنهن ۾ صرف پيار جون لهرون ئي تيون آتن. آياز پيار ۽ صلح جو ڪانکي آهي، جنهن کي جنگ لاءِ نفرت آهي، جنهن ۾ نہ ويرُ آهي تہ ورود. اهڙي عظيم اِنسان ۽ ممتاز شاعر لاءِ اسان سڀ يارت جا سنڌي دعا ٿا پنون تہ شل آياز نوبنو رهي. سندس صحت سلامت رهي ۽ جڳ جڳ جيئي، جيئن هو ٰ آجا ٻولي کي پنهنجي رچنائن سان مالا مال ڪندو رهي ۽ اسان سندس رچنائون پڙهي خوش ٿيون ۽ مٿس فخر ڪريون.

آياز هڪ زنده داستان Living legend هڪ جيئرو جاڳندو عجوبو آهي. آياز جي ويجهڻ کان پوءِ بہ اسان جي نندي پيڙهي فخر سان اوچي ڳاٽ چوندي تہ اسان ڪيڏا نہ خوشنصيب آهيون، جو آياز جهڙي شاعر اسان جي هن پوتر ڌرتيءَ تي پير گهمايا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام حسين رنگريز

ڪو ڏوبي گهاٽ نہ ڳولي آءُ

انساني روزِ اول کان هستيءَ جي گونا گون مامرن کي پروڙڻ، پرجهڻ ۽ اُنهن پرولين کي سلجهائڻ جا سوين جتن ڪندو آيو آهي. سندس سِر تي ڇپر جيئن ڇانيل نيرو آڪاس، پولار ۾ ترندڙ گرهہ ۽ اُپگرهہ، وِڄڙين جا وارا، آگر ۽ اوهيڙا، آرڙهہ جا تپندڙ ڏينهن، سياري جون برف جهڙيون راتيون، اماس، اونداهيون، پورنماس چاندنيون، پرهہ جو پکيئڙن جون لاتيون، سنجهاتاڻي آشيانن ڏانهن پنڇين جون اڏارون، ڌرتيءَ تي اُوچاين کان ڪِرندڙ آبشار، نهرن ۽ ندين جا سرمدي آلاپ، شام جو شفق ۾ گوها گوها سج جون لارون، ميلن ۾ پکڙيل ميدانن جون وسعتون، اوچا عظيم پربت، اُجايل واريءَ جون پٽون، زمين تي سُرندڙ جيت ۽ بانبڙا پائي چَرندڙ پارَ، اڪين کي آسيس ڏيندڙ ساوڪون، تپندڙ صحرا تي ترندڙ شام ۽ انهن جي وچ ۾ سوچون سرجيندڙ انسان، سندس هلاڪتن، دکن دردن ۽ سکن سرهائين وارو سپنن جو سنسار، هميشہ هِن (انسان) کي حيرت جي گردابن ۾ گهمائيندو رهيو آهي. سموري ڪائنات تہ هِن جي اڳيان هڪ سوالي نشان بڻجي رهي آهي، پر هيءُ خود بہ پنهنجي لاءِ هڪ سوال، هڪ معمو ۽ هڪ ڳجهہ رهيو آهي. انهيءَ ڳجهہ کي ڳوليندي، سج لڪن پٺيان لڙي چڪو آهي، پر من جي مُونجهہ ۽ ڳولا جي تؤنس اڃا بہ تن کي تڙپائي رهي آهي. شاعر، فلسفي، صُوفي، سامي، سائنسدان، هرڪو پنهنجا پيرا ڇڏي، رمتو ٿئي ٿو ۽ هڪ جڳ کان پوِ ٻيو جڳ، اِهي پيرا کڻڻ شروع ڪري ٿو. ويچار صدين جو سفر ڪن ٿا، گهڙجن ٿا، سنوارجن ٿا، سينوارجن ٿا، مِٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿي وڃن ٿا، اوڙڪون وسن ٿيون ۽ ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيل ويچارن جا ٻج ٻهڪي ۽ ٻوڪجي پون ٿا. زندگيءَ جي اڻ پورائي ۽ محدوديت کي هڪ لاحد

تسلسل عطا ٿئي ٿو. اِهو تسلسل موت جي پوءِ کي مات ڪري زندگيءَ سان پيار ڪرڻ جي ڏِک لائي ٿو. اياز اِنهيءَ ڏِک ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو:

لوءِ نه هيئن لوبان، تي نه مُجاور موت جو،
خوشبو آهي زندگي، اوچو جنهن استان،
وچ وچ تون نادان، ڳهريان توکي ڳهٽڳهرا.

زندگيءَ جا به انيڪ رُوپ آهن ته موت جا به. ڪا زندگي موت کان به ويل تيندي آهي ته ڪو موت زندگيءَ کان به اتم. نه موت بذات خود خراب ۽ ڌڪار لائق آهي ۽ نه زندگي بذات خود عظيم ۽ پيار لائق. ڇا سقراط، برونو، جون آف آرڪ، منصور، سرمد، مخدوم بلاول ۽ عنايت شهيد جو موت ڌڪار لائق چئي سگهجي ٿو؟ ڇا چنگيز، هلاڪو، غزنوي، حجاج، اورنگزيب، مرزا باقي بيگ ۽ نائون مل جي زندگيءَ کي پيار لائق سڏي سگهجي ٿو؟ اهو موت جيڪو معنيٰ رکي ٿو ۽ صدين کي ڌوڏي ٿو، سو ڪِن ۽ ڪين جهڙي جيون کان گهڻو اوچو ۽ چشمن چاهڻ لائق آهي. اها زندگي جيڪا آدرشي ٿئي ٿي ۽ جنهن سان سنسار ۾ سَرهائي جا امڪان روشن رهن ٿا، سا سڦل ۽ عظيم ٿئي ٿي.

اياز نوان سلوڪ لکندي ساميءَ کي مخاطب ٿي چويٌ ٿو:

سامي هيءَ اصول رک، ”مرڻو ڪڏهن ناهه“.
اُنهيءَ ساڻ نباهه، مرڻ کي معنيٰ ڏئي.

سؤ پيريءَ جيئن سَرڪندو، ساميءَ جِيءَ نه تون،
اٺين ڳهار ڳهڙيون، پوپٽ جيئن پرواز ۾.

اياز پنهنجي ڪتاب ”ٽڪرا ٽڪرا صليب جا“ ۾ منصور جي هِن انتهائي با معنيٰ جملي کي ورجائي ٿو.

منصور شبليءَ کي چيو، ”جي منهنجي هر زخم کي مَرڪندو ڏسين ته منهنجو موت سجايو سمجهجانءِ.“

انسان جو اِهو آدرش ٿي ڪيس روميءَ جو مردِ ڪامل، لطيف جو آريائي ۽ نٽشي جو فوق البشر بنائي ٿو. اِهوئي انسان، انسانيت جو ساڪي ۽ امن جو راکو بنجي، ڌرتيءَ تان ڏک مِٽائي ٿو. اِهوئي انسان اندر اُجرا ڪري، وقت تي پنهنجي مهر هڻي وڃي ٿو. اياز اِنهيءَ انسان لاءِ هڪ نظم ۾ لکي ٿو:

ڪي ماڻهو تاريخ تين تا
ڳهايل ڌرتيءَ جي سينني جي
اهڙي ڳهري چيخ تين تا
جا هَر ڪنهن کي جاڳائي ٿي
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

دُنيا، جيڪا انيائن جي عذابن ۾ ڪنجهي رهي آهي. جنهن ۾ بارود جي بوءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرهاڻين جو سهاڳ لٽي رهي آهي. جنهن ۾ ڏَن جي پُوڄا ماڻهن کي حرص، هوس ۽ لوڀ جو پَيچ لتڪائو بنائي رهي آهي. جنهن ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو راڪاس، هيڻن جو ماس پٽي رهيو آهي. جنهن ۾ جابر قوتون، مظلومن جو جيئڻ جنجال ڪري رهيون آهن. جنهن ۾ سُرت ۽ ساڃاهه تي هَٺ هوڏ ۽ جهالت جون ترارون ۽ سنگينون اُڀيون آهن. جنهن ۾ وحشتن جا چيتا چنگهاڙي رهيا آهن. اِنهيءَ دنيا کي جنت نظير بنائي سگهجي ٿو، پر اياز چوائي:

ڪو ڏوهي ڪـهـات تـه ڳولي آءُ
ٿـــــئـــي اوجر هِن مَن سِري جي.

اِهو ڏوهي ڪهاتُ سياسي جبر، نوڪر شاهي جي سخت گيري ۽ ڏڪو دهمان مهيا نٿو ڪري سگهي. فقط پيار جي پرورش، ساڃاهه جو صحيفو، سهپ جو جذبو، نيڪيءَ جي ڳولا، حق جو هوڪو، ڪروڌ جو قتلام، انسان جو احترام، آزاديءَ جو ايمان ۽ "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جو اعلان ئي اندر جي اوجر ڪري سگهي ٿو. انسان شعور جي اهڙي ڊنگائتي تربيت ئي، انسان جي آئندي کي ڏکن کان آجو ڪري سگهي ٿي. اِهو اندر جو انقلاب ئي اصل ذريعو آهي، فردن ۽ قومن جي اندر ان وحشتن جي پاڙن پٽڻ جو. اياز اِنهيءَ انقلاب جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: "جڏهن ٽئگور جي شاعريءَ جي ڳالهه نڪتي ته مُون سراج کي چيو "ٽئگور کي نه پتنجلي جي چوٽين تي رکي سگهجي ٿو، ۽ نه مارڪسي جدليات يا فرائيڊ جي نظريه جي روشنيءَ ۾ انهن ڳالهين جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو، جن هن جي شاعريءَ کي اُتساهيو هو. ٽئگور انقلابي ته هو، پر هُن قلب ۽ نظر جي انقلاب جو پرچار ٿي ڪيو ۽ نه تشدد سان ڪنهن حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جو. طبقاتي جدوجهد سان هن جو نراجوادي سمجهوتو به نه هو. مُون کي فخر آهي ته مُون وٽ انقلاب جو ڀرپور نظريو آهي ۽ فقط جوش مليح آبادي ۽ احمد فراز وانگر انقلاب جو کوکلو نعرو نه آهي. ائين آهي ته مُون لاءِ طبقاتي جدوجهد به ثانوي حيثيت رکي ٿي. قلب و نظر جي انقلاب کي اولين حيثيت آهي ۽ مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته برصغير ۾ قلب و نظر جي انقلاب جو اهڙو ڀرپور تصور، ايتري جُرئت منديءَ سان اهڙي واڪي ٻوليءَ ۾ ٻئي ڪنهن به شاعر اڄ تائين نه ڏنو آهي."

(ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون صفحه ۴٦)

اِهو قلب ۽ نظر جو انقلاب، اياز جي شاعريءَ جو اُهو جوهر آهي، جنهن ۾ جهانِ نو جي تخليق جي سُگهه آهي. اياز، لطيف جي توسيع ۽ هن دؤر جو روح آهي. سندس شاعريءَ جي تاڃي پيٽي ۾ مشرق ۽ مغرب جي انسان دوستيءَ جا سڀ ئي رنگ سمايل آهن. سنڌ جي لوڪ شاعري ۽ سنڌي ثقافت کان وٺي عالمگير تحريڪن سندس شاعريءَ کي اُتساهه بخشيو آهي. هُن هندي ڪلاسيڪي شاعري کان وٺي جديد لاطيني ۽ آفريقي ادب جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. عالمي سياسي صورتحال به هُن تجزياتي انداز ۾ پرکيو آهي. آزاد خيالي، انسان دوستي، امن، آزادي، سک ۽

سَرهائي، برادري ۽ رواداري هِن جي شاعريءَ جا موضوع رهيا آهن. هن انقلاب چاهيو آهي. هُو ڏاڍ سان هڪ جرئتمند سپاهي جيان وڙهيو آهي.

منهنجي لِکت اِئن جيئن، ڪُر ڪيت ۾ ڪانَ،
ڪيڏا شڪتي وَان، جذبا منهنجي جيءَ جا.

هن ايوبي آمريت کي للڪاريندي "منهنجو اڳهه پڇي ٿو آمر!" لکي نئين نهيءَ ۾ آمرن سان اٽڪڻ جو حوصلو جاڳايو. آمريت هڪ فرد جي هجي يا پارٽيءَ جي، اياز اُنهيءَ کي انساني ضمير جو قاتل تصور ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ آمريت انساني آزادين لاءِ زهر آهي. اِنهيءَ کي انساني ضمير جو قاتل تصور ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ آمريت انساني آزادين لاءِ زهر آهي. اِنهيءَ سلسلي ۾ اياز عالمي سطح تي نظرين جي تقدس خلاف ڇتيءَ طرح پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. روس ۾ اسٽالن جي اُرهہ زوراين ۽پارٽي ڊڪٽيٽرشپ متعلق اياز جن خيالن جو اظهار ڪئين سال اڳ ڪيو هو، سي اڄ گورباچوف جي پيريسترائيڪا ۽ گلاسنونوسٽ جي ذريعي اوڀر يورپ ۽ روس ۾ طوفان برپا ڪري رهيون آهن. اِئين لڳي ٿو تہ گورباچوف ۾ اياز ٻولي رهيو آهي. اڄ سماجواد تحريڪ نئون موڙ وٺي، انسان دوستيءَ کي وڌيڪ ويجهي ٿي رهي آهي. آزاد خيالي ۽ معقوليت پسنديءَ جي هوا جيئڻ لاءِ جيئڻ جهڙيون حالتون پيدا ڪري رهي آهي. روسو چيو هو تہ "انسان آزاد ڄائو آهي ۽ آزاد رهڻ گهرجي." والٽيئر چيو تہ: "آءٌ توهان جي انهيءَ حق لاءِ وڙهندو رهندس تہ توهان مون سان اختلاف راءِ رکي سگهو." اياز انهن حقن جي سلامتيءَ لاءِ لکيو بہ آهي تہ لوڙيو بہ.

هن جا گيت تہ سپنا آهن
پر هي سپنا سچا آهن
آزاديءَ جي وِک وِک تي
هِن جا پيرا ڇپا آهن.

جي ڪوتا تنهنجي ڪاڄ اچي
مان تولئہ ٻيهر ڳائيندس
تون چاهين ٿو ٻيهار پچان
مان پنهنجا هيٺا هَڏ ايجان!
مان توسان ساٿ نڀائيندس
۽ ڇيري ساڻ ڇراٽن کي
مان ڳٽيءَ ڳاريل ڳاٽن کي
اڳ ڪان پي اوچ بٺائيندس.

اياز پيار جو پيامي آهي. پيار، جيڪو نفرتن جي ڪاهين کي لَٽي ٿو. پيار جيڪو ڪائنات جي سُونهن آهي. پيار جنهن ۾ پنهنجائپ جو رس آهي. پيار جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدين جي چڪندڙ زخمن جو مرهم آهي. پيار جيڪو مصيبت جي مارين جو آخري آجهو ۽ پرجهلو آهي. پيار جيڪو ڌرتيءَ تي امن ۽ انساني برابريءَ جو ساکي آهي. پيار جيڪو بارود جي باهه تي ٺڏو ڇنڊو آهي. پيار، جيڪو انسانن درميان ميلاپ جي پُل آهي. هڪ انسان دوست تخليقڪار جيان اياز به انسانن جي درميان پيار جي پُل ٻَڌڻ جو جتن ڪيو آهي ته جيئن هيءُ سنسار سرهاين جي سيج بڻجي پوي!

اڄا به ڪوري ڪَتي
منهنجي مَن ۾
پريت جا ڌاڳا ڪتي!
آءُ ڪبير ته نه آهيان پر مون
سوچ ته ساڳي آهي
مَن ويراڳي آهي-
جَنم مرڻ جي وچ ۾ زندگي
ڪري نانگ جيئن لهرا-
پريت مٿان سَوَ پهرا،
هِن نفرت ۽ خون جي دنيا
۾ جي ڌاڳا
ٻَڌن راڪي ٻڌجي سگهندا
ها، ها اهڙا
پريت جا ڌاڳا ڪتي!
اڄا به ڪوري ڪتي
منهنجي من ۾
چوري چوري ڪتي.

پيار ۾ ڌڙڪندڙ دلين جو به ٿي سگهي ٿو. ته پيار ڪروڙها انسانن جو به ٿي سگهي ٿو. دنيا جو هر ڏکي انسان اسان جو ڀاءُ آهي. ڌرتيءَ جي هر ڏکي ڀيڻ اسان جي ڀيڻ آهي. ڌرتيءَ جو هر ڏک اسان جو پنهنجو ڏک آهي. جڏهن انسان ۾ قلب ۽ نظر جي ايڏي وسعت پيدا ٿيو پوي ته پوءِ هُن جي من پيڙا ۾ ساري جڳ جي پيڙا سمائجيو وڃي ۽ هن جي سوچ جا ماڻ ۽ ماپا به بدلجيو وڃن.

پنهنجي ناهي پَرائي آهي
پوءِ به ته ڪنهن جي ڄائي آهي!
هيءُ جا تنهنجي ڌيءُ نه آهي
هيءُ جا تنهنجي ماءُ نه آهي
ڪنهن جي ڌيءُ ته آهي
ڪنهن جي ماءُ ته آهي!
اِن ۾ ڪائي ممتا آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ماءُ جيان،
اِن ۾ ڪائي ميجتا آهي
تنهنجي ڌيءُ جيان،
آڌرياءُ ڪرين شل ان جو
پنهنجي ماءُ ڏسي
اُن جي سِر تي هٿ ڌرين شل
پنهنجي ڌيءُ ڏسي.

هيءُ احساس فقط قلب ۽ نظر جي انقلاب سان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. اِهو قلب ۽ نظر جو انقلاب فقط تڏهن ممڪن آهي، جڏهن انسان لوڀ کان پري هٽي، نظرين جي تنگ دائرن کان مٿي ٿي، انسان بنجي سوچڻ لڳي. انسان صدين کان مذهبن ۽ نظرين جي تقدس جو غلام رهيو آهي. نظرين جو خالق خود نظرين جو نوڪر۽ محتاج ٿي ويو آهي. هن وساري ڇڏيو آهي تہ نظريا ماڻهن لاءِ هوندا آهن، نہ ڪي ماڻهو نظرين لاءِ. اِهوئي ڪارڻ آهي جو هر سچ چوندڙ کي "نظريي جو منڪر" چئي سُوريءَ تي چاڙهيو ويو آهي. قيد ڪڙن ۾ قابو رکيو ويو آهي يا جلاوطن ڪيو ويو آهي. وقت جي نابينا حاڪمن، شريعت جي صاحبن ۽ نظرين جي انڌن معتقدن پنهنجي سوڀ اِنهيءَ ۾ سمجهي آهي تہ نظرياتي موجوده حالت Statusquo کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي ترڪش جا سڀئي تيرا استعمال ڪن. پر،

سچ آخر سچ آهي؟
ڪوڙ آخر ڪوڙ آهي!
ڪيستائين ڪونہ مڃندو
سچ ۾ جو مچ اهي؟

اياز کي سڌ آهي تہ اِنهن نظرين جي واڇن تي ڪروڙها انسانن جو لهو اڃ بہ لڳل آهي. نياز فتحپوري پنهنجي ڪتاب "من و يزدان" جو انتساب ئي اُنهن ڪروڙها انسانن جي نالي ڪيو هو، جن کي مذهب جي مقدس نالي تي ذبح ڪيو ويو آهي. مذهب ۽ نظرين جي تنگ نظري انسان کي انسان بنجڻ کان روڪي رکيو آهي.

نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي
جي نپٽ نابين آهن،
توکان تنهنجو خون چاهن
۽ ڏئين تون؟
سرخرو پنهنجي چريائي تي ٿئين تون!
او مجنون!
تنهنجي ليليٰ قحبہ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قحبہ آهي!
قحبہ آهي!

اِنهن تنگ نظرين کان ڇوٽڪارو ئي انسان کي ٻين انسانن سان رواداري واري ماحول ۾ جيئڻ ۽ جيئڻ ڏيڻ جي واٽ ڏيکاري ٿو. اياز جي دامن فکر ۾ ڪائنات جيڏي وسعت آهي. سندس فکر تي لطيف سائين جي "عالم سڀ آباد ڪرين" واري سڏ کان وٺي بيوس جي هن نظم جو ڳوڙهو اثر آهي:

ڪَر دنيا ۾ دل وڏيري، ٿون ڀي رهہ مان ڀي رهان،
آڻ مَن ورتيءَ ۾ ڦيري، ٿون ڀي رهہ مان ڀي رهان.

اياز بذات خود هڪ ڀيرو ڪچهري دوران اِنهيءَ خيال جو اظهار ڪيو تہ بيوس جي انهيءَ نظم هن جي قلب ۽ نظر تي گهرو اثر ڇڏيو آهي. جتي هُو پنهنجي وطن جي ڏکن دردن لاءِ ڪڙهي ٿو. اُتي سموري انسان ذات لاءِ بہ ٻڇي ٿو:

جنهن تي بہ ٿيو- جنهن وقت ٿيو،
جنهن جاء ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.
ڪا ٻانهن وڍي
مون ڏانهن ڪٽي
جو ڪانهن ڪپيو
سو منهنجي ڪنڌيءَ جو آهي.

اِنهيءَ "جيئڻ ۽ جيئڻ ڏيڻ" واري فلسفہ حيات، اياز کي ايم. اين. راء جي نئون مانُهپو (New Humanism) جي قريب ڪري ڇڏيو آهي ۽ هيءَ وطن دوست سماجوادي انسان پرست ٿي پيو آهي. تصوف جي رواداري، هيڪڙائي يعني وحدت الوجوديت، هن جي انسان دوستي واري فکر کي انقلابي رُخ ڏيئي ڇڏيو آهي. هِن جي وحدت الوجوديت، پنهنجي وطن سنڌ سان ۽ سنڌ جي وحدت الوجوديت پُوري عالمگير برادريءَ سان واڳيل آهي. جڏهن هُو پنهنجي ديس لاءِ چوي ٿو تہ:

سنڌڙيءَ کان سوا منهنجي
شاعري اجائي آ،
ڪائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

تہ هُو سنڌ کي ڪائنات ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو. جيئن منصور اناالحق چئي پُوري ڪائنات کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو هو.

تُون ئي تُون آهين
منهنجي پُون آهين،
او آيل! او سنڌڙي.

سنڌ اياز جي حوالي سان قلب ۽ نظر جي انقلاب جو اعلان آهي. سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجاهه.راواداري، انسان دوستي ۽ امن عالمگير جي پيغمبر آهي. سنڌ "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جو تاريخي سنيهو آهي. سنڌ جي اِنهيءَ ثقافت سرمايہ حيات کي تاريخ ۾ تاراج ڪرڻ جون ڪئين ڪوششون ڪيون ويون آهن، پر سنڌ جو پيغام لطيف کان وٺي اياز تائين زنده رهيو آهي ۽ نيٺ سوڀارو ٿيندو. اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪو پيغام ڏنو آهي، سو تصوف جو جديد ۽ انقلابي پهلو آهي. هُن هڪ اِنٽرويو ۾ تصوف تي ڳالهائيندي چيو:

"تصوف تعصف جو رد آهي، رواداري جو حامي آهي. انساندات ۾ برابريءَ ۽ محبت جو حامي آهي. تصوف خود شناسيءَ کي خداشناسي سمجهيو ۽ انساني وقار کي سربلند رکيو. مُون ڪٿي پڙهيو هو تہ اورنگزيب ڪنهن صوفي درويش کي قاصد ذريعي خط موڪليو هو تہ اهو درويش هن سان دربار ۾ ملي. ان درويش خط جي جواب ۾ هڪ شعر ڪاغذ تي لکي، ڪاغذ پنهنجي جُتيءَ جي پادر ۾ وجهي قاصد کي ڏنو هو ۽ دربار ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو هئائين. اهو شعر هي هو:

دنيـا اگـر دهـنـد نـہ خيـزم زجائـي خويـش
من بسـتہ ام حنائي، تـوڪـل بـہ پائـي خويـش

(پوري دنيا اگر ڏين تڏهن بہ مان پنهنجي جاء تان نہ اٿان. مون توڪل جي مينڌي پنهنجي پيرن تي لائي ڇڏي آهي.)

جيتوڻيڪ سنڌ جو عام ماڻهو، ننڍي هوندي کان تصوف جي هوا ۾ ساهہ کڻندو رهيو آهي، دور جديد ۾ دانشورن ۾ تصوف جو هڪ فلسفہ حيات جي حيثيت ۾ مقبول ٿيڻ ڪُجهہ مشڪل آهي. بهتر ائين ٿيندو تہ جديد دور جي ڪنهن اهڙي فلسفي کي اپنايو وڃي، جنهن ۾ انسانيت سان محبت ۽ رواداري ايتري ئي آهي، جيتري تصوف ۾."

(خط انٽرويو تقريرون صفحه ٩٧-١٩٦)

اياز جنهن فلسفي کي اپنائڻ جو ڏس ڏنو آهي سو سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي:

وڄين جو وٺڪار، هِت نہ ڳلهين هوت کي،
لکو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻي ٻار،
نائي نيڻ ڦهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
(شاهہ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتي پرڪاش

شيخ اياز جي آجياڻي ۾

دُبئي، ۲ آڪٽوبر، ۱۹۸۹ع

دوستو،

اديب، شاعر ۽ فنڪار قوم جو املهه سرمايو ٿيندا آهن. پوءِ بہ افسوس آهي تہ جڏهن ڪنهن قوم يا ديس جي تاريخ لکي ويندي آهي، تڏهن اُن ۾ حاڪمن ۽ فتح ڪندڙن جي بهادريءَ جا قصا تہ لکيا ويندا آهن، پر منجهس ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ فيلسوفن، فنڪارن، ساهتڪارن ۽ شاعرن جا نالا ڏنا ويندا آهن. آهي، جيڪي قوم جي قسمت بدلائيندا آهن ۽ جن تي پيڙهي بہ پيڙهيءَ فخر ڪيو ويندو آهي، جن جو فن ۽ فڪر، سَتل قوم جو شعور بڻبو آهي ۽ اُن همت ۽ حوصلي جو سرچشمو ٿيندو آهي. سي پنهنجا ڏينهن سقراط جيان زهر جو پيالو پيئندا ڪَٽيندا آهن ۽ راتيون ڪال ڪوٺڙين جي اونداهين ۾ صبح جا سپنا ڪٽي جاڳندا آهن.

اسانجو شاعر شيخ اياز اهڙو شخص آهي، جنهن ڪي پلي حڪمرانن جي حڪم تي لکندڙ تاريخ نويس، ڪوڙ جو ليپو لڳائي ميساري ڇڏين، پر جنهن ڪي فن ۽ فڪر، ضمير ۽ ذهن، خيال ۽ خواب جا پرستار ڪڏهن بہ وساري ڪين سگهندا. سندس شعر جو هر بند، سنڌ لاءِ سَت ڏيندو آهي. دنيا جي ادب ۾ شايد ئي ڪو مثال هجي جو هڪ ننڍي ملڪ جي ڪنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ شاعر پنهنجيءَ ڌرتيءَ جي روح جي صدا ۽ ضمير جو آواز اهڙيءَ بي باڪيءَ ۽ بي پرواهيءَ سان گونجايو هجي، ۽ پنهنجي ديس ۽ پاين جي دک سُور، مايوسيءَ ۽ موڳائيءَ، خوشيءَ ۽ غم ۾ ايترو شريڪ ٿيو هجي. پنهنجيءَ پونءِ جي ذري ذري سان ايتري بي انتها محبت ڪندو هجي جو هو ڌرتي جي سجاڳيءَ ۽ ڌرتي سندس سجاڳيءَ تي پيئي هجي.

اياز زندگيءَ جي اُنهن گهڙين ۾ بہ لکيو، جڏهن هُنَ قيد جي پيڙا سَٺي، ۽ اُن ويل بہ لکيو، جڏهن سندس چپن تي مُهر لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. هُن اُن ڏينهن بہ لکيو، جڏهن سنڌ جو عوام سندس آواز سان يڪ آواز هو ۽ اُن رات بہ لکيو جڏهن ڪوڙ ۽ ڪچ جا طرفدار سندس سِرَ وڻڻ جي سوداءِ ۾ گرفتار هئا. زندگيءَ جو نهايت ٿورو عرصو هو خاموش رهيو آهي. پوءِ بہ جڏهن هُن لکڻ شروع ڪيو آهي تڏهن فقط لکيو، لکيو ۽ لکيو آهي.

اسانجي سامهون رکيل سندس، هي ذخيرو ڏِٺو شاعرن جي پوري زندگيءَ جي ڪاوش ٿي سگهي ٿي، پر اياز تہ سمجهي ٿو تہ هُن ڪي ايجا لکڻو آهي!

آرهڙ جو آڪاس ڀري ٿو،
ڪانگ لنوي ٿو ڪَنڌيءَ تي،
نيٺ تہ ڌرتي ويس وَسڻ جا پائيندي،
لوسڻ جيئن نهرائيندي،
لوءَ لڳي ٿي،
آءٌ لکان ٿو
لکندي لکندي سج لهي ٿو،
جکڻ چرهي ٿو جنڊيءَ تي،
رات اچي ٿي،
کهر کهر ڏيئا ٽمڪن ٿا،
ننڊ اچي ٿي،
آءٌ لکان ٿو.

شاهہ عبداللطيف بعد اياز ٿي شاعر آهي، جنهن واهڻ ۽ وستيءَ، هوا ۽ لهر، گهٽ ۽ طوفان، صبح ۽ شام، پرهہ ڦٽيءَ ۽ رات، گل ۽ خوشبوءِ، رنگ ۽ سرهاڻ جي منظرن ۽ روڏن ۽ رهاڻ، پيار ۽ نفرت، ديس پرديس، امن ۽ پائيچاري جي ايترين تہ اکيچار معنائن تشبيهن ۽ استعارن سان اوپاريو آهي. ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو آهي. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس شعر جي رواني آروڪ ۽ اُجهل آهي ۽ ان مان لفظ ائين نڪرندا آهن، جيئن اوڙڪ برسات ۾ بوندون- ٽڏيون سانتيڪيون. پوءِ، سُکل کيت کي هريو ڀريو ڪندڙ ريج ڏيندڙ. شاهہ جي وائي ۽ بيت نئين رنگ ۾ پيش ڪري هُنَ سنڌ ۽ سنڌين جي سوچ ۽ سرت کي سجاڳ ڪيو آهي.

ان جو مطلب اِهو نہ آهي تہ اياز فقط پنهنجيءَ پوءِ جوئي شاعر آهي. هُن جي سوچ جون سرحدون، مڪان ۽ زمان کان گهڻو مٿي آهن. جيئن هو شاهہ، سچل، سامي، روحل، بيدل ۽ بيڪس جو ذڪر ڪري ٿو. اُتي عمر خيام، ناظم حڪمت، وارث شاهہ، غالب، بلهي شاهہ، مير، فيض، رومي، ڪاليداس، تلسي داس، ڪبير، ودياپتي، ميران، ٽئگور، آمرتاپريتم، سارتر، ڪامو، لينن، مائو، پشڪن، اولگال برگال، مائڪووسڪي، دوستووسڪي، ٽالسٽاءِ، لينن، ڪَٽاسي مودبو ۽ ازرا پائونڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا بہ نالا وٺي ٿو. تانتيا ٽوپي، ڀڳت سنگهہ، راج گرو، هيمون ڪالاڻي، هِن کي ايترا ئي پيارا آهن. جيترا مها مايا، سر سوتي، ڪوپي، راڌا، اروشي، ۽ شڪنتلا جا ڪردار. هن جي لفظن جي گنج ۾ جتي ٿر جي ٻوٽن ٻٽ ۽ بيابان، ڏورن ۽ واهن، ڪاڇي، ڇاڇري، پٽ، ڪونج، رَوجهہ، ڪانگ، ڪويل، مارن، سانگين، جهانگين، ريپاڙين، هارين، ڪولهين ۽ ڪولهڻين جو ذڪر اَچي ٿو. اُتي گانء ۽ گوڏول، رجني ۽ پورنما، ڪيلاش ۽ هيمنت جي چنڊ، امرت، بنسي، نٽراج، تاندوَ، ورمالها ۽ ڪنڻ جهڙا لفظ بہ اچن ٿا. ان ڪري تہ مون چيو تہ اياز جي شعر ۾ عالمگيريت ايتري ئي ڀرپور آهي، جيتري سنڌ ۽ سنڌ جي ڀونء لاء محبت.

اياز پنهنجي شعر ۾ هميشہ سچ ۽ انقلاب جو اڏول طرفدار رهيو آهي ۽ سچ هرڪو دؤر هضم ڪري نہ سگهندو آهي. سندس ڪتابن تي بندش بعد بہ هُن جو لکڻ جاري رهڻ، ان جو ثبوت آهي تہ سچ ۽ انقلاب جو آواز ڪڏهن دٻجي ڪين سگهندو.

او باغي!
او راج دروهي،
ڀارت ۾ بلوي جا باني.
يا
انقلاب! انقلاب! ڳاء انقلاب ڳاء،
جيئن زمين آسمان،
جي ڪُلي پوي زبان.
ڪَنڊَ ڪَنڊَ چونڪَ چونڪَ.
شَهر شَهر، ڳوٺَ، ڳوٺَ،
جيئن ڏئي اتي جواب- انقلاب!

اهڙن شعرن سان اياز جو جيڪو سَفر شروع ٿيو هو، سو اڃا بہ اَجهاڳ آهي ۽ اياز اڃا بہ اٿل آهي ۽ ٿڪو نہ آهي. جڏهن چوي ٿو:

روڪ جي روڪي سگهين!
سَڌ کي ڪي هڏ نہ آهن،
جو اُهي ٽوڙي سگهين!
آئا جو آواز آهيان،
زندگيء جو راز آهيان،
تو وچان مان دور ٿائين،
موڙ جي موڙي سگهين!
وقتَ، جو درياهہ آهي،
روز شب ڀاڻي رهيو آ.
پير پنهنجا کوڙ، جي ڪوڙي سگهين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن مٿان بندوق تاڻين، تون ميان؟
ڇا نه ڇاڻين تون ميان،
سِڄُ تنهنجي وَس ناهي،
تاءِ تنهنجي وس ناهي،
واءُ تنهنجي وَسَ ناهي.
سوچ جو ڦهلاءُ تنهنجي وَسَ ناهي،
وقتُ، سرڪش آ ازل کان،
سِر اُنهيءَ جو ڦوڙ، جي ڦوڙي سگهين،
جو نه سمجهين تون اياڻا،
تو پڇاڻان پَنءِ، نه پاڻا،
وقت جيڪو زندگي آ.
ها اُهوئي وقت تنهنجو موت آهي،
تون اُنهيءَ کي،
ٺوڪِ جي ٺوڪي سگهين!
روڪِ جي روڪي سگهين!
روڪِ جي روڪي سگهين!

اياز وقت جو آواز آهي، جنهن کي ڪو زنجيرون نٿو پائي سگهي، جيڪڏهن پائڻ جي ڪوشش ڪندو ته پاڻ رتورت ٿيندو. جو جو وقت جو آواز، پل لاءِ جهيٺو جو نه هجي، اُهو زندگيءَ جي ڌڙڪن بڻجي ٿو ۽ انسان ترقيءَ جو مضبوط اُهڃاڻ ۽ علامت ٿئي ٿو.

ادي زرينه، اڄ جڏهن اسين هتي پنهنجي محبوب ۽ ممتاز شاعر جو آجياڻو ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون، تڏهن اوهان لاءِ به عقيدت جو اظهار ڪريون ٿا، ڇو جو اسان کي اِهو به احساس آهي ته جنهن شاعر جا قوم تي، ٻوليءَ تي، ڌرتيءَ تي ايترا احسان آهن. تنهن جي پر ۾ هڪ عورت به آهي، جيڪا سدائين سندس ارڏاين، انگلن آرن، مشغولين ۽ مصروفيتن جو ڪڏهن پيارو ۽ ڪڏهن اسهه بوجهه ڍوئيندي رهي آهي. هِنَ شاعر اوهان کي پيارَ جا پل ته ڏنا ئي آهن. پر مان وقت جي رفتار جو پويت اوهانجي هٿن تي رنگ ڇڏيي اُن ويل اڏري ويو هجي، جڏهن هي شاعر ڪا ههڙي رچنا رچيندڙ هجي، تڏهن ائين سمجهو ته هَن اُن گهڙيءَ سنڌ کي اوهان جو وڏيڪ قرضدار بڻايو:

جي ڪوتا تنهنجي ڪاچ اڇي،
مان تولئه ٻيهر ڳائيندس.
مون تڙڳي رت تلاون ۾،
جو ڳاتو هو، ورجائيندس.
جا آگ اُجهامي وِئي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا هُر کُر ڪامي وئي آهي.
مان تنهن ۾ دونهن دکائيندس،
مون واريو توتي تن، من، ڏَنُ،
پر مون سان ڪر اي ديس وچن،
تون پَٽ تي موٽ نہ ڪائيندين.

تازو، اسان اياز جو هڪ ننڍو نظم پڙهيو آهي؛

ڪڏهن هوا دروازو کولي،
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مونکي ڪُرسيءَ تي ڳولي،
مايوسيءَ سان موٽي ويندي.
منهنجي ميز مٿان سو ڪاغذ،
پکڙيل هوندا، آءُ نہ هوندس،
گيت اڌورا، آءُ نہ هوندس،
۽ بيو چاچا، آءُ نہ هوندس.

اڄ جڏهن اسان وٽ نارائڻ شيام بہ نہ رهيو آهي، تڏهن اياز جو اِهو تصور اسان کي وڏيڪ جهوري ٿو.

اسين اِها دعا پنون ٿا تہ اياز جي ڳاڙهن ٻيرن جي رَتَ، سدا هلي ۽ سنڌ سنڌس قرضدار ٿيندي رهي ۽ اسانجون پيڙهيون اهو قرض چڪائينديون رهن. ۽ اياز جو شعر قوم جي هر پيڙهيءَ جي رڳن ۾ تازو ۽ گرم خون ٿي ايترو تہ دوڙو ڪري، جو اُن جي وجود ۾ شڪ آئينده ماٺ ڪائيندا رهن. آمين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

پوپٽ جو پيرو

شاعر/ فنڪار کي ذات ۾ ڏانو ٻئي حاصل هوندا آهن. هُو ذهن، اکيون ۽ ڪن کليل رکي ٿو. عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ خبردار ٿئي ٿو، وڌيڪ حساس ٿئي ٿو. هن جو تجربو ڪيس وڌيڪ قابل بنائي ٿو. هُن جو مشاهدو سندس فن ۾ وڌيڪ پختگي آڻي ٿو. اهڙيءَ طرح هو ڪائنات جو گهرو مطالعو ڪري ٿو. سير سفر ڪري دنيا کي قريب کان ڏسي ٿو.

شيخ اياز جي شاعريءَ تي موجوده دؤر جي سِيني شاعرن کان گهڻو لکيو ويو آهي.هُو هِن دؤر تي گهڻو اثر بہ ڪري رهيو آهي. اياز سنڌيءَ شاعريءَ جي روايت سان، پنهنجي جدت سميت جڙيل آهي. ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جا سڀ رنگ فقط اياز ۾ نظر اچن ٿا.

مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" (١٩٧٣ع) ۾اياز جي شاعريءَ تي پنهنجو بنيادي مطالعو لکيو هو. اُن کان پوءِ سندس ڀيو ڪافي ڪلام شايع ٿيو آهي ۽ مون ١٩٨٣ع ۾ ٻيءَ ايڊيشن ۾ ڪجهہ واڌارا ڪيا. اُن کان پوءِ اياز جي ڪلام جي، جا ٻي اٿل آئي، تنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي رنگ آهن- هيئت جا، ردم جا، محاعات جا ۽ موضوعن جا. سندس مجموعن تي تبصرا بہ لکيا ويا- پر وڏو شاعر تبصرن ۽ جائزن جي گهيري ۾ ڪونہ ايندو آهي. هُن جي فن ۽ فڪر کي جنهن ادبي پيماني ۾ توريو آهي، تنهن جي هر معيار ۽ ماپ کان ٻاهر، مٿي ۽ لبريز پيو نظر ايندو آهي. اياز بہ اهڙين اسان جي پيمانن کان مٿاهون مٿاهون پيو پسجي ۽ هڪڙي نئين رنگ ۾ پيو پاسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز ديس پرديس گهميو، مطالعي سان گڏ سندس مشاهدو وسيع ٿيو. هن سنڌ جي لاڙ، ٿر ۽ ڪاڇي جي ڪنڊ ڪڙڇ ته ڏٺي ۽ وطن جي وٿن جو ديدار ڪيو. جو، ملڪ جي مٽيءَ جي سڳنڌ کي ساهه سان سڃاتو، ڪنڊ ڪڙڇ گهمندي، هُنَ جهر جهنگ، ماڻهو، پکي پکڻ، ڍنڍون ڍورا، ڳام گهٽيون، چوپايو مال، پوکون ۽ پٽون پڙا ڏٺا. ٿر ۽ لاڙ جي ٻوليءَ ۽ محاوري (Dialect) کان واقف ٿيو. ٿر جا لفظ ارادي سان گڏ ڪري شعرن ۾ آندائين. لاڙ ڪن علحدا ڳالهين هوندي به هڪ ثقافتي ايڪائي وانگر آهن.

لاڙ، سنڌ جو هڪ نسبتن گهٽ تعليم وارو علائقو آهي. هاڻي ڪمند جي پوک ۽ڪنڊ جي ڪارخانن سبب ڪجهه سهنجائي آئي آهي، پر هاريءَ ۽ مزدور جي حالت گهٽي نه سڌري آهي.

گهڻو اڳ اياز "لاڙي وينگس ڇچ ڇڙي ٿي،" لکيو ته اِهو سندس مشاهدو، لاڙ جي حالت جو هو. اياز جي ڪلام ۾ لاڙ ڏي اشارا ملن ٿا هِن اشارن ۾ هو پنهنجو خيال واضح طور بيان ڪري ٿو. اڪثر پرائين يادن کي به ورجائي ٿو.

نـتـي نـنـگـر جي رات، اســان ڪــان وســري نــاهي يــار،
ڪيئن مـڪـليءَ جي ماٺ مٿان، ٿـي چنڊ ڦريو چوڌارا.

(پڙرنر پري آڪاس)

برابر محاوري جي لحاظ کان ٿري محاورو لاڙيءَ کانُ ڪن ڳالهين ۾ جدا آهي، پر اڪثر ڳالهيون ساڳيون به آهن. اياز ٿر جا گهڻا لفظ، خاص طور "اڪن نيرا ڦليا" ۾ ڪم آندا آهن. ائين لاڙ جا به ڪجهه لفظ سندس ڪلام ۾ موجود آهن؛

ڪـوهـه "ڪـڇاڙو، راڳيـا، ڪـنـڌ بـنـا ڪـيـنـر،
مـتـان مـونـين مـگـا.

(ڪپر ٿو ڪَن ڪري)

گهاتوءَ جي بيان ۾ چوي ٿو؛

سـدا پـيـا ســامـانـبـا، مـاڻـهـوءَ ڪـارڻ مَڇَ،
ســدا گـهـاتـوءَ رَڇَ، آئـيـنـدا اوڙاهـه ۾.

(ڪپر ٿو ڪَن ڪري)

پوئين بيت ۾ پر ماريت ۾ ظلام جو بيان ڪندي شاعر، عوام کي سجاڳ ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته مڇ نت نت نوان پيا ايندا ته انهن جي مقابلي لاءِ رڇ به هجڻ کپن. مقابلي جو جذبو به موجود رهي.

جڏهـن لاڙ جي ڳالـهـه اچي ٿـي تـه ايـاز وٽ دودو ۽ وڳهـه ڪـوٽ تمـام سگهاريون علامتون آهن. اياز جو "دودي سومري جو موت" ته هن جو مڪمل منظوم ڊرامو موجود آهي، پر هونئن به دودي ۽ وڳهه ڪوٽ کي ياد ڪيو اٿس.

دودي جي ديس (لاڙ- سنڌ) جي شاعرن- خواجه محمد زمان، مولوي احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاح، علي مراد چانڊيو، درويش، سرويچ ۽ ٻين به دوديءَ کي خوب ڳايو آهي. پر اياز پنهنجي انداز ۾ ڳايو آهي. اهو انداز، جيڪو سنڌس منفرد آهي وڳهه ڪوٽ جي سرزمين ڪيترو رت ڇڻي چڪي آهي. اُن لاءِ شاعر چوي ٿو:

دودل ڳول نـــــه تـــــون،
ســـــارو رت ڇڻـــي ويـــئـــي
وڳهـــه ســـنـــدي پـــون.

(ٻن ڇڙ ٻجاڻان)

هڪ وائيءَ ۾ سهري جي انداز ۾ چوي ٿو:

تــالــهــه ڪــٿــي روپڙو مــيــنــدي پَســايــو،
دودل گــــهـــــر آيـــو.

(واٽون ڦلن ڇانئيون)

دودو آزاديءَ جي علامت آهي. هو ويرن سان وڏاندري ويڙهاند ۾ رڌل رهيو ۽ سر ڏيئي سَرهو ٿيو. ههڙو سورمو، اڏول ۽ اٽموٽ، پوئتي ڪيئن هٽي ها. رنگ رتول هن لاءِ ڪجهه نه هئا. هن وڳهه ڪوٽ جي رڻ پوميءَ ۾ پنهنجو سر قربان ڪيو. هن ثابت ڪيو ته راڄ مڱيا نه ڏبا آهن، جيئڻ ڏاند تا ڏجن. هن جو لوڙهه لٽيو پيو وڃي،اياز چوي ٿو:

دودي لوڙه لٽين،
وينا وڳهه ڪوٽ ۾.

(واٽون ڦلن ڇانئيون)

وطن تي ڏکيا ڏينهن به ايندا آهن. هر ماڻهو دودي جهڙو نٿو ٿي سگهي، ۽ هرڪو هُن جي قربانيءَ جو قدر نٿو ڪري سگهي. اُن مايوسيءَ جو پاڇو به اياز وٽ آهي:

دودا ڪــن جي لــٽــي مُــئــين، هــي جي چــڪ چــتــين
ويــنــا وڳهـــه ڪــوٽ ۾.

(واٽون ڦلن ڇانئيون)

محاڪات ۾ اياز نهايت شاهوڪار آهي. هڪ مينهن ڦڙيءَ تي، هُن جي نظر ڪيئن وڃي ٿي:

"دودا" ٻاڪيءَ چيو. "مينهن ڦڙو،
ميدان جنگ ۾ گهوڙي جي نعل وانگر،
لڳي رهيو آهي."

(ٽڪرا ٽٽل صليب جا)

سومرين جو تلاءَ تي اچڻ جو نظارو، نه رڳو لفظن ۾ هڪ تصوير مثل آهي، پر جماليات جو به هڪ بهترين نمونو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرَ تي نوڙيون سومريون، جَهِبا ڏين نہ جهلَ،
جَهُومَڪ جهومَڪا پاپڙيون، جِهرمِر جهرمر ڳَلَ،
جَرڪي پيسا جهانجهہ ۾، ڪائي انگ اَٿلَ،
ڇاڇا پيـــــارا پَلَ، واريــاســي جي وات ۾.

(وڄون وسڻ آئيون)

اياز جي ڪلام ۾ ٿر ۽ لاڙ جي لفظن جو ذخيرو بہ موجود آهي. مثال طور هيٺيان چند لفظ وٺو:

ڪَرام، ميڄ، ڪوس، سورانگهڻ، ڳرس، ٽِڪَ، ڀَوڻ، ڪوچار، ڳارو، پوچاڻڊو، ڳولاڙو، آوهاڙو، ڦليا، ڏيڪري ۽ پيڙو وغيره.

ڏيڪري (چوڪري)، پيڙو (ڳڏ) ڪڇ ۾ بہ ڳالهيا وڃن ٿا. گهڻي ڀاڱي سنڌي ۽ ڪڇي محاورو (dialect) بہ لاڙ ۽ ٿر جي محاورن سان ڳنڍيل آهي. ڪلام سمجهڻ لاءِ عام پڙهندڙ کي معنيٰ پڇڻي پوي ٿي، جيڪا شاعر خود ئي حاشين ۾ ڏني آهي.

لاڙ جي چارين ڪارين ۽ لباس جا اشارا بہ اياز وٽ موجود آهن

روز ڏنا مون ماءُ، ڪارا ڪنجرين مٿو بند،
ويندي ڪنهن جو ڪَنُ تي، ڪنهن پيو پرڏهہ،
ڪنهن کي سانت سماءُ، هال هلاڇو جندڙي.

(وڄون وسڻ آئيون)

ooo

چاريـــن پــــر چايـــون، پنهنجون پرايون،
ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي.

(اڙيو سڄ لڪڻ ۾)

اياز کي لاڙ جو پورو پورو احساس آهي ۽ اُن جي ثقافتي ايڪائيءَ کي اهميت ڏني ٿو. جڏهن ڪو ناشر ڪيس پڇيا ٿو آچي تہ اُن کي نہ پهہ جواب ٿو ڏي:
”تون تہ لاڙي آهين.“

”توکي معلوم هوندو، لاڙ ۾ ڪي قومون ڪير نہ وڪنديون آهن. دراصل هو ڪير جي وڪري کي، پنهنجي توهين سمجهنديون آهن، منهنجي شاعري شِير مريم آهي، اُن جو طلبگار اهو ٿئي، جنهن جي مقدر ۾ صليب آئي هجي.“

(ڪرا تتل صليب جا)

لاڙي ٻار، چانهين جي ڦار ڪاٿيندي اياز کي ڪيڻن لڳي ٿو. آها منظر نگاري هن ريت آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙ ۾
ڪونج ٻارڙو
چانهينءَ جي ڦار
ڪاٺي رهيو آهي
يا وات سان
ڳاڙهو باجو
وڄائي رهيو آهي.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

ماتلي شهر لاڙ جو اهم ثقافتي مرڪز آهي. ڦليلي، شهر جي رونق ۾ اضافو ڪري ٿي ۽ ڦليلي جو حوالو اياز پنهنجي هائڪي ۾ ڏي ٿو؛

تنهنجا منهنجا چَپَ،
جيئن چُمي ماتلي-
ڀٽي ڦليليءَ ڪپَ.

(ڀڻ ڀڻ ڀڃاڻان)

سنڌ/ لاڙ جي سورمن ۽ عوامي رهبرن کي، شاعر پنهنجي دؤر جي حوالي سان ۾ ياد ڪري ٿو عوام لاءِ قرباني ڏيندڙن ۾ موجوده دؤر جو هڪ رهبر، فاضل راهو به اياز جي ڪلام ۾ متاهون مقام رکي ٿو؛

سمجهو تا لوڪو،
راهو مرئو ڪونہ آ،
مري ويو ڪو ٻيو.

(راڄ گهاٽ تي چنڊ)

هن سلسلي ۾ ڪيترائي مثال وٺي سگهجن ٿا. جن مان اياز جي ڪلام جي هن پهلوءَ تي روشني پئجي سگهي ٿي. شاعر ڪو ڪنهن ايراضيءَ ۾ محدود نٿو ٿئي، پر هو پنهنجي عوام دوستيءَ واري عمل ۾ پنهنجي ڪلام ۾ تمام ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ۽ بيان ڪرڻ جهڙا قصا آڻي ٿو.
اياز هڪ پُرگو شاعر آهي. هن جو جيڪو ڪائنات جواپياس آهي، سو ڪيس انهيءَ قابل بنائي ڇڪو آهي، جو هُو پوپٽ جو پيرو ڪٺي اِهو ٻڌائي سگهي ٿو تہ اُن جي زندگيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪل آيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممتاز مهر

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات

عالمي ادب جي تاريخ ۾ ورلي ڪو اهڙو سياسي نظريو هوندو جيڪو اديبن ۽ شاعرن تي زوريءَ مڙهيو ويو هجي، سواءِ سوشلسٽ حقيقت نگاري Socialist Realism جي. اهو نظريو جيڪو اسٽالن روسي اديبن ۽ شاعرن تي زوريءَ مڙهيو هو تنهن روس جي تخليقي ادب کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. سوويت يونين جي ڀڄڻ کان پوءِ تهه خانن ۾ لڪل اسٽالن جي ظلم جا وڏيڪ داستان ظاهر ٿيڻ لڳا آهن. هڪ اندازي موجب اسٽالن جي دؤر ۾ فقط سوويت يونين ۾ اٽڪل اڍائي ڪروڙ ماڻهو اسٽالن جي اشاري تي سندس پاليسيءَ مطابق ماريا ويا. اهي مارجي ويل ماڻهو عام پورهيت، هاري ۽ اڪثر پارٽي ورڪر، دانشور، اديب ۽ شاعر هئا. بقول هڪ ليکڪ جي ته اسٽالن اهو شديد ذهني مريض اڳواڻ هو جيڪو ڏينهن ۾ ماڻهو مارائي لطف وٺندو هو ۽ رات جو معصوم ٻار وانگر سڀ ڪجهه وساري سمهي پوندو هو. تخليقي ادب جو بنيادي محرڪ حسن هوندو آهي، جيڪو حق ۽ سچ جي علامت آهي. حسن جي فلسفي جو علمي نالو جماليات (Acsthetics) آهي. قديم يوناني ۽ سنسڪرت ادب کان وٺي جديد ادب تائين هر وڏي اديب ۽ شاعر جو حسن بابت پنهنجو پنهنجو تصور رهيو آهي. ڪنهن به اديب ۽ شاعر جي تخليقي ڪاميابيءَ جو دارو مدار ان ڳالهه تي به آهي ته هو پنهنجي فڪر ۽ احساس کي ڪهڙي جمالياتي رنگ ۽ آهنگ ۾ پيش ڪري پڙهندڙن کي ڪيتري قدر متاثر ڪري سگهيو آهي. سو سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ ۾ (ننڍي کنڊ ۾ سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ کي ترقي پسنديءَ جي ليائيندڙ نالي سان رائج ڪيو ويو) جماليات لاءِ ته ڪا گنجائش ئي نه ڇڏي ويئي آهي. مثال طور گورڪيءَ جي ناول "امڙ" ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جماليات نالي ماتر بہ نظر ڪانہ ايندي. ساڳيو حال مايا ڪوفسڪيءَ جي انقلابي شاعريءَ جو آهي. سوشلسٽ حقيقت نگاري يا ترقي پسنديءَ جو بنياد حسن يا جماليات تي نہ بلڪہ چئن ليکڪائن ميدالستار، ناديزدا، اساڪ بيبل، يسين، مائڪو فسڪي، ائنا اخمتووا ۽ سولزينتسن ڪي پنهنجو سمجهي انهنجي ياد ۾ هڪ طويل نثري نظم لکيو آهي. جنهنجون شروعاتي سٽون هي آهن:

"تاريخ جو
هيترو الميو ٿيو آهي
۽ تون چاهين ٿو
تہ مان اُن تي هڪ سٽ بہ نہ لکان!
چا نثري مرثيا نہ تا لکي سگهجن."

اهي روسي اديب ۽ شاعر جن سچ ۽ حق خاطر ۽ اظهار جي آزاديءَ خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪيون يا سختيون سٺيون تن سان يڪجهتيءَ جو اظهار شيخ اياز نہ صرف پنهنجي تازي شايع ٿيل ڪتاب "هرڻ اکي ڪيڏانهن" ۾ بلڪ اڳ وارن شايع ٿيل ڪتابن "سر لوهيڙا ڳيا" ۽ "جر ڏيئا جهمڪن" ۾ توڙي ٻين لکڻين ۽ انٽرويوئن ۾ پڻ برملا ڪيو آهي. شيخ اياز لکيو آهي تہ "موسيقيءَ جي روح مان شاعري جنم وٺندي آهي. هر حساس فنڪار موسيقيءَ جي اها لئہ پنهنجي اندر ۾ بہ محسوس ڪندو آهي تہ ڪائنات جي هر ذري مان پڻ." مشهور جرمن شاعر رينر ماريا رلڪي جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ سندس هڪ مداح پنهنجا تاثرات هيئن پيش ڪيا:
"رلڪيءَ جي شاعريءَ جي خاص خوبي اها آهي جڻ ڪو پنهنجي جسم جي اندر موجود رت جي گردش جي لئہ تي ڪا عاليشان ديول تعمير ڪندو هجي."رلڪي هميشہ فطرت جي نظارن ۽ رنگا رنگيءَ مان اُتساهہ وٺندو هو. تنهن ڪري هن جي شاعريءَ ۾ ٻين جيان جارحيت ۽ داخليت ۾ مصنوعي طور پيدا ڪيل ويڇو نظر ڪونہ ايندو. تنهن ڪري هو "فن برائي فن" يا "فن برائي زندگي" جي اجائي بحث کان دور نظر ايندو. تقريباً ساڳيو خيال شيخ اياز هيئن پيش ڪيو آهي:

"چا تون منهنجي شاعريءَ کي
منهنجي ذاتي زندگي کان
وڌيڪ اهميت نٿو ڏين."

ڪجهہ وقت اڳ تائين جڏهن ادب ۾ ترقي پسند داداگير نقادن جو گهڻو زور هوندو هو. جن کي لکڻ تہ ڪونہ ايندو هو پر لباڙ گهڻي هڻندا هئا ۽ ملن وانگر جلد فتوا ڏيندا هئا. تن کي شيخ اياز هيئن جواب ڏنو ڏي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توُن ڪير آهين؟
نبي آهين؟
پيغمبر آهين؟
ولي آهين؟
جو مون کي چئين ٿو هيئن لک يا هون ء لک!
مان آزاد پرندو آهيان
جنهن پنهنجو طرف پاڻ طئي ڪيو آهي
۽ انهي ء ڪڏهن به
هوا جي رُخ جي پرواهه نه ڪئي آهي!

فريڊرڪ نيٽشي، جنهن لاء اهو غلط تصور قائم ڪيو ويو آهي ته هُن جرمن قوم پرستيء کي اڀاريو، هڪ هنڌ لکيو آهي ته "قوم پرستي چريائپ آهي" آئنسٽائين چيو آهي ته: "قوم پرستي هڪ ٻاراڻي حرڪت آهي." قوم پرستي به هيروئن جهڙو هڪ نشو آهي جنهنجو علاج به ڏکيو آهي. بهرحال شيخ اياز پنهنجو ڏاهپ وارو درس ڏيڻ کان ته ٽو ڪيٻائي.

ڪاليداس کان وٺي ميران ٻائي تائين سنسڪرت ۽ هنديء جي ويدانتي شاعريء ۾ حسن ۽ جماليات نمايان نظر ايندو. فارسي صوفي شاعريء ۾ به اهو ساڳيو رنگ نظر ايندو. صوفي شاعرن يقيناً انهيء الوهي پيغام مان اتساهه حاصل ڪيو هوندو ته: "الله تعاليٰ حسين آهي ۽ هو حسين شين کي پسند ڪندو آهي."

سنڌي شاعريء ۾ جماليات جوسڀ کان مؤثر اظهار شاهه عبداللطيف جي شاعريء ۾ نظر ايندو پر افسوس ته ترقي پسندن ۽ قوم پرستن شاهه جي وحدت الوجودي فڪر ۽ جماليات کي ڇاڻي واڻي نظر انداز ڪري ڪيس هرويرو هٽوڙي ۽ ڏاتي جو ترجمان يا قوم پرست شاعر ڪري پيش ڪيو آهي. شاهه کان پوء شيخ اياز جي شاعريء ۾ جماليات نئين رنگ ۽ آهنگ ۾ نظر ايندي. شيخ اياز جي شاعريء ۾ گهرو فڪر ۽ احساس آهي، جيڪو ڪيس ويهين صديء جي چوٽيء جي بين الاقوامي شاعرن جهڙوڪ ٽي ايس ايليٽ، پئسترنڪ ۽ ٽئگور جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو. مثال طور نثري نظمن تي مشتمل سندس نئين شايع ٿيل ڪتاب "هرڻ اکي ڪيڏانهن" جو هي نظم:-

"اي ڪاش!
گل تنهنجي محبت لاء
هڪ استعارو ٿي سگهي
۽ ڇڻي نه وڃي!
اي ڪاش!
چنڊ تنهنجي محبت لاء
هڪ تشبيهه ٿي سگهي

۽ لهي نہ وڃي!
تون ايتري ناپائدار تہ ناهين
جيترا اهي استعارا ۽ تشبيهون آهن،
تون تہ منهنجي دل ۾ آهين،
۽ منهنجي دل فنا جي زد ۾ اچي نہ ٿي سگهي
۽ ڪائنات
ان ڪي پاڻ ۾ سمائڻ ڪان
قاصر آهي،
منهنجي دل لاءِ
ڪائي تشبيهہ
ڪوئي استعارو
نہ آهي."

اردو ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن وانگر سنڌي ترقي پسند شاعر ۽ اديب پڻ ڪوهہ جا ڏيڏر بڻجي ويا ۽ انهن جي نام نهاد ترقيءَ جو انجام هن نعري "منهنجو ديس تنهنجو ديس" تي پهچي ترقي پسند تحريڪ جي نظرياتي ڪوڪلائپ ڪي ظاهر ڪري ڇڏيو. هر وڏي اديب ۽ شاعر جو پيغام سموري عالم لاءِ هوندو آهي، چاهي اهو پيغام سموري عالم وٽ سوير پهچي يا دير سان پهچي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو تيرهين صديءَ جي شاعر ڊانٽي کي ويهين صديءَ جو سياسي دانشور ترانسڪي پنهنجو من پسند شاعر ٿو ڪوٺي. هومر کان وٺي شاهہ لطيف تائين سيني اعلیٰ شاعرن جو پيغام سموري انسان ذات لاءِ هوندو آهي. سو شيخ اياز پڻ سوويت دؤر ۾ مارجي ويل يا ستم رسيده ليکڪن جو اظهار جيڪو سچو ۽ دل جي گهرائين مان ڪيو آهي. زمان ۽ مڪان "Space and Time" جون سيئي حدون ٽوڙي آفاقيت جي علامت بڻجي ٿو ۽ ثابت ٿو ڪري تہ دنيا جا سڀيئي سچا ۽ فن لاءِ اربيل قلمڪار هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آهن.

ڪتاب "هرڻ اکي ڪيڏانهن." ٽوڙي شيخ اياز جي ٻين ڪتابن ۾ دنيا جي مختلف ٻولين جي وڏن اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر ملندو ۽ انهن جي لکڻين ۽ شعرن جا حوالا ملندا. اهو ان ڪري نہ تہ اياز صاحب پنهنجي اٿاهہ علمي ۽ ادبي مطالعي جو رعب پڙهندڙن تي وجهڻ چاهي ٿو، بلڪہ اهي سڀ حوالا موضوع جي نسبت سان مناسب ۽ ڪاراٿا لڳندا آهن پر اصل حقيقت جيئن مون سمجهي آهي تہ اياز صاحب بطور هڪ تخليقڪار دنيا جي مختلف ٻولين جي ۽ مختلف وقتن جي انهن سيني اديبن ۽ شاعرن سان جيڪي گيس پسند آهن. (مثال طور حافظ، رومي، سرمد، غالب، ييٽائي، ڊانٽي، قرت العين، طاهره، ائنا اخمتووا وغيره مستقل طور يا وقت بوقت هم ڪلام آهي يعني انهن سان سنڌس روحاني سطح تي ڊائلاگ يا هم ڪلامي ٿيندي رهي آهي. سو انهيءَ هم ڪلاميءَ جي جهلڪ سندس تحريرن ۾ بہ نظر ايندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد اياز صاحب پڙهندڙن کي بہ انهيءَ هر ڪلاميءَ ۾ اڻ سڌي طرح شريڪ ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن سان پڙهندڙ کي ضرور لاڀ حاصل ٿيندو.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلوءَ ۽ ان جي گهڻ رنگي رخن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندس سيني رچنائن کي تسلسل سان پڙهيو وڃي ۽ سندس ڪتاب "پنؤر پري آڪاس" کان وٺي پوءِ جي ڪتابن تائين. خاص طور ۱۹۸۵ع کان پوءِ جي سندس شاعريءَ ۾ واضح صوفيانہ جمالياتي استعارن ۽ تشبيهن کي ۽ انهن استعارن ۽ تشبيهن ذريعي ابلاغ ٿيندڙ فڪري ۽ روحاني پيغام کي هڪ تسلسل ۾ سمجهڻ گهرجي. ان ڏس ۾ ڪتاب "هرڻ آکي ڪيڏانهن" ۾ شيخ اياز ڪافي اشارا ڏنا آهن، مثال طور:

"آنءَ هيئن ٿو چوان! ۾ ڪنهن جيڪي بہ چيو آهي، اهو مان فقط تصديق لاءِ ڳوليان ٿو تہ انهيءَ بہ ائين چيو آهي يا نہ."

"تخليق جو حسن ۽ حسن جي تخليق- ان کان بهتر موضوع شاعر لاءِ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟"

فريڊرڪ نيٽشي پنهنجي هڪ شروعاتي ڪتاب Birth of Tragedy ۾ لکيو هو تہ:

"شاعري ڪائناتي هوندي بہ ذاتي ٿيندي آهي،
۽ ان ۾ شاعر جي ذات جو ڏيئو ٻرندو آهي
ذات جو ڏيئو ٻرندو آهي
انهيءَ هر بات جو ڏيئو ٻرندو آهي
جا هن ڏٺي آهي."

مشهور دانشور ڪولن ولسن چيو آهي تہ "زندگي شاعريءَ جيان هميشہ گول ڦرندي رهندي آهي." مطلب تہ جيئن شاعريءَ ۾ هومر کان وٺي ايليٽ تائين سيني وڏن شاعرن انساني زندگي ۽ ان سان لاڳاپيل چند بنيادي مسئلن کي جيڪي نيڪي ۽ بدي تي آڌار رکن ٿا، هميشہ پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي، رڳو هر ڪنهن شاعر جو اظهار بيان مختلف رهيو آهي. سو جيئن رات پٺيان ڏينهن آهي، صبح کان پوءِ شام آهي، خزان کان پوءِ بهار آهي، سو اهو ساڳيو تسلسل آرٽ ۾، زندگيءَ ۾ ۽ ڪائنات ۾ نظر ايندو. ڪيئي بنيادي موضوع جيڪي روميءَ جي شاعريءَ ۾ نظر ايندا سي شاهہ سميت ٻين گهڻن ئي شاعرن ڪنيا. فائوسٽ جي ڪردار کي نہ صرف گوئٽي ۾ ٻين يورپي ليکڪن بہ ڪنيو. خود عظيم جرمن شاعر رلڪي هڪ ٻن بنيادي موضوعن کي بار بار پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي. ان ڏس ۾ خود رلڪي پنهنجي هڪ خط ۾ هنريت وضاحت ڪئي آهي:

"A book of Poems ought to be a coherent consistent whole, held together by a dominant theme or by a stuctural unity."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجازي عشق ۽ حقيقي عشق مشرقي شاعريءَ جا بنيادي موضوع رهيا آهن، تہ ڇا ان کي ورجاءُ چئبو؟ شيخ اياز پڻ انهيءَ اعتراض جو خوبصورت جواب ڏنو آهي: "تون چوين ٿو تہ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ ورجاءُ آهي توکي معلوم آهي تہ بيدل دهلويءَ ۽ غالب هڪ ئي تشبيهہ ڪيترا ڀيرا ڏني آهي؟"

بهرحال ڪنهن بہ شاعر جا بنيادي موضوع هڪ بہ ڇو نہ هجن، پر تنهن هوندي بہ هو آزاد آهي تہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪي جزوي موضوع بہ ڪتب آڻي. ترقي پسند شاعر تہ سڄي عمر رڳو ڌاتي ۽ هتوڙي کي موضوع بڻائيندا رهيا ۽ ديس پرست شاعر رڳو "ديس ديس" ڪندا رهيا. شيخ اياز ان ڏس ۾ لکي ٿو: "شاعريءَ جو دائرو تہ ڪائنات جيترو وسيع آهي ان کي سوڙهو سکوڙو ڪري، رڳو پنهنجي وطن ۾ نہ سماءِ! ٺيڪ آهي هي پَسيءَ ۽ پيرونءَ جو ديس آهي پر ان جي معنيٰ نہ آهي تہ دنيا ۾ لالہ و گل نہ آهن ۽ تشبيهہ لاءِ استعمال نہ ٿا ٿي سگهن."

هڪ روايت جنهن کي نيٽشي پنهنجي ڪتاب "سو زرتشت ڳالهايو" ۾ بہ آندو آهي تہ "هڪ ڀيري جڏهن ڏاهو زرتشت ڏينهن ڏٺي جو ٻتي ڪٺي ماڻهن وٽ آيو تہ اهي مٿس کلڻ لڳا ۽ پڇيائونس تہ "ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ٻتي ڪڻڻ جي ڪهڙي ضرورت پيش آئي اٿئي؟" زرتشت کين جواب ڏنو تہ "اوهان کي صحيح رستو ڏيکارڻ لاءِ ڇو تہ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ بہ اوهان پنهنجي اصل واٽ وساري ويٺا آهيو؟" سو شيخ اياز بہ خاص طور سنڌ جي انهن رستي کان ڀٽڪيل ماڻهن کي جيڪي پنهنجي اصل واٽ (خدا دوستيءَ واري واٽ) کان ڀٽڪيل آهن. ڪڏهن تلخ ۽ ڪڏهن نرم لهجي ۾ مخاطب آهي، انهيءَ ڏاهي وانگر جيڪو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ رستي کان ڀٽڪيل ماڻهن کي ٻتي ڏيکاري سنئين دڳ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

سنڌ جي گهڻن جذباتي نوجوانن کي شايد اها غلط فهمي هجي تہ جيڪي ماڻهو قوم پرستيءَ جي مخالفت ڪن ٿا سي وطن جا خير خواه ڪونهن. اها سندن ڀل آهي. شاهہ لطيف سنڌ لاءِ بہ دعاگو آهي تہ سڄي عالم لاءِ پڻ. ساڳيءَ طرح شيخ اياز بہ ديس جو ڀلو چاهيندڙ آهي تہ ساڳي وقت سڄي عالم لاءِ پڻ. وطن جي خير خواهي الڳ معاملو آهي ۽ ديس پرستي يعني ڌرتي پوڄا الڳ معاملو.

شيخ اياز جي ڪتاب "هرڻ اکي ڪيڏانهن" ۾ نثري نظمن کان علاوه، ننڍا ڏاهپ وارا گفتا، چوڻيون ۽ بياني تاثرات پڻ آهن. اهي سڀ گهري فڪر جي سمنڊ مان نڪتل موتي داڻا آهن جن کي قلمڪار هڪ مالها ۾ پوئي پيش ڪيو آهي. اهو پڻ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اعليٰ رچنا جمالياتي اظهار فڪري نڪتن کان عاري نہ هوندو آهي. مطلب تہ رڳو نام نهاد (Pure Art) ۾ حسياتي اظهار کي جماليات جو نالو ڏنو ويو آهي، پر اهڙو جمالياتي اظهار وقتي ۽ اڪثر ڪري ناقص هوندو آهي. شيڪسپيئر، کان وٺي ايلئٽ تائين مغرب جي شاعريءَ ۾ ۽ حافظ کان وٺي اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين مشرق جي شاعريءَ ۾ اعليٰ جمالياتي اظهار سان گڏ گهرو فڪر به ملندو. مثال طور شيخ اياز جو هيٺيون خوبصورت نثري نظم ته؛

گهاٽ تي پهچي ويو آهين
ٻيڙي تنهنجي انتظار ۾ آهي
اُن جو مانجهي ڪير آهي
نه تون تو ڄاڻين، نه مان تو ڄاڻان!
ان جو ٻيو پارَ ڪهڙو آهي
آهو تنهنجين منهنجين اکين کان
اوجهل آهي،
ان جي پتوار
صدين کان هلي رهي آهي
۽ اڃا پرائي نه ٿي آهي
تون ان سفر کان گهٻرائين ڇو ٿو؟
ان تي هر ڪنهن کي وڃڻو آهي،
۽ ڪيڏن ڇڻجي
متان ٻيو پار ايترو ٻرو به نه هجي
جيترو تون سمجهي رهيو آهين!
درياهه جو پيٽ ڪافي ويڪرو آهي
۽ تنهنجي ديد
اها جاءِ ڏسي نه ٿي سگهي
جتي هيءَ ڪشتي پهچي آهي
۽ نه وري
مان خاطريءَ سان چئي ٿو سگهان
ته جڏهن تون ٻي پار پهچندين
تڏهن ناڪئي کي
ڏسي به سگهندين
يا نه!

شيخ اياز صاحب پنهنجي هن نئين ڪتاب جو انتساب مشهور دانشور، صحافي، محقق ۽ اديب سينيٽر يوسف شاهين جي نالي ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر قاضي خادم

شيخ اياز
سنڌي ادب جو بنيادي ڪهاڻيڪار

جديد سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي شروعات ١٥- ١٩١٤ع ڌاري ٿيل ٿي پائنجي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ ساهت سوسائٽي، سندر ساهتيہ، سک ٽرئڪ سوسائٽي، ۽ ١٩٣٠ع ڪانپوءِ سنڌو رسالو جاري ٿيا. جن ۾ پڻ گهڻو ڪري ترجما ۽ ماخوذ ڪيل ڪهاڻيون ئي شايع ٿينديون رهيون. انهن ۾ خاص لالچند امر ڏني مل جون "چمڙا پوش جون آکاڻيون" مشهور ٿيون. جن کان پوءِ ديوان دولترام- ٻولچند جي ڪهاڻي "آب حيات" (جيڪا سنڌو مخزن ۾ مارچ ١٩٣٧ع ۾ شايع ٿي. اها ڪهاڻي نيٿنل هاٿورن (Nathnal Hawthoran) جي ڪهاڻي Twice told tale تان ورتل هئي) مرزا نادر بيگ جون ڪهاڻيون، آسانند مامتوراءِ جون "ڳنوارڻ" ۽ ٻيون ڪهاڻيون، عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "پنج"، امر لعل هنگورانيءَ جون ڪهاڻيون (ادو عبدالرحمان- هيءَ بہ رانجهوءَ سنڌي رمز، جيڪا ڪهاڻي پڻ موپاسان جي "مون لائيٽ" تان ورتل هئي.) شيخ عبدالستار جي "رحيما" گوبند پنجابي (مجموعو سرد آهون ١٩٤٢ع) حشو ڪيولراماڻي (هڪ-ہہ-ٽي ۽ ٻيون ڪهاڻيون) ڪروڙ پتي، نجم عباسي، شيخ اياز ۽ ٻيا ليکڪ آهن. جن مان ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ ڪروڙ پتي، نجم عباسي ۽ شيخ اياز ئي وڃي رهيا.

مٿين انگن اکرن تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ اياز سنڌ جي اوائلي ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي ۽ ورهاڱي کان اڳ واري دؤر ۾ سندس ڪهاڻيون "سفيد وحشي"، "پاڙيسري"، "ڪارو رنگ"، "رولو"، "ڪلٽي"، "نظيران" ۽ ٻيون ڪهاڻيون ڪافي داد حاصل ڪري چڪيون هيون. "ڪلٽي" لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو. هيءَ هڪ نهايت نفيس سيرت نگاريءَ جي آکاڻي هئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ لکيل اسلوڪين ڪهاڻي مان آخرين شاهڪار هئي." (سنڌي نثر جي تاريخ- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٧٧ع)

شيخ اياز جي ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو. تہ هو شروع کان وٺي هڪ آدرشي انسان رهيو آهي. نہ فقط ايترو. پر هن جو مطالعو ايترو تہ گهرو ۽ وسيع هو. جو هن پنهنجن ڪهاڻين کي بہ ادب جي مروج وصفن پٽاندڙ ئي لکيو هو. تڏهن تہ هو پنهنجين ڪهاڻين "ڪارو رنگ" ۽ "شرابي" کي (سوئريلي) Surrialistic ٿو ڪوٺي (سفيد وحشي صفحو ١٠) "سفيد وحشيءَ" جي باري ۾ هو پاڻ لکي ٿو تہ، "جنگ ڪانپوءِ سنڌي جنتا جي جاڳترا جو نظارو مون "سفيد وحشي" ۾ چٽيو آهي. عوام سياسي معاملن جي مونجهارن مان نہ ڇاٽي هئن جي سمجهہ سڌي سنئين آهي تہ اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي ۽ لڄ لٽجي رهي آهي. ان سادي پر سخت بغاوتي احساس جي تصوير آهي سفيد وحشي!

(سفيد وحشي صفحو ٨)

اياز جي ڪهاڻين جي مطالعي وقت ان دؤر جي ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان ورهاڱي تائين، سنڌ ۽ هندستان جي سياسي، سماجي ۽ فڪري حالتن جو جائزو وٺڻ انتهائي ضروري آهي. خاص ڪري جو هڪ طرف ١٩١٩ع واري روسي پرولتاري انقلاب ۽ پهرين جنگ عظيم جا اثرات هن علائقي تي فڪري توڙي جسماني طرح تمام گهرا پيا هئا. ترقي پسند تحريڪ پنهنجا قدم ڄمائي ورتا هئا ۽ نوجوانن لاءِ ان ۾ تمام وڏي ڪشش هئي. روايت کان بغاوت جو دؤر جاري هو تہ ٻئي طرف هندستان ۾ انگريزن جا پويان پساهہ هئا. آزاديءَ جي تحريڪ ورهاڱي جي صورت اختيار ڪري رهي هئي. هن خطي ۾ رهندڙ انسانن جا مذهب جي بنيادي فرق ٻڌجي ورهائجي چڪا هئا. دلين ۾ ڦوٽ پئجي رهي هئي ۽ جسماني علحدگيءَ جا آثار بہ ظاهر ٿي چڪا هئا. ويندي ويندي انگريز برصغير تي هڪ خوني وار ڪري ويا هئا. ان جو وجود ٽڪرا ٽڪرا ڪري پئي ويا. اهي ٽڪرا جاگرافيائي، تاريخ ۽ ثقافتي تہ هئا ئي، پر انهن هتي جي باشندن کي جذباتي طرح بہ ٽڪرا ٽڪرا ڪري وڌو هو. اهوئي سبب آهي تہ "سفيد وحشيءَ" ۾ انگريز سان نفرت ڪرڻ وارو، "پاڙيسريءَ" ۾ پنهنجي ورهايل وجود جي حفاظت ڪرڻ چاهي ٿو. هو سوچي ٿو تہ هندوءَ سان گڏ ڪونہ رهي سگهندو. هندوءَ کي ماري وجهندو. ڪهي ڇڏيندو. جڏهن هڪ پاڙيسرياڻي پاڙي جو ننگ ٿي وڃي ۽ يقين نہ ٿي ڪري تہ ڪو سندس پاڙيسري ڪيس ماري بہ سگهي ٿو. جنهن سان گڏ عيد ۽ ڏياري، گذاري آهي، جنهن سان گڏ ٻير ميڙيا آهن، پر جي اهو ماري تہ ان جو موت بہ اڪين تي. ليڪڪ پنهنجي ڪردار مان پاڻ ڳالهائي ٿو. "بهار ۾ مسلمان پاڻر تہ ماريا ويا، پر ان ۾ پيسوءَ ماءُ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ان کي ڇو ماريو وڃي؟ بيشڪ هن صوفين جي سنڌڙيءَ ۾ فساد ڪڏهن بہ نہ ٿيندا. ڪير اهڙو ظالم سنگدل ٿيندو. جو پاڙي جو بچاءُ نہ ڪندو ۽ بيواهن جو گلو ڪاٽيندو؟ سندس ڪن ۾ ڪنهن ساڳيو لفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺڪيو جيئي سنڌ، سنڌس من جو مونجهارو لهي ويو ۽ سندس دماغ چڻ ڪلين شيو ٿي ويو.“ (پاڙيسري)

”پاڙيسري“ ڪهاڻي هڪ حجام جي ڪردار جي حوالي سان، ورهاڱي کان اڳ جي شڪارپور جو پورٽريٽ آهي. جنهن جو بنياد انساني فڪر، محبت ۽ احساس تي ٻڌل آهي. هن ۾ انساني جذبي ۽ رشتي کي دنيا جي ٻئي هر جذبي ۽ رشتي تي فوقيت ڏني. اياز جي فڪر جو دائرو پنهنجي ماڳ ۽ مڪان جي حوالي کي ٽوڙڻ ڪانسواءِ ٿي ڪائناتي دائري ۾ پهچي وڃي ٿو.

اياز جي ڪهاڻين جي هڪ خاص خوبي اها به آهي ته هن جون ڪهاڻيون هڪ جهڙيون نه آهن، بلڪ هر ڪهاڻي مختلف وزن ۽ رفتار جي آهي. ”پاڙيسريءَ“ وارو اياز، ”سفيد وحشيءَ“ ۾ مختلف آهي. ”رولو“ وارو اياز ”ڪلٺي“ واري اياز کان مختلف آهي. ”ڪارو رنگ“ وارو اياز ”نظيران“ واري اياز کان مختلف آهي. انهن ۾ جيڪا هڪجهڙائي آهي ته اها آهي، اياز جي رومانوي ٻولي. جيڪا هن جي اندر ۾ ويٺل شاعر جو عڪس چئجي ته بهتر ٿيندو. پر ان هوندي به، ڪيس سنڌي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ پنهنجو نظريو آهي، ”منهنجي نظر ۾ سنڌي هڪ جدا قوم آهن. سنڌن زندگي، سڀيتا، روايتن، ٻولي،نالا مطلب ته سيڪجهه هندستان جي ٻين پرڳڻن کان علحدو آهي. هي جو ساهتيه جو اثر آهي. ٻاهرين ماحول جو ليکڪ جي اندرين جذبن ۽ احساسن تي، ته سنڌ جو ادب به هڪ خاص شخصيت رکندو آهي، هو خاص رنگ ۽ ادا جو مالڪ ٿيندو ۽ اها خصوصيت جي ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ نه هوندي ته اها ڪهاڻي ڪانو جيان مور جي رفتار ڏسي، پنهنجي چال وساري ويهڻ جي مثال ٿيندي.“ (سفيد وحشي ٧)

ان طرح شيخ اياز سنڌ جي جديد مختصر ڪهاڻيءَ جو هڪ اهم ڪردار بڻجي اڀري ٿو. خاص ڪري ان صورت ۾ جو هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون آهن ته نج سنڌي ماحول جي عڪاسي به ڪن ٿيون. هن جي ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار، ٻولي ۽ فڪر نج سنڌي آهي ۽ پنهنجي دور جي لاڙن ۽ نظرين کي پيش ڪندا نظر اچن ٿا. نه فقط ايترو، پر هو ماحول کي نئون رخ ڏيڻ ۽ اصلاح ڪرڻ جو ڏس به ڏيندو نظر اچي ٿو. هڪ طرف هو انقلابي آهي، باغي آهي ته ٻئي طرف هو حساس انسان. هو انسان جي جسم نه، پر هن جي روح ۾ نهاري ٿو.

”ڪارو رنگ“ ٿي ڏسجي ته هن ڪيئن هڪ اهڙي ڪردار کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو آهي، جيڪا ڪنهن به لحاظ کان سورمي يا هيروئن بڻجي نه ٿي سگهي. ان ۾ هو ڪيئن ته ڪارو رنگ جي مخصوص سونهن کي محسوس ڪري ٿو. ”هوءَ رنگ جي ڪاري هئي، چڻ تئي جي پٺ ڏٺئه. جڏهن وهنجي سنهنجي منهن کي ڪريم لائي نڪرندي هئي ۽ اها اُس ۾ رجي ويندي هئي، تڏهن هن جو منهن ٻهڪندو نظر ايندو هو. ڪاروڪارو خوبصورت رنگ چڻ ٽڙي پوندو هو.“ (ڪارو رنگ) نه فقط ايترو، پر هن وٽ ڪاري رنگ جي خوبصورتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوجواب بہ آهي. هو اڳتي لکي ٿو ”مون هن رنگ کي خوبصورت ڪيئن ڪوٺيو! پر مان توڪان پڇان ٿو تہ ڪاري ڪاري رات، اٿيهين اونداهي، خاموشيءَ جي سير ۾ لڙهندي خوبصورت نظر نہ ايندي آهي ڇا؟“ هي هڪ آزاد ۽ منفرد سوچ رکندڙ جو ذاتي خيال آهي. هو زماني جي ٺاهيل ماپن تي نہ تو هلي، بلڪ هن وٽ سونهن ۽ ساڀيا جا پنهنجا ماپا آهن. بائبل ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي تہ ”جڏهن حضرت عيسيٰ خراب ڪم ڪندڙن، ورياج خورن، بدمعاشن سان گڏ ويٺو تہ چڱن هن کي چيو تہ اي مسيح، تون هنن بُرن سان ڪيئن ويٺو آهين. مسيح وراڻيو. آءٌ هنن بُرن لاءِ آيو آهيان، انهن سان تڏهن ويٺو آهيان.“ چڱن کي تہ هرڪو چاهي ٿو. سهڻن جي پوڄا تہ هرڪو ڪري ٿو، پر سونهن فقط رنگ ۽ نقشن سان نہ آهي، بلڪ سونهن اها آهي، جيڪا اندر جا جذبا جاڳائي سگهي. اياز وٽ سونهن سچ جو نالو آهي، ۽ جڏهن ڪاريءَ وٽان سچ هليو ٿو وڃي تہ هو اڇي ٿيو ٿي پوي، يعني ڪوڙي ٿيو پوي.

هن ڪهاڻيءَ لاءِ خود اياز جي راءِ هيءَ آهي تہ ڪارو رنگ هڪ گهٽ معمولي (Sub normal) انسان جي طبيعت جي ڦير گهير جو نہ وسرندڙ احساس آهي. ان ڪهاڻيءَ کي ڪنهن غير ترقي پسند، ذهن جي بي معنيٰ قلابازي ادهم جي ميرانجهڙي تصوير ڪوٺيو تہ مون کي ڪو عجب نہ لڳندو. (سفيد وحشي ١٠)

”رولو“ ۽ ”شرابي“ ۾ شيخ اياز هڪ رومانوي اديب ٿي ابريو آهي. هڪ اهڙو شخص، جيڪو پنهنجي ذات کي مختلف واسطن سان جاچڻ چاهيندو هجي. وطن، قوميت، ذاتي احساس ۽ فڪر ان جا خاص محرڪ آهن. ٻاهرين دنيا ۽ اندر جي دنيا جا ٽڪراءُ، تضادات، انساني بنيادي قدر ۽ جذبا، اهي ئي آهن. هنن ڪهاڻين جو بنياد- ”رولو“ کي تہ هو مضمون ٿو ڪوٺي، ”هن ڪتاب جو مضمون رولو (جو ڪهاڻي نہ بہ چئجي) سنڌ جي انهيءَ محبت سان پُر آهي. سنڌ ۾ اداڪار ”رولو“ پنهنجي وطن جي ڪنڊ ڪڙڇ سان دلچسپي رکي ٿو، سندس نظر تنگ يا محدود ناهي. پر ان حب الوطنيءَ جي جذبي جي پيدائش آهي، جو ڏسي رهيو آهي تہ مادر وطن هڪ ڦير گهير جي دوُر مان لنگهي رهي آهي ۽ ممڪن آهي تہ ان ڦير گهير ۾ سندس شخصيت باقي نہ رهي. سندس ٻولي اردوءَ ۽ هنديءَ جي جهڳڙي ۾ ناحق ناس ٿيو وڃي. سندس سرسبز ٿيڻ، پاڪستان ۽ هندستان جي سوال تي پنجابين بهارين جو نذرانو ٿي وڃن.“ (سفيد وحشي)

هي اديب لاءِ اهو مقام آهي، جتي خارجي زندگيءَ جون حقيقتون پنهنجي مڪمل تلخيءَ سان، هن جي مثالي سوچ تي اثرانداز ٿين ٿيون. هو پرماريت ڪندڙ قوتن جي مخالفت ڪري ٿو. اهي پرمار ڌاريا، غير وطني بہ ٿي سگهن ٿا، پنهنجا ۽ وطني ماڻهو بہ ٿي سگهن ٿا. هڪ هنڌ تہ هڪ اديب انسان ذات جي ڀلي لاءِ، پنهنجي ذات کي گم ڪري ڇڏي تہ ٻئي هنڌ پنهنجي ذات جي بچاءُ خاطر هو سڄي انسان ذات سان جنگ جوٽڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. اهو ئي خاص متو فرانس جي جنگ ڪانپوءِ Post war واري وجوديت (Existantialism) جي فلسفي ۾ بہ هو فرانسيسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب جان پال سارتر (Jan pul Sarter) جا ڊراما، ناول ۽ ڪهاڻيون اصل پنهنجي وجود جي بقاء لاءِ لڙجندڙ جنگ جون ڪهاڻيون آهن. اهوئي حال ڪجهه ورهاڱي واري دؤر ڪان وٺي اسان جي ادبي فڪر ۽ فلسفي جوبه آهي. ۽ اهو اياز جي ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾ نظر اچي ٿو. غلط ريتن رسمن، جيئن "نظيران" ۾ نظر ايندو، يا سياءَ جي تبديلي، جيئن "ڪارو رنگ" ۾ نظر ايندو، يا غير ملڪين سان نفرت، جيئن "سفيد وحشي" ۾ آهي، يا پنهنجن صدين جي ساٿين لاءِ همدردي جيئن "پاڙيسري،" ۾ نظر ايندو يا وري "شرابي" واري وجود ڪان انڪاري ڪيفيت، انهن سڀني جي پويان، پنهنجي وجود جو دفاع ڪرڻ جو هڪ جذبو نظر اچي ٿو.

شيخ اياز جي ڪهاڻي جي هڪ وڏي خوبي، هن جي دلڪش ٻولي آهي. نه فقط هن جا ڪردار پنهنجن جذبن ۽ حالت پٽاندڙ ڳالهائين ٿا، بلڪ هن جوبيانيه انداز به نهايت خوبصورت آهي، "پاڙيسريءَ" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو "خانو شاهي باغ ۾ پنهنجي هندو دوستن سان پڪت تي ويندو هو. جڏهن پڪت ڪن تي هٿ رکي شاهه جو ڪلام ڳائيندو هو ته "تڏي وسائج تر جي مٺي مٺيءَ مٽاهه" جي پويان ٿئي پساهه. ته به نجاهه مڙهه ملير ڏي." تڏهن اها عجيب فضا پيدا ٿي ويندي هئي، جو سندس دل چاهيندي هئي ته اتي مران، انهي ڏکهي تڏي بڙ جي درخت هيٺان، بڙ جا پتا منهنجي قبر تي ڦڙ ڦڙ ڪندا ڪرن ۽ بڙ جا ڏينو ڪري، منهنجي قبر ڪي گل گل ڪري ڇڏين. شاهي باغ جي تڏي تڏي هوا منهنجي قبر ڪي ٻهاري ڏئي، منهنجي قبر ڪي صفا ڪري ۽ جڏهن پڪت ڳائي، تڏهن ان جي ڏوهيڙي جون لهرون ۽ رابيل جي خوشبو، ملي منهنجي روح ڪي گدگد ڪن ۽ مان قبر ۾ به سر ڏوٺيان، ڳايان، لهرايان." يا وري "رلوءَ" ۾ لکي ٿو، "بين جو آواز رات جي سناٽي کي چيريندو، ڪوهين دور نڪري ويو. چوطرف اونده هئي، پوري اماس. تارا هڪ ٻئي سان اشارا ڪري رهيا هئا ۽ انسان جي اڙٻنگائيءَ تي مرڪي رهيا هئا. تڏي تڏي هوا بدن ۾ سياٽو وجهي رهي هئي. ڏهه پندرهن منٽ مس گذريا ته هن پريان هڪ ڇوڪري ڏٺي، جا وڏيون وکون کڻندي سهڪندي تي آئي ۽ پن چٽن قدمن تان ڏڪ پري اچي ٻڪرار جي ڇاتيءَ سان لڳي.... ڪهاڙيءَ جي چمڪندڙ ڌار جو خيال نه ڪري، هوءَ پرينءَ جي بين جي آواز تي پنيوريءَ جيئن اڏري آئي. موت ۽ محبت تارازيءَ جي پڙ ۾ هئا، هن سودو قبوليو هو." اهڙيءَ طرح هن جي هر ڪهاڻي ٻوليءَ جي لحاظ کان تمام دلڪش آهي.

شيخ اياز سنڌ جي جديد ڪهاڻيءَ جي باني مان هڪ آهي، هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون ۽ نج سنڌي آهن، جن ۾ هن پنهنجي دور جي مڪمل عڪاسي ڪئي آهي. جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ مختصر ڪهاڻيون هڪ جدا انداز اختيار ڪري چڪيون آهن، پر مقصد ۽ فڪر جي لحاظ کان شيخ اياز جون ڪهاڻيون اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته انگريزن جي تسلط واري دؤر ۾ به سنڌ جي بيباڪ اديبن پنهنجي ضمير جو ساٿ ڏنو ۽ انقلابي ادب تخليق ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر (ڊاڪٽر) اُرجن "شاد"

شيخ اياز، سنڌي شاعريءَ جو نئون جنم

سٺي شاعري ڪرڻ ۽ شعر کي نئون جنم ڏيڻ ٻه علحديون ڳالهيون آهن. ڪيترا ئي شاعر خوبصورت شاعري ڪن ٿا، پر اهي ٿورا شاعر آهن، جن جي بدولت شعر ۾ هڪ شديد تغير اچي ٿو. شيخ اياز لاءِ فقط ائين چوڻ ته هن نهايت ئي اعليٰ درجي جي شاعري ڪئي آهي، اهو ڪافي نہ آهي، بلڪ صورت حال جو صحيح اظهار بہ نہ آهي. شعر جي طيءِ ٿيل خوبين مطابق ايازجي شاعريءَ جو جائزو وٺي، ان جي معيار مقرر ڪرڻ وارو نمونو، سنڌس بي مثل تخليقي صلاحيت تي روشني وجهڻ کان قاصر ثابت ٿيندو. شعر جي جدا جدا هيئتن جي تقاضائن موجب بهترين شعر بہ جوڙي سگهجي ٿو ۽ نسبتي چند چاڻ ۽ مشابهت معرفت الڳ الڳ شاعرن جي پيٽ بہ ڪري سگهجي ٿي، پر اهڙو ڪارنامو جو بلڪل منفرد شڪل اختيار ڪري سگهي ۽ جنهنجي خصوصيتن جو نروالو روپ سنگ بنياد ٿي، هڪ نئون مثال قائم ڪري، سو موقعو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ قسمت سان اچي ٿو. شيخ اَياز سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي ئي شاعريءَ کي جنم ڏنو آهي، جنهن جي يگانيت شاهہ لطيف کان پوءِ يعني ٽن سؤ سالن بعد ئي اجاگر ٿي آهي. شاهہ صاحب، تصوف جي پس منظر سان، انساني قدرن جي حمايت ڪندي، شعر جي هڪ اهڙي طرز ادا خلقي، جنهن جهڙو مثال سنڌ کي ٻيهر نصيب نہ ٿيو آهي. شاهہ لطيف کان پوءِ انيڪ شاعرن جدا جدا نمونن ۾ پنهنجي شعر ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي قوتن کي واضح ڪيو آهي، پر جنهن شاعر، پنهنجي تخليق جي طاقت سان خود ٻوليءَ ۾ جدت جو نئون رنگ پيدا ڪيو آهي، سو آهي شيخ اياز. جهڙيءَ طرح شاهہ صاحب جي طرز ۾ ٻيو ڪوئي شاعر شعر نہ چئي سگهيو آهي، اهڙيءَ طرح اياز جي ڍنگ ۾ ٻيو ڪو ئي شاعر شعر نہ جوڙي سگهندو، ڇو جو اياز جڏهن شعر لکي ٿو، تڏهن هو فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن فارم يا هيئت جي پيروي ڪرڻ لاءِ ان کي قلمبند نہ ٿو ڪري، پر اهو سندس شخصيت ۽ جذبات سان هم آغوش آهي ۽ اُها هم آغوشيءَ واري ڪيفيت هن جي شعر کي جنم ڏئي ٿي.

ديس جي ورهاڱي سبب، اسين پنهنجو پيارو وطن وڃائي آياسين ۽ ٻئي پاسي خود سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين جي اهڙي حالت بڻائي ويئي، جو ڪين اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ پنهنجي وطن ۾ رهندي بہ چڻ ٻي وطن آهن. شيخ اياز بنيادي طور شاعر هوندي بہ سياست کان ڪنارو نہ ڪري سگهيو، ڇو جو اڄ جي دؤر ۾ سياسي حالتن کان هر ڪوئي متاثر ٿئي ٿو. اياز تہ هڪ نهايت ئي جذباتي انسان آهي (ڪاليج واري وقت کان وٺي، جڏهن اسان ٻنهي جي گهري دوستي هوندي هئي) ۽ تنهن کان وڌيڪ هڪ حساس دل شاعر. پنهنجي پياري ڌرتيءَ مٿان ڊڪٽيٽر شاهيءَ جو ظلم ڏسي، هن جي آزاد طبع جو جولان پڙڪا ڪائي قلم جي ذريعي چوڏاري ڦهلجي ويو. سندس ان قسم جي انقلابي شعر کان هر سنڌي واقف آهي ۽ هتي ان جي حوالن جي گنجائش محسوس نہ ٿي ڪجي. هڪ هنڌ پاڻ لکي ٿو: "هيءَ شاعري انهيءَ پيڙا جو پڙلاءُ ئي تہ آهي، جا سياست مون کي ڏني آهي! جي مان سياست ۾ ڇڪجي نہ وڃان ها ۽ پنهنجي قول ۽ عمل سان پنهنجي ديس جي تقدير ڦيرائڻ لاءِ وقت نہ کاوان ها، تہ منهنجي شاعريءَ کي اها جلا ڪٿان ملي ها، جا ٻول کي امرتا ڏيندي." ..... "جنهن ڏينهن انسان آزاديءَ جي اُميد پلي ڇڏي، ان ڏينهن قيامت ايندي، ڇو جو زندگيءَ جي وجود لاءِ ڪو بہ ڪارڻ نہ رهندو."

طبيعت جي اهڙي رجحان رکندي ۽ ترقي پسند شاعر هوندي بہ، هن جي شعر جي مکيہ خصوصيت اِها آهي تہ هن سياست کي محض موضوع طور ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪيو آهي. اياز جي شاعريءَ ۾ جيڪڏهن سماجواد، انسان دوستي ۽ سنڌ سان انتها محبت جو اظهار آهي تہ سندس وجوديت جو عڪس آهي، جيڪو هميشه هن جي جيءَ سان جڙيل رهيو آهي.

"اي ڪاش اهو تون چائين ها
آزاد هوا ڇا ٿيندي آ
اي ڪاش اِهو تون چائين ها
پرواز بنا پر ڪيئن هوندا
آزا د هوا ڇا ٿيندي آ."

O

خواب هجن آزاد تہ ٻيو ڇا گهرجي!
هاڻ تہ هن ڌرتيءَ تي سڀ ڪان
خواب وڏا ڏوهاري آهن
آزاديءَ جا خواب، انهن تي
بند اڳي کان ڀاري آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـيـــوس خواب، اکـين ۾ تـن جي
کـمـــذي زهـر يـــري پـئـي آهـي!
پر هي تن جي چٽنگ، الهيءَ مـان
پـيـهـــر بـاهـہ ٻـري پـئـي آهـي.

عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي تہ آياز جي شاعريءَ جو لاڙو رومانيت پسنديءَ ڏي مائل آهي ۽ هن جي اظهار ۾ رومانوي رنگ زياده تر نظر ايندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو رايو الهن وٽان آيل تو ڏسجي، جيکي حقيقت نگاريءَ جي مفهوم جو دقيانوسي ويچار رکن ٿا. حقيقتن جو بيان هڪ سٺي اخبار نويس کان بهتر ٻيو ڪير ٿو ڪري سگهي؟ وڌ ۾ وڌ بحروزن جو ويس پهرائي ساڳين خيالن کي شعر ذريعي پيش ڪري سگهجي ٿو. اهڙو نمونو پاڪستان ۽ هندستان جي اردو غزل گـو شاعـرن چڱي وقت کـان وٺي اپنايـو آهي، جنهـن کـان مـتـاثـر ٿي پاڪستان ۽ هندستان جي ڪن سنڌي شاعرن پڻ اهڙي قسم جو غزل چيو آهي، جنهن ۾ گهڻو زور ڦڙکندڙ رديفن جي چونڊ تي ڏنو ويندو آهي. اهوڪي سياست ۽ معاشرت جي اڻ وڻندڙ ڳالهين کي مبالغي آميز تحرير Rhetoric واري انداز ۾ پيش ڪيو ويجي ٿو ۽ ان کي "نئون غزل" جي نالي سان پڪاريو ويجي ٿو. اهڙي قسم جي غزل ۾ سوزو گداز جي اهم عنصر سان الوداع ڪري، غزل کي محض مٺاچري طنز جي نموني ۽ قافين- رديفن کي موجوده حالتن مطابق مڙهيل معنيٰ جي و ٽن سان پيش ڪيو ويجي ٿو. اتي مون کي شيخ اياز جو ويچار بلڪل صحيح ٿو لڳي: "حقيقت شاعريءَ جو بنياد آهي، ها، پر فقط بنياد ئي نہ آهي! منهنجو شعر حقيقت جي باري ۾ آهي ۽ حقيقت جي زبان ۾ آهي، پر مون ڪان اڳ ڪنهن حقيقت کي ائين پيش نہ ڪيو آهي." اياز جو هڪ هڪ بيت، هڪ هڪ وائي ۽ ٻيو اٿاهہ شعر سندس ان قول جو گواهہ آهي. هن جي تصوير نگاريءَ جو چشمو پلي قدرت جون انيڪ چيزون هجن، پر انهن منجهان حقيقت جو عڪس نهايت ئي شدت سان اُپريل نظر ايندو آهي. سندس اتڪل پنجويهن ڪتابن جي ڪنهن بہ صفحي تي نظر ورائبي تہ ان صورت حال جي پليءَ پٽ ساک ملندي. پنهنجي مٿين ويچار کي واضح ڪرڻ لاءِ مان سندس ٻن بيتن جو ذڪر ڪريان ٿو:

"هاڻ نہ هرَ هرَ ٿو وجي، واچو وڄَ سمان،
ڌرتي ۽ آڪاس جڻ، ڪن ٿا آڳ سنان،
سورڻ! هي مهمان، پاسي ناهي پونہ جو."

○

ووہ ڪراچي ڪامٺي، تنهنجو سهج سياءُ!
ڏيندي بيک ڪجهي ويڻہ، پيٽہ ڪو نہ سماءُ،
مونکي تنهنجو ڳهاءُ، جتائوءَ جڻن جيءَ ۾!
(جتائو- اُهو ساهوارو، جو سيتا کي بچائڻ لاءِ راوڻ سان وڙهندي گهائجي پيو هو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڪسوادي نقاد جماليت کي افاديت سان همر ڪنار ڪرڻ جي حق ۾ آهن. افاديت پنهنجي سر شعر ۾ برابر اهميت رکي ٿي، پر ان جي وجود سان جمالياتي حسن ۾ از خود اضافو اچي ويندو، اهو منهنجي سمجهه ۾ درست ويچار نه آهي. افاديت ۾ جا دلڪشي پيدا ٿئي ٿي، سا جمالياتي قدرن جي اپنائڻ سان نه ٿي ٿئي. ان ڪري شعر جي مطالعي ۾ فن جي خوبين تي روشني وجهڻ پارکوءَ جو پهريون فرض آهي. انقلابي شعر لکڻ مهل شاعر لاءِ وڏي ۾ وڏي دقت اِها هوندي آهي، ته هو ان کي سڪي نعري بَازيءَ جو واهڻ نه ته ٿو بڻائي. اياز کي دنيا جي بهترين شاعرن ۾ ان ڪري ڳڻيو وڃي ٿو، ڇو جو هن جي شعر کي شعريت جوروح جلوه افروز ڪري ٿو.

انساني زندگيءَ جي حسين چهري ڏسڻ لاءِ اياز هميشه بيتاب آهي. جيڪي ٻه قبيح حالتون انسان جي جيون کي بدنما بڻائڻ لاءِ ذميدار آهن، تن جي حمايت ڪئي اٿس، جن جي هجڻ سان انسان خوبصورت زندگي بسر ڪري سگهي ٿو. اياز فطرتي طور حسن ۽ محبت جو قائل آهي ۽ خود جسماني حسن جيڪي هن جي دل ۾ وقت بوقت طوفان برپا ڪيا آهن، تنهنجو دلبرانه انداز اسان کي هن جي انيڪ بيتن، گيتن ۽ غزلن ۾ملي ٿو. نمونيءَ طور هتي سندس ٻه بيت پيش ڪجن ٿا:

هي جي ڇڪون رانئيون، رت سان ساري رات،
منهنجي نيڻن مان وسي، ڏونئي تي برسات،
تون ڇا ڄاڻين تات، جيڪا منهنجي تانگهه ۾.

○

آئون ته هان تولاءِ، ڪنهن سپني جو سپنو،
پر مون کي پنهنجو، تنهنجي جاڳ جڏهن ڪري!

شيخ اياز پنهنجي ڪتاب "ڪپر ٿو ڪن ڪري" ۾ شاهه صاحب وانگر لوڪ- ڪهاڻين پنيان منتخب ٿيل سرن جي سرن سان ڪافي وڏي تعداد ۾ بيت لکيا آهن ۽ پڻ انيڪ وايون قلمبند ڪيون اٿس. انهن بيتن ۽ واين ۾ جا جذبات جي حجت نظر اچي ٿي، تنهنجو نوع شاهه صاحب جي بيتن ۽ واين جي جذباتي نوڪيت کان نرالو آهي. شيخ اياز شاهه صاحب جي نقش قدم تي هلندي ٻه هڪ انفرادي حيثيت حاصل ڪئي آهي. سنڌيءَ جي شبد ڀنڊار جو ڪلاسيڪل استعمال جنهن نزاڪت سان شاهه صاحب ڪيو آهي، تنهن جهڙو مثال وري ڪو نه ٿيو آهي. ساڳئي وقت شيخ اياز به سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي شبد ڀنڊار جوجنهن لطافت سان استعمال ڪيو آهي، اهڙو مثال به هڪ يگانو مثال آهي. ان لحاظ کان اياز کي جيڪڏهن "ويهين صديءَ جو شاهه لطيف" چئجي ته وڌاءُ نه سمجهڻ گهرجي. شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جي ذاتي حسن ۽ قوت کي وڏي پيماني تي ظاهر ڪيو آهي ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌي ٻولي شعريت جي انهن اوچاين تائين پهچي سگهي ٿي ۽ اهڙين بلندين کي ڇهي سگهي ٿي، جن تائين پنهنجن ٻولين ۾ دنيا جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظيم شاعر پهچي سگهيا آهن. شيخ آياز سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي تخليقي استعمال سان عالمي شاعرن جي معيار جو شرف حاصل ڪيو آهي. شاعري هڪ ذات آهي ۽ ان ذات جا اڻ ڪٿ انبار اياز جي حصي ۾ آيا آهن. اياز جي شعر ۾ جا لئه، ترنم ۽ موسيقيءَ مان پيدا ٿيل رواني نظر اچي ٿي، تنهن جي بي ساختگي هڪ حيرت انگيز ڪارنامو آهي. شاهه صاحب وانگر سه حرفيءَ جو شيخ اياز به ڀرپور استعمال ڪيوآهي، بلڪ سندس بيتن جي هر هڪ مصرع ۾ حرفن جو وَر وَر تڪرار اندرين موسيقيت جو ماحول پيدا ڪري ٿو. نموني طورڪجهه بيت پيش ڪجن ٿا:

گوريءَ گجرا پير ۾، چوريءَ ڪيئن آچي،
گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل ته مچي!
نانگي اچ نچي، داتا تنهنجي دوار تي.

O

اي ڏيهي! مون پوکيا، ڪنا جن جي ڪيت،
توکي اهڙا بيت، ٻيهر ملندا ڪين ڪي.
(ڪنا= تلوارون)

O

ڍنگر ڊانائون، پڙيا آچي پٽ تي،
اونو گهر تڙ جو ائين، پنهنجولاتائون،
اڳ نه ڏٺا آئون، ويڙهيچا اڻن وات تي!

شيخ اياز جي شعري خوبين جي چند چاڻ ڪرڻ لاءِ تفصيل وار مضمونن جي ضرورت آهي، ۽ در حقيقت هن جي شاعريءَ لاءِ پي. ايڇ. ڊيءَ جي سطح واري تحقيق درڪار آهي. هتي صفحن جي پابنديءَ سبب زياده به نه ٿو لکي سگهجي. شيخ اياز پنهنجي شعر ۾ جدا جدا وصفن جهڙوڪ اشارن، ڪناين، تشبيهن، استعارن، تلميحن، ترڪيبن، ديو- مالائي حوالن ۽ ٻين صنعتن معرفت جيڪو جمالياتي حسن پيدا ڪيو آهي، تنهن جو مثال دنيا جي شاعريءَ ۾ ڪن ٿورن هنڌ ملندو. سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شبد- ڀنڊار ۽ نئين تهذيب جي تقاضائن موجب عام ماڻهن جي گفتار جي جديد زبان جوسنگم، سندس مخصوص عبارت ۾ اهڙي ته پوري ميزان ۾ ملي ٿو. جو ائين پيو لڳي ڄڻ هن لفظن جو هڪ نئون ساز خلقيو آهي، جنهنجا سُر علحدا موسيقي نرالي ۽ آلاپ اجنبي آهن. ان ساز جي فوقيت کي هميشه هڪ تواريخي اهميت رهندي.

مدد علي سنڌي

پنهنجا سارنگ سومرا

ڪٿي هڪ ڏند ڪٿا پڙهي هيم" هنو مان. ٻڌ سان شرط رکي. ڌرتيءَ ۾ ٿي هٿي ويو. ڪجهه ڪهڙين ڪان پوءِ ظاهر ٿيو ۽ چوڻ لڳو. "سرشٽيءَ جي پيچاڙيءَ ۾ چار ڳاڙها ٽنيا آهن." اهو ٻڌي، ٻڌ پنهنجون چارئي سرخ آڱريون ڪيس ڏيکاريندي چيو، " ڪٿي هي آهي تہ ناهن ." ۽ سچ پچ تہ پنهنجي دؤر جا حساس دل شاعر ليکڪ اهڙائي ٿي هوندا آهن. پنهنجي ذهن، سوچ ۽ ضمير موجب لکندا آهن/ پوڳيندا آهن/ لڙندا آهن ۽ پنهنجي ئي هٿن سان لکي لکي پنهنجون آڱريون پنهنجي ئي لال رت سان رڱي ويهي رهندا آهن. اها سوچ ٿي سگهي ٿو، تہ هر ڪنهن شاعر/ ڪهاڻيڪار/ ليکڪ تي لاڳو نہ ڪري سگهجي. پر يقينن اهي ليکڪ جيڪي پنهنجي دؤر ۾ ايندڙ دؤر جا ڳاڙها ڪنهبي رتڙا سپنا ڏسند ا آهن/ ڏاڍ ۽ ڏمر جي زماني کي بدلائڻ جون ساپيائون ڪندا آهن. اهي پنهنجي دؤر جا پيغمبر هوندا آهن. ۽ اهڙن ئي ماڻهن لاءِ شاه سائين چئي ويو آهي؛

سچ سياڻي جا ڪري، سائي سامي رُوءِ.

شيخ اياز، بہ سنڌ جي صدين جي اها صدا آهي، جنهنجي گونج، جنهنجو پڙاڏو جنهنجو پڙلاءُ، صدين تائين سنڌ ۽ انجو ايندڙ نسل ٻڌندو رهندو، ٻڌي ڪنڌ ڌوڻي تپرس ۾ پئجي ويندو ۽ ٻڌي ان دؤر کي ياد ڪندو، جنهن دؤر ۾ شيخ اياز هيو، وقت سان وڙهيو، وقت سان ٺاهہ ڪيائين/ سنڌ لاءِ سوچيائين، ۽ سنڌ جي سينڌ کي بدلائڻ جا سنهري گيت رچيائين. هي سکر/ هي شهر شڪارپور، ۽ هي ڪراچي، حيدرآباد ۽ هي سنڌ ۽ هند جون هوائون، جن ۾ اياز ساه کنيو ان جون هوائون ۽ هي سمورو وايو منڊل، هن مهان شاعر جي هر هڪ سٽ جي گونجار کي ياد رکندو، ايندڙ زمانو انهن ماڻهن کي بہ ياد رکندو جن اياز کي ڏٺو/ اياز کي ٻڌو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي ٻه انهيءَ ڳالهه تي مانُ آهي تہ مان هھڙي مهان ڪويءَ کي گذريل ٢٦ ورهين کان ٻڌندو اچان. جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه کي ڪيترائي ورهيہ لنگهي ويا آهن، پر لڳي ائين ٿو، ڄڻ هن سان ڪالهه گڏيا هئاسين. اياز جيڪو هن صدي تہ ڇا پر ايندڙ صدين جو بہ مهان ڪوي آهي، ان کي مون پهريون ڀيرو روح رهاڻ جي جشن ۾ ڏٺو، اهو زمانو ايوب خان جو هو، ملڪ جو ڪل والي وارث فيلڊ مارشل ايوب خان هوندو هو، ۽ سنڌ جا سمورا وڏيرا هر دؤر وانگر ان دؤر ۾ بہ ايوب خان جي بظاهر نہ لهندڙ سج جا پوڄاري هوندا هئا. ان دؤر جون سموريون سنڌي اخبارون ايوب خان ۽ سندس آل اولاد جي ڊگهي ڄمار جي دعائن گهرڻ سان گڏوگڏ هر وقت ۽ هر دم بيشرميءَ جي حد تائين سنڌ جي بنيادي مسئلن کان ڪن لاتار ڪرڻ سان اصل تمتار هونديون هيون، مجال هو جو ڪٿي ڪير ون يونٽ جي خلاف هڪ ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي! انهيءَ دؤر ۾ چڱا چوکا، ۽ ڏسٺا وائسٺا ماڻهو سنڌ کي جنوبي علائقو ۽ حيدرآباد کي حيدرآباد پاڪ لکڻ ۾ ڏاڍو فخر پيا محسوس ڪندا هئا. مونکي انهيءَ دؤر جي هڪڙي يادگيري آهي. مرحوم فيلڊ مارشل ايوب خان ٽنڊي محمد خان اچڻو هو، جتي وڏيرن/ اميرن/ پيرن کي ڪيس گلاب جي گلن ۾ تورڻو هو. بس وڏيرا، ٽنڊيرا جهڙوڪر چتا تي پيا هئا. ٽنڊي محمد خان جي ڪجهہ چڱن ماڻهن سان اسانجا خانداني ناتا هوندا هئا، اهي سڀ اچي ٽڪيا هئا اسانجي حيدرآباد واري اوطاقَ تي، ۽ سندن مارو هو مٿين منهن گلاب جي گلن ونڻ تي. پوءِ ايوب مرحوم کي گلن ۾ توري پنهنجي قيمت وصول ڪيائون. يا پنهنجي منهن تي ڪارنهن ملياڻون، انهيءَ جي ڄاڻ خدا کي، بهرحال اهو هو، اهو وقت ۽ حالتون جنهن ۾سنڌ جي سُڄن، خالي هٿين، ذهنن يعني سنڌي ليکڪن ايوب خان سان ويڙهہ ڪرڻ ۽ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جي شروعات پئي ڪئي. اهو دؤر، جن ڏٺو هوندو، انهن کي انهيءَ دؤر جي چٽي ياد هوندي. ۽ انهيءَ ڳالهہ کي لکندي توڻي چوندي ڪا بہ هبڪ نٿي ٿئي انهيءَ دؤر ۾ اهو اياز ئي هو، جنهن جي انقلابي گيتن قومي هلچل کي اهڙو تہ ساهہ ڏنو، جو سنڌي اديب وقت جي آمريت واري بنهہ پوائنٽي حڪومت جي اکين ۾ اکيون وجهي چٽائي وڏي واڪ "ون يونٽ ٽوڙيو، ۽ سنڌ جو وجود بحال ڪرايو"، جا نعرا بلند ڪرڻ لڳا، انهيءَ دؤر ۾ ماهوار روح رهاڻ اسانجي دلپسند مخزن هوندي هئي، ۽ حيدرآباد جو جڳ مشهور تاريخي هال بيسنٽ هال انهن تاريخي ميڙن جو مرڪز هوندو هو. شيخ اياز ايندو هو تہ ماڻهو پلتجي پوندا هئا. اياز پنهنجي واتان پنهنجا نوان گيت/ نظم ٻڌائيندو هو تہ ان وقت لڳندو هو جهڙوڪ آڪاش تي بجلي ڪڙڪي رهي آهي، تيز طوفان لڳي پيو، ڌرتيءَ جي هر شيءِ پئي اڏامي ۽ ڏڏي. انقلابي شاعر جي واتان انقلابي گيت ٻڌي وار ڪانڊارجي ويندا هئا، اسانجي بت ۾ سمورو رت تيز ڊڪون پائڻ لڳندو هو ۽ اسين موٽ ۾ سنڌ جو آواز، شيخ اياز، شيخ اياز، جا نعرا ولي هڻندا هئاسين.

مونکي اجا اهو زمانو به ياد بيٺو آهي، جڏهن ايوبي آمريت شيخ اياز کي جيل ۾ وڌو هو. ۽ پاڻ آزاد ٿي حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي پهتي آيو ته جن سڄو شهر اچي گڏ ٿيو هو، سندس آجيان ڪرڻ لاءِ. ان وقت ڏاڍو اتساهه هوندو هو. نوجوان، پيرا، شاعر، اديب، سياسي ڪارڪن سڄ لٿي مهل حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم نمبر ون تي اچي مڙيا هئا.

ان وقت اهو رواج هوندو هو ته جيڪو به قومي سياسي اڳواڻ جيل مان آزاد ٿيندو هو، ته سندس آجيان لاءِ دهلارين ۽ شرنائين وڄائڻ واري کي سڏيو ويندو هو، اياز جي آجياڻي لاءِ به دهلاري ۽ شرنايين وارا آندا ويا هئا. نعرا جيئي سنڌ، سدا جيئي، ون يونٽ ٽوڙيو جا، جهمريون. ريل آئي ته نعرن ۾ ويتر واڌارو اچي ويو هو. فل سوٽ پاتل ڪوي اياز فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ مان لٿو ته سيني ڪوي کي گلاب جي هارن سان جهنجي ڇڏيو هو. سڀ گڏ هئاسين. رسول بخش پليجو، حفيظ قريشي، طارق اشرف، يوسف ٽالپر، يوسف لغاري، حميد سنڌي، جيجي زينت چنا، مير ٿيبو، جام ساقي، مهر شاهه، نديم، عنايت ڪاشميري، پروانو ڀٽي، محمد عمر شورو، عبدالحق عالماڻي، منير احمد ماڻڪ، شاهه محمد شاهه، اقبال ترين، مسعود نوراني، نياز همايوني، ابن حيات پنهور، نثار حسيني، يعقوب، امداد حسيني، اشفاق قاضي، امتياز قاضي، مطلب ته ڪهڙا ڪهڙا ويهي ٽالا ڳڻائجن. پوءِ اياز کي هڪ وڏي شاهي سرڪس جي شڪل ۾ ان وقت جي دستور موجب پڪي قلعي جي احاطي ۾ دفن، سنڌ جي مهان سپوت شهيد هوش محمد شيديءَ جي قبر تي نيو ويو هو جتي سنڌ تي سر ڏيڻ جو وچن ڪيو ويو هو، ۽ پوءِ موٽي اورينٽ هوٽل تي آيا هئاسين، جتي نواب يوسف ٽالپر طرفان شاعر جي مان ۾ ڊنر جو بندوبست ڪيل هو. اسين ڪارڪن ته نعرا هڻدا واپس هليا ويا هئاسين، پر وڏا اديب ۽ ٻيا اندر هليا ويا هئا، شاعر سان گڏ.

اهو زمانو عجيب هوندو هو شاعر شيخ اياز ان وقت به ٻيرا جيل ڪاٽي چڪو هو، ان ڪري سندس جوش به ڏسڻ وٽان هوندو هو؛

مـــان تـــوکـي کــيـــت ڏيـان او ڌرتــي،
تـــون مـــون تـــي پـــئـي زنـجيـــر وجهـين.

O

مـنـهـنـجو اڳـــهـــــ پـيـچـين تـــو آمـــر،
مـنـهـنجا گـيـت ڳـنـهـي سـگـهـنـدين تـون!

حيدرآباد ان وقت سنڌ جي سياسي ۽ قومي هلچل جو مرڪز هوندو هو. انهيءَ ئي شهر ۾ سنڌي اديبن گڏجي شيخ اياز جي آزادي لاءِ گڏيل جلوس ڪڍيو هو، اهو زمانو ايوب خان جي آخري ڏينهن جو هو. حيدرآباد جي زينت پريس يعني ڪوڪر محلي مان اهو جلوس نڪتو هو. جنهن ۾ قاضي فيض محمد، ابن حيات پنهور، محمد عثمان ڏيپلائي، زرينه بلوچ، نسيم ٿيبو، نياز همايوني، ۽ ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ نوجوان توڙي پيدا اديب هئن ۽ پلي ڪارڊ کڻي نڪتا هئا ته رجعت پرستن گاڏي ڪاتي مان اسان تي شيخ اياز جي خلاف نڪتل پمفليٽن جو وسڪارو ڪرايو هو.

پوءِ شاعر شيخ اياز سان باقائده منهنجي ملاقات ١٩٧٠ع جي شروعات ۾ ماهوار سهڻي، جي ايڊيٽر طارق اشرف جي معرفت هوٽل رنز ۾ ٿي. اها رات به مونکي انهيءَ ڪري چٽيءَ ريت ياد آهي، جو مون ان رات اياز سان گڏ زندگي ۾ پهريون پيرو ويهي پيتو هو. طارق اشرف ته معذرت ڪري هليو ويو هو، پر اسان ويهي رهيا هئاسين. پوءِ هن سان منهنجي ڊيٽ ويٽ ايڏي ته گهاٽي ٿي ويئي، جو اياز جڏهن به حيدرآباد ايندو هو، ته مونکي رباني جي معرفت اطلاح ملندو هو. ۽ پوءِ مان، رباني، ع. ق. شيخ ۽ جويو صاحب اياز کي ونڻ لاءِ اسٽيشن تي ويندا هئاسين.

اهو زمانو يحيٰ خان جو هو. اياز ۽ مون سميت پيا ڪيترا اديب عوامي ليگ ۾ شامل ٿي چڪا هئا. عوامي ليگ اسان جي امنگن ۽ سياسي سوچن جو اظهار هئي. شيخ اياز کي شيخ مجيب الرحمان عوامي ليگ جي سينٽرل ورڪنگ ڪميٽيءَ تي مقرر ڪيو هو. جڏهن ته قاضي فيض محمد مرحوم سنڌ عوامي ليگ جو صدر هوندو هو. مان، ابراهيم سومرو وڪيل حيدرآباد عوامي ليگ جا ڊويزنل آرگنائيزر ۽ شيخ ستار وڪيل، شان بخاري، امداد محمد شاهه، نبي بخش کوسو، رشيد ڀٽي، ڪراچي وارو منظور الحق، خليل ترمذي عوامي ليگ کي سنڌ ۾ جيئاريو ويٺا هوندا هئاسين. اياز جي سياسي سوچ ان وقت به اڳتي هوندي هئي. چوندو هو، "سنڌ جي مسئلن جو چوٽڪارو عوامي ليگ جي اقتدار ۾ اچڻ سان ئي ٿي سگهندو."

ايار جي گيتن سان ان وقت به سنڌ گونجندي هئي، نوجوانن جي چپن تي اياز جي انقلابي گيتن جي جهنڪار پئي جهلندي هئي. مونکي ياد آهي ته عوامي ليگ جو صدر ۽ اسانجو محبوب اڳواڻ شهيد شيخ مجيب الرحمان ان وقت سنڌ جي دوري تي آيل هو. ۽ اسان به سائنس وجي انهيءَ دوري ۾ شامل ٿيا هئاسين. نواب شاهه جي حامد علي ڪلب ۾ شيخ صاحب جي مان ۾ لنچ ڏنل هو. اتي استاد منظور علي خان کي به قاضي صاحب گهرايو هو. منجهند جو وقت هو. استاد منظور علي خان اچي ويٺو. شيخ صاحب جي آڏو پنهنجي آواز جو جادو جڳائڻ. پهرين ته ڪوڙ ڪافيون ڳاتائين. پر آخر ۾ استاد منظور علي خان، جڏهن پنهنجي منڙي سر ۾ اياز جي وائي "سهندو ڪير ميار او يار، سنڌڙي تي سر ڪير نه ڏيندو" ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳاتي، ته شيخ مجيب ڪيس داد ڏيڻ لڳو. ان وچير قاضي صاحب مرحوم ۽ سائين جي. ايم. سيد کيس جڏهن انهيءَ وائيءَ جو مطلب ويهي سمجهايو، ته هن بي اختيار ٿي چيو هو، " اهڙو انقلابي گيت ٻڌي مونکي عجب آهي ته سنڌ جا مردا به چونتا سجاڳ ٿين" ۽ پوءِ برابر مرڙدا ته ضرور سجاڳ ٿيا هوندا، پر ١٩٧٠ع وارين چونڊين ۾ سنڌ جي جيئڙن، چونڊن ۾ عوامي ليگ کي پٺ ڏيئي پاڻ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙدن ۾ ضرور شامل ڪري ڇڏي هو. مونکي ياد آهي تہ اياز سان اسين ان وقت مليا هئاسين، تہ اسان کي چيو هئائين، "ملڪ ۾ ڪوئي وڏو مهي ولوڙ مچڻ وارو آهي." ۽ پوءِ سنت ئي يحيٰ خان ۽ سندس ساٿاري ڇتا ٿي بنگال ۾ ڪاهي پيا هئا. اولهہ پاڪستان ۾ عوامي ليگ سان واسطو رکندڙ سمورا اچي پوهي ۾ پيا هئا. اياز کي بہ وٺي وڃي سکر جيل ۾ قيد ڪيو هئائون. ملڪ ۾ جهڙوڪ راڪاس گهمي ويو هو. مان ان وقت اياز جي آزاديءَ لاءِ سنڌي اديبن جو بيان لکي، جڏهن ٽاڪ منجهند جو پيرين پنڌ صحيحون وٺڻ لاءِ نڪتو هوس تہ رسول بخش پليجي ۽ ڪجھ ٻين ڪانسواءِ گهڻن ٿڻن انهيءَ بيان تي صحيح ڪرڻ کان نہ رڳو نابري واري ڇڏي هئي، پر ڪن تہ ڇڙٻون ڏئي مونکي ٿاري ڇڏيو هو. شاعر اياز ان وقت جيل جي اندر هو. اتي ڪو بہ سائس حال احوال وٺڻ وارو نہ هوندو هو، پر اياز جا جذبا جيل اندر بہ جوان هوندا هئا. مون ڪوششون وٺي ڪنهن ماڻهوءَ هٿان اياز کي خط لکيو هو، جنهنجي جواب ۾ هن مونکي هڪ وڏو خط لکي ڪجھہ ڪتاب گهرايا هئا. ۽ مون جڏهن اهو خط وڃي جويي صاحب کي ڏيکاريو هو، تہ هن مونکي ڀاڪر پائي چيو هو، "اياز جي هن خط اسان ۾ نئون ساهہ وجهي ڇڏيو آهي."

اياز جي ان سموري دؤر جو اثر سندس شاعريءَ ۽ نثر تي آهي. "ڪپر ٿو ڪن ڪري" ۾ آيل نوٽ بوڪ جي ورقن پڙهڻ سان محسوس ٿي ٿو وڃي، تہ ان وقت اياز ڇا پئي سوچيو، يا سندس سياسي مستقبل بابت سندس ڪهڙي سوچ پئي جنم ورتو. اياز آزاد ٿيو، تہ آءٌ، ارباب سنڌي، نبي بخش ڪوسو سائس سکر گڏجي ويا هئاسين. ان رات سندس پراڻي سکر واري گهر ۾ ڪچهري ڪندي مون اهو محسوس ڪري ورتو هو، تہ اياز هاڻ عملي سياست کان ڪناره ڪش ٿيڻ چاهي ٿو. سنت ئي اڳتي قدم واري جي. ايم. سيد نمبر ۾ هن جيڪومونکي خط لکيو هو. ان ۾ واضح طور تي اها ڳالهہ لکي هئائين، "مونکي پنهنجي سياسي واٽ پاڻ ئي چونڊڻي آهي، ۽ اها مون چونڊي ورتي آهي."

شاعر اياز سان ملاقاتون پوءِ بہ ٿينديون هيون، هو ڪنهن نہ ڪنهن ڪيس جي سانگي حيدرآباد ايندو هو. فاران هوٽل ۾ ترسندوهو. سندس ڪلائينٽ جو بندوبست ڪندو هو، ۽ مان اڪثر سندس لاءِ ساقيءَ جو ڪم سر انجام ڏيندو هوس. ڪيترا ڀيرا مرحوم پير حسام الدين راشدي، رباني، ۽ جويي صاحب، شاعر سان گڏجي رات جو دير سان نڪرندا هئاسين، ۽ اچي راحت سئنيما جي پرسان ڪشميريءَ جي هوٽل تي ماني کائيندا هياسين. هو سهڻي توڻي اسانجي مخزن اڳتي قدم تي گهڻو مهربان هوندو هو، ۽ پنهنجي نڪور شاعري مونکي ۽ طارق کي پيو امائيندو هو. هڪ ڀيرو مان سهڻيءَ جي ايڊيٽر طارق اشرف سان وڙهي ويٺس، تہ پاڻ مون تي ناراض ٿي پيو. ۽ حيدرآباد اچي منهنجو طارق اشرف سان صلح ڪرايائين. سندس چوڻ هو، سنڌي رسالن وارن کي پاڻ ۾ هرگز نہ وڙهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي. انهيءَ دوران ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ٿيڻ جي آڇ اچي پهتي، تہ پاڻ حيدرآباد هليو آيو. حيدرآباد جي اورينٽ هوٽل ۾ ترسيل هو. ۽ رات جو هن نواب يوسف ٽالپر جي گڊس ناڪي واري ٽالپر مينشن تي ڪجهہ دوستن کي گهرايو هو. مان، يوسف ٽالپر، محمد عمر ميمڻ، جمال رند ۽ ڪجهہ ٻيا دوست اتي موجود هئاسين. ان دور ۾ مان روپوشي جي زندگي پئي گهاري، پر يوسف جي سڏ تي وڃي دعوت ۾ شامل ٿيو هوس. اتي اياز ٻڌايو تہ کيس وائيس چانسلر ٿيڻ جي آڇ پهتي آهي. مونکي ياد آهي تہ اتي چڙو پروفيسر محمد عمر ميمڻ ۽ مون کيس اهو عهدو قبولڻ کان روڪيو هو. باقي سيني انهيءَ ڳالهہ جي نہ رڳو آجيان ڪئي هئي، پر هڪ صلاحڪار ڪميٽي بہ جوڙي ورتي هئائون، جيڪا اياز کي وقتن بوقتن معاملن کي اڪتي ڪرڻ لاءِ سرگرمِ عمل رکندي هئي. بعد ۾ شاعر، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بنجي ويو. وري ان دوران نہ سائنس ملاقات ٿي، ۽ نہ ڪڏهن اهڙو موقعو آيو، جو پاڻ ۾ گڏجي سگهون. بهرحال شاعر سان جيڪا محبت هئي، ان ۾ ڪڏهن بہ گهٽتائي نہ محسوس ٿي. بعد ۾ زمانا بدليا. ملڪ ۾ ۵ جولاءِ ۱۹۷۷ع تي جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا آئي ۽ ان کان پوءِ شيخ اياز وائيس چانسلريءَ کان پلاند آجا ڪري وڃي پراڻي سکر پهتو. چئن ورهين بعد نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ ڪوئي ادبي فنڪشن هو. اتي کيس ڏٺم. نوڙي وڃي شاعر جي قدمن کي هٿ لاتم. هن مونکي ڏٺو. مون کيس ڏٺو. ۽ هن مرڪي مونکي پنهنجو نئون ڪتاب"وڄون وسڻ آئيون" ڏنو. ۽ انهيءَ تي لکيائين، "مدد علي سنڌيءَ جي نالي، آ هو جو مرس مٿير، وسري وسري ڪينڪيا." انهيءَ کان پوءِ هو بہ ٻيرا منهنجي گهر منهنجي دعوت تي آيو. بلڪ ڪيترا ورهيہ ناتال جي موڪلن دوران هو حيدرآباد جويي صاحب وٽ جڏهن بہ آيو تہ اتي اسان سال جي پڇاڙڪي رات ڪيترا ڀيرا گڏ ويهي گهاري هئي. شاعر اياز، ۽ جويي صاحب سان ڪيل اهي ڪچهريون، مان زندگيءَ جو هڪ وڏو سرمايو محسوس ڪندو آهيان.

اياز، بنيادي طور تي هڪ حساس دل شاعر آهي ۽ شاعر جي پنهنجي هڪ دنيا هوندي آهي، پر اياز شاعر هئڻ سان هڪ انسان بہ آهي. سندس ڊگهي جدوجهد ۽ وسيع اڀياس اسانجي آڏو آهي، هن سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهت کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. بلڪ ائين ڪئي چئجي تہ ان ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ننڍي ڪنڌ ۾ هن مهل اهڙو کو بہ ليکڪ ڪونهي، جنهن پنهنجي ٻولي ۽ ساهت جا مٽ ويهي ائين ڀريا هجن، جئين اياز سنڌي ساهت کي مالا مال ڪيو آهي. مونکي اهو زمانو بہ ياد آهي، جڏهن سمورا ماڻهو اياز تي ويهي گند اڇلائيندا هئا. ان وقت ڏسٽن وائسٽن ڳالهڻ اياز جو ڪلام ڳائڻ بند ڪري ڇڏي هو. ڪن سچٽن نقلي نالن ۾ ويهي اياز تي لکيو، پر اياز جي شاعري ڪنهن اوچي وڻ جيان آسمان سان ڳالهوين ڪندي پئي ويئي، "اوچي وڻ جيان ايران ٿو. اپري تن کي هيٺ ڏسان ٿو. هو ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوم لڳن ٿا!“ اڄ اياز جيترو لکيو آهي، ورلي ئي ڪنهن ليکڪ ايترو لکيو هوندو. اڄ ڪلهه شاعر انهيءَ ئي ڪراچيءَ ۾ حياتي گذاري رهيو آهي. جنهن شهر ۾ هن پنهنجي جواني گذاري هئي، ۽ جنهن شهر ۾ سندس شاعري جي جوڀن جنم ورتو هو. هڪ ڏينهن سندس ڪراچيءَ واري فليٽ تي ويس ته شاعر فليٽ جي ڪاري ڊور ۾ پئي ٽهليو. ڪيس لکڻ وسيلي پسار ڪندي ڏسي منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي آيا هئا. اهڙي ئي منهنجي دل ان وقت ڀرجي آئي هئي. جڏهن مان شاعر کي جناح اسپتال جي دل واري وارڊ ۾ ڏسڻ ويو هوس. اسپتال جي ڪمري ۾ شام جي ميرانجهڙي ۾ ڪوي اياز هڪ پلنگ تي اکيون ٻوٽيون ليٽيل هو. ۽ پير ۾ سندس زال ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ ويٺي هئي. مون نوڙي ڪويءَ جا پير ڇهيا ته هن اکيون کولي مونکي ڏٺو. مونکي ڏسي مرڪي ڏنائين. محسوس ڪيم ته ڪيس دل جي دوري جي ڪائي پرواهه نه هئي. مونکي اهو معلوم هو ته ڪوي اياز حياتي جي ويڙهه سان وڙهي جاني پيو، پر ههڙيءَ ريت مڙسيءَ سان ڪوي بيماريءَ کي مڙس ٿي منهن ڏيندو، اها ڳالهه مونکي ان مهل محسوس ٿي، چوڻ لڳو، ”لکڻ چاهيان ٿو، ۽ گهڻو ڪجهه لکي موت کي مات ڪندس!“ سچ پچ ته هو سنڌ ۽ سنڌي ساهت جو املهه ورثو آهي، شال سدائين سنڌ سان گڏ هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز لطيف پليجو

اياز پيار جو شاعر

جيڪڏهن مونکان پڇيو وڃي تہ شيخ اياز سان ملي، سندس نثر توڙي نظم پڙهي، منهنجي ذهن ۾ ڪهڙو تاثر اڀري ٿو، تہ آءٌ جيڪر پنهنجي مڪمل راءِ ڪي فقط هڪ لفظ ذريعي بيان ڪرڻ جي سگهہ ساريان، ۽ اهو لفظ هجي "پيار". ائين ئي، جيئن اوڊيسس جا حملا، هيلن جا داستان، ٽراءِ جو گهيرو ۽ اسپارٽا جي وار پڙهي، هومر لاءِ زبان تي هڪ ئي لفظ چڙهي ٿو "جنگ" ۽ ائين جيئن سسئي جو رائو ريلڻ، سهڻيءَ جو وسندي مينهن ميهر پار اولڻ، گهاتن جي گهر گهات ڇڏي ڪنن ۾ گهڙڻ ۽ ڪاموڙين جو ڏوڙ ٽيل ڏڙ سان، پر انهين پنڌ هلڻ پڙهي، لطيف متعلق ذهن جي اسڪرين تي هڪ ئي لفظ چمڪڻ لڳي ٿو "جدوجهد". بلڪل ساڳيءَ ريت، سنڌ جي فڪر ۽ فن جي باغ جي هن سڀ کان سرهي گل شيخ اياز جي گيتن،نظمن، بيتن ۽ واين کي حال سارو پڙهي ۽ پروڙي، آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ اياز جي شاعريءَ جو ۽ گر سندس فڪر جونچوڙ، صرف ۽ صرف پيار آهي. پوءِ اهو پيار ڪنهن نرالي، حسين ۽ لاجواب فرد سان بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن سرمست ۽ سرويچ قوم سان بہ. ڪارونجهر جي ڪنهن موريا ڪيرٿر جي ڪنهن ڳڻ سان بہ ٿي سگهي ٿو تہ دودي، چولي ۽ رني ڪوٽ جي ڪردارن ۽ ڀڳت سنگهہ جي ساٿين سان بہ. نہ فقط اهو، پر اياز تہ ان حد تائين بہ وڃي ٿو تہ-

"وڻ وڻ سان وهنوار ٿئي ٿو
پيار ٿئي و."

يا

"چڻ تہ پسيون ۽ پيرون منهن جا
پينر آهن پاٿر آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ڇا آهي؟ زندگيءَ جي طويل شاهراهه جو هڪ پاسو جيڪو سڪ سرهائي ۽ آجپي ڏانهن وٺي وڃي ٿو. آجپي ڏانهن انڪري، جو آزادي بذات خود پيار جي سوڀ جو نالو آهي. آزادي ڇا آهي؟ ذهن ۽ جسم جي پنهنجي پيار ۽ پسند مطابق اظهار ڪرڻ ۽ زندگي گهارڻ جو حق. بنان ڪنهن دٻاءُ ۽ دهشت جي. جڏهن ته زندگيءَ جي ان شاهراهه جو ٻيو رستو پيار جي ابتڙ ڌڪار جو آهي، جيڪو ظلم، دٻاءُ ۽ غلامي ڏانهن وٺي ٿو وڃي.

پيار روايتي تصور جو بهشت ۽ ڌڪار، دوزخ. بقول اياز:

آهه بهشت به ساڳي دنيا
۽ دوزخ به نياڳي دنيا
جنهن جنهن ماڻي ساسا راتي
جنهن جنهن آهه تياڳي دنيا
سا جوڳياڻي، جاڻي واڻي
پاتو آ تنهن دک جو هار."

هر دور جي عظيم ڏاهن جيان هڪ حد تائين اياز به نفرت ۽ ڌڪار جو درس ڏنو آهي، پر اها نفرت پيار ۽ آزاديءَ جي ويرين لاءِ آهي، هو انهن متعلق چوي ٿو:

"اڇا ڪُتا ڪارا ڪُتا
آپي شاهيءَ وارا ڪُتا
خاڪي وردي وارا ڪُتا
سارا پونجيءَ وارا ڪُتا
هاها سڀ هڪ جهڙا آهن."

پيار ۽ ڌڪار، جنت ۽ دوزخ ڏانهن وٺي ويندڙ اها شاهراهه، هزارين تجربن، مشاهدن ۽ تاريخن جي باوجود هر انسان لاءِ اڄ به اوتري ئي اڻ ڏٺل ۽ اونده آهي. بقول عمر خيام:

"ان رستي تي ويلن مان ڪوبه موٽي اسان کي ڪجهه نٿو ٻڌائي ۽ سڃائي ڄاڻڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته اسين پاڻ سفر لاءِ سنبرون."

پر ان جي باوجود، شيخ اياز ان اونده ۽ خوف جي روايت کي رد ڪندي چوي ٿو ته جيڪڏهن فتح ماڻيسين ته پوءِ:

"تون مليئن مون کي ته سارو جڳ مليو
ٻيو ڇا کپي منهنجي سکي."

پر جي پنڌ اجايو ويو يا مڪاني بي ثباتي ئي مقدر بڻي، تڏهن به ناڪام نه سڏباسين:

"ڪير چوي ٿو کي ڳوليندي
منهنجي عمر اجائي ويئي
ڳولا خود به ته آزادي آ
ساري عمر سجائي ويئي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز پنهنجي گنڀير ۽ گونجدار آواز ۾ چڻ سمجهائي ٿو ته پيار هڪ اهڙو رهبر ۽ رهنما آهي، جنهنجو هٿ جهلي جيڪڏهن هڪ وک به کڻنيسين ته امر ٿي ويندا سين. ڇاڪاڻ ته سوپ رکو ان جي ناهي ته آخري نشان تائين رسجي ۽ پنهنجي آدرشن جو انجام پسجي، پر جنهن به پيار ۽ آجپي جي واٽ تي هڪ وک به کنئي پوءِ چو نه کٿي ٻي وک کان اڳ کيس موت سان لانئون ٿي لهڻيون پون، هو تڏهن به فاتح آهي، سوڀارو آهي:

"محبت نه ڪڏهن مات کٽي موت هلي آءُ

سندم هوت هلي آءُ"

۽ ان راهه جو مسافر علي الاعلان چئي سگهي ٿو ته سپاٽي آءُ کٽي جسماني طرح ججهن جي وچ ۾ به هجان، پر تڏهن به ياد رکو.

"ميـنـهـن جڏهـن مـانـداڻ ڪـنـدا مـان

ســـاري واريــاســي تــي وســنــدس."

هونئن به تاريخ ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته جيڪي انسان ڏڪار جون پاڙون اکيڙي، دلين جون ديولون جوڙيندا آهن، اهي نه فقط موت سان ٻکين پوڻ کانپوءِ به چارڻ بنجي پيار ۽ آزاديءَ جا چنگ وڄائيندا آهن، بلڪ سقراط، وڪٽر هارا، لورڪا، يا پلونرودا ۽ بنجمن مولائيس وانگر ظلم ۽ دهشت تي مُنهن پڇاڻان به ڪاري وار ڪندا رهندا آهن.

اهي سڀ حقيقتون ۽ اهميتون ڄاڻندي به هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ کپي ته جيئڻ ته دنيا ۾ هر شئي هر لقاءُ، هر موقف لاءِ به رايا هوندا آهن، تنهنڪري ڪي ماڻهو اهو به چئي سگهن ٿا ته پيار، محبت آجپو آهي سڀ پيٽ ڀرئي جون ڳالهيون آهن بقول فيض:

«اور بهی دکهه ہیں زمانے میں محبت کے سوا.»

برابر بک، بيوسي ۽ بدحالي زندگيءَ جون تلخ ترين سچايون آهن. پر تڏهن به پيار پنهنجي الڪٽ قوت ذريعي، انهن سڀني تي حاوي آهي. ڀلا تصور ڪيو، ڪنهن بک کان بيحال ماءُ جو، جنهن آڏو سندس معصوم ابهم به بک وگهي ڦٿڪندو هجي ۽ مانيءَ جوگراهه فقط هڪ هجي، پوءِ ماءُ جي چونڊ ڇا هوندي؟ پنهنجي بک يا پٽ جي؟ يا جيڪڏهن پاڻي ڦڙي لاءِ پريشان انسان آڏو سندس دل گهريو محبوب به اڃ وگهي تڙپندو هجي ۽ پاڻيءَ جو فقط هڪ ڍڪ هجي ته پوءِهو، پنهنجي اُڃ اجهائيندو يا پنهنجي ساهه کان مٺي صنم جي؟ ۽ انهن ٻنهي سوالن جا جواب شيخ اياز ڄاڻي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو:

"مــاڻــهــو ســڀ هــڪ جهــڙا آهــن

هــر مـــاڻــهــوءَ کــي بــک لــڳي تــي

هــر مـــاڻــهــوءَ کــي اڃ لــڳي تــي."

برابر صحيح آهي، پر ساڳي وقت:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پيار بنا ڇڻ هر ماڻهوءَ کي ساري دنيا سڄ لڳي ٿي."

پيار کي هيچ ۽ حقير قرار ڏئي، پيٽ جي بک کي اوليت فقط اهي ڏئي سگهن ٿا، جيڪي پيار جي وسعت، گهرائي ۽ لا محدوديت کان واقف ناهن. پيار ته هن ڪائنات جو اهو اڻ ڪٿ سمنڊ آهي، جنهن جي ڪناري تي بيٺل شخص کي سندس نظر جو ڇيهه ئي، سمنڊ جو ڇيڙو ٿو لڳي، پر اها خبر ته فقط سڪاڻين کي هوندي ته سمنڊ ۾ جيئن جيئن اڳتي وڌبو، تيئن تيئن پاڻيءَ جي حد به وينديءَ اڳتي وڌندي.

پيار جو ڪوبه ڇيهه، ڪابه حد ۽ ڪابه انتها ڪانهي، ڇاڪاڻ ته پيار سرحدون قبول ئي ڪونه ڪندو آهي. مذهب، رنگ، نسل، جاگرافيائي ضابطا اهي سڀ هن سماج جي رجعتي ذهن جا هڪ پٺي تي مڙهيل جبر آهن. پيار ته خوشبوءِ جيئن آزاد هوندو آهي. انڪري اياز جيڪو پيار جو پرچارڪ آهي، اهو به پنهنجو بنيادي دشمن جبر کي قرار ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته، "جبر بور جوازي جو هجي، ڪميونسٽن جو يا فوجي آمر جو، جبر، جبر آهي." بور جوازي ۽ آمريت جي مڙهيل پابندين تي ته هر دؤر ۾ وار ٿيندا رهيا آهن، ۽ پابنديون بي موت مرنديون رهيون آهن. پر اياز جا اهي جملا مڪمل طرح سچا تڏهن ثابت ٿين، جڏهن برلن جي ديوار ٽٽي ٿي، بخارا، وارسا ۽ پراگ جا رستا جبر خلاف نعرن جون للڪارون بڻجي ٿا وڃن ۽ تڏهن فطرت جو سڀ کان وڏو تاريخدان، وقت اهو ثابت ٿو ڪري ته اقتصاديات ۽ سياست جي ماهرن جا دليل پلي وزنائتا هجن، پر پاسترناڪ، سولزينٽسن، سيفرت، ڪنديرا ۽ انهن جو هزارين ميل پري ويٺل هم خيال ڏات ڌڻي شيخ اياز، هن دور جي سڀ کان وڏي پيشن گوئي آهي.

پر هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اياز جيڪو اوير يورپ جي جبر جو انت ڪئي سال اڳ ڏسي ٿو چڪي، ڇا اهو جيڪا اڳڪٿي پنهنجي ديس لاءِ ڪري ٿو، سا سوڀ ماڻيندي؟ ڇا سندس اهي لفظ پنهنجو تعبير پسي سگهندا؟

"باک جي ساک مان اڄ ڏٺي ٿو وڄان

اڄ ڇٽي ٿو وڄان

سڄ لالاڻ سان

مڌ ريٽي جيان

نيٺ سنڌوءَ مٿان

ايرندو ساٿيو."

اهي تاريخ جا امر لفظ، سويارا ٿيندا يا نه؟ ان جو گهڻو ٿڻو دارو مدار اياز ۽ سندس فڪر جي پوئلڳن تي آهي. اسان تي آهي. سوچڻو اهو آهي ته اڄ جي هنن نازڪ ترين گهڙين ۾، اسين سنڌي جيڪي پيار جي پيروڪار آهيون، اهي پنهنجي زمينواري نڀائي رهيا آهيون. ڪٿي اسان غير ارادي طور ڏڪارجي ديون آڏو گوڏا ته نه کوڙي ڇڏيا آهن؟ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جي نہ هيلن آ نہ هومر آ تہ پو يونان ڇا؟"

ڪيڏا نہ سولا، سادا، پر ساڳي وقت ڀيانڪ ۽ چرڪائيندڙ لفظ آهن. سياٽي پلا جي سنڌ سڪي ۽ سنتابي هجي، پر اتي اياز ۽ لطيف جي بيتن ۽ واين جا پڙلاءُ نہ هجن تہ پوءِ؟ حيدرآباد ۽ ڪراچي تہ هجن، پر هوشوءِ جون للڪارون ۽ مورڙيي جون جرئتون نہ هجن تہ پوءِ؟ ٺٽو هجي، پر اتي اجرڪ ۽ جوين لڪائيندڙ نماڻا ۽ نازڪ بدن نہ هجن، دريا خان جون شجاعتون نہ هجن تہ پوءِ؟ ٿر هجي پر ٿتيءَ ۾ گهڙا ڀرڻ واريون سهاڳڻيون نہ هجن، روپلي جون سرفروش جرئتون نہ هجن؟ ۽ سڀ کان تلخ ترين امڪان تہ-

سنڌ هجي پر سنڌي نہ هجن تہ پوءِ؟

ڇا ان سنڌ کي سڪيو، سهڻو ۽ سدا حيات چئي سگهبو. ڇا پوءِ جيئي سنڌ جي نعري جو ڪو مفهوم هوندو.

اڃو تہ ڇوڏو ڇوڏو ٿيل دماغن کي ميڙي، هٿ ڪري، ٿورو سوچيون ۽ پوءِ يڪ ساهي جهٽڪي سان اٿي بيهون ۽ شيخ اياز جي هنن تاريخي جملن تي عمل ڪري. ڏڪار جي ديون جا پرزا اڏائي ڇڏيون.

"رکو ڻاهڻ تہ ضروري ناهي، ڪجهہ ڍاهڻ بہ ضروري آهي."

ثميره زرين

تو جا سمجهي سٽ سا اڄ تائين انهاس

شايد ئي ڪو سنڌي هجي، جنهن شاهه لطيف ڪي نه پڙهيو هجي. شاهه لطيف کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي، جن مان ڪيترن جا نالا پڙهندڙن کان اڄ به نه وسريا هوندا. پر جڏهن محمد ابراهيم جوئي جي زير ادارت نڪرندڙ ٽه ماهي "مهراڻ" ۾ شيخ اياز جا بيت ڇپيا، تڏهن ڇڻ ڳرنار ۾ غلغلو مچي ويو. شيخ اياز جي شاعري تنهن دؤر جي سڀني شاعرن کان منفرد هئي. سندس بيتن کي پڙهي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ڀٽ جي ڀونءِ مان جيڪا عظيم هستي ايري سنڌي شاعريءَ کي اڻ مٽ سڳنڌ ڏئي وئي هئي، انهيءَ جو شڪارپور جي شيخ اياز سان ذهني ۽ احساساتي ڏاڏو ويجهڙائي جو ناتو هو.

۽ پوءِ شايد ئي ڪوئي سنڌي هجي، جنهن شيخ اياز کي نه پڙهيو هجي. (نه رڳو سنڌي، پر ٻيا به.)

ائين ته شيخ اياز مهراڻ شايع ٿيڻ کان اڳ ۾ به لکندو هو ۽ نه رڳو سندس شعر ۽ غزل "سنڌو" ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپجندا هئا، پر سندس ڪهاڻيون پڻ "اڳتي قدم" رسالي ۾ ڇپجنديون رهيون هيون. پر محمد ابراهيم جوئي جهڙو هڪ سڄاڻ ۽ پارکو جوهري جي هٿن، جڏهن هن جوهر کي پرکي سندس جوت جرڪائي پڙهندڙن آڏو ڪئي، تڏهن سڀني محسوس ڪيو ته، هينئر شاهه لطيف جي درميان وارا فاصلا ميٽجي ويا ۽ هڪوار وري سنڌي ٻوليءَ جي ڀرپور خزاني ۾ اکرن جو اڻ ميو اضافو ٿي ويو. اکر، جن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي ڀني مٽيءَ جو هُڳاءُ هو — اکر، جن جي ميٺاج لاءِ ڪابه تشبيهه پوري نه هئي.

پر شيخ اياز جي شاعري صرف لفظن جي جادوگري ۽ ٻوليءَ جي حُسن جو نالو نه آهي.

مجموعي طور شيخ اياز جيتوڻيڪ جمالياتي شاعر آهي - پر سندس شاعريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اسان جي دؤر جي ڪرو پيش هر پهلوءَ جي تصوير نظر ايندي. سندس اوائلي خواهه هاڻوڪي شاعري، پنوي ۾ ديس سان محبت ۽ پنهنجي دؤر جي اهنجن، اوڻائين، سک ۽ سونهن جو ذڪر ملندو.

جڏهن شيخ اياز جا خط پهريون ڀيرو "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپيا، تڏهن پڙهي محسوس ٿيو ته، هڪ شاعر جي نثر نگاري ڪيڏي نه جاندار، ڪيڏي نه اعليٰ ٿيندي آهي.

جڏهن ساڳيو ئي قلم، ڪٿي ڪهاڻين تي طبع آزمائي ڪندو آهي ته، "پنهل ڪانپوءِ" ڪهاڻين جو مجموعو تخليق ٿيندو آهي. ڪهاڻين جو مجموعو پڙهي خيال ايندو آهي ته پنهنجي سوچ ۽ فڪر کي احساس جي شدت ۽ سچائيءَ سان بيان ڪرڻ ڄاڻي ڇٽبو آهي. مون شيخ اياز جي نقادن کي به پڙهيو آهي ۽ شيخ اياز کي به. ڪنهن کي ڪنهن جي راءِ جي روشنيءَ ۾ پرکڻ مون کي هميشه کان غلط نظر ايندو آهي.

فن جي تشريح ٿيندي آهي ته ڇا فنڪار جي به؟ مان نٿي ڄاڻان، جڏهن فن خود فنڪار جي مڪمل جامع تشريح آهي.

شيخ اياز جي خطن جي مجموعي "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" جي مهاڳ ۾ محترم محمد ابراهيم جوئي لکيو آهي ته: "فرانس جي عظيم مصور پال گاگن هڪ دوست ڏانهن خط ۾ لکيو هو ته، ماڻهوءَ جي هٿن جي حاصلات ئي ماڻهوءَ جي تشريح آهي" ۽ اسان جي آڏو هي ڍير مجموعا آهن. پنور پري آڪاس تي، جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ڪلهي پاتم ڪينرو، وڄون وسڻ آئيون، ڪي جو پيچل بوليو، ڪپر تو ڪَن ڪري وغيره، جن ۾ اسان جي اڪوٽي شاندار تهذيب جا اهڃاڻ آهن. هاڻوڪي دؤر جا روپ، ڪروپ آهن ۽ آئيندي جون روشن ريکائون آهن.

ريٽا شهاڻي

ڪاتِبَ جو قلم

(عمر خيام)

The moving finger writes and having writ, makes on...........

مون کي ١٩٦٥ع جا اُهي ڏينهن ياد اچن ٿا، جڏهن مان پنهنجي پيڪي گهر، ڪلڪتي ويٺي هئس ۽ هڪُ منظر اکين اڳيان تري اچيم ٿو- منهنجي ناچاڪ دادا جي کٽ جي چوگرد شعر شاعريءَ جي محفل لڳندي هئي ۽ موڪلن جا سڄا سڄا ڏينهن سنڌي شاعريءَ جي هڪ ڪتاب جو لطف ماڻيو ويندو هو. شعرن جا الڳ الڳ ارٿ (معنيٰ) ڪڍيا ويندا هئا ۽ بحث مباحثہ پڻ ٿيندا هئا. ۽ اهو شاعريءَ جو ڪتاب ڪهڙو هو؟ شيخ اياز جو ان وقت ٽئون نڪتل ڪتاب- "ڪَلهي پاتم ڪينرو."

تو جا سمجهي سِٽ، سا آهي ڪاتيءَ ڪوٽ،
ڳائي ڳائي ڳوٽ، ڪَهندو ويو ڪينرو.

○

تو جا سمجهي سِٽَ، اها اچ تائين اتهاس،
جنهن ۾ ڪَرَ موڙي آتيو، ڪوي ڪاليداس،
آجو جنهن جي اوٽ مان، وديا پتي واس،
ڀٽائيءَ جي ڀٽ تي، جنهن جو نينهن نِواس،
جنهن ۾ منهنجو ماسَ، ڪوري آيو ڪينرو.

اهو پُستڪ (ڪتاب) شيخ اياز منهنجي چاچي منگهارام ملڪاڻيءَ کي ڀيٽ طور ڏنو هو. هڪ ٻيو ڪتاب" "جي ڪاڪ ڪڪوڙيا ڪاپڙي" پوءِ اياز صاحب منهنجي چاچي صاحب کي پنهنجن هٿن سان ڏنو هو. هيٺن لکي:

قربن مان پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي
شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو سالن جا سال مون وٽ رهيو ۽ جنهن کي مون بار بار پڙهيو هو. اُن وقت مون کي خام خيال ۾ به ڪو نه هو ته مان پاڻ شاعري لکنديس ۽ شيخ اياز مون کي پنهنجو ڪتاب اُڇر چنڊ پَسَ پرين" پنهنجي هٿن سان سوکڙيءَ طور ڏيندو. هيٺن لکي؛

سک سان رهنا لاءِ،
شيخ اياز
۱۹۹۰/۱۱/۲۵ع

اُن ئي شيخ اياز سان منهنجو پهريون مُڪا مليو آڪٽوبر ۱۹۹۰ع ۾ "شاهه، سچل ۽ سامي" سيمينار ۾ ٿيو ته منهنجي دل مان اُمالڪ هي سِٽون نڪري آيون؛
شاعرا ڪير چوي نه سَچاٿان توکي.

مون کي لڳو ته مان نه صرف سندس شعرن کان واقف هيس، پر سندس صورت ۽ سندس سموري شخصيت کان به واقف هئس. منهنجي ذهن تي چٽيل سندس عڪس سان هيءُ جيئرو جاڳندو روپ هو بهُو نهڪي ٿي آيو. (رواجي طرح سان ائين ڪو نه ٿيندو آهي). اُن حقيقي چِٽ ۽ ڪلپنا جي چِٽ جي چِٽائي حيرت انگيز آهي. اڪيون ٻوريندي ئي اهو چِٽو چٽر سامهون اچي ٿو ويچي.

هَن مون سان منهنجي ئي پستڪ "سريه ياترا" جو ذڪر ڪيو، ۽ پوءِ پوني جو پروگرام ٺهي ويو.

مان ڪاتب جي ان قلم تان ٻلهاري آهيان، جنهن مون کان اهو بنگلو خريداريو، جنهن ۾ منهنجو چاچو منگهارام ملڪاڻي ديهانت کان ڪجهه ڏينهن اڳ اچي رهيو هو ۽ مون هُن جي صُحبت جو فيض حاصل ڪيو هو. مان ڪاتب جي ان آگر تان به ٻلهاري آهيان، جنهن اُن ئي بنگلي ۾ شيخ اياز جو چئن ڏهاڙن جو قيام ڪرايو. اُن ئي بنگلي ۾ اڪثر ادبي گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون آهن ۽ ٿينديون رهنديون. مون اهو جاچيو ته شيخ اياز ۾ نه صرف هڪ ڪويراج جون، پر هڪ عالم، هڪ سنجيده، رَجَ ۽ مڇوئرڊ مَرَس جون مڙيئي خاصيتون آهن. اسان جي ليکڪن جي برعڪس هو ٿورو ڳالهائو آهي. گهڻو شانت (خاموش) رهندو آهي، پر جيڪي ڪجهه چوندو آهي، اُن جي هڪ هڪ لفظ ۾ معنيٰ هوندي آهي ۽ هونديون آهن اُهي سوڌيون ۽ ڳوڙهيون ڳالهڙيون.

ڳالهيون ته گهڻيئي ٿيون، پر هتي مان صرف چند ڳالهين جو ذڪر ڪنديس. مون پنهنجي بالڪنيءَ کي بوگنولا Bonginvilla جو اُنهن سرخ گلن سان سجايو هو. جنهن ٻوٽي کي ۱۹۷٦ع ۾ بنگلور مان آڻي، مون بالڪنيءَ جي بنهه هيٺان زمين ۾ لڳايو هو. اهو ٻوٽو ويهه فوٽ مٿي چڙهي، بنگلي جي اُتر اولهه طرف واري ڪُنڊ تي ڇانئجي ويو هو. مون شيخ اياز ۽ بيگم اياز جي رهائش جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوبست ان ڪمري ۾ ڪيو هو، جنهن سان گڏ اها بالڪني جڙيل آهي. پهرين شام، ماڙيءَ جي ان بالڪنيءَ ۾ اسين سڀ- شيخ اياز، زرينا، گنو سامتاڻي، هري موٽواڻي ۽ وشنو شهاڻي ويٺا هئاسين، ۽ ڪچهريون ڪري رهيا هئاسين، اُن وقت آهي ڳاڙها گل پرپور جوڀن تي هئا ۽ گهرا، رَتا، ڪهاڻا گلن جا ڇڳا منهنجن مُعزز مهمانن جي لاءِ ڪنڌ لوڏي آجيان ڪري رهيا هئا. اُن وقت ادي زرينا، انهن گلن ڏانهن اشارو ڪندي اسان جو ڌيان انهن گلن ڏانهن ڇڪايو ۽ هن نظم کي چئي ٻڌايو.

ٽڙي پوندا تارئين، جڏهين ڳاڙها گل الا لا!
تڏهن ملنداسين.

شيخ اياز جي نيڻن ۾ نور هو ۽ لبن تي سندس مخصوص معنيٰ ڀري مُرڪ!
ڪهڻ ڦرڻ جو پروگرام ٺهيو هڪ ٻڪ نِڪ جو انتظام ڪيو ويو. هڪ سهڻي، سَر سَبز مَاٿريءَ جي وچ ۾، جنهن جي چئني پاسي پهاڙ ئي پهاڙ آهن، هڪ ڊئر جي جڳهه Siteتي (جناب عطر سنگناڻيءَ جي مهربانيءَ سان) پوني کان ۴۰ ڪلو ميٽر پري، واراسگان Warasgaon لاءِ ٽن موٽرن ۾ اسين نڪتاسين ۽ قدرتي ماحول ۾ سارو ڏينهن گهاريو سين. اُن گروپ ۾ شيخ اياز ۽ زرينا سان گڏ، عطر سنگناڻي، وشنو شهاڻي، گنو سامتاڻي، هري موٽواڻي، ڊاڪٽر پرسوگدواڻي، تارامير چنداڻي ۽ ٻيا دوست ٻه هئا.

پر ٻين ڳالهين سان گڏ هڪ خالص منظر، دائمي طرح سان منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهي.

شام جو لڳ ڀڳ ٽين وڳي، ٻڪ نِڪ تان موٽڻ کان پوءِ، منهنجي بالڪنيءَ ۾ اڪيلائيءَ ۾، منهنجي پسند کي ڌيان ۾ رکندي، بقول شيخ اياز جي "تنهنجي دل پسند موضوع Mystcism تي پنهنجا چند شعر پڙهي ٿو ٻڌايانءِ." هن خاص ۽ صرف منهنجي لاءِ شعر پڙهيا.

پنهنجي شيتل، مڌر، سنگيت ڀرئي لهجي ۾ هُن پڙهڻ شروع ڪيو؛

توں منهنجو آواز آن، تون جو آدي سَر،
هيڏيءَ ساري سانت ۾، آ تنهنجي چَر پُر،
هڏن ۾ هَر ڪر، سمنڊ ڀري تو ڪوڏ ۾.

(اپر چنڊ پس پرين ص ۱۹۲ع)

ماري، پرڪرتي لڳي تي، جڻ تہ منهنجي ماءُ،
جڻ هو منهنجو پاءُ، آيريو آ آڪاس ۾.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمي، هن سنسار ۾، تون آهين مون ساڻ
مان جڻ پنهنجو پاڇ، پانيان ٿو تو ڳوڊ ۾.

○

مونايو آ پيار، مون ۾ منهنجي مون،
امي! امي! تون، آهين شفق اوٽ ۾.

(ص- ١٦١)

۽ ان وقت منهنجي لاءِ، وقت أتي جو أتي بيهجي ويو ۽ ڪاتِب آڳر ڪجهه لمحن لاءِ لکڻ بند ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ نديم

ڪراچي شهر
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾

دنيا ۾ اهڙا خوشنصيب قوم سڏجي ٿا جن جي ڪناري ٿي، جنهن کي سمنڊ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪالهہ يا اڄ سمنڊ سڄي دنيا سان معاشي، ثقافتي تجارتي، سياسي، سماجي تاريخي، تهذيبي ۽ دوستاڻن لاڳاپن جو بي حد اهم وسيلو رهيو آهي. ان سان گڏ سمنڊ خود هڪ قوم جو اهو خزانو آهي، جنهن کي هزارين، بلڪ لکين سال مڪمل ڪٽائي تہ ڇا، ان جي سؤٿي حصي کي بہ ختم نٿا ڪري سگهن. سمنڊ قومن جو ڪاڌو ۽ خوراڪ. سمنڊ قومن جو سون ۽ سينگار، سمنڊ قومن جو سِڪو ۽ سرمايو. سمنڊ قومن جو مال ۽ موتي. سمنڊ قومن جي سونهن ۽ سرهاڻ، سمنڊ قومن جو سک ۽ سڀاڻپ، سمنڊ قومن جي خوشحالي ۽ خوبصورتي. سمنڊ قومن جو ڏنگ ۽ دفاع آهي. قومون سمنڊ کي پنهنجي قومي جياپي جو ضامن سمجهي، ان جي بچاءَ ۽ وڌاءَ لاءِ زندگي ۽ موت جي ويڙهاند ڪنديون آهن. سرحد ۾ آيل سمنڊ جي هڪ انچ لاءِ بہ قومون نسل درنسل جنگيون جوٽينديون رهنديون آهن.

ساموندي ڌاڙيل، ڌاريا اڳراٽي ڪندڙ لشڪر، ڏيهي ۽ پرڏيهي پر ماري طبقا، ساموندي سرمايو، ساموند آمدني، ساموندي مال هڙپ ۽ هضم ڪرڻ لاءِ، ساموندي ڪناري تي وسندڙ قومن ۽ شهرن تي ڪاهون ڪندا آهن، قتلام ڪندا آهن ۽ قهر ۽ قبضا ڪندا آهن، پر تاريخ جي هر ڏکئي سڪئي دؤر ۾، سمنڊ جون وارث قومون پنهنجيءَ بچاءَ ۽ دفاع لاءِ سدائين خبردار، سدائين با هشيار، سدائين ويڙهہ لاءِ تيار رهنديون آهن. قومن جا اديب ۽ شاعر، انهن ساموندي ڌاڙيلن، اڳراٽي ڪندڙ لشڪرن ۽ پر ماري طبقن کي، پنهنجي تخليقن ۾ فنڪارانہ رنگ ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامتي انداز ۾. تشبيهن ۽ استعارن ۾ ڪڏنهن "مڇ" ڪڏهن "واڳون" ڪڏهن ڪا سامونڊي "بلا" ۾ پيش ڪري. پنهنجي قوم کي انهن کي هڪالڻ، ڊڪائڻ ۽ مارڻ لاءِ اڪسائيندا ۽ همٿائيندا ۽ مسلسل ويڙهه لاءِ تيار ڪندا آهن. انهن جون ادبي ۽ شاعرانه تخليقون، اهڙين بلائن سان، نسل درنسل ويڙهه جون شاهديون ڏينديون آهن. ان ويڙهه ۾ ڪڏهن جوش، ڪڏهن ڊپ، ڪڏهن اڳتي، ڪڏهن پوئتي، ڪڏهن تيزي ۽ ڪڏهن ٿڪ جا ڏينهن ۽ لمحا ايندا آهن.

اهڙو اهڃاڻ شيخ اياز جي هن بيت ۾ ظاهر آهي:

سانجهيءَ ويرَ سمونڊ تي، رَتا رائُن رنگ،
وڙهندي ويريءَ سان ٿَڪا، الا منهنجا انگ!
نه هُو آسَ اُمنگَ، نه سا سگهه سرير ۾.

("سُر گهاتو" ڪپر ٿو ڪَن ڪري)

هن ويڙهه ۾ ورهيه، گذريو وڃن جواني جهريو وڃي:

ماريندي هن مڇ کي، ڇا ڇا وَسِ ڪيامِ!
ڇِتيون ڇيهُون ٿي ويون، ڇڇي رَڇ پيامِ،
وڙهندي ورهيه ٿيامِ، اڃي وار اڇا ٿيا.

("سور گهاتو" ڪپر ٿو ڪَن ڪري)

نه رڳو ورهيه، پر هن جاکوڙ ۽ جنگ ۾ پيڙهيون گذري وينديون آهن. شاهه لطيف جي جنم واري سن ١٦٨٩ع کان وٺي شيخ اياز جي زندگي واري سن ١٩٨٩ع تائين، ٽن سون سالن جو عرصو ٿئي ٿو. سنڌي قوم پنهنجو وطن ۽ پنهنجي وطن جا شهر بچائڻ جي جدوجهد ۾ رڌل آهي. شاهه لطيف به ڪلاچيءَ جي ڪُنَ ۾ پيدا ٿيل مڇ کي مارڻ لاءِ اُپاري ٿو، ته شيخ اياز وٽ به ڪراچي جي ڪن ۾ آيل مڇ مارڻ جو سڏ آهي. ڇاڪاڻ ته مڇ مارڻ ڪانسواءِ، ڪراچيءَ جا رهواسي محفوظ نٿا رهي سگهن. صدين کان هتان جو لوڪ پنهنجي ڪڏيل دشمن سان وڙهندو آيو آهي، اهو پرماري طبقو آهي. انکي علامتي طور مڇ سڏيو يا واڳو چئو، عوامي ۽ قومي ويڙهه جو تاريخي شعور رکڻ وارو فلسفي شاعر، شيخ اياز اظهار ڪري ٿو:

مانگر سامهُون مورڙي، ازل کان آهي،
اڄ تائين انسان جي، ويڙهه ڪٿي ناهي،
ڇگو جو چاهي، اوني بنا اڄ ڪي.

شيخ اياز "سُر گهاتو" کان سواءِ "ڪراچي جا ڪَن" جي عنوان سان ٻائيتاليهه بيت لکيا آهن، جنهن ۾ اجوڪي ڪراچيءَ جي سمورن پاسن تي روشني وڌي آهي. انهن بيتن ۾ مزدورن جو حال به آهي، ته سنڌ جو سوال به آهي. سيٺ جو سماج به آهي ته رهزن جو رواج به آهي. انهن شعرن ۾ تهذيب زوال پزير به آهي ته وڏيرو ۽ وزير به آهي.

بيتن ۾ لڪير جي فقير ڪامريڊن جون لاتيون به آهن، ته درباري شاعرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون باتيون بہ آهن. حسن جو نيلامر بہ آهي، تہ پريت جو پيامر بہ آهي. انهن شعرن ۾ ڪراچي ڪنوار جي سونهن بہ آهي، تہ سونهن ۾ لڪل ظلم جي غلاظت بہ آهي. مطلب تہ پختو ترقي پسند شعور رکندڙ شاعر جي شاعريءَ ۾. ناٿي جي نظامر ۽ سکن جي سماج واري اچوکي ڪراچي جي مڪمل تصوير آهي، جنهن ۾ سمنڊ جي ڪناري تي سڀ کان اڳ ۾ آباد ٿيندڙ ملاح جي مچ سان، اڃا بہ جنگ جاري آهي:

ڪنڌيءَ ڪيڏي سَن، ڪيڏو شور سمونڊ ۾!

("ڪراچيءَ جا ڪُن" ڪپر توُن ڪري)

شيخ اياز ڀرپور جواني جا ڪافي ڏينهن ۽ راتيون، تعليم جي سلسلي ۾ ڪراچي ۾ گذاريا. ڪراچيءَ تي شاعري ڪرڻ ڪانسواءِ. ڪراچيءَ تي سندس نثر ۾ تازو ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن جو نالو بہ "ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون" آهي.

هن پاڪسان کان اڳ ۽ پاڪستان کان پوءِ، ڪراچي جي ڪنڊ ڪنڊ، پيرن هيٺان لتاڙي آهي. ان ڪري هن ڪي پراڻي ۽ نئين ڪراچي جي زندگيءَ جو گهرو مطالعو ۽ مشاهدو آهي. انڪري ڪراچي شهر بابت هن جي سٽ سِٽ ۾ سچ، لفظ لفظ ۾ حق، ۽ جملي جملي ۾ ڪراچيءَ لاءِ بي پناهہ پيار، پنهنجائپ ۽ روحاني رشتي جو اظهار آهي. اهو روحاني رشتو قومي محبت ۽ حب الوطني تي ٻڌل آهي.

ڪراچي جي ماحول ۽ زندگي جي سمورن پاسن تي لکيل بيتن مان، هتي شيخ اياز جا ڪجهہ بيت هيٺين سان هنداڻ ۽ ذهن کي روشن ڪرڻ لاءِ پيش ڪجن ٿا:

ووءِ ڪراچي ڪامڻي، تنهنجو سهجَ سڀاءُ!
ڏيندي ڀيک ڪجي وِٽين، پِيئَڻَ ڪونہ سماءُ،
مونکي تنهنجو گهاءُ، جَتائو جيئڻ جيءَ ۾!

("ڪراچيءَ جا ڪُن" ڪپر تو ڪُن ڪري)

هڪ پاسي ڪراچيءَ جون خوبصورت راتيون، ٻي پاسي سِڪن تي سونهن جي سودن جو گند، ۽ ٽين پاسي شَعور ڏيڻ جي زميوار شاعرن جي عوام کان ڪٽيل داخلي حياتي جي تصوير. شيخ اياز هن بيت ۾ کهڙي نہ متاثر ڪندڙ انداز ۾ پيش ڪيو آهي:

ڊيزل دونهون بَس جو، چنڊَ، ڪراچيءَ رات،
رڪشا روڪي ويشيا، سوچي گاهڪ گهاتَ
ڪٽڦي، شاعر، باتِ، ڪافيءَ ڪوبُ مَشاعرو.

(ڪراچيءَ جا ڪُن، ڪپ تو ڪُن ڪري)

درباري شاعر ۽ ديسواسين جي شاعر ۾ فرق شاعر ڪيئن واضح ڪري ٿو.

لوڪ سنگتي ۽ ساٿيهہ سڄڻ ڪويءَ جون قيد ۾ ڪٽيل ڪارين راتين جو ڪراچي بہ ڪارڻ آهي.

مچ جي علامت کان پوءِ شاعرن وٽ واڪوءَ جي علامت بہ معنيٰ خيز آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــجي پــنــهــنــجي پت، واڳو مــنــگــهــي پــيــر جا،
جنڻ ڪـــســي آيـــا هِت، وڏا وات پَنــــي ڪـــري.
(ڪراچيءَ جا ڪُن، ڪپر تو ڪُن ڪري)

هــو غالـــب جو هــــر وطـــن، ونـــي ڏيـــڏ هـــزارَ،
ويــنــو وچ مـــشـــاعـــري، جهـــونـــو نمــڪ خوارَ،
ڏسَ ڪـــيـــڏي بـــيـــداد ۾، داڏ گـــهـــري تـــو يـــارَ!
آءُ، پــنــائــيءَ بــارَ، ڪـــاريــون راتــيــون قــيــدَ جون!
("ڪراچيءَ جا ڪُن" ڪپر تو ڪُن ڪري)

ڪراچي جي ڪافي هائوسز جي انقلابين ۾ ڪيتين، پيلن، ٽرن برن جي انقلابي ڪارڪنن لاءِ شيخ اياز جو پنهنجو منفرد رايو آهي:

ڪــافــي گـــهـــر ۾ ڪــيــتـــرا، لــيــنن- وادي لـــوڪَ،
روز ڪـــراچيءَ ڪَنــڊَ ۾، اردوءَ ۾ ڪـــن پـــوڪَ،
هـــا، هُو ســڳرَ تـــوڪَ، ڳاڙهـا ڳيـــرو سـنــڌ جا!

ڪراچي صنعتن جو شهر آهي، صنعتون سرمايہ داري نظام جون بنياد آهن، هن وري قومي سرمايہ دار جي نظام زر هَوَس پرستي، ڪوڪلائپ ۾ ويران روحن کي جنم ڏنو آهي:

جڙون پــنــهــنــجي جيءَ جون، ڪــپــي آيــا پــاڻ،
پــاهــر جهـــر مـــر بــنــگــلا، انــدر پيــنــگــا يـــاڻَ،
مــدائــي جا مـــاڻ، نـــوڪـــر چاڪـــر مـــوٽـــرون.

ساڳي ڪيفيت ۾ اياز جو هي بيت ڪراچيءَ جو ويجهو ماضي ڏيکاري ٿو:

بـابــو بــنــدر روڊ تـــي، ســـانجهــيءَ ويرَ هـشــامَ،
ايــنــگــهــي تــي انــگــريــز جي، اجان تــائين تــرامَ!
جِهـرمِر جِهـرِ مِر شـامَ، مــاٺـهـو پاڇا مُوت جا.
("ڪراچيءَ جا ڪُن" ڪپر تو ڪُن ڪري)

اياز کي اهو شعور آهي تہ ڪراچي جون وڏيون وڏيون ماڙيون، وڏا فليٽ، وڏا بنگلا، پورهيت مارن يعني اسانجي هڏن تي بيٺا اهن:

وســـڪـــيءَ وچ گـــلاس ۾، ڪــتــي ڪـــائــيـــاواڙ!
اُتـــر آڪـــيـــن نـــيـــــرَ ســــــان، لَهو لَهو لاڙ،
مـــاڙي اُبَ نــراڙ، پــنــهــنــجي هــڏن ڍيــر تـــي!
("ڪراچيءَ جا ڪن" ڪپر تو ڪُن ڪري)

۽ ان نظام جي انت جو چتاءُ اياز هن بيت ۾ ڏنو آهي:

ڏس مـــيــلــي ۾ قـــوڪـــشـــا، اڏري ڦـــاٽــا نــيــٺ،
سمجهين تــو اي سيــٺ، ڳهلا منهنجي ڳالهہ ڪي؟
(ڪراچيءَ جا ڪن" ڪپر تو ڪُن ڪري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز جو هڪ ٻيو ڪراچي تي گيت نما نظم آهي، جنهن جي پنهنجي معني، مطلب، چَسَ ۽ رَسَ آهي:

نـــاهـــي ڪـــو آڪـــاس،
ڪراچي ٻر!
دونهون دونهون سارا ماڙا،
چورنـڪـي يـا چاڪـي واڙا،
چنڊ ڪٿي ڪيئن سواس.
ڪراچي ٻر!
ڏڪ تـيـو آ ڪـارو نـاٿـو،
ڪاٿو راتي اڪـهـ وڪاٿو،
مـومـل چاهـي؟ مـاس-
ڪراچي ٻر.

(چنڊ چنبيلي ول- شيخ اياز-٦٣)

شيخ اياز جڏهن ڪشمور ۽ ڪراچي کي مانسرو ور مان ايندڙ سنڌو ندي ذريعي ڳنڍي ٿو:

مانسرو ور مان جڏهن سنڌو
وهندي ايندي آهي،
پوءِ ڪراچي تائين پهچي،
ساگر سان هڪ ٿيندي آهي،
تنهنجي لاءِ ڪويتا منهنجي
اِئن ڳائيندي آهي.

(ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي-٨٢)

مطلب ته شيخ اياز جي ڪراچي تي ڪيل شاعري هڪ مڪمل قومي نظريو پيش ڪري ٿي. ان سان گڏ شاعري ڪراچيءَ جي جبلن ۽ سمنڊن جي جڏهن صدين کان رهواسي شاعر طرفان ڪراچيءَ جي ترقيءَ سميت، ڪراچيءَ جي مظلوميءَ جي تاريخ به آهي، ته ظلم خلاف تلوار به آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انور "فگار" هَڪڙو

نيارو پنڌ

جهڙيءَ طرح ڪائنات کي پرکڻ لاءِ ذاتي مشاهدي يا تجربي جي ضرورت ٿي محسوس ٿئي، تهڙيءَ طرح مهان ڪوي جي ڪويتائن يارچنائن کي پرجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ خاص مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت ٿي پيش اچي. هر هڪ پڙهندڙ پنهنجي پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي ڪويتائن جي گهرائيءَ تائين وڃي سگهي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو، ڪنهن به هڪ ڪويتا جو تاتپرج هر هڪ پڙهندڙ پنهنجي پنهنجي خيال سان ڪندو آهي.

آفاقي شاعريءَ جي تشريح هر هڪ نقاد مختلف نموني ڪندو آهي ۽ اها آفاقي شاعري هميشہ پائنده هوندي آهي، جا ڪنهن به دؤر ۾ مات نہ ڪائيندي آهي. هر هڪ دؤر جو نقاد ان کي پنهنجي پنهنجي دؤر جي جديد ڪسوٽين ۽ قدرن تي پرکيندو رهندو آهي ۽ اهو سلسلو هميشہ هر دؤر ۾ قائم رهندو آهي ۽ آفاقي شاعري جيئن پوءِ تيئن نئين زندگي ماڻيندي آهي. اها پنهنجي خطي جون حدون اورانگهي دنيا ۾روشني بخشي چمڪندي رهندي آهي. اهوئي سبب آهي جو شاعريءَ کي انساني ضمير جي بين الاقوامي زبان چيو ويو آهي.

اياز جي شاعري بہ آفاقي شاعري آهي، جا ڪڏهن بہ مات ڪائي نہ سگهندي، هن مضمون ۾ آءٌ پڙهندڙن آڏو اياز جي ابتدائي دؤر جي فڪر ۽ ان کان ثورو پوءِ تائين پنهنجي خيالن جواظهار ڪريان ٿو.

مبارڪ علي اياز ولد غلام حسين شيخ ٢- مارچ ١٩٢٣ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم هندو سنڌي اسڪول نمبر٣، ۽ورنيڪيولر اسڪول ٢- مان حاصل ڪئي. سيڪنڊري تعليم شڪارپور جي نيو ارا هاءِ اسڪول مان حاصل ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ سي ايند ايس ڪاليج شڪارپور ۾ داخل ٿيو. جتان هو وڌيڪ تعليم بي- اي پاس ڪري آخر ايل- ايل-بي جي تعليم ڪراچيءَ مان پرائي وڪالت جي پيشي سان وابسته ٿي ويو.

شيخ اياز جڏهن پهرين درجي انگريزيءَ ۾ سائين ڪيئلداس ولـيرام بيگواني "فاني" وٽ پڙهندو هو، ۽ "فاني" جي اثر هيٺ ئي هو، ته شاعريءَ ڪيس ڳولهي لڌو. ان جونتيجو اهو نڪتو، جو ننڍڙي ٻالڪ جو پهريون جديد غزل، شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي سُدرشن جي جنوري- فيبروري ۱۹۲۸ع جي شماري ۾ شايع ٿيو هو. اهو رسالو بهاري لال هريرام ڇاٻڙيا جي ادارت هيٺ شايع ٿيندو هو. شيخ اياز جي هن پهرين تخليق جو عنوان هو "مردِ خدا".

شيخ اياز پنهنجي ان ابتدائي تخليق متعلق لکيو آهي: "سدرشن ۾ شايع ٿيل منهنجي غزل جي تخليق به عجيب تجربو هئي. انهن ڏينهن ۾ مون شڪارپور جي جماڻي هال لئبريري مان سوامي رام تيرٿ جون اڙدوءِ ۾ ڇپيل ڊائريون پڙهڻ لاءِ وتيون هيون، جن ۾ رام تيرٿ جي زندگيءَ ۽ ان جا مشاهدا ڏنل هئا. انهن ڊائرين ۾ "نظير" اڪبر آبادي جا مخمس "ڪوڙي نه رک ڪفن ڪو" وغيره به شامل هئا ۽ ٻين جا ڪجهه غزل به آتاريل هئا. مون اهي ڊائريون ڇوويهه ڪلاڪ ساندهه پڙهيون هيون ۽ مون کان ڪاڏو پيتو به وسري ويو هو. اها ڪيفيت ايجا طاري هئي ته اوچتو مون کي هڪ غزل سجهي آيو هو، جنهن ۾ به ٿي لفظ ان غزل جا هئا. جو مون سوامي رام تيرٿ جي ڊائرين ۾ پڙهيو هو. ان وقت مون کي بحر وزن جو ڪوئي علم نه هو، پر جنهن وقت اهو غزل ڇپيو هو. مون کي فاني صاحب ٻڌايو هو ته ان ۾ بحر وزن جي ڪا خاص غلطي نه آهي.

شيخ اياز جي زندگيءَ جي اها پهرين تخليق هئي جنهن جي گهرائيءَ ۾وڃبو ته ائين معلوم ٿيندو ته واقعي عظيم شاعر جي تخليق جو پهريون پڙاڏو ئي، هن جي عظمت جو ضامن هو. ان ۾ هڪ انقلاب به هو. اهو انقلاب اهو هو ته، ان دور ۾ رڳو حسن ۽ عشق جي تعريف، گل، بلبل ۽ زير اضافت سان غزل کي پري، فخر محسوس ڪيو ويندو هو، پر هن ننڍڙي انقلابي شاعر، ان کان بغاوت ڪئي ۽ غزل جو رخ بدلائي ڇڏيو.

شيخ اياز، انهي تخليق کان پوءِ فانيءَ جي رهبري ۽ رهنمائيءَ ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو. ان دور ۾ "فاني" صاحب جي شاعري به گل ۽ بلبل جي ذڪر کان منهن موڙي چڪي هئي.

شيخ اياز جو ڪلام پوءِ ماهوار رسالي "سندو" ۾ ڇپيو هو. ان وقت هن نه فقط شاعريءَ طرف توجهه ڏنو، پر ڪهاڻيون به لکندو هو. "سندو" ۾ جيڪي سندس ڪهاڻيون ڇپيون سي هيون. "سهڻي سير ۾" (سيپٽمبر ۱۹۴۲ع) "هڪ شمع جا ٻه پروانا" (ڊسمبر ۱۹۴۲ع) "ٻروچڪي رت" (جنوري ۱۹۴۷ع) اهي ڪهاڻيون نه رڳو اياز جو ادبي سرمايو آهن، پر سنڌي ادبي تاريخ جو به بيش بها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خزانو آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي اسان جي عظيم شاعر جي ابتدائي تخليق جون ڪڙيون آهن. اياز ورهاڱي کان اڳ شاعرن جي هيڏي وڏي سات مان اڪيلي سر آتي انقلابي گيت ۽ نغما سرجڻ لڳو هو، جي بيحد مقبول ٿيا.

سائين محمد ابراهيم جويو صاحب چوي ٿو تہ:

"اياز جا انقلابي گيت ۽ نغما سندس طالب علميءَ جي ڏينهن ۾ بہ ڳايا ويندا هئا.

او باغي او راڄ دروهي يـارت ۾ بلوي جا بانـي.

مون کي ياد آهي تہ پاڪستان کان اڳ، سنڌ جي صوبائي اليڪشن ۾ اياز ۽ بہ چار ٻيا دوست ڪراچي مان هڪڙي ريتي ڊوئيندڙ ڪتاري لاريءَ ۾ چڙهي ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ سيٽ لاءِ ڪامريڊ عبدالغفور جان سرهندي جي چونڊ لڙڻ واسطي گڏجي نڪتا هئاسين ۽ پورو مهينو ٿر جي پٽن ۾ ان لاريءَ جي ڊانڊي تي چڙهيا پٽڪندا رهيا هئاسين ۽ لائوڊ اسپيڪر تي اياز سان گڏ اياز جو گيت:

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!

جيئن زمين آسمان

جي ڪلي پئي زبان

ڪنڊ ڪنڊ، چونڪ چونڪ

شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ

جيئن ڏئي آتي جواب- انقلاب!

ڳائيندا رهيا هياسين."

شاعر جون ڪيڏيون نہ اڏول ۽ سگهاريون تخليقون هيون، جي وقت جي مزاج بدلائڻ جي پوري پوري طاقت ۽ سگهہ رکي سگهيون ٿي. هن انقلابي شاعر پنهنجون ڪويتائون لکي، ڪنهن مٽ ۾ نہ وڌيون، پر اهي وڏي واڪ پڙهيون.

شيخ اياز ١٩٤٧ع ۾"اڳتي قدم" نالي هڪ رسالو جاري ڪيو، جوسنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي تاريخ جي پهرين ڪڙي آهي. هن وڏي دليريءَ سان کليو کلايو رجعت پرستيءَ جي خلاف بغاوت ڪئي. ان وقت جي ملڪي ماحول کي مدنظر رکي، جيڪڏهن "اڳتي قدم" رسالي تي نظر وجهبي، تہ اهو اياز جو ان دؤر جو لافاني ڪارنامو نظر ايندو. هن رسالي جي هڪ پرچي ۾"سوچيو ۽ بغاوت ڪريو" جي عنوان هيٺ اياز جا خيالات ڏنل آهن. جن مان چند پڙهندڙن لاءِ پيش ڪريان ٿو:

"جڏهن عيد نماز ٿيندي آهي، تڏهن امير فخر مان خيرات ڪندا آهن ۽ ڪيئي غريب پينو، پنهنجي خودداري ڪچلي، انهن اڳيان هٿ ڦهلائيندا آهن.

امير صدقو ۽ زڪوات ڏيئي پنهنجي لاءِ بهشت ۾ جايون مخصوص (Reseve)Å ڪرائيندا آهن ۽ غريب بک وگهي چوري ڪري، دوزخ جي جنم ٽيپ ڪائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندا آهن تہ هڪ ڪرستان پادري ديول ۾ برسات پوڻ لاءِ دعا گهري چيو تہ: "مٺا مسيحا، تون هنن آدمين تي رحم ڪر جي برسات لاءِ دعا گهرڻ تہ آيا آهن، پر ساڳي وقت ڪنهن بہ ڇٽي نہ آندي آهي. تنهنجي رحمت مان دنيا جو اعتبار نڪري ويو آهي."

چوندا آهن تہ صوفي شاعر جو معشوق مذڪر آهي ۽ نہ مؤنث انجو سبب اهو آهي تہ سچي محبت صرف مرد سان ٿي سگهي ٿي ۽ عورت سان نہ.

صوفي سرمد بہ هڪ هندو ڇوڪري سان عشق ڪيو هو ۽ چوندو وتندو هو، "خدائي من ابهي چند است يا غير" يعني تہ منهنجو خدا ابي چند آهي يا ڪو ٻيو. بيڪس فقير جو ڪنعيي سوناري سان عسق مشهور آهي.

پر مان چوان ٿو تہ اسلام ۾ پردي جي رواج سبب صوفي شاعر ڌاري عورت سان محبت ڪرڻ جو وجهہ ڳولي نہ سگهندو هو، ۽ ان ڪري لاچار مرد سان محبت ڪندو هو. اجا بہ سنڌي شاعر جي ڪاليج ۾ نہ پڙهيا آهن. سي شعر ۾ معشوق کي مذڪر جو خطاب ڪندا آهن.

چوندا آهن تہ اڪبر جهانگير ۽ شاهہ جهان اسلام جا پر شوڪت ۽ انصاف پسند بادشاهہ ٿي گذريا آهن، پر خبر اٿو تہ اڪبر انارڪليءَ جي معصوم محبت کي ڇيپائي، ڪيس ديوار ۾ پورايو هو. باقي خود تہ مينابزار ۾ روز نئين راجپوت شهزاديءَ کي دام ۾ آڻيندو هو.

جهانگير هڪ وفادار سپہ سالار شير افگن کي مارائي، سندس زال نورجهان سان شادي ڪئي هئي.

شاهجهان تاج محل جي معمارن جا هٿ وڍايا هئا تہ جيئن هو ٻيو تاج محل نہ ٺاهي سگهن.

لعنت وجهو تاريخ نويس تي، جن دنيا جي شاهہ جهان کي ساراهيو آهي. هو تہ انسانيت جا خوني هئا، جن جون عمارتون ۽ مقبرا عوام جي ڏاڍي ڏکي محنت ۽ سادي سودي محبت جو مذاق اڏائي رهيا آهن، جن اشوڪ، ۽ اڪبر کي ساراهيو آهي، جن تاج محل ۽ قطب مينار تي صفحا سياہ ڪيا آهن. جن پاڻي پٽ ۽ مياڻي جي دليري ڇٽي آهي، تن تاريخدانن عوام جي جذبات سان مسخري ڪئي آهي. ڪين اها خبر نہ آهي تہ ڪيئن عوام جو لهو وهيو آهي. سندن پورهئي ۽ پيسي جو ناجائز فائدو ورتو ويو آهي.

ساراهہ آهي ان شاعر جي، جنهن شڪنتلا لکيو. ساراهہ آهي ان معمار جي، جنهن تاج محل جو نقشو ٺاهيو. ساراهہ آهي ان مصور جي جنهن اجنتا جي غار ۾ تصويرون ڪڍيون. ساراهہ آهي ان موسيقار جي، جنهن سرگم کي مڪمل ڪيو. لعنت آهي انهن تاريخدانن تي، جن شهنشاهن کي ساراهيو آهي. لعنت آهي شهنشاهيت ۽ جمهور دشمنيءَ تي. شاعر، معمار، مصور، موسيقار عوام جا خادم ها، جن عوام جي امر خدمت ڪئي آهي، شهنشاهہ عوام جا آقائون ها. هنيلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آقائون پورا لاخدائون.

اِهي آهن اياز جا ان وقت جا باغياڻا خيالات. تاريخ جا ورق تہ ڪولي ڏسو! اهڙو ڪو ٻيو مثال ڪٿي ملندو؟ پنهنجي نظريئي سان سچائي جو اهڙو ڪو ٻيو نظير نہ آهي؟ ايڏي بي ڊپائي ۽ سماج کي بدلائڻ جي سگهہ ۽ اهڙو روشني پکيڙيندڙ ڏيئو ڪو ٻيو هٿ ٻہ ڪٿي سگهيو هوندو؟

سائين ابراهيم جويي چوائي: ١٩٣٦ع ڌرسالو "اڳتي قدم" نڪتو، جنهن سنڌي ادب جي ترقي پسند لاڙن کي جاڳايو. گڏ ڪيو ۽ پاڻ پرو ڪيو. اياز ان رسالي جا فقط ٽي پرچا ڪڍيا، پر ان ٿورڙي حياتيءَ ۾، هن رسالي سنڌي ادب جي نک ۾ جا غلاميءَ جي ناڪيلي پيل هئي، اها لاهي ڦٽي ڪئي ۽ ان کي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجو مقصد راهہ ۽ پنهنجو ارادو عطا ڪيو.

اڳتي قدم کان هڪ قدم اڳتي وڌو ۽ اياز کي ڏسو تہ هو ڇا ٿو سوچي، هو پنهنجي ٻوليءَ جي خالي جهوليءَ کي ڏسي، وقتي طور مايوس بہ ٿئي ٿو ۽ اتساهہ پيدا ڪري ٿو. هو ڏسي ٿو تہ اسان جو ادب دنيا جي ادب سان برميچي نٿو سگهي. هو ڏسي ٿو تہ اسان جو ادب زندگيءَ جو ترجمان نہ آهي، هو اهو محسوس ٿو ڪري تہ ادب سماج کان ڪٽيل آهي. ادب کي فقط پنهنجي تسڪين لاءِ رچيو ويو آهي هتي ادب براءِ ادب تہ سرجيو آهي. پر ادب براءِ زندگي سرجڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ آهي."

هو انهن سيني ڳالهين تي سوچي ٿو. هن کي چوطرف ڪاري ٻاٽ نظر اچي ٿي ۽ ان ڪاري ٻاٽ جي ڪک مان هو هڪ سج اڀارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اسانجو ادب ڇا آهي.

وڏوا جو مــــــڙهـــ آهـــي ادب،
اڄڪــلــهـــ ســنــڌي ٻــولــيءَ جو.
ويــنــدو نــيــٺ وســـامــي هـــاءِ،
ٽـمـڪـي ٽـمـڪـي ڪـو ڏيـئـو!
ڪـيــسـين جلـنـدي رهـنـدي جوت،
ويـــري جنـــهـــن جو واچوڙو!
ڪـرنــدا آخر ڪــوٽ ڪـڏهــن،
مـــــارونـــڙا! او مـــــارونـــڙو!
ڀولـي ڳـولـي نـاهـي "ايـاز"،
ان جو وس فــــــقــط واڪـــو.

ڪهڙي تہ عجيب نفسياتي ڪيفيت آهي شاعر جي، هن ڪيڏو شدت سان محسوس ڪيو آهي. سنڌس اڪريل سٿون سنڌس درديلي ڪيفيت پڙاڏو آهن.

اياز اهڙي اونداهي دؤر ۾ ادب جي ان مڙهہ ۾ روح ڦوڪي ان کي جيارڻ جو وچن ڪري، اڳتي وڌي ٿو ۽ اسان کي اڳتي وڌي هلڻ لاءِ اتساهي ٿو. چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون نڪر جي ٿانو ۾ پاڻي پي رهيو آهين. مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾مٺي آڇيان ٿو. تون منهنجي مٺي کان ڇرڪين ٿو. ڇو ته تون انهيءَ بيٺل تلاءَ جي پاڻيءَ تي هري ويو آهين. توکي اهو ٻاڙو پاڻي گهر ويٺي ملي ٿو. تنهنڪري تون اها تڪليف به نٿو وٺين ته تون اهو شفاف جهرڻو ڳوليءِ لهين. جنهن جي پر تان تنهنجا وڏا ڪجهه صديون اڳ لڏي آيا هئا. مون انهيءَ ساڳئي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگورن جون وليون پوکي انهن جي ميوي جي رس مان هيءَ مٺي جوڙي آهي. تون انهيءَ مان چڪي چڪي ڏس شايد توکي امر ڪري ڇڏي.“

اياز جي جدوجهد جي انهن سبقن اڳتي وڌڻ جي اڏول يقين ڏيارڻ ۽ منزل تي پهچڻ، منجهيل ماحول کان بغاوت جي اعلانن ۽ انقلاب جي وڄايل نغارن جو آواز رجعت پرست جي ڪنن جا پردا ڦاڙي ذهن جي اونداهي غفا ۾ لهي ويو. هنن رڙيون ڪيون، هل هنگاما ڪيا ۽ سوين فتوائون جاري ٿيون. ”ادب ڪي آڙ ۾“ لکيا ويا. ڇاڇا نه ڪيو ويو.

ڏسو! دنيا وارو ڏسو! اياز جي سچ جو پورهيو ڏسو! اڄ نئين نسل جي هٿن ۾ ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاڀڙي“ ته آهي. ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ته آهي، ”وڄون وسڻ آئيون“ ته نظر ايندو. پر ”ادب ڪي آڙ ۾“ ڪنهن ڏٺو به نه هوندو. سچائيءَ جون تحريرون ساهه کڻنديون رهنديون آهن ۽ ڪوڙين فتوائن وارين ۽ بي بنياد تحريرون پنهنجي موت مري ويون آهن. اياز اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته قلم تلوار جي ڌار کان تيز آهي.

اياز مشاهدا ماڻڻ ۾ سڀ کان گهڻو آهي. هن جي اک جهڙي ٻي اک نه آهي. هن زندگي ۾ جيڪي پڙهيو ۽ پرجهيو آهي، اهو پنهنجي پڙهندڙ تائين رسايو آهي. هو هميشه جاڳيو آهي ۽ ٻين کي جاڳائڻ لاءِ بيت، گيت، وايون، غزل، نظم، دوها، ۽ همرچا وڏي واڪ پڙهي ٿو.

اياز جي ان سموري جدوجهد جو ڪاٿو ڪرڻ لاءِ ادبي تاريخ ته کولي ڏسو. ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ ۾ سائين ابراهيم جويي جو مهاڳ ته پڙهي ڏسو. ”خط انٽرويو ۽ تقريرون“ ۾ رشيد ڀٽي مرحوم جا خيالات ۽ ان دؤر جي ڪٿا ته پڙهو. پنهنجي منزل ۽ ماڳ تي رسڻ لاءِ اياز ڪيڏا ڪشالا ڪڍيا آهن. هو ڪٿي به ڍڏيو نه آهي. هن پنهنجو سفر جاري رکيو آهي ۽ ڀٽائي جي پوءِ کي مايوسيءَ جي غفائن مان ڪڍي چانڊاڻ جو ڏيهه ڏيکاريو ۽ روشن ڪيو آهي. هن ڀٽائيءَ سان تسلسل ڪيِ ملايو آهي.

آءُ ڀٽائي آءُ، تنهنجي کهه منهنجيون اکيون،
ڏس مون تنهنجو ڪينرو، پورئو ڪامي پاءُ.
ساڳيو جوڳ جڙاءُ، ساڳيا سڏڙا ساز جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگ ۾ هيس شاهه، شل مون کي سمجهي سگهين!
سنڌڙي تنهنجو ساهه، جرڪيو منهنجيءَ جيءَ ۾.

اياز جونظم هجي يا نثر، جڏهن بہ ان جو مطالعو ڪبو تہ اسان کي ائين محسوس ٿيندو تہ، هو اسان کي شڪارپوري لهجي کان وٺي ٿري، معياري ۽ لاڙي لهجن سان روشناس ڪرائيندو رهي ٿو. هو نثر ۾ ڳالهايل ٻولي Spoken Language ڪم آڻي ٿو. جنهن ڪري پڙهندڙ ان مان ايترو متاثر ٿئي ٿو، جو هن جي فن ۽ فڪر جو متوالو بڻجي وڃي ٿو.

اياز جي فڪر تي ھيءَ هڪ سطحي مضمون آهي. اياز جي فن ۽ فڪر جي گهرائي ۾ وڃڻ سان اسان جي دل ۾ اياز لاءِ بي پناه محبت ۽ پيار جو ساگر ڇوليون هڻندو آهي ۽ دل هميشہ چوندي آهي تہ اياز سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ هميشہ سنڌ ڌرتيءَ تي ٽلندو رهي.

جهڙيءَ طرح ٽالسٽاءِ جي موت کان ڏهہ سال اڳ، چيخوف ياٽا کي لکيو هو تہ مون کي ٽالسٽاءِ جي موت کان خوف ٿيندو آهي. ان جي موت تي منهنجي زندگي ۾ ويراني اچي ويندي، تهڙيءَ طرح اسان کي بہ اياز جي موت کان خوف ٿيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امير علي چانڊيو

”اياز“ جي شاعري- هڪ مطالعو

شيخ اياز جي شاعري تقريبن اڌ صديءَ تي پکڙيل آهي، اها صدي جيڪا پنهنجي جِلو ۾ ڪيئي جنگيون، بحران (Crisis) ۽ انقلاب رکي ٿي. انهيءَ صديءَ ۾ انساني تهذيب، تجريديت جي هڪ اهڙي نئين دؤر ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ اخلاقي قدر، مدنيت جا طريقا ۽ ثقافتي اظهار جا پراڻا طريقا ختم ٿي رهيا آهن. هيءَ صدي هڪ اهڙي صدي آهي، جنهن کي سائنسي ڪونيات (Cosmology) جي صدي سڏي سگهجي ٿو. سائنس جي همہ گير ڦهلاءَ حيات انسانيءَ جي ڪايا پلٽي ڇڏي آهي. آرام آسائش جا نوان وسيلا هڪ طرف ايجاد ڪيا ويا آهن تہ ٻئي طرف انهن جي استعمال انساني معاشري لاءِ اڪيچار مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. سائنس ايتري وسعت حاصل ڪري ورتي آهي جو ڏسندي ڏسندي ”زمان و مڪان“(Time and Space) جو قديم جهڳڙو، آئن اسٽائن جي نظريئہ اضافيت (Theory of relativity) ڪان پوءِ ختم ٿي ويو. علت ۽ معلول، جنهن تي قديم سائنس جا بنياد بيٺل هئا، سا جديد طبيعيات جي ڪُن ۾ غرقاب ٿي ويئي. هيءَ ڪائنات جنهن ۾ اسان رهون ٿا، سا روز تبديل ٿيندڙ ۽ غير معين آهي. نئين طبيعيات جي ڪري هائزن برگ جو نظريو آهي، جنهن مادي (Matter) جي ختم ٿيڻ جو اعلان ڪيو. عقل کي ناقابل يقين ۽ ناقابل وثوق قرار ڏنو. ايٽم (Atom) جيڪو ڪالهہ تائين جزو اڻ ٽٽ هو، سو ڪيترن ئي ٽڪرن ۾ تقسيم ٿي چڪو آهي. هينئر تہ ڊاڪٽر عبدالسلام جي نظريي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر عبدالسلام پنهنجي تجربن جي ذريعي مثبت ۽ منفي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Negative and positive) جو فرق ختم ڪري ڇڏيو. علم الفلڪيات جي ترقيءَ ڪائنات ۾ اونداها سوراخ Black-Holes جي راز تان پردو کنيو. ڪائنات کي معدوميت جي انڌيرن ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. ان ئي صديءَ ۾ انساني ٻڪي Em-bryo کي ماءُ جي پيٽ بدران ٽيسٽ ٽيوب ذريعي پيدا ڪرڻ جو ڪامياب تجربو ٿي چڪو آهي. انساني ٻڪي Embryo مان پنهنجي پسند جي جنس جو انتخاب ڪرڻ ۽ ان جي ٽيسٽ ٽيوب ۾ پرورش، ڊارون جي نظريي تي ٻهاڙ ڪيرائي ڇڏيا آهن. ٽيليفون ۽ وڊيو ريڪارڊر جي استعمال انسان تي نت نوان راز منڪشف ڪيا آهن. هوائي اڏامن ۾ جيٽ (Jet) کان ڪانڪارڊ(Concord) ۽ خلائي شٽل (Space Shuttle) تائين هڪ سلسلو آهي. ايڪس-ري کان بعد الٽرا سونو گرافي ۽ ليزر(Laser) جي دريافت ۽ ان جي ڪارنامن انسان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. نه صرف ايترو پر پراڻو صنعتي نظام ۽ اُن تي بيٺل بوسيده معاشرو جديد ۽ مخالف يوٽو پيائي Anti-utopian معاشري ۾ بدلجي رهيو آهي. هن صديءَ جو معاشرو عقليت پسندي، زياده پيداوار جو جنون ۽ خودڪار شينيت (Automization) تي بڌل آهي. هر شيءِ ٽيڪنيڪل ۽ هنري مهارت، ايتري قدر جو انتظاميه به عقلي بنيادن تي هلائي پيئي وڃي.

اپالو (Appollo) يارهن ۽ نيل آر مسترانگ ته هاڻي قصئہ پارينہ ٿي ويا آهن جنهن شاعر ۽ حساس ماڻهوءَ جي جمالياتي تسڪين جي مرڪز چنڊ، متعلق نئين ڄاڻ ڏني ته اُهو پُرندڙ مٽي، خشڪ پٿر ائين زمين ۽ بي آب وگياهہ ويراني کان سواءِ ڪجهہ نه آهي. اڄ ڪلهہ جي تهذيب ۾ سگريٽ، شراب خوري، هيروئن، مارفا، ميري جُوانا، ايل ايس ڊي، نائيٽ ڪلب ۽ انهن ۾ رمبا، جاز ۽ مائيڪل جيڪسن جي تيز ڌنن وارن نغمن تي بيٺڪي رقص کان سواءِ ٻيو ڇا آهي! ٻئي طرف ذيابيطس، بلڊ پريشر، هارٽ- اٽيڪ، ڪينسر ۽ ايڊز (Aids) آهن. اضمحلال، بوريت، نقاهت، (Depression) ته آهي ئي آهي. پرهيز جو هيءُ عالم آهي تہ سوچڻ تي ۽ جذبات کي قلمبند ڪرڻ تي به ڊاڪٽر کان اجازت وٺڻي ٿي پوي. اهڙي ڪيفيت واري ماحول ۾ شاعر جون ذميواريون ڪيتريون نه وڌي وڃن ٿيون.

ظاهر آهي جديد صديءَ جو جديد شاعر به ان پوري پس منظر جو حصو آهي اِن ڪري ڪجهہ حقيقتن جو هن بذاتِ خود مشاهدو ڪيو آهي ۽ ڪيترن حقيقتن جي ڄاڻ ٻين دستياب ذريعن وسيلي حاصل ڪئي اٿس. اِن پوري اڌ صديءَ جو ڪرب ۽ پيڙا هُو پاڻ به ڀوڳي رهيو آهي جديد نظرين جي يرمار ۽ ٻيا ڪيترائي حوالا ڪنهن سڄاڻ شخص کي مخمصي ۾ مبتلا ڪري ڇڏين ٿا. خود اهڙي پيچيده صورتحال ئي هڪ وڏو دردِ سر آهي. ان سان نبرد آزمائي ۽عهده برائي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمائينده شاعر جي سڃاڻ آهي. "اياز" جي شاعريءَ تي لکڻ ۽ ان جو ڪماحقہ احاطو ڪرڻ جڻ اڌ صديءَ جو احوال لکڻو آهي يا ان کي سندس شاعريءَ جي آئيني منهنجا ڏسڻو آهي. "اياز" جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي حوالا آهن. جن تي مڪمل طرح بحث ڪرڻ جي گنجائش هن مضمون ۾ نہ آهي.

سنڌ جي جديد شاعريءَ جا ابتدائي خدوخال بہ هن ئي صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ نکرڻ شروع ٿيا. پر اهي ايترو همہ گير نہ هئا جو پنهنجي دؤر جي نمائندگي ڪري سگهن. دراصل اهڙو مربوط تخليقي ڪم، جنهن کي پنهنجي دؤر جو نمائينده چئي سگهجي، ان جي ابتدا صديءَ جي آخرين اڌ ۾ ٿي ۽ اُن ڪم جو سهرو "اياز" جي سر تي آهي. اِهوئي سبب آهي جو "اياز" سنڌي شاعرائي ادب (Contemporary Sindhi poetry) کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي.

جڻ سندس شاعري، سموري جديد سنڌي شاعريءَ جو منبع يا سرچشمو آهي. نہ صرف ايترو، پر سندس شاعري اڃا بہ سنڌي شاعريءَ جي گلشن جي آبياري ڪندي پيئي اچي. "اياز" جي شاعريءَ جو جيڪڏهن ڇيد ڪرڻ ويهجي تہ ان ۾ ٿلهي ليکي ٽي رويا عام واضح نظر ايندا. اهي آهن؛

اشتراڪيت، انسان دوستي ۽ وطن پرستي (قوم پرستي اِن ۾شامل آهي).

"اياز" جي شاعريءَ ۾ اهي ٽي رويہ ڪو اتفاقن شامل نہ ٿيا آهن. پر اِن ۾ سندس شعوري ڪوشش جو عمل و دخل آهي ۽ ان جي پٺيان هڪ وڏو پس-منظر پڻ موجود آهي. "اياز" جنهن دؤر ۾ پنهنجي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي تہ ان وقت ٻي مهاڀاري لڙائي پنهنجي حشر سامانين سميت ختم ٿي چڪي هئي. هن جنگ ۾ پهريون ڀيرو ايٽم بم جو استعمال ڪيو ويو. ٻئي طرف غير منقسم هندستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ پنهنجي جوڀن تي هئي ۽ سنڌ بمبئيءَ کان آزاد هڪ جدا پرڳڻي جي حيثيت ۾ موجود هئي. اشتمالي انقلاب پنهنجا پير پختا ڪري چڪو هو. ان جي لهر پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو. ان ڪري هندوستان جا اديب ۽ شاعر بہ ان جي اثر کان بچيل ڪونہ رهيا. ايتري قدر جو ١٩٣٥ع ۾ ترقي پسند اديبن جي هڪ انجمن جو بنياد رکيو ويو. جنهن کي "انجمن ترقي پسند مصنفين" جي نالي سان موسوم ڪيو ويو. ۽ ان جا مقاصد ۽ منشور ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. ان وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف چند اهڙا شاعر هئا. جيڪي سڌيءَ طرح سماجوادي فڪر ۽ اشتماليت جي اثر هيٺ شاعري ڪرڻ لڳا. اهڙن شاعرن ۾ نارايڻ شيام، ڪيئلداس فاني ۽ شيخ اياز شامل آهن. اڃا جديد سنڌي شاعريءَ جو تاڃي پيٽو جڙي رهيو هو تہ مٿان هندوستان جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ لڏپلاڻ جو ويلو اچي ويو. سوين انسان هتان کان هُت ۽ هُتان کان هِت نقل مڪاني ڪرڻ لڳا. آزاديءَ جي اهڙي اثر هيٺ هندوستان ۾ نئين ماحول ۾ اجنبيت جو شڪار ٿيڻو پيو ۽ هر شيءِ وکري ويئي. نئون معاشرو ۽ نئون ماحول. جتي تهذيب ۽ سماجي اقدار هِن ديس کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف هئا. هتان جا متمول خاندان، هندستان ۾ مفلسي ۽ ڪلاشي جو شڪار ٿي ويا. اِن ڪري انهن جي ڪابہ ڪاوش تباهي ۽ بربادي واري ماحول ۾ با آور ٿيڻ مشڪل ڳالهہ هئي. پنهنجو ديس ڇڏي، پرديس وڃڻ وارن ڪي ڏاڍن ڏکن ڏاکڙن جو منهن ڏسڻو پيو. سنڌي شاعر هندوستان ۾ ڪٿو ڪٿو ٿي ويا ۽ معاشي جاکوڙ جي چڪر ۾ ڦاسي پيا. پويان سنڌ ۾ سمورو ميدان اياز لاءِ خالي ٿي چڪو هو. سنڌ ۾ سندس قد ڪاٺ جو ڪوبہ شاعر ان وقت موجود ڪونہ هو ۽ ٻئي طرف هو پنهنجي ئي ديس ۾ هو، اِن ڪري هو ڪنهن بہ اجنبيت جو شڪار نہ هو، جو ڪنهن ابتري chaos ۾ ڦاسي پوي. پر اياز پنهنجي لاءِ جيڪو طريقہ ڪار Line of action مقرر ڪيو هو، سو هو ان تان نہ هٽيو. ڪيس آزاديءَ کان پوءِ واري حالتن جو ڀرپور منظر Vision هو. اِن ڪري هن آزادي کان پوءِ واري ماحول سان ٺاهہ نہ ڪيو. پر ان جي خلاف ڀرپور ردعمل جو ڦهلاءُ ۽ واڌاري لاءِ سچي مقصد ۽ سچي لڳاءُ سان ڪم ڪندو رهيو. يا ائين ڪئي چئجي تہ واڇوڙن ۾ لاٽ ٻاريندو رهيو. اياز ترقي پسند فڪر کي مختلف حوالن ۽ علامتن جي ذريعي عام ڪندو رهيو. سندس ان دؤر جي شاعريءَ ۾ سمورو زور سماج وادي ۽ انسان دوستيءَ تي رهيو آهي. اِها انسان جي محبت ئي آهي، جيڪا اياز کي هڪ ئي وقت سماجوادي ۽ رومانويت پسند بڻائي ٿي. ڀلا انسان کان زياده رومان ڪائنات ۾ آهي بہ ڪٿي؟ اِهوئي سبب آهي جو اياز رومان جي علامت بڻجي اڀري ٿو، جنهن ۾ انسان دوستي ۽ سماجوادي فڪر ملي هڪ ٿي وڃن ٿا.

صنوبر جي سايي ۾ ويهي رهون،
چَمي جيئن سکهي چنڊ تنهنجو ڇڳون،
گهڙي لئي گناهِ محبت ڪريون،
نہ شايد وري زندگيءَ ۾ ملون.
سنڌ ۽ جسم جي اجنبي آرزو،
سندم روح ۾ اِئن ڦري ڪو ٻڪون،
جيئن رڻ ۾ ڪائي هرڻي ڦري،
ڪري ڪنهن مٺي نهر جي جستجو.
هلي آءُ آغوش ۾ نازنين،
تمنا سدا آهہ جنت نشين،
محبت گنهگار آ پر حسين،
پرين، او پرين، او پرين، او پرينِ!
ڪٽان آئي آهين ڪٽورا ڪٽي،
قريب اچ تہ تنهنجي اکين کي چمي،
پيئان ڳيت سان زندگي جي ڇُڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـلـي آءُ اي هـيـر پـنـجاب جي،
پيـاريـنـم پنهـنـجي اکين مـان شـراب،
چني ڏينم پنهنجي چپن مـان گـلاب،
نـہ آ کـو حـسـين جسـم جهـڙو ثواب،
گـنـهـگـار آهـيـان مـگـر لاجواب.

ويهين صديءَ کي جيڪڏهن پوئين اڌ کان ڪاٽا ڪري ڏسجي تہ اُها اڳين اڌ جي مقابلي ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ ويران ۽ اجڙيل معلوم ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ ان دؤر ۾ تقليدي ڪلاسيڪل رجحان جو زور هو، جنهن ۾ آزادانہ شاعرائي حساسيت جي کوٽ هئي. ان دؤر جي نمائنده شاعرن، گدا، قليچ وغيره جي شاعريءَ ۾ هڪ طرف غنايت (Lyricism) جي اڻاٺ هئي تہ ٻئي طرف اُها پنهنجي موضوع ۽ هيئت ۾ تجريديت جو شڪار هئي. اُن وقت جي شاعريءَ ۾ سطحيت، آورد ۽ ناصحانہ انداز غالب هو. ان دؤر جي شاعري جعلي ڪلاسيڪيت (Pscudo classicism) جي بگاڙ جو شڪار رهي آهي. فني باريڪيون، لفاظي، لساني اصولن ۽ روايتي گهاڙيٽن جي سختيءَ سان پابندي کي ئي معراج ڪمال سمجهيو ويندو هو. خيال جي علويت، تخليقي صلاحيت ۽ فڪري بلنديءَ ڏي توجهہ نہ ٻئي ڏنو ويو. شاعري زياده تر ناصحانہ ۽ طنزيہ هئي، جنهن ۾ مذهبي جوش، سياسي تنقيد ۽ ذاتي هجو عام هئي. اِن دؤر جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي ٻين جزيئات کي اهميت حاصل ڪانہ هئي. فطرت جو ذوق، قدرتي نظارا، خوبصورت گوناگون زندگي ۽ عام ماڻهوءَ جي حياتي کي نہ صرف نظرانداز ڪيو ٿي ويو پر شاعري اجاين صوفيانہ خيالن جي هٿ ۾ يرغمال بڻيل هئي. هر ڳالهہ کي ڇڪي تاڻي وحدت الوجود جي فلسفي سان ملايو ٿي ويو. اهڙي شاعري غير لچڪدار، محدود ۽ غير وسعت پزيرهئي، جو ان جي ذريعي جذبات جي شدت ۽ تخيل جي زور کي سمائي سگهجي. ان دؤر ۾ اياز جي شاعري روايتي گهاڙيٽن ۾ نئين شراب وانگي نظر اچي ٿي. سندس روماني خيالات بہ جاندار آهن. اچو تہ سندس روماني شاعريءَ تي هڪ طائرانہ نظر وجهندا هلون:

جلـد اچ چنـڊ رات آ مـنـڙا،
هـر خوشـي بـي ثـبـات آ مـنـڙا،
OOO
گـل ڇڻـن تـا شـراب تـو ڇلـڪـي،
ڇا سـنـدءِ بـات بـات آ مـنـڙا،
OOO
مـرمـريـن جسـم، احـمـريـن اکـڙيـون،
هـاءِ! تـنـهـنـجو شـبـاب ويـجهـو آءُ.
OOO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شــبـنــمر آلـود لــب كــشــي مــون وٽ،
مـــثـل بــرگِ گـــلاب، ويــجهـــو آءُ.

OOO

نـہ مـاهتــاب، نـہ هـو آفـتــاب آ، ســائـين!
مـگـر ايــاز كـيــو انـتــخاب آ، ســائـين!

OOO

اسـان جي روح ۾ جنهن جي نفـيس خوشبـو آ،
اُهــو بـدن بــہ مـــثــالِ گـــلاب آ، ســائــين!

OOO

بي كـيف آ فـضـائي گلسـتـان، كـڏهن تـہ آءُ،
اي مــوسـمِ بـهــار گـريـزان، كـڏهـن تــہ آءُ.

OOO

تـولاءِ كـالـهــہ رات ڏنـو جام مـئـي پـيـام،
نـايـاب آهــہ راحـتِ انـســان، كـڏهـن تــہ آءُ.

OOO

مـــشـك بُوتـي ويـو هـو مـنـهـنـجو چمـن،
تـنـهـن جي زلـفـن ۾ لـيـٽـي پـئـي هـئـي رات.

OOO

تنهنجي من ۾ منهنجو ديرو، مُنهنجي من ۾ تنهنجو آكيرو،
تون منهنجي آن توڙي اُجلي، مان تنهنجو هان توڙي ميرو.

OOO

رات اسان رابيل سنگهي سي، هن جي تن سان پيٽ كٿي سي،
رنـگ روپ ۾ وَن واس ۾، مـنـــڙو يـار 'ايـاز' مـــٺـــيـرو.

اياز پنهنجي رومانويت ۾ پنهنجي ڏوهِ جوانيءَ جي جذبن جو اظهار نهايت خوبصورت پيرائي ۾ كيو آهي. پوءِ اهو خواهہ غزل هجي يا نظم هجي يا گيت هجي. اياز نهايت فنكاريءَ خوبصورت انداز ۾ سنڌي شاعري ۾ ممنوع Taboo جي پابندين كي جهنجهوڙيو آهي. اهڙي قدم كڻڻ لاءِ هو كو فاحش Vulgar نہ ٿو ٿئي. ۾ روايت جو هك تسلسل آهي، جنهن كي كٽي هو اڪتي هلي ٿو. ۾ روايت جي اهڙي تسلسل كي ورتڻ لاءِ جيكو ڏانءُ گهرجي، سو اياز وٽ ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو ۽ هو ان كي پوريءَ طرح نڀائي ٿو.اِها كيڏي نہ وڏي ڳالهہ آهي جو اياز روايت كي نئون روپ ڏيئي، ان ۾ جدت پيدا كري ٿو. هُو اوپرن ۽ ڏارين لفظن جي بدران مقامي ۽ مانوس لفظ كتب آڻي، اِهو سڀ كجهہ كري ڏيكاري ٿو. مثلا گلاب،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوسه، دهن ، لب وزلف وغيره. اياز انهن جي جاءِ تي پنهنجي زبان جي عام استعمال جا لفظ ڪم آڻي، هڪ طرف شعر ۾جدت پيداڪري ٿوته ٻئي طرف ممنوع Taboo ڪي به جهنجهوڙي رکي ٿو. اچو ته اياز جو هيءُ شعر ڏسون.

چپ چميءَ لئه ايريا، سامهون آهي چوڏهينءَ چنڊ،
کهڙو سندر سپنو آهي، جيون جو سپنو.
تنهنجي ڇاتي آتي آتي، نيڻ به تنهنجا نينڊ،
ڏانهون ڏانهون تنهنجون ٻانهون، پيار پلين تي ڇو.
اوءِ اسان ڏي چنڊ نه اهڙا ليئا پاءِ ميان،
چرڪ پري جاڳي نه پوي، اَسپرين هاڻ سُتو.

هن غزل ۾ اياز جنهن رنگ ۾ محبوب جي جوانيءَ جي واکاڻ Appreciation ڪئي آهي سا داد لائق آهي. عاشق جا چپ چميءَ لئي آتا هجن ۽ سامهون محبوب به چوڏهينءَ چنڊ جهڙو هجي ته پوءِ واقعي جيون کان وڌيڪ سندر ٻيو کهڙو سپنو ٿي سگهي ٿو! اها هڪ آفاقي حقيقت آهي، جنهن جو اپٽار اياز جي متئين شعر ۾ ملي ٿو. اياز جو اِهو سندر سپنو انساني حسن جي دلڪش جذبي مان سرججي ٿو.

رات جي وقت تنهنجي عُرياني،
اُن ۾ پري تُوبهار ۾ هر گل،
پر تو و ماهتاب آ گويا.
ڏس ته تنهنجو شباب آ گويا.

مرمرين جسم، احمرين اکڙيون،
ياد آيو اياز ڪي هو جسم،
هاءِ تنهنجو شباب ويجهو آ.
اي شبِ ماهتاب ويجهو آ.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جنهن محبوب جو تصور ملي ٿو سو نسواني محبوب آهي ۽ اياز جنهن محبوب جو ذڪر ڪري ٿو، سا ڪا پرستان جي پري نه آهي، پر مٽي ۽ گوشت جي ٺهيل عورت آهي. اياز جي عشق جومحور عورت آهي ۽ سندس تصور به عورت جو جسماني ۽ جنسي تصور آهي. اياز جو عشق ڪو افلاطوني يا يوٽوپيائي (Utopian) عشق نه آهي. پر هو اهڙي محبوب جو متلاشي آهي، جيڪو انساني احساس ۽ جذبن جوعڪاس هجي. اياز جنهن عشق جي ڳالهه ڪري ٿو، ان جو بنياد صوفيانه توارد تي نه پر فرائڊ جي عاشقاڻي Erotic ۽ معمه حل ڪندڙ Oedipus complex تي آهي.ٻئي طرف فارسيءَ اڙدو شاعريءَ ۾ مرد پرستيءَ جو غلبو رهيو آهي. پر اياز وٽ اهڙو ڪوبه تصور نٿو ملي، جيڪو هن ڄاڻايل مٿين شعري روايتن مان حاصل ڪيو هجي. سنڌي شاعري جيڪا منڍ کان وٺي هندي ۽ سنسڪرتي شاعريءَ کان متاثر رهي آهي، تنهن ۾ اُهي ئي روايتي تصورات موجود آهن، جيڪي هندي شاعريءَ کان سنڌي شاعريءَ کي ورثي ۾ مليا آهن. اِن ڪري

هندي شاعريءَ جي حوالي سان سنڌي شاعريءَ ۾ محبوب جو تصور نسواني رهيو آهي. اِن ڪري اياز وٽ به اهڙو ئي تصور هئڻ قدرتي ڳالهه آهي. البت ايترو فرق ضرور آهي، جوهندي شاعريءَ ۾ عورت کي اهڙو مقام ڏنو ويو، جيڪو شايد پوري دنيا جي شاعريءَ ۾ موجود نه آهي.هندي شاعريءَ ۾ عورت کي سيتا، پاروتي ۽ پيا اهڙا روپ ڏيئي، مذهبي تقدس ڏنو ويو. ڪيس ديويءَ جي مقام تي رسائي، ان جي پوڄا ڪئي ويئي. اياز وٽ محبوب جو تصور نسواني ضرور آهي، پر اُهو هندي تصور کان جداگانه آهي. اياز وٽ جيڪا جماليات آهي سا به لذت پسند Hedon-istic آهي. ان جو سلسلو به سندس تصورِ حسن سان ڳنڍيل آهي.

اياز جنهن دؤر ۾ غزل لکڻ شروع ڪيو ته اُهو دؤر واقعتاً غزل جو دؤر هو. سنڌ ۾ طرحي مشاعره ۽ انهن جو رواج غزل جي مقبوليت جي نشاندهي ڪن ٿا. ظاهر آهي سنڌ جي اڪثر شاعرن جو توجهه به غزل تي ئي مرڪوز رهيو آهي ۽ هر ڪس و ناڪس ان صنف ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳو. اهڙي ماحول ۾ اياز به غزل کان ڪيئن ٿي پاسي رهي سگهيو. غزل جيئن ته مقرره هيئت (Form) واري صنف آهي، اِن ڪري ڪنهن به طرح اياز لاءِ اهوممڪن نه هو ته ڪو هو ان ۾ هيئتي تبديلي آڻي سگهي. البت اهڙي ماحول ۾ اياز پاڻ کي هرويرو نيٺ روايت پسند غزل گو سڏائڻ پسند نه پئي ڪيو. ان ڪري هن پنهنجي غزلن ۾ روايتي تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين جي جاءِ تي نيون تشبيهون ۽ نوان استعاره آڻي پاڻ کي متعارف ڪرايو ۽ غزل کي هيئت جي تبديلي کان بغير جدت سان روشناس ڪرايو. گويا اياز، سانگيءَ کان پوءِ پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جديد سنڌي غزل جو بنياد رکيو. ڇاڪاڻ ته معاشرت جي قديم تصورن ۾ ئي انقلابي تبديليون اچي ويون هيون، ان ڪري انهن تصورن کي غزل ۾ سمائڻ لاءِ ٻوليءَ کي به نئون رنگ ۽ نئون روپ ڏيڻ ضروري هو.

The modern poet has the task of rehabilitating a tired and drained language so that it can convey meanings once more with force and with exactitude. This task of qualifing and modifying language is perennial, but it is imposed on the modern poet as a special burden.

جتي اڳي سورنهن سينگار جون شيون،ميندي، مِسي مساڳ ۽ ڪجل وغيره تي مشتمل هيون، اتي شيمپو، روش، مسڪارا ۽ ٻين ڪيميائي شين جورواج عام ٿي ويو. ايتري قدر جو محبوب جي روايتي زلفن جي ڪيفيت به اها نه رهي،جيڪا تيل سان ڳنڍيل وارن جي هئي. اهڙي ماحول ۾ اياز بحيثيت سرخيل (Pioneer) شاعر جي پنهنجي ذميوارين کي محسوس ڪيو ۽ سنڌي غزل کي جدت سان روشناس ڪرايو. هڪ طرف اياز غزل جي زبان کي نئون رنگ ڍنگ ڏنو ته ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف هن غزل جي بحر ۽ وزن ۾ به هڪ نئون موڙ ڏنو. اياز پنهنجي غزلن ۾ عموماً روايتي ڏکين بحرن ۽ رڪنن کان اجتناب ڪيو آهي. ان لاءِ نه ته ڪو اهي اياز لاءِ ايترا مشڪل هئا. جو انهن ۾ ڪجهه لکي نه پئي سگهيو. پر اهو به سندس جدت طراز طبع جو هڪ ڪارنامو آهي ته هن صرف اهڙا وزن ڪنيا آهن. جيڪي سنڌي شاعري ۽ ان جي غنائي قدرن سان بلڪل لهڪندڙ آهن يا ويجها آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي صوتي لحاظ کان نهايت نرم ۽ ملائم ٻولي آهي. ان ڪري اُها عربي يا فارسي صوتيات جي اصولن تي ٻڌل وڏا وڏا ۽ ڳرا بحر آسانيءَ سان هضم نه پئي ڪري سگهي. اهو ئي سبب آهي جو اياز ٢٣ بحرن مان صرف چند منتخب بحرن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. پر پوءِ به هُو انهن ۾ سنڌي موسيقيءَ واري لئي کي ڇُهو ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح ڪامياب ٿيو آهي.

نـه مـاهـتـاب، نـه هُو آفـتـاب آ، سـائـين!
مـگـر ايـاز ڪـيـو انـتـخاب آ، سـائـين!
اسان جي روح ۾ جنهن جي نفيس خوشبو آ،
اُهـويـدن بـه مـثـالِ گـلاب آ، سـائـين!

هن غزل ۾ آفتاب ۽ ماهتاب ٻه اهڙا لفظ آهن. جيڪي قديم ۽ ڪلاسيڪي غزلن ۾ عام ملندا ۽ انهن جو ايترو ته ورجاءُ ٿي چڪو آهي جو ڇڻ اهي گسي ويا هئا. انهن جي هر هر ورجاءُ قاريءَ کي ايترو ته پريشان ڪيو آهي جو هو ڪا به توجهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي. انهن لفظن جي هر هر ذڪر، قاريءَ کي آسمان ۾ نظر ايندڙ ماهتاب ۽ آفتاب ڏانهن متوجهه پئي ڪيو آهي. پر باوجود غور و فڪر جي به ڪيس انهن ۾ ڪا اهڙي خاص ڪشش معلوم نه ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته هو روزانو آفتاب ۽ ماهتاب کي آسمان تي اڀرندو ۽ لهندو ڏسي ٿو. ان تي باريڪ بينيءَ سان غور ڪري ٿو، پر انهن ۾ ڪيس ڪا به اهڙي نئين ڳالهه نظر نه ٿي اچي،جنهن کان هو متاثر ٿئي. ڇو ته هُو انهنکي روزانو ڏسي ڏسي تقليل افاديت (Diminishing utility) جو شڪار ٿي ويو آهي. حالي هتي جيڪڏهن اياز جي جاءِ تي ٻيو ڪو پراڻو شاعر هجي ها ته ضرور آفتاب ۽ ماهتاب جو ورجاءُ روايتي معنيٰ ۾ ڪري ها. ٻئي طرف اياز لفظ ته اُهي ئي ڪتب آندا آهن، پر انهن جواستعمال ڪنهن به تقابلي يا تشبيهي معنيٰ ۾ ڪم نه آيو آهي يا ڪٿي ايئن چئجي ته اياز هتي آفتاب ۽ ماهتاب کي تشبيهي انداز ۾ ان ڪري استعمال نه ڪيو آهي،جو انهن جو تشبيهي حسن هر هر جي ورجاءُ ڪري گهٽجي ويو آهي.ان ڪري اياز ڪوشش ڪري اُهڙيون تشبيهون ڪم آنديون آهن جو اِهي قاريءَ کي بور به نه ڪن ۽ حقيقت (Realty) جي ويجهو به هجن. ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه جوپڙهندڙ سائنسي دور ۾ رهي ٿوءِ ڪيس خبر آهي ته آفتاب هڪ وڏو قدرتي ايٽمي ري ايڪٽر Atomy reactor آهي. اِن ڪري هو اهڙي فينٽيسي Fantasy کي ڪڏهن به قبول نه ڪندو ۽ نه ئي ان مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو حظ حاصل ڪندو. ٻئي طرف ڏسجي ٿو ته جڻ شاعر قانونِ تقليل افاديت کان پوريءَ طرح واقف آهي. ان ڪري ئي هو آفتاب ۽ ماهتاب جي نفي ڪري ٿو ته نه بابا! نه ڪو هو آفتاب جي تشبيهي انداز کي نظرانداز ڪري، حقيقت پسنديءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ انسان ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ انسان ئي اشرف المخلوقات آهي. غزل جي مطالعي ۾ ئي اياز جديد غزل جي تقاضائن جو پورو پورو خيال رکيو آهي. ٻي مصرع ۾ 'نفيس خوشبو' جو 'بدن گلاب' سان تلازمو ڇا نه هڪ جهڙائي پيدا ڪري ٿو. اياز حسن جو اطباق پنهنجي محبوب تي ڪري ٿو ۽ سندس محبوب جو حسن ئي سندس سوال جو جواب آهي.ڪيڏو نه نازڪ ۽ نفيس خيال آهي. 'اياز' سوال ڪري ٿو ته 'خدا ڇا آهي؟' جواب آهي 'حسن' يعني ٻين لفظن ۾ 'حسن' ئي خدا آهي. 'اياز' 'حسن' لفظ ڪم آڻي، هڪ طرف خدا جي وجود جي شاعرائي تعريف ڪئي آهي ته ٻئي طرف فلسفه جماليات جي هڪ اهم ۽ خاص الخاص موضوع کي ڇيڙي ڇڏيو آهي. شعر هڪ طرف تمام خوبصورت آهي ته ٻئي طرف اهم پڻ. يوناني 'حسن' جي تعريف ڪندا هئا ته حُسن خدا آهي ۽ خدا حُسن آهي. Beauty is God and God is beauty نه صرف ايترو پر اها تعريف گهڻ وڌ مسلمان صوفين وٽ به عام آهي. صوفي مفڪر چوندا آهن ته "الله جميل" يعني الله جي تعريف ڇا آهي؟ 'حسن' يا 'سهڻو'! افلاطون به تقريبن ايئن ئي چيو آهي ته "هر اُها شيءِ حسين آهي، جيڪا حقيقت اوليٰ سان متعلق آهي." نه صرف ايترو پر افلاطون ته وجود مطلق کي ئي 'حسنِ ازل' سڏيو هو. مشهور نو-اشراقي فيلسوف فلاطينوس به پنهنجي فلسفي جو بنياد ان تصور تي رکيو آهي. نواشراقي مسلمان فلسفي فارابي، اخوانِ صفا ۽ ابن سينا وغيره سڀ ان تصور جا قائل هئا. ايراني صوفي شاعرن 'وجودِ مطلق' 'حسن ازل' کي 'شاهدِ حقيقي' يا 'محبوب ازلي' سڏيو آهي ۽ اِهي صوفي شاعر ڪائنات ۾ هر جاءِ ان حسن جو جلوه ڏسن ٿا. عطار چوي ٿو:

تاب در زلف و وسمه درابرو- سرمه درچشم و غازه بر رخسار،
رنگ در آب و آب درياقوت- بوئي در مشک و مشک در تتار.

(تنهنجي وارن ۾ تاب ۽ ابروءَ ۾ ڪاراڻ/ ڪجل
اکين ۾ سرمو ۽ ڳلن تي لالي لڳل
ايئن جيئن پاڻيءَ ۾ رنگ ۽ ياقوت ۾ پاڻي
مشڪ ۾ خوشبو ۽ مشڪ به تاتار جي.)

حافظ شيرازي چوي ٿو:

اگر برقع برافگندي ازان روئي چومه روزي،
مدام از نرگسِ مستش جهان پر شور شر بودي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جيڪڏهن تون پنهنجي چنڊ جهڙي چهري تان برقعو لاهين
تہ سارو جهان تنهن جي مست اکين جي نرگس سان سدائين
شور شر ٿي وڃي.)

'عرفي' جو خيال آهي:

برافگن پرده تا معلوم گردد،
کہ یاران دیگری رامي پرستند.

(پردو مٿي کر تہ خبر پوي تہ يار
ٻئي ڪنهن جي پرستش ڪري رهيا آهن.)

'نظيري' اِن ڳالھ کي اڃا وڌائيندي چوي ٿو:

یک چراغ است درین خانہ واز پر تو آن،
هر کجا مي نگري انجمني ساختہ اند.

(هن گهر ۾ هڪڙو ڏيئو آهي جنهن جي لاٽ ۾
جيڏانهن بہ ڏسين هڪ الجهن ٿاهي آهي.)

'صائب' چا ٿو چوي:

تو بصد آئینہ از دیدنِ خود سیر نئہ،
من بہ دوچشم ز دیدارِ توچون سیرشوم.

(تو سؤ ڀيرا آئينو ڏٺو آهي، پر پنهنجي ڏسڻ مان ڍءُ نہ ٿيو اٿئي.
مان فقط ٻن اکين سان تنهنجي ديدار مان ڍءُ ڪيئن ڪري سگهندس.)

'نظيريءَ' جو هيءُ خوبصورت شعر اِن ڏس ۾ پيش ڪجي ٿو:

هر شب برلب و رخسار و گیسومي زنم بوسہ،
گل ونسرین وسنبل راصبا درخرمنِ است امشب.

(ساري رات تنهنجي چپن ڳلن ۽ وارن کي چميون ڏئي رهيا آهن،
۽ گلن نسرين ۽ سنبل جي جهڳٽي ۾ اج رات واءُ گهلي رهيو آهي.)

'اياز' جو نظريئہ حسن، سندس پوري شاعريءَ ۾ نمايان آهي. اِها ہي ڳالھ آهي تہ 'حسنِ مطلق' موضوعي بہ آهي تہ معروضي بہ- پر اياز جنهن حسن جي تصور جو قائل آهي، سو زياده تر معروضي آهي ۽ جامد آهي. جامد اِن لحاظ کان تہ 'اياز' جنهن حسن جي تصور جوقائل آهي. اِن جو بنياد فرائڊ جي نظريي تي آهي. فرائڊ جو چوڻ آهي تہ 'حسن جنسي خواهش جي تخليق آهي.' ٻين لفظن ۾ ڪٺي ايئن چئجي تہ اياز نسواني حسن جو دلداده آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مــــثـل بــوٺــي بــهـــــار آئــي آ،   تنهنجي اکڙين جو مئي وسائي آ.
جنـهـن بـنـان زنـدگـي اجائـي آ.   مــسـت و بـيـخـود سـڄي خدائـي آ.

تنهنجي من ۾ منهنجو ديرو، منهنجي من ۾ تنهنجو آکيرو.
تون منهنجي آن توڙي اجلي، مان تنهنجو هان توڙي ميرو.
رات اسان رابيل سنگهي سي، هن جي تن سان پيٽ ڪٺي سي،
رنـگ روپ ۾، ون واس ۾، مـــنـــڙو يـار 'ايـاز' مـــتـــيـــرو.

'اياز' جي شروع واري غزلن ۾ غزل جون سڀ خوبيون بدرجئہ اتم موجود آهن. سهلِ متمنع، رفعت تخليل، گهرائي ۽ گيرائي، حسن و عشق، معنٰي و مفهو، غمِ يارو غمِ روزگار ۽ ساغر و شراب مطلب تہ غزل جا ڪُل لوازمات موجود آهن.
اڄو تہ اوهان جي ياد تازه ڪرڻ لاءِ 'اياز' جي غزلن مان چند بند ڪٺون؛

تــسي جلـــي آگ عـــــشـــق جي مـــــون ۾،
حـــســـن جو انـــتـــخاب آهـــيـــان مـــان.

OOO

هر حـقـيـقـت کـان مٺي آهي مجاز،   هاڻ ڪٺـو سـاري خدائي پئي آتـو!
هر عـبـادت کـان چڱو آهي شـبـاب.   مون کنيون آهي فقط چنگ ور باب.

OOO

ســــيـــرِ ديــرو حـــرم 'ايـــاز' ڪــري،
بـــهـــتـــر آ کـــوئـــي يـــار، مـــونـــي آءُ.

OOO

بـغـاوت ڪـئـي آ مـــون ديـرو حـــرم ســـان،
جهـڪـايـان ڪـٺي مـان جبين تون ڪٺي آنهہ.

مان هن ڪان اڳ ۾ بہ اِها ڳالهہ لکي آيو آهيان تہ 'اياز' هڪ جدت طراز شاعر آهي. اِن ڪري ان کي غزل جو ئوس روايتي روپ پسند نہ آيو.هن چاهيو تہ هو ان ۾ ڪونہ ڪو تجربو ڪري جيڪو محض تجربي جي حد تائين نہ هجي، ۾ ان کي سندس متاثرين جو حلقو پڻ آزمائي ۽ حقيقتن تيو بہ ايئن آهي تہ موجوده نوجوان شاعر سندس اهڙن تجربن مان مستفيد ٿين پيا. جڏهن تہ 'شيخ اياز' اهڙي تجربي جي ابتدا شروع ڪان ئي ڪري ڇڏي هئي، ۾ هن رفتار کي ڪجهہ آهستي رکيو تہ جيئن جديد غزل، جدت جي منزلن کي ڇهڻ لڳي تہ پوءِ ئي ان ۾ نئين تجربي جي گنجائش پيدا ڪري سگهبي. ان ڪري 'اياز' پنهنجي ان نئين تجربي ۾ پنهنجي غزل مان 'تغزل' کي خارج ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ فارسي، اڙدو خواه سنڌيءَ جي غزل گو شاعرن جو سمورو زور ۽ ڪوشش 'تغزل' تي صرف ٿيندي هئي. هر ڪو شاعر اِهائي ڪوشش ڪندو هو تہ هو 'تغزل' کي پائي سگهي. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف 'تغزل' 'لڪير جو فقير' جي مصداق هو، نه ان جي قالب ۾ ڪا انقلابي تبديلي آڻي ۽ نه ئي ان جي بيان، ان جي زبان ۽ اسلوب ۾ ئي ڪو فرق آيو. 'تغزل' پوريءَ طرح تصنع جو شڪار ٿي چڪو هو جنهن ۾ صرف معشوقن سان ڳالهه ٻولهه ڪي ئي سبب ڪجهه سمجهيو ٿي ويو. نتيجتن شعرن مان شعريت غائب ٿي ويئي ۽ غزل مان ڪيف و سرور وارو حصو ختم ٿي ويو هو نه صرف 'اياز' پر عام طور قارئين به ان مان تنگ ٿي چڪا هئا. غزلن مان آفاقي لهجو (Cosmic note) مفقود ٿي ويو. ان ۾ عبرانيت (Hebraism) تخصيصيت (Particularism) ۽ تثنيت (Dualism) جا محرڪ اجا تائين تيزيءَ سان ڪار فرما ها.

ٻئي طرف 'اياز' ڪي به 'تغزل' نه آڙيو. ڇاڪاڻ ته سنڌي عروضي شاعريءَ جي خالق 'گل' به پنهنجي غزل مان 'تغزل' ڪي اوپرو سمجهي ڪڍي ڇڏيو هو. ان مان لڳي ٿو ته شايد 'تغزل' جو عنصر 'اياز' جي خيال ۾ به سنڌي شاعريءَ سان ٺهڪندڙ نه آهي، اِن ڪري هُن غزل ڪي به ان مان آزاد ڪرايو.اِن ڪري 'اياز' 'تغزل' جي بجاءِ پنهنجي پوءِ واري شاعريءَ جو بنياد ٽي-ايس-آيلئٽ (T.S.Eliot) واري ڏسيل خارجي لوازمات (Objective Corelatives) مجازيت (Symbolism) ۽ مقامي تمثيل (Local allegory) تي رکيو آهي ۽ ان کي سنڌي Sindhinize ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اچو ته ڏسون 'اياز' پنهنجي غزلن ۾ پنهنجي نئين تجربي کي ڪيئن ڪتب آندو آهي.

آڻ ٽيٽي کي چاهين، تنهن جي ٽيٽي سان نه پوي،
ڏس ٽيٽي جون ٽوٽيون ٽنيا! ڪنهن کي ڳولين ٿو.

دانهون ٿو درياهه ڪري، ٻڌ ڪَن ڪَن جا ڪڙڪا،
ٻيڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ اوٻوڙا ڪنهن کي ڳولين ٿو.

هيءَ سَيَنَ نه ڏيندي چين، اٿي ڏس! ڪوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اچايو آ پيارا.

هيءَ پنهنجي ڪرٽي ڀرٽي آ، پر سنڌ اياز نه مرٽي آ،
آخر هيءَ رات گذرٽي آ، تو ڇو گهٻرايو آ پيارا.

اهڙيءَ طرح 'اياز' جا ٻيا به ڪيترائي غزل آهن، جيڪي اِن تجربي جي نشاندهي ڪن ٿا.هونئن ته موضوع ۽ معروض جي خوبصورت اتصال مان ئي خوبصورت غزل سرجندو آهي، پر 'اياز' پنهنجي موجوده تجربي ذريعي غزل مان موضوع يا داخلي عنصر کي ڪڍي هڪ نئون رجحان تخليق ڪيو آهي. 'اياز' غزل ۾ جنهن تجربي جو بنياد رکيو آهي، سو 'گل' واري تجربي کان قدري مختلف آهي. 'گل' جو سمورو زور نيٺ ٻوليءَ جي استعمال مٿان هو، جنهن ڪري ان مان شعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواص مفقود ٿي ويا. پر 'اياز' هڪ طرف ٻوليءَ ۽ لفظن جي ٺيٺ هجڻ سان گڏ انهن جي صحت جو به خيال رکيو آهي ته ٻئي طرف انهن کي نئون آهنگ ۽ نئون روپ عطا ڪيو اٿس. 'اياز' غزل جي زبان کي عام فهم، آسان، سادي ۽ روزانه مروجه ٻوليءَ سان همڪنار ڪيو آهي. 'اياز' کان اڳ غزل جتي پنهنجي ماحول جي حالات کان بي نياز صرف تصوراتي ۽ تخيلاتي دنيا ۾ گم هو، تنهن کي 'اياز' سياسي، معاشرتي ۽ ماحولياتي حوالن جي ويجهو ڪري ڇڏيو آهي. اڳي جتي غزل ۾ ڪفن، لاش، مقتل ۽ عدوءَ جو ذڪر هو، 'اياز' ان کان سنڌي غزل کي نجات ڏياري آهي. هاڻي پراڻن مقرر لفظن جي بدران 'اياز' خود ٻوليءَ جا نوان قرينا ايجاد ڪري ٿو. هو اهڙا لفظ ڪم آڻي ٿو، جيڪي هن ماحول لاءِ اوپرا نه آهن، پر اُهي هن ئي ماحول ۽ سرزمين جي پيداوار آهن. انهن سان 'اياز' جي قلبي وابستگي آهي ۽ انهن مان سندس انفراديت جهلڪي ٿي. 'اياز' جي غزل ۾ لاآبالي پڻ ضرور آهي. پر سندس غزل شاعرانه ديوانگيءَ جو تحفو نه آهن. پر سندس غزل ڳوڙهي مشاهدي، وسيع علميت ۽ غوروفڪر جو نتيجو آهن. اياز پنهنجي همعصر شاعرن ۾ سڀني کان وڌيڪ پڙهيل لکيل شاعرآهي، ڪيس مغربي خواهه مشرقي ادب جي مروج گهاڙيٽن ۽ رجحانن جي وڏي ڄاڻ آهي.پر ان جي باوجود سندس غزل جو انداز نه مغربي آهي نه مشرقي پر ٺيٺ سنڌي آهي. 'اياز' جي غزل جو خمير سنڌي آهي، جنهن ۾ سنڌي معاشري جي تاڃي پيٽي جو تجزيو ۽ تنقيد ملي ٿي. 'اياز' جي 'پؤنر پري آڪاس' واري غزلن ڪانپوءِ واري غزلن ۾ سندس وائي ۽ گيت جي زبان، لهجي ۽ لئي جو شديد غلبو آهي. 'اياز' جا پوءِ واري دؤر جا نه صرف غزل پر نظم به ساڳئي اثر هيٺ تخليق ٿيل ٿا ڏسجن. اوهان 'اياز' جي غزلن جي تقطيع ڪري ڏسو ته انهن جو وزن به اهڙوئي آهي، جيڪو گيت لاءِ ڇند وديا ۾ ڄاڻايل آهي. 'اياز' جا شاذو نادر ئي ڪي اهڙا غزل ملندا جن ۾ محزوفات وارن وزنن جو وڌيڪ استعمال ٿيو هجي ۽ انهن جي ردم Rhythm ۽ گيت جي ردم Rhythm ۾ ڪو ٿورو ئي فرق ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته 'اياز' غزل کي 'سنڌيت' جورنگ ڏيڻ ۾ فني طور به ڪافي جاکوڙ ڪئي آهي.اهڙن غزلن لکڻ وقت هو اهڙا ئي سُر منتخب ڪري ٿو، جيڪي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ لاءِ نامانوس نه آهن. اهائي هڪ اهڙي خوبي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته 'اياز' پڙهندڙن جي نفسيات ۽ انهن جي ذهني تقاضائن کي به ڄاڻي ٿو. ان ڪري 'اياز' قاريءَ جي بلڪل ويجهو پيو لڳي. ڄڻ هو پنهنجي جذبن جي نه پر قاريءَ جي جذبن جي ترجماني پيو ڪري. اسان هيٺ سندس چند غزلن جي تقطيع پيش ڪريون ٿا ته جيئن اندازو لڳائڻ ۾ آساني ٿئي.

ميلي ۾ تون تنها تنها، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟
اڪ ٻرڳوڙها.هٿ ۾ گجرا، ڪنهن کي ڳولين ٿا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'اياز' جو هيءُ غزل بحر "صوت الناقوس' ۾ آهي، جنهن جارڪن هيٺن
بيهندا:

فعلن-فعلن-فعلن-فعلن-فعلن-فعلن- فع
ميلي-ٻر تون- تنها- تنها-ڪنهن ڪي-ڳولين-ٿو
اک ٻر- ڳوڙها-هٿ ۾-ڳجرا- ڪنهن ڪي-ڳولين-ٿو
فعلن-فعلن-فعلن-فعلن-فعلن- فعلن- فع

OO

گهر گهر گهنگروءَ گونج نٿين،
هونءَ تہ ناچو آهي هڪَ.
فعلن-فعلن-فعلن-فعلن

OO

ڪَڪريون منهنجو ويس ميان،
آءُ اگهاڙو، ڪير ڇوي.
فعلن-فعلن- فعلن-فعلن

OO

جي واڳ وٺين ها ڏاڳهن جي،
ڇوڪاڻ ڪڍين ها ڏيرن جي.

اهڙيءَ طرح 'اياز' جي مجموعہءِ ڪلام 'وڄون وسڻ آئيون' ۾ ڪل پنجٽيهہ غزل آهن، جن مان تقريبن اٺاويهہ بحر 'غريب' يا 'صوت الناقوس' ۾ آهن.باقي بچيل غزل 'رمَل'، 'متقارب' ۽ هڪ اڌ ٻئي بحر ۾ آهن.اِن مان قارئين خود اندازو لڳائين.

'علم العروض' جي ماهرن سالم بحرست ڄاڻايا آهن.جيئن بنيادي رنگ ٽي آهن، تيئن بنيادي وزن بہ ست آهن ۽ ٻيا بحر لفظن جي حرڪت ۽ سڪون وارين مختلف حالتن جي ڪري، هيٺين اصولن موجب ٺهن ٿا. حرفن مان ٺهندڙ لفظ زِير، زَبر، پيش يا جزم اچڻ جي ڪري، پنهنجا آواز مٽائين ٿا. جن مان اڪيلي حرف کي 'مفرد' ۽ مرڪب کي 'جُزو' چون ٿا. ان جا وري ٽي قسم آهن (۱) سبب (۲) وتد (۳) فاصلہ ۽ اڳتي وري هر هڪ جا ٻہ ٻہ قسم آهن. انهن جي تقسيم جو دارومدار بہ حرڪتن تي آهي. جيئن ٻن حرفن واري لفظ کي 'سبب' سڏين ٿا.جيئن 'غَم' يعني پهريون حرف متحرڪ ۽ ٻيو ساڪن هجي تہ ان جو نالو 'سبب خفيف' ۽ جيڪڏهن لفظ جا ٻئي حرف متحرڪ هجن، جيئن 'ڪَذَ' تہ پوءِ وري ان کي 'سبب ثقيل' سڏبو. جيڪڏهن وري لفظ ۾ ٽن جي بدران ٽي حرف هجن تہ ان جو نالو 'وتد' سڏبو. اهڙيءَ طرح مختلف بحرن جا رڪن جڙن ٿا. وزنن ٺاهڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي تہ جيئن هر ڪو ماڻهو موسيقي يا راڳ جي پيچيده اصولن کان واقف نہ آهي.اِن ڪري ان کي ڪو اهڙو سولو طريقو ڪيڏي ڏجي تہ هو علم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسيقيءَ جي ڄاڻ کان بغير بہ شعر چئي سگهي ۽ شاعري ڪري سگهي. مٿين
ڇاٽايلن ست بحرن مان اڪيتي هلي مذڪوره اصولن موجب ڦير ڦار آڻڻ سان مزيد
وزن حاصل ٿين ٿا.جن جو ڪل تعداد ٢٩ بيهي ٿو ۽ نوَ بحر پيا بہ ٺاهيا ويا آهن،
جيڪي استعمال ۾ گهٽ اچن ٿا. اهڙيءَ طرح زحافات مان جيڪي بحر نڪرن ٿا،
انهن جا مختلف نالا رکيا ويا آهن.

سنسڪرت ۽ هندي زبان ۾ بہ شعرو شاعري لاءِ ڪافي قاعدا ۽ قانون موجود
آهن، جن کي مدِنظر رکي شعر لکيا ويا آهن. اڪثر ماڻهن ۾ اهو خيال غلط فهميءَ
تي مبني آهي تہ ڪا هندي شاعري بغير وزن ۽ قاعدن جي آهي. هنديءَ ۾ شاعريءَ
جي علم يا علم العروض کي 'پنگل' چوندا آهن. 'انپراس' قافيو ۽ 'تڪانت' رديف
کي چوندا آهن. 'النڪار' علم البديع، 'سنگيت' موسيقي ۽ 'ڇند' بحر وزن کي
سڏيندا آهن. اعراب يا حرڪت کي 'ماترا' سڏين ٿا. جهڙيءَ طرح هنديءَ ۾ بہ
آهي. هنديءَ ۾ ڪل سورهن ماترائون آهن، جن کي 'ڪَل' سڏجي ٿو. برج ڀاشا ۾
بہ لفظ جي پڇاڙي هميشہ متحرڪ هوندي آهي ۽ سنڌيءَ ۾ بہ اڪثر ائين آهي، جيئن
تہ هندي ٻولي، ديوناگري رسم الخط ۾ کاٻي کان ساڄي طرف لکي ويندي آهي. ان
ڪري اسان بہ اڪيتي هلي تقطيع ۾ نشانيون کاٻي کان ساڄي لکنداسون.

هر 'بَرن' تي ڪجهہ ماترائون ٿين ٿيون ۽ ننڍين يا وڏين ماترائن کي 'بِرت'
سڏين ٿا. 'بِنجن' اهي حرف آهن جن تي ڪابہ حرڪت نہ هوندي آهي. 'پنج
سمان' ماترائن مان 'لگهہ' بڻجي ٿو، ان 'پنج سمان' ماترائن سان باقي ٻارهن
ماترائن ملائڻ سان 'بِنجن'، 'گرَ' ۾ تبديل ٿئي ٿو. يعني هڪ حرف متحرڪ ۽
هڪ ساڪن سان ملائڻ سان بہ 'گرُ' جڙي ٿو. اهڙيءَ طرح هتي بہ عروض جي
قاعدن وانگر ئي 'سبب'، 'وتد' ۽ 'فاصلہ' جي نموني ۾ لفظ ٺهن ٿا.جن جا نالا
مختلف رکيا ويا آهن. جهڙوڪ 'ڪرتال' ۽ 'تومر' وغيره- سموري هندي شاعري
اهڙن اصولن تي ٻڌل آهي. جن کي عام طور سنڌيءَ ۾ 'ڇند' جي اصولن سان ڄاتو
وڃي ٿو. تقطيع جي اصولن موجب هر وزن ۾مفرد حرف ۽ جُز يا پدلاءِ خاص
نشانيون مقرر ٿيل آهن. بار بار جي ورجاءَ کان بچڻ لاءِ صرف نشانيون لکي وزن
جي نشاندهي ڪري ڇڏبي آهي. مفرد حرف لاءِ '٨' نشاني ۽ مرڪب لاءِ (-)
نشاني مقررٿيل آهن. ڇند ۾ تقطيع کي 'بنٽ' سڏبو آهي. ان ۾ بہ نشانيون مقرر
ٿيل آهن. لگهہ لاءِ '١' ۽ گر لاءِ 'ڪ' آهي. بحر 'صوت الناقوس' جنهن جو
استعمال اياز وٽ تمام گهڻو آهي، سو هنديءَ ۾ بہ ڪافي استعمال ٿئي ٿو. اچو تہ
ڏسون تہ انهن جي نشانين جي ڪهڙي صورت بيهي ٿي.

فَع لن فَع لن فَع لن فَع لن فَع لن فَع لن فَع لن فَع لن
٨٨، ٨٨، ٨٨، ٨٨، ٨٨، ٨٨، ٨٨، ٨٨

يا

فَع لن فع لن فَع لن فع لن فَع لن فع لن فَع لن فع لن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندي ڇند ۾ نشانين جي صورت هيٺن بيهندي.

فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع

ڪ ڪ، ڪ ڪ، ڪ ڪ، ڪ ڪ، ڪ ڪ، ڪ ڪ، ڪ ڪ، ڪ ڪ.

فَعَلَن فَعَلَن فَعَلَن فَعَلَن فَعَلَن فَعَلَن فَعَ

١١ڪ، ١١ڪ، ١١ڪ، ١١ڪ، ١١ڪ، ١١ڪ، ١١ڪ، ١١.

'بنت' يا تقطيع کان پوءِ معلوم ٿيو ته انهن ۾ ڪيتري نه مماثلت آهي. پڙهندڙ پروڙي ويا هوندا ته واقعتن 'اياز' اهڙا بحر منتخب ڪيا آهن، جيڪي ڇند جهڙا آهن. سنڌي شاعريءَ جون ڪيتريون ئي صنفون ڇند جي اصولن تي رچيل آهن. گيت ۽ وائي وغيره ته ڇڻ آهي ئي ڇند لاءِ. اهڙي نموني 'اياز' جي ان پوري جاکوڙ جو مقصد به ان کان سواءِ ٻيو ڪونه آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ وزن به اهڙا ڪتب آڻجن جن جو روح هن سرزمين سان ملي اچي.

اِن ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته 'اياز' متنوع ۽ منفرد تجزيا ڪيا آهن. اُهي فني خواهه ٻي طرح ڳهڻ-ڏساوان آهن. جيڪو سندس ئي خاصو آهي. اياز جيڪي شاعريءَ جي مختلف گهاڙيٽن ۾ تجربا ڪيا آهن، سي سنڌي شاعريءَ ۾ اڳ ۾ خال خال نظر اچن ٿا. 'اياز' جا هيئتي تجربا منفرد ان لحاظ کان به آهن ته هن انهن ۾ روايت جي تسلسل کي برقرار رکندي انهن تجربن کي متعارف ڪرايو آهي. 'اياز' سنڌي ٻوليءَ ۾ آزاد نظم ۽ نظم معري (Blank verse) کي متعارف ڪرايو. نه صرف ايترو پر اياز انهن ۾ پنهنجي ضرورت موجب تبديليون آنديون.جنهن جي ڪري انهنجي مخصوص شڪل نکري نروارٿي، جيڪا اسان جي سنڌي هيئتي ترڪيبن کي ٻين ٻولين جي شاعريءَ کان منفرد بڻائي ٿي ته جيئن انهن تي مغرب جي ڇاپ لڳل نه هجي. 'اياز' پنهنجي تجربن جي ذريعي انهن کي سنڌي رنگ عطا ڪيو آهي. اسان وٽ مثنوي کي ڇڏي باقي نظم جون هيئتون يا شڪليون مقرر آهن، جن کي گڏي 'مسمط' سڏجي ٿو.هر بند ۾ مصرعن جي تعداد جي قيد قائم ڪري، اُن جون اٺ شڪليون مقرر ڪيون ويون آهن، جن کي الڳ الڳ نالا ڏنا ويا آهن. جيئن مثلث، مربع، مخمس، مسدس، مسبع، مثمن، متسع ۽ معشر وغيره.انگريزي شاعريءَ ۾ به اهڙا شعر ٿا ملن.انگريزي شاعري ۾ بند کي اسٽينزا Stanza چون ٿا ۽ آٺ- سٽي يا ڏهه سٽي بند کي اسپينسيرين اسٽينزا Spencerian stanza چئجي ٿو. اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ استاد شاعرن وٽ انهن جي هيئت بلڪل جامد ٿي، يعني جيئن بحر الفصاحت يا رياض البلاغت جهڙن عروضي ڪتابن ۾ انهن جي شڪل متعين آهي. جيڪڏهن ڪو نظم مربع آهي ته ان ۾ چار مصرع يا سٽن جو هڪ بند هوندو. نظم ڪيترو طويل هجي ان جي ڪابه پابندي نه آهي. هر بند جون ٽي مصرع پاڻ ۾ هم قافيه ۽ بند جي آخري مصرع علحده هوندي. ان جي شڪل هيٺن بيهندي: الف الف الف ج/ ب ب ب الف/ص ص ص د وغيره.اهڙي طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسمطي نظمن جي شڪلين جو تعين ڪيل آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ ’اياز‘ انهن جامد هيئت وارن نظمن جي هيئت ۾ ڪهڙيون تبديليون ڪيون آهن ۽ روايت سان لاڳاپو بہ نہ ٽوڙيو اٿس. مثال طور هي نظم ڏسو:

ٿو وڃان خنجر بڪف،
چيري انهن جي صف بصف،
اي پرين! تنهن جي طرف، تنهن جي طرف!
اي پرين تو لاءِ مان،
جيسين مران وڙهندو رهان،
ڪاش! توکي موت کان اڳ ۾ ڏسان!

هيءَ مثلث جي هڪ شڪل آهي، جنهن ۾ ’اياز‘ هي نظم رچيو آهي. روايتي مثلث جي شڪل تقريبن هيئن آهي: الف الف ج/درج/ ب ب ج پر ’اياز‘ ان کي هيئن ڪري ڇڏيو: الف الف الف/د د د/ج ج ج وغيره يعني هر بند بغير وراڻي جي ۽ پاڻ ۾ هم قافيہ، نہ صرف ايترو پر مٿئين نظم ۾ وزن جي رڪنن ۾ بہ ڦير ڦار ڪئي وئي آهي. جيڪو سنڌيءَ ۾ واقعي هڪ تجربو آهي. پهرئين بند جو وزن هيءَ آهي:

فاعلاتن فاعلن
مستفعلن مستفعلن
فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ٻئي بند جو وزن بہ ساڳيو آهي. مزي جي ڳالهہ اِها آهي تہ ’اياز‘ بحر ۽ رڪنن جي ترڪيب اهڙي رکي آهي، جنهن کي علم العروض جا ماهر ڀلي قابل اعتراض سمجهن، پر پوءِ بہ ڇٻو تہ ’اياز‘ جي تجربي جي پهچ (Approach) عقلي ضرور آهي. هر بند جي پهرين ۽ ٽين مصرع بحر رمَل ۾ آهي ۽ هر بند جي پهرين سٽ ۾ هڪ رڪن، هڪ محزوف ۽ هر ٽين سٽ ۾ ٻہ رڪن ۽ هڪ محذوف ڪتب آندل آهي ۽ ٻي مصرع وري بحر رجز ۾ آهي ۽ اهڙيءَ طرح ترتيب وار هر بند جي ٻي مصرع ساڳئي بحر ۾ آهي ۽ ان ۾ ٻہ رڪن سالم ڪم اچن ٿا. نتيجتن پوري نظم ۾ تقريبن ڏن ساڳي ئي برقرار رهي ٿي ۽ قافين جي مناسب ترتيب جي ڪري رِدم Rhythm ۾ بہ ڪو خاص لنگ نظر ڪونہ ٿو اچي. هيءَ هڪ انوکو تجربو آهي، جيڪو ’اياز‘ ٻين ڪيترن ئي نظمن ۾ پڻ آزمايو آهي. اچو تہ سندس هڪ ٻيو نظم بہ ڏسندا هلون:

سونهن تنهنجي جو هميشہ گيت ڳاتو آه يا نہ؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهہ!
سمنڊ تي پاساوراڻي چاندني جيئن صبح جو،
۽ اُفق مان سج ڪڏي پهرين ڪني جيئن صبح جو،
واءُ ۾ خنڪي هجي ۽ ڏنڌ ڪجهہ ڇايو هجي،
دور شاعر جي نظر ۾ دور ڪجهہ آيو هجي،
ڇٺو برابر آهہ يا نہ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها، غم تنهنجو هيئين سان آنءُ لاتو آه يا نہ؟
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهہ!
لڙڪ تنهنجي تي سڄي دنيا وڃايو روپ رنگ،
ٽهڪ تنهنجي تي سڄي عالم وڃايو جلترنگ،
تون خوشي، تون آلهہ غم، ٻيو زندگي ۾ آه ڇا،
تنهنجي جهاتيءَ کان سوا دل جي دري ۾ آه ڇا!
چوءِ برابر آهہ يا نہ؟

’اياز‘ هن نظم ۾ بہ پنهنجي جودتِ طبع جون جولانيون ڏيکاريون آهن ۽ هڪ نئين تجربي جو بنياد رکيو آهي. هونئن تہ هيءُ نظم مسمطي هيئت واري نظمن جي لحاظ کان ’مخمس‘ جو هڪ قسم آهي. پر ’اياز‘ ان ۾ وري مستزاد جو اضافو ڪيو آهي. هڪ طرف ’اياز‘ ’مخمس‘ جي هيئت ۾ ردوبدل ڪيو آهي تہ ٻئي طرف وري ورائورڪي، ان ۾ مستزاد جو اضافو ڪيو آهي. اصل مخمس جي شڪل ذهن ۾ رکڻ کان پوءِ ئي ’اياز‘ جي تجربي جو داد ڏيئي سگهجي ٿو. اصل مخمس جي شڪل هن ريت آهي:

الف الف الف الف ج/ ب ب ب ب ج/ د د د د ج

يا

الف الف الف الف ج/ ب ب ب ب ط/ د د د دص، ’اياز‘ وري هيءُ طريقو اختيار ڪيو آهي:

پهرين سٽ الف ۽ ان کان پوءِ مستزاد ۽ وري الف الف ۽ ب ب ۽ پوءِ هيءُ جملو ”سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آ“ ۽ پوري بند جي صورت وڃي هيئن بيهندي.

الف + مستزاد/ الف ب ب + مستزاد/الف + مستزاد/ن ن ص ص+ مستزاد.

’اياز‘ سنڌي شاعريءَ کي سچ پچ تہ پنهنجي تجربن ذريعي مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. ايتري قدر جوهينئر سنڌي شاعريءَ ۾ ٻاهران ڪنهن بہ صنف اڌاري وٺڻ جي ضرورت باقي نہ رهي آهي.مسمطي هيئت واري هڪ ٻئي نظم ۾ ’اياز‘ جو هيءُ تجربو ڏسو:

ڏو ڏڙام
اف غلام!
هير تي غريب کي،
اک لڳي وڃي هئي،
آه! بدنصيب کي، ڪَل نہ پر پئي هئي،
بادشاهہ جو پلنگ!
نرم نرم رنگ رنگ!
رڙ ڪئي پريان ڪنيز،
”پاندان! پاندان!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنڊ آ عجيب چيز- هي سُتو رهيو جوان،
چوبدار ڪئي هڪل،
هو اٿيو ڏئي اُچل.

هيءَ نظم بنيادي طور مسدس جي نئين شڪل آهي، جنهن ۾ 'اياز' ٽُلهه جو اضافو ڪيو آهي، يا ڪٽي ايئن چئجي تہ مستزاد معڪوس آندو اٿس. وزن جي لحاظ کان بہ هڪ نئون تجربو سامهون اچي ٿو. نظم ۾ مسدس جي پيٽ ۾ هيٺيون تجربو ڪيو ويو آهي.

مسدس جي هيئت:

الف الف الف الف ب ب/ ج ج ج ج د د/ض ض ض ض ڪ ڪ، پر 'اياز' ان ۾ هيءَ تبديلي آندي آهي:

ٽلهہ: الف الف/ج ب ج ب ط ط/ص د ص د ح ح/ وغيره.

ان ڪان سواءِ 'اياز' غزل جي هيئت ۾ بہ نظم لکيا آهن. ان ڪان سواءِ مثنوي، ترجيع بند ۽ ترڪيب بند بہ سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن.

"اياز" روايت ڪان مڪمل طور سرڪشيده نہ آهي، پر هو ان ۾ اختراع ۽ انفراديت ذريعي جدت آڻي ٿو. سندس اِهو عمل معروضي سطح تي چئن ڏسائن تي ڦهليل آهي. جنهن ۾ هيئت، ٽيڪنڪ، اسلوب ۽ زبان شامل آهن. جدت ڪو ايترو آسان ڪم نہ آهي، جومحض سرسري تلاش ۽ معمولي ڪاوش سان حاصل ٿي سگهي. پر ان لاءِ ذهني خلاقي، زبردست مطالعو، گهرائي، وسعتِ نظر ۽ زبردست فني شعور ضروري آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن نئين شيءِ جو اختراع بہ اهڙو ئي ڏکيو عمل آهي، جهڙو ڪا شيءِ ايجاد ڪرڻ وارو عمل. 'اياز' پراڻن پيمانن ڪان بغاوت ضرور ڪري ٿو، پر سندس بغاوت تخريبي نہ پر تعميري آهي، ڇاڪاڻ تہ 'اياز' تخريب ذريعي پنهنجي سامهون ايندڙ هر شيءِ پيش ڪري ٿو، اِهو ئي هڪ وڏي تخليقڪار جو ڪم آهي.

جديد شاعري مغربي طرز ادا ۽ طرزِ فڪر ڪان وڌيڪ متاثر ٿي آهي. ان ڪري مغربيت جي حوالي سان ئي جديد شاعريءَ ۾ Dadaism، Futurism، Surreal-ism ۽ Stream of consiousness شعور جو وهڪرو جو رواج عام ٿيڻ لڳو. سنڌي شاعري ١٩٤٧ع ڪان پوءِ مغرب جو سڌو سنئون اثر قبول ڪيو تہ ٻئي طرف اُهي رجحان اڙدو ادب جي معرفت سنڌي ادب ۾ بہ تيزي سان سرايت ڪرڻ لڳا.

انهن ۾آزاد نظم، نثري نظم بہ شامل آهن. آزاد نظم (Free verse) ۽ نثري نظم هڪ ئي وقت فرانس ۾ شروع ٿيا. جيڪي دراصل اتان جي مادي تهذيب ۽ فرسٽريشن جي عڪاسي ڪن ٿا. ساڳيءَ طرح مصوريءَ ۾ تجريدي مصوري بہ ان جو مظهر آهي تہ جيئن انساني ذهن ۾ پچندڙ لاوا ڪي ڪنهن طرح رواني ملي سگهي ۽ ان جي اڳيان ڪابہ رڪاوٽ هجڻ نہ گهرجي. آزاد نظم جنهن ڪي فرانس ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Verse libre سڏيو ٿو وڃي، سو انگريزيءَ ۾ Free verse جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ آهستي آهستي پوري عالمي ادب ۾ عام ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته آزاد نظم کي اظهار جو آسان وسيلو سمجهيو ٿو وڃي، جنهن ۾ ايجاز، اختصار، وحدت ۽ بيساختگي Spontaneous Flow آهي.

'اياز' به اهڙن رجحانن کان متاثر ٿيو آهي ۽ انهن کي سنڌي ادب ۾ روشناس ڪرايو اٿس. 'اياز' سنڌي زبان جو شايد پهريون شاعر آهي، جنهن آزاد نظم جي فني تقاضائن کي چڱيءَ طرح پروڙيو آهي ۽ انهن کي نڀايو آهي. 'اياز' جي آزاد نظم ۾ اشاريت، اظهار جي شدت ۽ رواني موجود آهي. 'اياز' عروضي بحرن جي رڪن جي گهٽ وڌائي، صوتي زيرو بم ۽ قافيي جي آميزش سان آزاد نظم ۾ به هڪ زبردست غنائي تاثر پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. عام طور آزاد نظم تي اِهو اعتراض ڪيو ويندو آهي ته آزاد نظم صرف پڙهڻ لاءِ آهي پر ڳائڻ لاءِ نه آهي. اِن اعتراض ۾ پنهنجي جاءِ تي وزن آهي. پر 'اياز' جو تجربو آزاد نظم کي به ڳائڻ لائق بڻائي ڇڏي ٿو. جيتوڻيڪ 'اياز' عام شاعرن وانگر گهڻا آزاد نظم نه لکيا آهن، مگر پوءِ به جيڪو ڪجهه لکيو اٿس، سو آزاد نظم جي فني تقاضائن تي پورو بيهي ٿو. هن آزاد نظم خوب سمجهي ۽ سوچي لکيو آهي. اچو ته 'اياز' جي هڪ اڌ آزاد نظم جو فني جائزو وٺندا هلون:

ايتري فرصت هجي،	فاعلاتن فاعلن
رات ساري چنڊ جا چارا ڏسان!	فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
واهه جي ڪڙتي پپل جي ڇانوَ پاڻيءَ مٿان،	
	فاعلاتن فائلاتن فاعلاتن فاعلن
ڪجهه گهڙيون لڙهندو رهان	فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
ڪجهه سرءَ جي شام ۾ سوچان سڙان، لوچان لهان،	
	فاعلاتن فاعلان فاعلاتن فاعلن
ڪنهن پڪيڙي جي مثال	فاعلاتن فاعلات
صبح سانجهيءَ تي رهان	فاعلاتن فاعلن
داڻي پاڻيءَ جي پٺيان!	فاعلاتن فاعلن
زندگي منهنجي تخيل ۾ مگر	فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
ڇهڪ واري ڇهنب، ڪنڊريل ڪنب آ!	فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

مٿيون نظم جيتوڻيڪ آزاد نظم آهي، پر رڪن جي ڪمي بيشي ۽ قافيي جي آميزش هئڻ ڪري نظم ۾ نغمگي ۽ لئي پيدا ٿي آهي، جنهن ڪري ڪٿي به اهو محسوس نه ٿو ٿئي ته اسين ڪو آزاد نظم پڙهي رهيا آهيون. 'اياز' نظم جو سٽاءُ به اهڙو رکيو آهي جو قاري شروع شروع ۾ ڏن ۾ آهستي آهستي مٿي چڙهي ٿو يعني ابتدا واري لائين ٻن رڪنن سان شروع ٿئي ٿي ۽ ٽين لائين تي چار رڪن ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃن ٿا. گويا رواني شدت کي پهچي وري اتان پهرين لائين واري لئي تي لَهي اچي ٿي ۽ پوءِ وري اُن ۾ يڪدم تيزي اَچي ٿي جو نئين چوني پُڄائي ڇڏي ٿو. ان کان پوءِ وري ان کي پهرين ڏاڪي تي هلائيندي هلائيندي، وچ واري لئي تي رکي نظم کي ختم ڪري ٿو. ان نظم جو ڇيهه (End) نه صرف فني طرح خوبصورت آهي پر فطري به آهي.

آءُ پوُنر هر جائي — فعلن فعلن فعلن
مڪڙي مڪڙي جو رس چوسيان — فعلن فعلن فعلن فعلن فعل
سونهن پنيان سودائي — فعلن فعلن فعلن، فع
مڪڙين جي ٿي ميڙ ۾ گذريو سارو جيون منهنجو،
فعلن فعلن فعلن فعل فعلن فعلن فعلن فعلن
وچڙيو آهي سدا ڪنڊن سان ليڪن دامن منهنجو.
فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن
گهڙي گهڙي مون سوچيو آهي — مفاعلن فعلن فعلن فع
مڪڙيءَ مڪڙيءَ سان آ ڪنڊو — مفاعلن فعلن فعلن
پوُنر انهيءَ تي پوءِ به مرن ٿا! — فعلن فعل فعلن مفاعلن
هن جيون جي قلواڙي ۾، — فعلن فعلن فعلن فعلن
بنا ڪنڊي گل ڇو نه ٽڙن ٿا! — مفاعلن فعلن مفاعلن

هن نظم جي پهرين سٽ ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه آهن، چوٿين ۽ پنجين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه آهن ته ٻئي طرف وري سٽ نمبر اٺين ۽ ڏهين پاڻ ۾ هڪجهڙو قافيو رکن ٿيون. "اياز" هن نظم ۾ عروضي رڪنن جي رعايت رکي، ان کي موسيقيءَ جي اهڙي سُرن سان نهايت خوبيءَ سان ميلاپ ڪيو آهي، جو مصرعن جي وڏي ننڍي هئڻ جي قطع نظر نظم پابند هيئت وانگر پيو لڳي. هوندي به الفاظ ۽ بحر جي بي ربط ميل کي شاعري به نه ٿو سڏي سگهجي. پر "اياز" هتي وزن جو انتخاب ۽ رڪنن جي تجنيس حرفي Alliteration کي قافيي ۽ ميل سان مربوط ڪري، هڪ اهڙي وحدت سموئي ڇڏي آهي جو نظم شاعرانه نثر ۽ آزاد نظم جي روايتي انداز کان بلڪل علحده نظر اچي رهيو آهي.

انگريزن جي دؤر حڪومت دوران سنڌي عروضي شاعريءَ کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جو سٺو موقعو مليو. ان ڪري اُها پڙهيل لکيل ماڻهن جي شاعري ليکجڻ لڳي. ٻئي طرف شاعرن جو هڪ پيو طبقو به هو جيڪو اڻ پڙهيل ماڻهن تائين محدود هو. انهن کي سگهڙ يا عوامي شاعر سڏيو ويندو هو. اهڙن شاعرن ۾ اڪثريت اڻ پڙهيل ماڻهن جي هئي ۽ انهن جي ٻڌندڙ ۽ پسند ڪرڻ وارن جو حلقو به ٻاهراڙيءَ جا اڻ پڙهيل ماڻهو ئي هئا. اهڙن شاعرن جي شاعريءَ جون صنفون ۽ گهاڙيٽا به قديم لوڪ گيتن وارا هئا جن ۾ مناجاتون، مداحون، ڪافيون، ڏوهيڙا، بيت، مولود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سي حرفيون وغيره خاص آهن. ٻئي طرف عروضي شاعر آهي ٿي ساڳيو فارسي شاعريءَ واريون روايتي هيئتون ڪتب آڻيندا هئا. جن ۾ مثنوي، غزل، رباعي، قطعو ۽ نظم وغيره اچي وڃن ٿا. اهي تعليم يافته شاعر وري سنڌ جي ڪلاسيڪي يا روايتي هيئتن ۾ شعر لکڻ کي عيب سمجهندا هئا. اِن ڪري انهن ان پاسي توجهه ڪرڻ ئي ضروري نه سمجهيو. اِن ڪري سنڌي شاعريءَ جو روايتي ۽ اصلي روپ ئي پڙهيل ماڻهن جي ذهن مان محو ٿي ويو. پر ورهاڱي کان پوءِ ان ڳالهه جو سهرو "اياز" ڏانهن وڃي ٿو، جنهن متروڪ الاستعمال صنفن ۽ روايتن کي پڙهيل ڪڙهيل شاعرن ۾ وري جياريو ۽ روشناس ڪرايو، نه صرف ايترو پر "اياز" پنهنجي زور بيان ذريعي انهن کي مقبول پڻ بڻايو. گيت به اهڙين صنفن مان هڪ آهي. جنهن کي "اياز" باقاعده طور سنڌي شاعريءَ ۾ متعارف ڪرايو جو اهو هينئر سنڌي شاعريءَ جو خاص جزو پيو محسوس ٿئي. گيت بنيادي طور تي نسواني شاعري آهي، جن کي عورتون ڳائينديون هيون. گيت لاءِ ڪا هيئت مقرر نه آهي ۽ نه ئي ان لاءِ ڪا موضوع جي پابندي آهي. گيت انگريزي شاعريءَ جي ليرڪ (Lyric) جي قريب آهي. گيت جو ميدان Canvass بلڪل قدرتي نظاري Landscape وانگر ڪشادو آهي. گيتن ۾ زمين، جهنگل، بادل، برسات ۽ ڪليل فضائن جو ذڪر ملي ٿو. گيت ۾ موسيقي ۽ ان جي مزاج ۾ رقص جي ڪيفيت ٿئي ٿي. گيت جو مزاج ملائم ۽ نرم ٿئي ٿو. جنهن ۾ درد، فرقت، الوداع، عورت جي جسم جي تعريف ۽ ان جا ٻيا لوازمات اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ نقادن گيت لاءِ ڪو موضوع مقرر نه ڪيو آهي، پر پوءِ به "اياز" پنهنجي گيتن جي بناوت اها رکي آهي، جو ڳويا موضوع جو تعين ٿي ويو آهي ۽ سندس همعصر شاعرن جو گيت ڏانهن رويو، اِن ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو. اچو ته "اياز" جا ڪجهه گيت ڏسون:

آءُ، سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا، آءُ، پرين آءُ!
هاءِ، ڪَهي تو بنا جڻ تہ اترواءُ- آءُ پرين آءُ!
آءُ، ڀني آ هوا، مينهن پيا، آءُ!
آءُ، ملاقات ۾ ڏينهن پيا، آءُ!
آءُ، سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا، آءُ!

مٿين گيت ۾ ، الف، همزي ۽ نون غني جي ورجاءَ (Repitation) مان هڪ مسلسل لئي پيدا ٿئي ٿي ۽ محسوس ٿئي ٿو ته شاعر ان جي ردم ۾ طبلي جي ٿاڦ يا ڏن پري آهي. جنهن جي ڪري هن گيت جي آلاپ ۾ جسم جو ترنگ به شامل ٿي وڃي ٿو ۽ گيت هڪ پڪار يا التجا جي صورت اختيار ڪري ٿو. جنهن ۾ مختلف موسمن جي حوالي سان شاعر پنهنجي تنهائي جي ڪيفيت کي اجاگر ڪري ٿو. مٿين گيت ۾ اهڙيون ڪيفيتون يڪجاءِ ڪيون ويون آهن، جو جسم جو ترنگ، موسمون، گل ڦل، ٿڌي هوا جو جَهاءُ ۽ محبوب سان ملڻ جي تمنا، گڏجي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀرپور گيت جي شڪل اختيار ڪرن ٿيون. "اياز" جي اڪثر گيتن ۾ اهائي يا اِن سان ملندڙ جلندڙ ڪيفيت معلوم ٿئي ٿي جيڪا "اياز" جي گيتن جو موضوع پڻ آهي.

منهن جا پرين!
او بانورا! او سانورا!
گهر ۾ گهرين،
چوري ڪرين، ڪُلَندو ورين،
مان لڪ چوان، پيرين پوان،
پر جو مڙين، او شل جڙين،
منهنجا پرين!
او بانورا! او سانورا!
سورج ويو جيئن ڊرڪندو،
۽ شام لهرايون چڳون،
آئين، نظر تون مرڪندو...
ڪيڏيون نہ گهرايون هيون،
مِنهن ۾ سنڌ ۽ اي آشنا!
سَوسَو سنيها جن ڏنا!

مٿئين گيت ۾ نون، واؤ ۾ الف ۽ پٺي بند ۾ نون، واؤ ۽ ڪاف جي امتزاج جي ڪري، گيت ۾ موسيقيت جي شوخ ميلاپ جي جهلڪ ملي ٿي ۽ گيت ۾ وڇوڙو، جدائي ۽ انتظار جي ڪيفيت گڏجي، گيت کي پر اثر بڻائين ٿيون.

آئـي تـنـهـنـجي سـار، او يـار!
او پـرديـهـي!
سَرهـي سَرهـي سـار ائـين جيـئـن،
مَـکـري جي مـهـڪـار، او يـار،
او پـرديـهـي!

"اياز" جي مٿئين گيتن جي مطالعي کان پوءِ پڙهندڙ خود گيت جي موضوع متعلق ڪا راءِ قائم ڪرڻ ۾ آساني محسوس ڪندا. "اياز" جي مطالعي مان اِها بہ چٽي ڄاڻ ملي ٿي تہ گيت جي ٻولي (Diction) ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ "اياز" پنهنجي گيتن لاءِ ڪومل ڪومل ۽ سُندر لفظن جو انتخاب ڪري ٿو. جيئن تہ گيت هندي صنف آهي، اِن ڪري "اياز" اُن ۾ ڪٿي ڪٿي هلڪا هلڪا هندي لفظ ڪم آڻي ٿو تہ جيئن ان جي ماهيت ۽ اصلي رس برقرار رهي. "اياز" پنهنجي اڪثر گيتن ۾ چند جو استعمال ڪيو آهي تہ وري ڪٿي ڪٿي عروضي بحرن جو استعمال رڪنن جي تبديلي ۽ گهٽ وڌائي سان بہ ڪري ٿو. "اياز" جي گيتن منجهان ڪا خاص هيئت مقرر نہ ٿي ڪري سگهجي. پر پوءِ بہ "اياز" جا گيت اِن ڏس ۾ ڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهنمائي ڪن ٿا. سندس گيتن جي هيئت اڪثر جڳهن تي مسمطي نظمن جي مشابهہ آهي. جن مان گهڻن جي شڪل مثلث ۽ مربع جهڙي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي مستزاد وانگر وراڻو ڪم آندو اٿس. "اياز" جا ڪي ڪي گيت، وائيءَ جي بدليل صورت ۾ بہ ملن ٿا. بهرحال "اياز" مضوع خواه هيئت جي لحاظ کان گيت جو حق ادا ڪيو آهي. فني طور بہ "اياز" جا گيت، قاعدن ۽ قانونن پٽاندر هلن ٿا.

"اياز" نہ صرف گيت لکيا آهن، پر هن "سنڌي بيت"، "وائي" ۽ "دوهي" ڏانهن بہ توجہ ڏنو آهي. سنڌي ماڻهوءَ لاءِ بيت ڪا اوپري شيءِ نہ آهي، پر هو بيت کي شاهہ جي حوالي سان ڄاڻي ٿو ۽ اُن جي قدرن کان مانوس پڻ آهي. البت "وائي" جي جاءِ تي "ڪافي" اچي ويٺي هئي ۽ اها سنڌي شاعريءَ ۾ ايترو تہ سرايت ڪري ويٺي آهي جو سنڌي ماڻهو وائين کي بہ ڪافيون سمجهڻ لڳا هئا. ان ڪري پوءِ وارن شاعرن وائيءَ جي بدران ڪافيءَ کي هڪ مستقل صنف طور پنهنجو ڪيو. سنڌي عروضي شاعرن ڪافيون تہ لکيون آهن، پر وائي بلڪل رواج ۾ نہ هئي. "اياز" اهو پهريون عروضي شاعر آهي، جنهن ان موتيءَ تان زماني جو گرد و غبار لاهي، ان کي چمڪائي اجو اجرو ڪري، وري شاعريءَ جي بازار ۾ ڪڍي آيو. آخرڪار "اياز" وائي کي سنڌي عروضي شاعرن ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. هينئر جديد سنڌي شاعر جيڪي وائي لکي رهيا آهن. سو "اياز" جي محنت ۽ جاکوڙ جو نتيجو آهي.

"وائي" جي هيئت اُها ئي آهي جيڪا شاهہ سائين جي رسالي ۾ ملي ٿي. "اياز" ان کي جيئن جو تيئن کنيو آهي، البت هِن اُن ۾ ڪٿي ڪٿي ٿوريون گهڻيون تبديليون بہ ڪيون آهن، جنهن ڪري ڪٿي ڪٿي گيت ۽ وائي جي شڪل ملنڊڙ جلنڊڙ لڳي ٿي. اِن ڪري وائي ۽ گيت ۾ حدِ فاصل قائم ڪرڻ ۾ دشواري درپيش اچي ٿي. "اياز" جو اهڙو تجربو ڪيترو ڪامياب ٿيو آهي، تنهن جو تعين وقت ڪندو. پر وائيءَ کي نئيٺ سنڌي صنف طور تسليم ڪرائڻ ۽ رائج ڪرائڻ جو سهرو "اياز" جي سر تي آهي. "وائي" جي هيئت وانگر ان جو موضوع بہ مقرر آهي. "وائيءَ" جو موضوع عمومي طور تصوف، مابعد الطبيعات، وڇوڙو، سوز و غم، تنهائي، روح راڙو ۽ انتظار. يا مجموعي طور ائين چئي سگهجي ٿو تہ "وائي جو موضوع حَزينہ (Tragic) آهي. پر "اياز" وائي جي موضوع ۾ وسعت آندي آهي. "اياز" وائي کي جديد شعري تقاضائن ۽ جديد خيالن سان همڪنار ڪيو آهي. "اياز" اها سموري ڪوشش اِن ڪري بہ ڪئي آهي تہ جيئن هو "وائي" کي سنڌي شاعريءَ جي واحد صنف بڻائي پيش ڪري، جنهن ۾ هر موضوع سمائجي سگهي ۽ ان جي موجودگيءَ ۾ ٻي ڪا ڏاري صنف اڌاري وٺڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿئي.

"اياز" وائي ڏانهن خاص توجہ ڏنو آهي ۽ اُن تي محنت ڪئي آهي. پر "اياز" جون شروعاتي دؤر واريون وائيون، "وائيءَ" جي روح کان ڪوهين پري آهن. هِن ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور ۾ ڪيترين ئي وائيون لکيون آهن، پر انهن مان صرف چند وائين کي ئي "وائي" واري حيثيت ڏئي سگهجي ٿي. چاڪاڻ ته "اياز" جون اهي وايون اندازِ بيان، هيئت، ٻولي ۽ موضوع جي لحاظ کان نظم زياده ۽ وايون گهٽ آهن. ڪجهه وايون پيش ڪجن ٿيون:

اي زمانن جا ضمير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ.

آدميءَ ڪيو ڪوهه و صحرا، ماه و انجم کي اسير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ.

OOO

آءُ زندان جي جهروڪي مان نهار،
ڪهڙي پياري رات آ.
آسمانن مان ڪِري ٿو چانڊوڻيءَ جو آبشار،
ڪهڙي پياري رات آ.

OOO

ترس اي حسنِ ازل-
اج ته منهن جو روح رجهي ٿي نه ٿو!
ترس اي پرده نشين، پردو هٽائي چار پل.
ترس اي حسنِ ازل.

OOO

ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!
شعله شعله سارو عالم، جڳمڳ جڳمڳ سارو جيون،
ڀنڀٽ ڀنڀٽ ڀڙڪن ڀڙڪن،
راڳ اسان جا! راڳ اسان جا!

بهرحال اِها ڳالهه نهايت غير متعصبانه انداز ۾ چئي سگهجي ٿي ته "اياز" جون اهڙيون وائيون، جيڪي هن "پوئر پري آڪاس" ۽ ان کان اڳ واري دؤر ۾ لکيون، سي "وائيءَ" جي تقاضائن کي پورو نٿيون ڪن. "اياز" ان دؤر ۾ وائيءَ جو ڪامياب شاعر نه هو. پر جيئن ته هن "وائي" کي بيهر متعارف ٿي ڪرايو، ان ڪري اهڙي تجربي ۾ ڪي خلا رهجي ويڻ، هڪ قدرتي ڳالهه آهي. پر ايترو ضرور چئبو ته "اياز" پنهنجي ان تجربي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مشق سخن جاري رکي ۽ آخرڪار "وائيءَ" جي صنف کي پنهنجي روح ۾ اوتي ڇڏيو. "اياز" جون پوئين دؤر واريون وائيون ان ڳالهه جون امين آهن. مثال طور چند وائيون پيش خدمت آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دېسَ ڇڏي پرديس رُلي ٿي، دلڙي ٿي ديوالي ڙي!
دلڙي ٿي ديوالي ڙي!
منَ سوري ٿو ڪنهن جي مالها، ڪير ڳچيءَ جي ڳاني ڙي!
دلڙي ٿي ديوالي ڙي!
نينهنَ نديءَ جيئن ڇوليون ماري، لهر لهر مستاني ڙي!
دلڙي ٿي ديوالي ڙي!
چوڏهينءَ چند بہ اهڙو ناهي. جهڙو منهن جو جاني ڙي!
دلڙي ٿي ديوالي ڙي!

OOO

رڳندي رات گذاري ڙي، مون رڳندي رات گذاري ڙي،
پنهنجو پيار پکيئڙي جهڙو، ماڻهو ماڻهو ماري ڙي،
مون رڳندي رات گذاري ڙي.
آءُ اڃايل گهايل گهايل، سامهون ساري واري ڙي،
مون رڳندي رات گذاري ڙي.
سارو ڏينهن ڏمرجي آيو، مون جو تند تنواري ڙي،
مون رڳندي رات گذاري ڙي.

پوئين دؤر ۾ "اياز" نهايت سٺيون ۽ ڪامياب وائيون لکيون آهن. پر پوءِ بہ اڪثر جڳهن تي غلاف Overlaping ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اِن لاءِ شايد اِهوئي چئي سگهجي ٿو اِها بہ "اياز" جي تجربي جي هڪ ڏِس آهي. مثال طور هيءَ وائي ڏسو باقي اَهلِ علم خود فيصلو ڪن.

امن جا امڪان، ڪيڏا ناهن جڳ ۾!
سمجهن ٿا سڀ ڪجهہ وڙهي، ناس ڪندا نادان!
امن جا امڪان،
ناڳا ساڪيءَ ڪي ڏکي، ڏنو نيٺ جهان.
امن جا امڪان،
آهي ڏيکاري ڪسي، پرا توکان پرقان.
امن جا امڪان، ڪيڏا ناهن جڳ ۾!

"وائي" ڪان پوءِ "بيت" جي معتبر صنف آهي، جيڪا سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي ۽ روايتي صنف آهي. سنڌي بيت جي صنف نيٺ سنڌي ڳوٺائي زندگيءَ مان جنمي آهي ۽ ان جو تاڃي پيٽو بہ سنڌي ماحول جي ضرورتن مطابق جڙيو آهي. سنڌي زبان جي عظيم ترين شاعر حضرت شاهہ لطيف سائين کان وٺي، اڄ تائين ڪيترائي اهڙا معتبر نالا ملن ٿا. جن بيت ۾ تجربا ڪيا ۽ ان کي وسعت بخشي آهي. بيت جي هيئت جيتوڻيڪ محدود آهي پر ان جو موضوع لامحدود آهي. سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت، هيئت، موضوع ۽ ميل جي لحاظ کان دراصل هڪ اهڙي صنف آهي، جو ان جي موسيقي ۽ مزاج ٻه سنڌين جيئن سباجهڙو، نرم ۽ ڪومل آهي. بيت ڍيمي لهجي، رسيلي زبان ۽ سوزوگداز واري صنعت آهي. اِن ڪري ان ڪان ٻاهر نڪري بيت جو ڪامياب شاعر ٿي نہ ٿو سگهجي. بيت آسلوب ۾ پل صرات وانگر نازڪ آهي. بيت اهڙي تہ نفيس ٻوليءَ ۽ انداز ۾ ذري برابر بہ ٻوجهہ سهڻ جي طاقت نہ آهي. اِن ڪري بيت چوڻ لاءِ ٻوليءَ جي سادگي، نفاست ۽ نزاڪت جو هڪ طرف خيال رکڻو ٿو پوي تہ ٻئي طرف وري علويت (Syblimity) فني خواه تخليقي تقاضائن کي پڻ مدِنظر رکڻو ٿو پوي. "اياز" "ڀونر ڀري آڪاس" جي مهاڳ ۾ بيت متعلق لکي ٿو؛

"منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي ان جي موضوع ۾ جدت آهي. بيتن ۾ ڪم آندل ٻولي ٺيٺ سنڌي آهي، ڇو تہ بيت جي ٻوليءَ ۾ فارسي آميزيءَ جي گنجائش بلڪل نہ آهي ۽ هندي آميزيءَ جي گنجائش بہ گهٽ آهي. بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي. شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ جي شعر ۾، هر قافيہ لفظ اڌين سٽ جي وچ ۾ ملندا. جيئن بيت ۾ آهن. اهو سنڌي بيت جو ڪمال آهي تہ ان جي پهرين ۽ ٻوٽين سٽ جي آخر ۾ نہ قافيو آهي نہ رديف، پر ان جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ پاڻ ۾ ميل هر صنف سخن کان زياده آهي. اهو خيال غلط آهي تہ سنڌي بيت ناموزون شعر آهي، جيتوڻيڪ ان جو فارسي بحر وزن سان ڪوئي تعلق نہ آهي. بيت جي تقطيع بہ ايتري پختگيءَ ۽ گرفت سان ٿي سگهي ٿي، بيت جي تخليق نهايت مشڪل آهي ۽ سٺو بيت اهوئي لکي ٿو سگهي جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي. سنڌي بيت الهامي شعر آهي، آيت آهي."

"اياز" کان اڳ ۾ بہ بيت جي هڪ طويل روايت ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ بيت جا وڏا وڏا شاعر پيدا ٿيندا ۽ عوام ۾ مقبوليت جو درجو ماڻيندا رهيا آهن. پر عروضي شاعري ڪرڻ وارن شاعرن ۾ صرف چند نالا اهڙا ملي سگهندا، جن بہ هن صنف سخن کي باعثِ فخر سمجهيو هجي. جيڪڏهن انهن ڪي چند بيت چيا بہ آهن تہ اهي ان روائتي ۽ فڪري جمود جو شڪار. ورهاڱي کان پوءِ "اياز" بيت کي باقاعده اختيار ڪيو، ان کي عروضي شاعرن ۾ رائج ڪيو ۽ مقبول بڻايو. "اياز" بيت جي هيئت Diction ۾ اڪيچار نوان لفظ داخل ڪيا آهن ۽ ان کي نئون ڍنگ ڏنو آهي نہ صرف ايترو پر "اياز" بيت جي نازڪ صنف تي نئين علم، نون نظرين ۽ نون رجحانن جو بار رکي ڇڏيو آهي. ظاهر آهي تہ "اياز" جن حالتن ۾ بيت کي هڪ ناگزير سنڌي شاعرانگي صنف طور اجاگر ڪرڻ جي ابتدا ڪئي، تہ اُن وقت عروضي شاعريءَ جو زور هو ۽ "اياز" لاءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونہ هو تہ بيت جي روائيتي هيئت کي جيئن جو تيئن قبول ڪندي، اُن جي انداز ۾ هيئت Diction ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلي آڻي، ان کي نئين ماحول موجب بڻائي. اهڙي اتفاقي Haphazard طريقي، سان بيت ۾ هنديءَ جا ڦرڙاٽ غير مانوس لفظ استعمال ڪري، بيت کي ڇيهو رسايو آهي. ان ڪري بيت مان ڪن هنڌن تي موسيقيءَ وارو اهم جزو ڪمزور ٿي ويو آهي، جنهن ڪري "اياز" جو بيت ٿورو ٻاڙو پيو لڳي. "اياز" جا بيت جيڪي "اکن نيرا ڦليا"، "جهڙ نيشان نہ لهي" ۽ ٻين مجموعن ۾ آيا آهن، سي پنهنجي گرجدار Bombastic ٻوليءَ جي ڪري غور طلب آهن. "اياز" پنهنجي پوين مجمون ۾ ناموس ۽ ثقيل لفظ ڪتب آڻي، بيت جي اسلوب (Style) کي ڳورو بڻائي ڇڏيو آهي. لانجئينس (Longinus) لکي ٿو تہ: "جيڪو ليکڪ لفاظيءَ سان ڀريل زبان لکي ٿو، سو گويا علويت (Sublimity) جي مذاق اڏائي ٿو اِن سلسلي ۾ هو لکي ٿوَ تہ "He blows a little pipe and blow it ill" (هو توتاري وڄائي ٿو، پر اها مردار وڄائي ٿو) اِن سلسلي ۾ هو مثال ڏيندي، اُن وقت جي ليکڪن ايمفي ڦراطس، هيڪيسياس ۽ ميطرس مٿان نقطہ چيني ڪندي چوي ٿو:

"Who in their frequent moments of inspiration, instead of playing the genious are simply playing the fool."

(ڪي آرٽسٽ پنهنجي اُتساهہ جي اڪثر گهڙين ۾، هڪ جينيس جو ڪردار ادا نٿا ڪن، پر هو احمق جو ڪردار ادا ڪن ٿا.)

ان کان پوءِ هو اڳتي هلي ڇٽيءَ طرح لکي ٿو:

Speaking generally it would seem that bombat is one of the hardest things to avoid in writing. For all those writers who ae ambitious of lofty style, through dread of being comvicted of feebleness and poverty of language, slide by a natural gradation into the oppositie extreme. "Who fails in great endeavour, nobly fails", is their creed. Now bulk when hollow an affected, is always objectionable, whether in material bodies or in writings, and in danger of producing on us an impression of littleness: "Nothing", it is "is drier than a man with the dropsy."

(عموماً ايئن چئي سگهجي ٿو تہ تحرير ۾ سمع خراشي مشڪل سان لنوائي سگهجي ٿي. جيتوڻيڪ اُهي اديب جي اوچي اسلوب جا دلداده آهن، اُنهن کي ٻوليءَ جي ٻنلائپ ۽ سڪٽي پٽي جي ڀَر ڪان، قدرت فطري طور درجي بدر جي مختلف طرف ڏانهن لاڙي ٿي. جيڪو بہ انهيءَ عظيم ڪوشش ۾ ناڪامياب ٿئي ٿو، اهو پنهنجي موقف ۾ شان مان سان ناڪامياب ٿئي ٿو. اڪثريت جا ڪوڪلي ۽ ٽيڳرائپ واري آهي، هميشہ لاءِ اعتراض جوڳي لڳي ٿي توڙي اُها مادي شين ۾ هجي، توڙي تحرير ۾ ۽ اسان کي پنهنجيءَ ڪمتريءَ جو ڏيک ڏئي ٿي. اها ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ اُها اُليءَ ورتل ماڻهوءَ جي اُڃ وانگر ،.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ بہ ايترو ضرور چئبو تہ "اياز" بيت ۾ جيڪو تجربو ڪرڻ ٿي چاهيو سو هو يقينَ ڪاميابيءَ سان ڪري ويو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ "اياز" تنوع پسند آهي. هو جامد ۽ متين اصولن ۽ روايتن کان بغاوت ڪري ٿو. "اياز" بيت جي گهاڙيٽي جي راهہ ۾ ديومالائي قيودو قوانين کي ڪڏهن ٻاهر ڦٽو ڪيو آهي. جنهن ڪري نثري نظم لکندڙ شاعرن جي همت بہ وڌي آهي تہ آهي بہ بيت ڏانهن رخ ڪن.

چئي سڳهنديون چنڊ، توڏي مان ڇو ٿو تڪيان،
ڏئي سڳهنديون چنڊ، مون کي پار پرينءَ جا.

O

چوءِ، مان ڪنهن جي ڪاڻ، رلان پيو راتڙيون،
چوءِ، ڪنهن جي چانڊاڻ، هرڪايو منهنجو هينئون.

O

وِرِڏَ اَوَستا ۾ پيو، ساريان جوين ڏينهن،
اُس نہ ساڳي اُس آ، مينهن نہ ساڳيا مينهن،
اڄ نہ اڳوڻان نيهن، ڇاڇا ويسر واريو!

O

جڏهن جهري ماس، پوءِ ڏسان تون آن ڪٿي؟
منهنجو سَواس سڳنڌ ۾، هو جو تنهنجو سَواس،
مون ۾ ڪو وشواس، پيدا ڪري ڇو نہ ٿو؟

O

هيءَ نہ آدم زاد، پڳ پڳ جهڙيون پيشٿون،
جن جي لوٽ ڪسوٽ سان، تربر سڀ برباد،
پيڙي پونجي واد، پاليا ڏيهہ ڏڪاريا.

هتي صرف نموني لاءِ چند بيت پيش خدمت ڪيا آهن. ورنہ "اياز" جي ڪلام ۾ پيا بہ اهڙا ڪيترائي بيت موجود آهن. "اياز" جي بيتن جو اِهو هڪ پهلو آهي، جنهن ۾ قاريءَ کي بيت پڙهندي ڪجهہ ڳوراڻ محسوس ٿئي ٿي. پر ان کان سواءِ "اياز" جي بيتن جا ڪيترائي پيا پهلو بہ آهن. "اياز" تمام سٺا بيت بہ لکيا آهن. انهن جي ٻوليءَ کي جديد ۽ روماني رنگ ڏنو اٿس. نيون نيون تشبيهون تخليق ڪيون اٿس. جنهن ڪري سندس اَسلوب منفرد پيو لڳي. بهرحال ٿلهي ليکي ائين چئي سگهجي ٿو تہ "اياز" جي بيتن جو هڪ خاص اسلوب آهي، جيڪو کيس پنهنجي همعصر شاعرن کان هر طرح منفرد بڻائي ٿو.

ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ادب جي ميدان ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن، انهن جو اثر شاعرائي ادب تي بہ نمايان آهي. ادب ۽ شاعرائي ادب ۾ خاص طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جديد نظريا مختلف طريقن سان داخل ٿيا. پر اسان جي عروضي شاعري جنهن پراڻي محور تي بيٺل هئي، ان تي ئي بيٺل رهي. جڏهن ته خود هندوپاڪ جي اڙدو ۽ هندي شاعريءَ جو روح به تبديل ٿي چڪو هو. پر اسان جا شاعر ايڏين سارين تبديلين کان قطعن لاپرواهه ۽ پنهنجو پاڻ ٿي رهيا. صرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترا شاعر به مس ملندا، جن وٽ سياسي شعور هو ۽ باقي اقتصاديات جهڙي اهم شعبي کان ته بلڪل اڻ واقف هيا. "انقلاب فرانس" جي اثرات کان اسان جو اديب بلڪل ڪٽيل هو. اِن ڪري "رومانوي تحريڪ" جي ڪيس ڪابه خبر ڪانه هئي. ايتري قدر جو اشتمالي انقلاب جي به ڪيس ڪا ڄاڻ نه هئي. اتماليت، انسان دوستي، نيچريت، جمهوريت ۽ حقيقت پسنديءَ جهڙن نظرين سان ته سندنِ ڪو سروڪار نه هو. هوڏانهن ١٩٣٥ع ۾ هندوستان ۾ ترقي پسند ادبين "انجمن ترقي پسند مصنفين" جي نالي سان ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ نهايت زور شور سان هلائي ڇڏي. جنهن ڪري ترقي پسنديءَ سان گڏ ٻيا ڪيترائي نظريا ادب ۾ متعارف ٿيا. پر پوءِ به اسان جا شاعر روايتي ۽ فرسودا شاعريءَ کي ٻڪيا رهيا. اِن ڪري اسان جي شاعري نهر Saturation جي حد تي پهچي چڪي هئي. اِن ڪري اُن ۾ انقلابي تبديلين جي ضرورت هئي. خود ان وقت جي ٻولي ۽ ادبي زبان به ڪٺل پيٺل ترڪيبن جي سهاري هلي رهي هئي. جيڪا جديد شعري تقاضائن سان لاڳاپيل نه هئي. فارسيءَ جي جاءِ تي انگريزي ۽ سنڌي دفتري زبانون ٿي چڪيون هيون. ان ڪري ماڻهن مان فارسي داني جو شوق به ختم ٿي ويو هو. ماڻهو انگريزي ۽ سنڌي ڏانهن باقاعده مائل ٿي چڪا هئا. اِن ڪري فارسي گاڏڙ ٻوليءَ کي عام سنڌي پڙهيل ماڻهو هضم نه ٿي ڪري سگهيا. ضرورت هئي ته ٻوليءَ کي سادو، عام فهم ۽ عوامي بڻائجي ته جيئن ادب مان عام ماڻهو به لاڀ پرائي سگهن. اهڙي عوامي ٻوليءَ ۾ نوان قرينا متعارف ڪرائڻ جي ضرورت هئي. جو اُها جديد رجحانن ۽ لاڙن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي سگهه پيدا ڪري سگهي.

اسان هن کان اڳ ۾ به اِن طرف اشارو ڪري آيا آهيون ته "اياز" ان سموري ڪم کي پاڻ مٿو ڏنو ۽ هن سڀ کان اول شاعريءَ جي مروج هيئت Diction ۾ تبديلين آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن اُن کي عوام جي ويجهو آڻي به سگهجي ۽ جديد به بڻائي سگهجي. حالات مطابق هڪ اهڙي جديد ٻوليءَ جي ضرورت هئي، جنهن جي نشاندهي جڳ- مشهور انقلابي اڳواڻ مائوزي تنگ ڪئي آهي:

"Our artists and writers should work in their own literature, but their duty first and foremost is field, which is art and to understand and know the people well. How did they stand in they lacked an adepast?........ They failed to understand language quate knowledge of the rich and lively language of the massess of the people. Many artists and writers, are ofcourse unfamiliar

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

with the people's language, and thus their works are not only wirtten in a language, without savour or sap but often contain awkward expression of their own coinage which are opposed to popular usage... all artists and witers of high promise must, for long periods of time, unreservedly and whole-heartedly go into the midst of the masses, the masses of workers, peasants and soldiers, they must go to the only broadest, the richest sourse to observe, learn, study and analyse all men, all classes, all kinds of people, all the vivid patterns of life and struggle and raw material of art and literature, before they can proceed to creation. Otherwise, for all your labour, you will have nothing to work on and will become the kind of empty headed artists or writers.'

(اسان جي آرٽسٽن ۽ ادبين کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي، پر ان ۾ هنن جي اولين اهميت نہ رڳو آرٽ ۽ ادب آهي پر پنهنجي عوام جو شعور ۽ شناخت آهي. هو ماضيءَ ۾ ڪيئن لکن ٿا؟... ڪين ٻوليءَ جي شاهوڪاري ۽ زنده دليءَ جو پتو نہ آهي. اڪثر آرٽسٽ ۽ اديب عوام جي زبان سان نا آشنا آهن ۽ انهن جي تخليقن ۾ اهڙي ٻولي ڪم آندل آهي، جن ۾ ساءُ سواد ۽ رس چس نہ آهي پر انهن پنهنجي ٺاهہ ٺوهہ وارو اڻ گهڙيو ۽ اڏنگو اظهار ڪيو آهي جو عوام جي استعمال ۾ نہ آهي. ڪافي لنبي عرصي لاءِ سڀني آرٽسٽن ۽ اهم ادبين کي، ڊگهي عرصي تائين پوريءَ دل سان ۽ رک رکاوَ کان سوا پورهيت عوام، ڪسانن ۽ سپاهين ۾ وڃڻ گهرجي انهن لاءِ فقط هڪ ئي نشريات آهي جا تخليق جو بهترين ذريعو آهي ۽ آها آهي عوام کي چڱيءَ طرح جاچڻ جو چڻ، اُن مان سکڻ ۽ سڀني انسانن، طبقن جو زندگيءَ جو مطالعو ۽ تجزيو ڪرڻ، زندگيءَ جا چٽا طور طريقا ۽ ادب لاءِ خام مواد جي ادب جي تخليق کان اڳ ڄاڻ ضروري آهي. نہ تہ اوهان کي پنهنجي محنت جي باوجود ڪجهہ ڪم ڪرڻ لاءِ نہ ملندو ۽ اوهان خالي هٿين اديب ٿي رهجي ويندؤ.)

"اياز" نہ صرف ٻوليءَ جي صوتياتي اثرن کي پنهنجي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪيو آهي، پر لفظن جي اوک ڊوک ڪري، نوان لفظ، نيون تشبيهون، نوان استعارا ۽ نيون علامتون آنديون آهن ۽ ٻئي طرف پنهنجي شاعريءَ جي زبان کي جديد دؤر جي تقاضائن سان لاڳاپو پڻ ڪيو آهي.

"اياز" شروع کان ئي ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ رهيو آهي، پر پوءِ بہ سندس شاعريءَ جو غالب حوالو رومانيت ئي آهي ۽ "اياز" ان ۾ ٿورو گهڻو انسان دوستيءَ جي نظرين جو اضافو آندو آهي. اِهوئي سبب آهي جو "اياز" جي اُن دؤر جي شاعريءَ ۾ داخليت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. پر آهستي آهستي هو انسان دوستيءَ جي چڪر جي ڪري، داخليت جي غفائن مان نڪري، معروضي حقائق ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يقين رکي ٿو جتان سندس شاعريءَ ۾ نئين دؤر جو آغاز ٿئي ٿو. جنهن کي اسان رومانيت کان حقيقت طرف موٽ (Return from Romanticism to reality)

جو نالو ڏيئي سگهون ٿا. "اياز" جي شاعريءَ جو اهو دؤر (Stage) آهي، جتي هو وڌ ۾ وڌ انسان دوست نظر اچي ٿو. ۽ اها انسان دوستي ئي آهي، جيڪا "اياز" کي عام انسانن جي مسئلن ڏانهن متوجهه ڪري ٿي ۽ هو سنڌي ادب ۾ ترقي پسندانه نظرين جو علمبردار ٿيو آهي. "اياز" جي اِها انسان دوستي صرف ڌرتيءَ جي حوالي سان آهي، جنهن ۾ سڀ ڌرتيءَ ڇاوا، سواءِ رنگ روپ، نسل، زبان ۽ مذهب جي "انسان" جي دائري ۾ اچن ٿا ۽ انهن جا ڏک درد، شاعر جا پنهنجا ڏک درد ٿي وڃن ٿا. "اياز" هڪ هنڌ چوي ٿو:

اڄ ته چٽي ڏي، اڄ ته چٽي ڏي، اڄ ته علي الاعلان،
منهن جو ڪوئي ديس نه آهي، منهنجو ديس جهان،
منهنجو ڪوئي نانءُ نه آهي، مان آهيان بس انسان

هڪ ٻئي شعر ۾ "اياز" ڌرتيءَ جي حوالي سان اِن ڳالهه جي اجا ڇٽي وضاحت ڪري ٿو ته انسان جو ڪوبه ديس نه آهي. سندس ديس سموري ڌرتي آهي. سموري ڌرتيءَ ڏانهن اشارو ڪري، "اياز" بين الاقوامي ڀائيچاري International Brotherhood جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ پاڻ کي ڪنهن هڪ قوميت سان وابسته نه ٿو رکي ۽ انسان مٿان انسان جي جبرو تشدد جي هيئن مذمت ڪري ٿو:

او انسان!
او انسان!
ڪنهن کي ٿو مارين!
هيءُ ماڻهوءَ جو ٻچڙو آهي،
هي جو پٿر کان ڏاڍو آ،
ڪؤنپل کان پڻ ڪچڙو آهي،
او حيوان!
او حيوان!
ڪنهن کي ٿو مارين!
هن جو توسان وير به ڪهڙو،
هن جو ديس به ساڳي ڌرتي،
هي به ته ماڻهو آ تو جهڙو!
او نادان!
او نادان!
ڪنهن کي ٿو مارين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اياز" جي انسان دوستيءَ ۾ آدميت جي تقاضائن سان وفاداري شرطِ اول آهي. هو انسان کي انسان سان وڙهڻ کي نفرت جي نگاهن سان ڏسي ٿو ۽ ان کي مانُهپي جي اصولن جي خلاف سمجهي ٿو. هو انسان جي زندگيءَ جي نمو پذير قوتن جو شيدائي آهي. هو ان جي برڪتن مان هر ڪنهن کي مستفيض ٿيڻ جو حق ڏئي ٿو. انسان دوستيءَ جا اهي جذبا "اياز" جي تاريخي شعور جي عڪاسي ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ هو انساني زندگيءَ جي مصائب جو منظر نامو تاريخ جي تَهن ۾ ڏسي چڪو آهي.

هي قابيل!
هُو هابيل،
ساڳي ڪک جا ٻئي رهواسي،
هڪڙو ٻئي جي رت جو پياسي!
تو ڪي مُصحف پڙهئو آهي،
دور ستارن جي ڏاڪڻ تي،
جنت تائين چڙهئو آهي.

"اياز" پنهنجي هن تمثيلي نظم ۾ "هابيل" ۽ "قابيل" جي ڪشمڪش ڏانهن اشارو ڪيو آهي. اِهو "هابيل" ۽ "قابيل" انساني سماج جا بہ ڪردار آهن، جن ۾ مفادات جي جنگ جاري آهي. قاتل ۽ مقتول ٻئي انساني اولاد آهن ۽ سندن نسليت بہ ساڳي آهي، پر پوءِ بہ هو هڪ ٻئي جي خون جا پياسا آهن. "اياز" اتهن کي آدميت جو مصحف پڙهڻ جو تاڪيد ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ انسان کي ستلرن جي جهان کان بہ مٿي جنت تائين ترقي ڪرڻي آهي. "اياز" جي شاعريءَ جو اهو روپ انسان دوستي ۽ اَمن جو مظهر آهي. "اياز" جي اِها انسان دوستي ۽ عالمي برادريءَ جو سڏ مذهبي ڪٽرپڻي کان بالاتر آهي. اها همہ گير دعوت محض انسانيت تي مبني آهي.

مذهبي ڇوت ڇات کان بالاتر هڪ ٻيو خوبصورت نظم- جنهن ۾ "اياز" مذهبي بنيادن تي هلايل جنگ کان نفرت جو اظهار ٿو ڪري. هو امن کي پيار ڪري ٿو ۽ جنگ کان ڌڪار ڪري ٿو. هن نظم ۾ ٻہ ڪردار آهن هڪ "هندو" آهي ۽ ٻيو "مسلمان" آهي. اچو تہ اياز جو هيءُ نظم ڏسون:

هي سنگرام!
سامهون آ
ناراڻ شيام!
هن جا منهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا،
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏئي، پر
منهن جا رنگ- رتول بہ ساڳيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍٽ بہ ساڳيو،
ڍول بہ ساڳيو،
هانءُ بہ ساڳيو
هول بہ ساڳيو
هن تي ڪيئن بندوق ڪڍان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!

"امن ۽ جنگ" جي موضوع تي هن کان زياده بهتر نظم شايد ئي ڪو لکيو ويو هجي. "نارائڻ شيام" هڪ امن پسند شهريءَ جي علامت آهي. جيڪو جنگ جي "ڪارڻ" لاءِ هڪ چيلينج آهي. سندس سيني ۾ بہ اهڙي دل ڌڙڪي ٿي، جيڪا انساني دل آهي، ڪا وحشي يا پاڳل جي دل نہ آهي. هو "ڪوتا جو ڪاڪ-ڏٿي" بہ آهي. هوبہ "جنگ" کان متنفر آهي ۽ هن جو پيغام بہ "امن" آهي. هو بہ بي قصور آهي ۽ مظلوم آهي. ٻئي طرف "شاعر" هڪ جنگي سپاهيءَ جو نشان Sym-bol آهي. جڏهن هو (شاعر) بندوق کڻي جنگ لاءِ ڪاهي پوي ٿو تہ ڪيس سامهون سندس ئي دوست نارائڻ شيام نظر اچي ٿو جو جنگي سپاهي نہ آهي. پر جنگي سپاهيءَ (شاعر) کي خبر آهي تہ هن جون سوچون بہ جنگ لاءِ نہ آهن. هو هڪ امن پسند شهري آهي. جيڪو هن جنگ جو سبب بہ نہ آهي، پوءِ بہ ڇا سبب آهي جو هو مٿس بندوق تاڻي بيٺو آهي. نظم جي ساري خوبي ان ۾ آهي تہ شاعر جي هڪ علامت آهي، سو "هُن کي گولي ڪيئن هڻان مان." جي لفظن ۾ پنهنجي مجبوري ظاهر ڪري ٿو. يعني هو گولي هڻڻ نہ ٿو چاهي پر پسِ پرده ڪا اهڙي طاقت آهي، جيڪا کيس گولي هڻڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. اِن کان پوءِ."ڪيئن هڻان مان" جو ورجاءُ نظم ۾ زور (Stess) پيدا ڪري ٿو (۽ ڪلائيمڪس طور ائين لڳي ٿو تہ گويا بندوق سندس هٿن مان ڇڏائجي ڪري پيئي آهي) گويا پس پرده جنگ ڪرائيندڙ اصل قوت لاءِ بہ هن ۾ پوشيده نفرت پڙڪو ڪائي اٿي تي ۽ هِن ۾ زيرلب اهڙين سوچن جو اظهار نظر اچي ٿو. جنگ ڪندڙ شخص (شاعر) بہ لاحاصل ويڙهہ لاءِ، بندوق کڻڻ تي ندامت جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو ۽ پڇتائي ٿو تہ مان بلاقصور انسان کي جيڪو محبتن جو پرچارڪ آهي، گولي ڪيئن هڻان؟

"اياز" جي انسان دوستي ڪا خلا ۾ لڙڪيل شيءِ نہ آهي ۽ نہ ئي اُها ڪا غير مَرئي شيءِ آهي، جنهن جو ٺوس بنياد نہ هجي. "اياز" جي انسان دوستيءَ جو تصور متحرڪ تصور آهي. سندس انسان دوستي ڌرتيءَ جي ناتي سان واڳيل آهي. "اياز" انسان دوستيءَ جي حوالي سان جڏهن بہ ڳالهہ ڪري ٿو تہ اها خاص "ڌرتي" آهي. اِن مان هرويرو اِهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو "اياز" بين الاقواميت جي نفي ڪري ٿو. پر هو پنهنجي تشخص تي ضرور زور ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪُل" جو تصور "جُزو" کان بغير ممڪن نہ آهي ۽ اهو "جزو" ئي آهي جيڪو "ڪُل" جو ڪارڻ آهي.

"اياز" جي فن ۽ ڏرتيءَ جي حوالي جيڪو گهرو ۽ گهاٽو سٻنڌ آهي، سو رڳو ذهني تجنسس، فڪري تلاش ۽ جذباتي رَو جو نتيجو نہ آهي، پر اهو پنهنجي دؤر جي حقائق ۽ حالات جي ارتقائي تصور ۽ باريڪ جائزي تي مبني آهي. جيتوڻيڪ "اياز" سياستدان نہ آهي، پر هُو زبردست سياسي شعور جو مالڪ ضرور آهي. هو تاريخ جي جدلياتي عمل، طبقاتي آويزش ۽ قومن جي ڪمال ۽ زوال جي سببن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. "اياز" کي بغداد ۽ اسلام آباد جهڙين بستين تعمير ڪرڻ جي هوس نہ آهي. پر کيس پنهنجي جنم ڀوميءَ جو احساس آهي. کيس خبر آهي تہ هو هِن ڌرتيءَ جو قلمڪار آهي، جنهن تي ڪيتريون ئي ذميواريون عائد ٿين ٿيون. رينان ٺيڪ لکيو آهي:

"One belongs to ones century and race, even one reacts against one's century and race."

"A great man of letter is the creature as well as creater of the age in which he exists."

(هرڪوئي پنهنجيءَ صديءَ ۽ قوم جو آهي پوءِ هن جو رِدعمل ڀل تہ پنهنجيءَ صديءَ جي خلاف ڇو نہ ٿئي.)

"اياز" ورهاڱي کان اڳ واري سنڌ بہ ڏٺي هئي ۽ ان کان پوءِ بہ سنڌ جون تيزيءَ سان بدلجندڙ حالتون بہ سندس سامهون آهن. سنڌ کي ان وقت تهذيبي ۽ معاشي مسئلا سامهون هئا. سنڌ مان سنڌي ڳالهائيندڙ هندو جيڪي سنڌ جي ثقافتي ورثي ۽ معاشي خوشحاليءَ جو سبب هئا. سي لڏپلاڻ ڪري هندوستان وڃي رهيا هئا ۽ انهن جي جاءِ تي هڪ سازش هيٺ هندستان مان ايندڙ تڙيل ۽ بڪايل پناهگير، جن جي زبان ۽ ثقافت قطعي مختلف هئي. انهن کي سنڌ جي وسائل جو وارث بڻايو پئي ويو ۽ انهن کي بي انتها مراعات ذريعي مالي طور پڻ پاڻيرو پئي ڪيو ويو. جيئن تہ سنڌي ماڻهو ان وقت بيوروڪريسيءَ ۾ نہ هئڻ برابر هئا. اِن ڪري وڏا وڏا بيوروڪريٽ نوڪرين ۾ بہ ٻاهران آيل پناهگيرن کي نوازي رهيا هئا. ٻئي طرف فوجي جيڪي هڪ صوبي جي نمائندگي ڪن ٿا. تن کي نون بيراجن جي آڙ ۾ زمينون الاٽ ڪري گويا سنڌ کي هڪ فوجي ڪالوني ٺاهڻ جي سازش سٽي ويئي. ٻين لفظن ۾ ڪٿي اڻين چئجي تہ سنڌ هڪ نوآبادياتي نظام مان نڪري، ٻئي نوآبادياتي نظام ۾ داخل ٿي رهي هئي. "اياز" جي ذهن ۾ اِهي خدشا جنم وٺي ٿي چڪا هئا تہ مٿان اسلام جي نالي ۾ ون-يونٽ مڙهجي ويو. سنڌ کي بلا شرڪت جي پنجاب جي تسلط هيٺ ڏنو ويو ۽ سندس صوبائي حيثيت جيڪا انگريزن جي زماني کان بحال هئي، ان کي ختم ڪيو ويو. مغربي پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ لاهور کي قرار ڏيئي آقي باقي ڪسر پوري ڪئي ويئي. سنڌي ٻوليءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صوبائي حيثيت کي ختم ڪري، اڙدوءَ کي صوبي ۾ لازمي قرار ڏنو ويو. ماستر ڪان وٺي پنيوالي تائين پرتي به لاهور مان ٿي رهي هئي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي اصل وارثن کي لاوارث ڪيو پئي ويو. اهڙي صورت حال ۾ ظاهر آهي ته هڪ قومي سوچ رکڻ واري شاعر جي حيثيت ۾ "اياز" جو فرض هو ته هو پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ به ڪو ذهني خاڪو مرتب ڪري ۽ پنهنجي ماڻهن کي آگاهه ڪري ته سنڌن اردگرد ڇا وهي واپري رهيو آهي. ون يونٽ ڪان پوءِ ستت ئي مارشل لا نافذ ٿي وئي. ان دؤر ۾ ته بلڪل اِها حالت هئي؛

سـنـڌڙي تـنـهـن جو نـانءُ وٺـو،
ڪـاريـهـر تـي پـيـر پـيـو.

اِن ڪري "اياز" جي سموري رومانيت ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ جذبات پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ متحرڪ ٿي ويا ۽ سندس شاعريءَ ۾ جسماني محبوب جي جاءِ تي سنڌ ڌرتي کي جڳهه ملي. سندس درد وڪرب وطن جي درد ۾ بدلجي وڃن ٿا جيئن جيئن سنڌ بابت سندس ڳهاوَ ڳهرا ٿيندا پيا وڃن، تيئن تيئن سندس شاعريءَ ۾ جوش ۽ جذبي جو تلاطم پيدا ٿيندو وڃي، سندس سيني ترجيحات ۾ اول ترجيح وطن کي حاصل آهي، جنهن لاءِ "اياز" لکي ٿو. "اياز" سنڌ جي ڏکن سورن ۾ ايترو ته ڳم ٿي وڃي ٿو، جو سندس سنجيده جذبن ۾ هڪ طوفان ڪڙو ٿي وڃي ٿو ۽ هو سنڌيءَ جو انقلابي ۽ رزميه شاعر ٿي وڃي ٿو. ڌرتيءَ جا سور سندس سينو ساڙين ٿا ۽ هو بغاوت جي آگ ۾ ڪجي اٿي ٿو؛

سهندو ڪير ميار، او يار! سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو!
جهول جهلي جنهن وقت پنائي، ڪرندا ڪنڌ هزار، اويار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو!
نيٺ ته ڍهندي، ڪيسين رهندي، دوکي جي ديوار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو!

اهڙيءَ ريت "اياز" جا جذبات ضبط جو بند ڀڃي، ڪيس قوم پرستيءَ جو نعرو هڻائن ٿا ۽ اِها گونج سندس شاعريءَ ۾ عموما ڪليل لفظن ۾ ملي ٿي ته ڪٿي علامتي اظهار ۾ به اُهائي جهلڪ نظر اچي ٿي؛

تنهن جي ڪوثر توکي پهتي، مون کي ڏينم ڇڏي،
ڪعبي ۾ پي ياد اچي ٿي، مون کي ڪينجهر جي،

OOO

سنڌڙي توکي سـ ـ ـتي، ۽ توکي سنڌڙيءَ سار،
دلڙي توکان ڌار نهُ آهي، ڌار نه ٿي سگهندي.

OOO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ "اياز" نہ مرٽي آ،
آخر هيءَ رات گذرٽي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا.

OOO

سنڌ ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان،
مٽي ماٿي لايان.
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين، توکي چشمن چايان،
مٽي ماٿي لايان.
تنهنجيءَ مٽيءَ منجهہ ملان جي، آءُ اَمرتا پايان،
مٽي ماٿي لايان.

"اياز" جي شاعري، جيڪا هن سنڌ جي حوالي سان لکي آهي، اُن ۾ اظهار ۽ ابلاغ نقطہ عروج تي پهچي ويا آهن. "اياز" ان حوالي سان جيڪا بہ شاعري ڪئي آهي تہ اُن کي دوام بخشي ڇڏيو آهي. ورنہ اهڙي شاعري ۽ پروپيگنڊا ۾ ڪو ٿورو ئي فرق هوندو آهي. پر "اياز" ان ۾ عصري شعور ۽ حقائق جو روپ ڀري پروپيگنڊا ۽ شاعريءَ ۾ حدِ فاصل قائم رکي آهي. ٻئي طرف وري ڪيترائي نوجوان سنڌي شعر ٺاهي، نعري بازي واري شاعري ڪري پاڻ کي شاعر مڃائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن، پر شاعريءَ جوروح انهن کان ڪوهين پري بيٺو آهي. "اياز" پنهنجي قومي گيتن ۾ بہ شعريت جو دامن هٿان نہ ڇڏيو آهي. اڃو تہ "اياز" جون چند اَمر سٽون پڙهي ڏسون. جن مان "اياز" جي قومي فڪر ۽ سياسي شعور جي پروڙ پوي ٿي.

اي قوم! ٻڌا يا ٿي قصا، ڪلهہ توکي مون تقريرنَ جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سر تي، تو تاج ڏسان تعزيرن جا.

OOO

ڪو ڪيئن نہ ڀوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبو ميندي‍ءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي، تا زلف ڇڪن زنجيرن جا.

OOO

هر دوکي جي ديوار ڊٺي، ۽ ان جي سر سر سان نہ ملي،
اڄ ڀوڙي هوڪو ديواتو ٿو، کولي بند اسيرن جا.

"اياز" جي انسان دوستي، دردمندي، همہ گير محبت، آفاقي تہ آهن، پر انهن جون جڙون يا خمير سندس وطن جي ڌرتيءَ مان ڪڇن ٿا. سندس انسان دوستي، جنهن جو ذڪر سندس شاعريءَ جي جان آهي، ان جو محرڪ اول بہ سندس ڌرتي آهي ۽ سندس ڌرتيءَ جو انسان آهي. "اياز" جي انسان دوستيءَ جو هر حوالو "اول خويش پوءِ درويش" منجهان نڪري ٿو. سندس ساريون محبتون ۽ سندس پيار جا هڙ حوالا سنڌ سان علامتي طور يا سڌيءَ طرح ڳنڍيل آهن. سنڌ جي غريب جو هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشان سندس نزديڪ ڪفر آهي. هو هر سچائي ۽ هر صداقت کي سنڌ جي ڪسوٽي تي پرکي ٿو. هن جي جنگ به سنڌ لاءِ آهي ته امن به سنڌ لاءِ. جيڪڏهن نفرت آهي ته اها به سنڌ لاءِ ۽ محبت آهي ته اها به سنڌ لاءِ. "اياز" پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌ جا رزميه جديد انداز ۾ لکيا آهن. انهن ۾ جيتوڻيڪ جنگ جي منظر نگاري نه آهي، پر "اياز" پسِ پرده اهڙي منظر ڏانهن اشارا ڪيا آهن. جنهن ڪري سندس اهڙا سمورا شعر جديد ڪلاسيڪ (Neo-classic) ٻڌجي ويا آهن.

"اياز" پنهنجي اهڙن شعرن ۾ نه صرف سنڌ جو "شهرِ آشوب" لکيو آهي، پر هن ته انهن ۾ غدارن، پيرن، وڏيرن، سياستدانن، ملا مولوين ۽ پنهنجي مفاد Vested intersts جو نعرو هڻڻ وارن کي پڻ وائکو ڪيو آهي. "اياز" پنهنجي قومي شاعريءَ ۾ ابهام جي بجاءِ اظهار ۽ ابلاغ جو ڀرپور حق اداڪيو آهي. هو پنهنجي قومي شعرن ۾ رڳو نعريبازي ۽ جذبات تائين محدود نه ٿوٿئي، پر مستقبل جولائحهء عمل به ٻڌائي ٿو ته وات جي خطرن ۽ خدشن جي نشاندهي به ڪري ٿو. مشهور انقلابي شاعر مايا ڪووسڪي (Mayakovski) پنهنجي نغمن لاءِ گولي برابر ٻڌجڻ جي دعا گهري هئي؛

مان چاهيان ٿو ته قلم	I want the pen
بندوق جي برابر ٿئي	to equal the gun,
۽ شمار ڪيو وڃي	to be listed
لوهه جيان	with iron
صنعت ۾	in industry.
۽ پولٽ بيورو جي ايجنڊا تي	And the politbureau's agenda
پهريون اسم	item-I
اسٽالن جي رپورٽ ٿيڻ لاءِ	To be stalin's Report on
شاعري هئڻ گهرجي	The output of poetry........

"اياز" کي اها شيءِ ته ملي جو هو چوي ٿو؛
ٿـــي ســـــاري ســنــڌ "ايـــاز" نـــچي،
ڇا ڇم ڇم آنــــدڻـــي ڇيــــــرن جي.

پر "اياز" ڀرپور عصري شعور رکندڙ شاعر آهي، ڪيس اِها خبر آهي ته شاعري يا قلم جي طاقت ذريعي پنهنجو پيغام ته پهچائي سگهجي ٿو، پر قومن جي تقدير بدلائي نه ٿي سگهجي. تقدير بدلائڻ لاءِ ڪنهن ٻي تدبير جي ضرورت به هوندي آهي. مايا ڪووسڪيءَ جو ذهن نارسا صرف قلم جي حقيقت تي ڪٽي ويو، پر اڄ جو "قومي شاعر" "اياز" اها هڪ ٻي حقيقت جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ اُن جي طاقت کي تسليم ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪيس تاريخ عالم جي شعور مان اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪ پيل آهي ته قلم جي حقيقت ڪي عملي روپ پهرائڻ لاءِ اُها زياده اهم حقيقت آهي، نه ته قلم جي حقيقت صرف نعري بازي رهجي ويندي ۽ عملي روپ ڪڏهن به ڌاري نه سگهندي.

اُها حقيقت جنهن طرف "اياز" اشارو ڪري ٿو، سا آهي:

تون هوندءِ به مرندين ڪاڇي ۾-
اڄ نـاهـر وانـگـر ڇال ڏئـي،
تـون آءُ پـهـاڙيءَ پـاڇي ۾.

OOO

تون گـوليـون هيٺ هلائي ڏس!
۽ ڪـنـهـن پـٿـر جي اوٽ ڏئـي،
هـن ڌرتـيءَ کي ڌڌڪـائـي ڏس!

OOO

هـر گـوليءَ کـي ڪـا ٻـولـي آ،
جا هـر ڪـو ڄاڻـون ڄاڻـي ٿـو-
تـون چونـديـن هـيءَ ٻرولـي آ...

OOO

پـر سَولـي هـيءَ ٻـرولـي آ،
تون ڪنهن جو ٻانهو ناهين ڙي،
جي گـولـي تـنـهـنـجي گـولـي آ.

"اياز" کي ان ڳالهه جو پرپور احساس آهي ته گيت برابر قومن ۾ جوش ۽ جذبو ته پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ بغاوت يا انقلاب لاءِ تيار ڪري سگهن ٿا، پر انقلاب جو ڪو ميڊيم ٿئي ٿو، سو "گولي" آهي. ميڊيم کان سواءِ انقلاب محض نظريو ئي رهجي ويندو. ان ڪري ميڊيم هڪ حقيقت آهي. سنڌ جي قومي شاعر جي حيثيت ۾ هن پنهنجي ذميواري پوري ڪري ڇڏي آهي ۽ هن پنهنجي ديس جي نوجوان جي سوالن جو جامع جواب ڏئي ڇڏيو آهي. A.W.Auden ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو آهي:

"A great poet must give the right answer to the problems which perplex his generation."

(هڪ عظيم شاعر کي انهن مسئلن جو صحيح جواب ڏيڻ گهرجي جي هن جي همعصرن کي مونجهاري ۾ وجهن ٿا.)

ڪـنـهـن بـه آزادگـي، نـاهـي روئـي وتـي،
تـون تـنـئـين تـل تـي، رات تـارن پـري،
جهاڳ جهڙ جي ته ڏس، ڏات ڇا تمڪندي،
آگ جي راڳ جي- تـيءَ ڪـائـي جيـي،
تون به تي ڪا جيي، تـون بـه تي ڪا جيي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان سواء "اياز" جا ٻيا نظم "چي ڪنوئيرا جي موت تي" "ويٽ ڪانگ جو سائگان تي حملو" ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي نظمن ۾ "اياز" ان حقيقت جي کولي نشاندهي ڪئي آهي.

"اياز" جو فڪر ڏرتي ۽ ڏرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن مان جلا حاصل ڪري ٿو ۽ گردو پيش جي مادي حقيقتن کي داخلي ڪيفيتن سان ملائي ٿو. هو غمِ زندگيءَ جي بجاءِ غمِ دوران کي ترجيح ڏئي ٿو. "اياز" ذاتي غمن ۽ سورن جو روئڻو نه ٿو روئي. ڇاڪاڻ تہ سندس زندگي بہ سند لاءِ وقف آهي. اِن ڪري هو اجتماعي مسئلن کي ڪٿي ٿو. اِهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري، خاص طور نظمن ۾ انقلاب پسنديءَ جو غلبو نظر اچي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ استحصال پسند ۽ موقع پرست ماڻهن کي موقعو ملي ويو. جيڪي حڪومت ۽ ذرائع پيداوار تي قابض ٿي ويٺا ۽ ڦرلٽ ڪندا رهيا. ملڪ ۾ استحصال پسند طبقو اعليٰ بيوروڪريٽ، فوجي جرنيل ۽ ڪارخانيدارن جي صورت ۾ واضح ٿي سامهون آيا. جن ملڪ جي وڏيرن جاگيردارن، پيرن ۽ ٻين اسلام جي ٺلهي نعري هنڌڙن جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ نتيجتن معاشري ۾ طبقاتيت جي ڦوٽ وڌيڪ وسيع ٿيندي ويئي. غريب، غريب تر ۽ امير امير تر ٿيندو ويو ۽ ٻئي طرف انهن مان هڪ طبقي جي حمايت ۽ مدد ۾ سفيد سامراج پيش پيش هو. جيڪو تجارتي منڊين، امداد، قرضن، نوآبادين، فوجي اڏن ۽ سي آئي اي جي ايجنٽن جي صورت ۾ سرگرمِ عمل هو. اهڙي عوامل "اياز" کي محنت ڪش، مزدور، هاري ۽ پيڙيل عوام جي حمايت ۾ قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو. "اياز" جي دل ۾ اِها دکندڙ آڳ سند ۽ سنڌي ماڻهن جي حوالي سان زياده نمايان آهي.

هي گيت لهوءَ جي لڙڪن جا هي گيت سلهاڙيل سڏڪن جا،
هي گيت اڌاٿل ڪيرن جا ۽ آنڌيءَ ۾ آکيرن جا،
هي گيت ٻڪايل ٻارن جا ۽ مستقبل جي تارن جا،
درماندنِ جا مزدورن جا ۽ کيتيءَ کيتيءَ کورن جا،

"اياز" "مزدور جي ٻار جو گيت" نالي هڪ تمام سٺو نظم لکيو آهي، جنهن ۾ هن مزدور جو ٻار ڏيکاريو آهي ۽ اهو ٻک ۾ پاهه تيل ٻار آهي. ٻار ڪارخاني ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏجي وڃي ٿو ۽ اتي ٺلهي متاري وڏي پيٽ واري سيٺ کي ڏسي ٿو جيڪو ويهي ويهي ۽ کائي کائي ٿلهو ٿي پيو آهي. هو ڪوبہ ڪم نہ ٿو ڪري صرف حڪم هلائي ٿو. ان منظر ۾ ٻار جي ذهن ۾ ڪيئي سوال جنم وٺن ٿا. ڪيس پنهنجو ٻک ۾ پاهه تيل جسم ۽ سيٺ جو وڏو پيٽ، ماءُ جو رئو ۽ گهر ۾ مانيءَ کان بغير رڪيل ٿڌو ٿڻو. سندس گهر جو منظر، سندس پيءُ ۽ ماءُ ۽ سيٺ جي ڪاڏي پيٽي جو تضاد، سڀ سندس اکين سامهون اچي وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طـــرو وڏو ابـــا جو،
ڇرو وڏو ابـــــا جو،
رئـو وڏو امـــان جو،
ٽـئـو وڏو امـان جو،
پيٽ وڏو سيٺ جو،
پيٽ وڏو سيٺ جو،

"اياز" معصوم ٻار جي سوچن کي هن نظم ۾ نهايت فنڪاريءَ سان چٽيو آهي. "طرو وڏو ابا جو" ۽ (رئو وڏو) ۾ ڪيس پنهنجي پيءُ ماءُ جي عظمت نظر اچي ٿي. ٻئي طرف "ڇرو وڏو ابا جو" ۽" پيٽ وڏو سيٺ جو" هڪ عجيب تلازمو پيدا ڪن ٿا. سيٺ جي وڏي پيٽ کي ڏسي، ڇوڪري جو ذهن يڪدم "ڇري" ڏانهن هليو وڃي ٿو. "ڇرو" بغاوت ۽ تشددجي علامت آهي. ان ڪان پوءِ ٻار اڪٽي ڳائي ٿو،

ڳيـــا ڳيـــا روٽلا،
ڪـسي ويو ديس جا
بـک بـري ديـس جي
لَک بـري سـيـٺ جي
پيٽ بـرو سـيـٺ جو
پيٽ بـرو سـيـٺ جو
نـيـٺ اهـو سـيـٺ جو
پـيـٽ وڏو ڦـاٽـنـدو
ڇرو وڏو ابـــــا جو

"پيٽ وڏو" "سـيـٺ" "بک" "مزدور" ۽ ان جو بک ۾ پاهه تـيـل ٻار ۽ اَن جون سوچون نئين نسل جون سوچون آهن، جنهن جي ذهن ۾ استحصال، ڦرلٽ ۽ هڪ طبقي جي اجاره داري (Monopoly) جي خلاف ايتري شديد نفرت آهي، جو اهونفرتن جو سلسلو "وڏي ڇري" ۽ "وڏي پيٽ" جي تلافيءَ تائين پهچي چڪو آهي. "اياز" معصوم ٻار جي طوطلي زبان مان "ڳيا ڳيا روٽلا" "ڪسي ويو ديس جا" ۾ هڪ طرف روٽيءَ جي اهميت کي واضح ڪيو آهي تـه ٻئي طرف نئين نسل جي نظر ۾ ان سموري صورتحال جو پيدا ڪندڙ اهو ئي سيٺين وارو استحصال پسند طبقو آهي، جيڪو ٻئي جي مزدوري ۽ محنت جي زور تي دولت ڪمائي ٿو. "اياز" هن نظم جوڪلائيمڪس (Climax) بـه خوبصورت رکيو آهي، جنهن ۾ جذبن جي شدت جي صحيح عڪاسي ٿيل ٿيل آهي ۽ جديد نظم جي تقاضائن کي پوريءَ ريت نڀايو ويو آهي.

"اياز" "ٽري ٻار جو گيت" ۾ تـه ايجا وڏيڪ هيناڻ ڏاريندڙ منظر چٽيو آهي. جنهن ۾ هن هڪ معصوم ٽري ٻار جو پنهنجي ماءُ سان مڪالمو هڪ خوبصورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انداز ۾ نظم ڪيو آهي. "اياز" پنهنجي هن نظم جي ذريعي بک ۽ غربت کي جنهن انداز ۾ اجاگر ڪيو آهي، سو "اياز" جهڙي باڪمال شاعر جو ئي ڪم آهي. اِهو سڀ ڪجهه سندس گهري ترقي پسندانه سوچ مان سرجيو آهي.

آ گــدري جي قــار، امــان!
اڄ پـورو نـاهـي چنـڊ- اسـان کـي بُک ٻـه ڏاڍي آ!
ڏاڙهـونءَ کَڻ چوڏار، امـان!
هـي تـارا تـارا مـنـڊ- اسـان کـي بـک ٻـه ڏاڍي آ!
هي چنڊ امان! هي منڊ امان!
پر سڀ کان ڳورو جنڊ امان!
هي تنهنجو ڪورو جنڊ امان!

مٿئين نظم ۾ "اياز" هڪ قحط زده يا پس مانده ترين معاشري (ٿر) جي صورتحال کي چيندڙ انداز ۾ واضح ڪيو آهي. هن نظم ۾ هڪ پيٽ بکايل نينگر ماءُ سان ڳالهائي ٿو. ماءُ جيڪا ٻارن کي آٽت ڏيڻ لاءِ ڪورو جنڊ پيهين ٿي. بکايل ٻار اڌپوري چنڊ کي گدري جي قار سمجهي ٿو ۽ آسمانن ۾ چمڪندڙ ستارن کي ڏاڙهونءَ کَڻ. ڀهراڙيءَ ۾ جنڊ جو آواز رات جي وڳڙي ۾ تمام مٺو لڳندو آهي ۽ ان کي ٻار موسيقيءَ جهڙي شيءِ سمجهي وڏيڪ ننڊ ڪندا آهن. پر نينگر "چنڊ"، تارن ۽ جنڊ جي آواز کي بيڪار سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏي ٿو ۽ برابر چوندو رهي ٿو ته "اسان کي بک ٻه ڏاڍي آ" چنڊ يا تارا ڪائنات ۾ حسن جي علامت آهن ۽ هرڪو ماڻهو نوجوان هجي يا ٻار سڀ انهن کي خوبصورت ۽ حسين سمجهندا آهن. ٻار ته چنڊ ۽ ستارن جي حسن کان زياده متاثر هوندا آهن. اِن ڪري ته ڪنهن شاعر چيو آهي "اڪ انوکا لاڏلا کيلن کومانگي چاند" ۽ انهن جي وٺ ۾ وڏ خواهش ڪندا آهن. پر هن نظم ۾ جيڪا خاص خوبصورتي آهي، سا اِها آهي ته "اياز" هتي پنهنجي نظريئه جماليات جو اظهار ۽ وضاحت ڪئي آهي. جماليات فلسفي جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو موضوع، حسن ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلا آهن. مفڪرن حسن متعلق مختلف خيالن جو اظهار ڪيو آهي. جنهن ڪري جماليات جا مختلف مڪاتيبِ فڪر وجود ۾ آيا. اهڙو ئي هڪڙو مڪتبِ فڪر انقلابِ روس کان پوءِ وجود ۾ آيو آهي. اِن ۾ فرد ۽ معاشري جي تعلق تي زور ڏنو ويو آهي. فرد جي محرڪات جي جدلياتي ماديت جي روشنيءَ ۾ تعبير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هِن نظم ۾ "اياز" جي نظريئه جمال جي هڪ جهلڪ سامهون اچي ٿي. "اياز" هن نظم ۾ جماليات جو مادي تعبير ڪندي نظر اچي ٿو. "اياز" هڪ طرف "حسن" جو قدر شيءِ جي ڪارج سان ۽ ٻئي طرف انساني احتياج سان وابسته ڪري ٿو. اليگزاندر بيوروف جي فنونِ لطيفه جي جاچ جي قائم ڪيل معيارن مان ٻه ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو تخليق کي معياري تذهن سمجهي ٿو. جڏهن خارجي معيار ۽ داخلي اقدار جو جدلياتي اتحاد پيش ڪري. "اياز" هن نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر نينگر جو سخت بڪايل آهي، تنهن لاءِ چنڊ ۽ ڪابه خوبصورتي نـه آهي، پر ڪدري جي ڦار ان ڪان وڌيڪ قدر رکي ٿي. اهڙيءَ طرح تارن جي جهرمر جو خوبصورت منظر بـه هن لاءِ ڪشش نـه ٿو رکي. پر ان ڪان وڌيڪ سڻو ڏاڙهونءَ جي ڪڻ جو تصور آهي. اِن مان معلوم ٿئي ٿو تـه خوبصورتيءَ جو معيار معاشري ۽ فرد جي حالات سان تغير پذير آهي. علمِ نفسيات جو بنيادي مسئلو بـه انسان تي ڪار فرما داخلي ۽ خارجي محرڪات ۽ ان تي انهن جي ردِعمل جي عملن Actions جي تشريح آهي. ٽراٽسڪي Leon Trotsky هڪ هنڌ لکي ٿو:

"It is unquestionably true that the need for art is not created by economic conditions. But neither is the need for food created by economics. On the contrary, the need for food and warmth creates economics."

ٽراٽسڪي اِن بحث کي اڳتي وڌائيندي لکي ٿو تـه فرد هِن معاشري جو هڪ جُز آهي ۽ سندس سمورا تعملات (Actions) معاشري جي حالتن سان وابستہ آهن:

"Gnerally speaking, artistic work of man is continuous. Each new class places itself on the shoulders of its preceding one, but this continuity is dialectic, that is, it finds itself by means of internal repulsions and breaks. New artistic needs or demands for new literary and aristic points of view are stimulated by economics, through the development of a new class, and minor stimuli are supplied by changes in the position of the class, under the influence of the growth of its wealth and cultural power. Artistic creation is always a complicate turning inside out of old forms, under the influence of new stimuli which onginate outside of art. In the large sense of the word, art is a hand maiden. I is not a disembodied element feeding on itself, but a function of social man in disolubly tied to his life and environment..

(عام طرح، ماڻهوءَ جي فني تخليق کي تسلسل آهي. هر نئون طبقو پاڻ کي پراڻي طبقي جي ڪلهن تي ويهاري ٿو، پر اهو تسلسل جدلياتي آهي. يعني تـه پاڻ کي اندروني ڌڪار ۽ اُن تي روڪ ٽوڪ سان پائي سگهجي ٿو. نيون فني ضرورتون يا گهرجون يا ادبي يا فني نئين نظرياتي نڪتہ نگاهہ کي اقتصاديات اُتساهي ٿي، جا هڪ نئين طبقي جي اُوسر سان اڀري ٿي، ۽ ڪجهہ اُتساهہ اُن طبقي ۾ ڦير گهير ڏئي ٿي جو دولت ۽ ثقافتي اقتدار پيدا ڪري ٿو. فني تخليق پراڻن گهاڙيٽن ۾ اهڙي اٿل پٿل آڻي ٿي، جا مونجهاري ڪان وانجهي نـه آهي ۽ انهيءَ لاءِ محرڪ ڳالهيون اهي آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آرٽ کان ٻاهر وجود ۾ اچن ٿيون. انهيءَ لفظ کي وسيع معنيٰ ڏجي ته اُن کي ٿلهي يا ڇڙن داسي چئي سگهجي ٿو. اهو پنهنجي وجود کان الڳ پاڻ تي پلجي نه ٿو سگهي پر هڪ سماجي انسان جو ڪارج آهي جو هن جي زندگيءَ ۽ ماحول سان دائمي وابستگي رکي ٿو.)

ٽراٽسڪي بحث کي مڪمل ڪندي لکي ٿو.

To a materialist, religion, law, moral and art represent separate aspects of one and the same process of social development. Though they differentiate them selves from their industrial basis become complex, strengthen and develop their special characteristices in detail, politics, religion, law, ethics and aesthetics remain, nonetheless, functions of social man and obey the law of his social arganization."

(هڪماديت پرست لاءِ مذهب، اخلاقيات ۽ آرٽ سماجي ترقيءَ جي طور طريقي جا مختلف پهلو آهن. جيتوڻيڪ اُهي صنعتي بنيادن کان الڳ آهن، اهي زياده پيچيده ٿيندا وڃن ٿا ۽ تفصيلي طور سياست، مذهب، قانون، اخلاقيات ۽ جماليات پنهنجون خاصيتون پيدا ڪري، اُنهن ۾ ترقي ڪن ٿا. پر پوءِ به اُهي سماجي انسان جي ڪارج جو حصو رهن ٿا ۽ سماجي تنظيم جا قانون مڃن ٿا.)

مون هن کان اڳ ۾، هن ئي مضمون ۾ ڪنهن هنڌ تي "اياز" کي فرائڊي، جماليات جو نظريو رکندڙ سڏيو آهي. هتي اُن جو جواز ۽ عدم جواز ۾ پوڻ جي گنجائش نه آهي، پر مان ايترو ضرور چوندس ته ان ۾ ڪو ايترو تناقض نه آهي.

انساني سماج رفته رفته ارتقاءَ جون منزلون طئي ڪري ٿو. اِها ارتقا ڇهن منزلن مان گذري مڪمل ٿيئي آهي. ٿلهي ليکي انساني سماج انفراديت پسنديءَ جي رجحان جي غلبي جي ڪري جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه نظام وجود ۾ آيا. وقت جي رفتار سان گڏ مادي ضرورتون ته پوريون ٿي ٿيون، پر پيداوار جا ذريعا چند فردن جي هٿ هيٺ رهيا ۽ سماج کي ڪنهن به طرح انهن تي حقِ استرداد حاصل نه هو. بقا جي اِن جنگ (Survival for the fittest) ۾ ذهني ۽ جسماني طاقت کي انصاف جو معيار مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت انساني سماج ۾ استحصال لاءِ جائز سبب تلاش ڪيا ويا. ڪجهه انسان اِن استحصال جي ذريعي عيش و عشرت جي زندگي بسر ڪرڻ لڳا ۽ ٻئي پاسي انسانن جي اڪثريت کي انهن جي اوبر جيترو به ميسر نه هو. هڪ طرف انهن جا ڪتا کير پيئندا هئا، ته ٻئي پاسي غريبن جا ٻار دوا لاءِ ڪرڙيون هٿي جان ڏيندا هئا. سماج جي ايڏي وڏي تضاد، هر انسان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ انسان جو شعور نوان قدر ۽ نيون سوچون ڪٺي اُڪتي وڌيو ۽ اهڙيءَ طرح عوامي انقلاب سماج ۾ ڪَرَ موڙڻ شروع ڪيا. "اياز" نه صرف اِن سموري سماجي عمل جو حصو رهيو آهي، پر هُو ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي سماج جي داخلي تضادن جي تناظر ۾ پرکيندو رهيو آهي، ان مان اڪتساب ڪندو رهيو آهي. شاعر جيئن تہ معاشري جو هڪ فرد آهي، اِن ڪري سماج جا مختلف طبقا مٿس اثر انداز ٿيندا رهيا آهن ۽ هو هر عمل جو ردِ عمل جي صورت ۾ جواب ڏيندو رهي ٿو. "اياز" جو اِهو شعور جدلياتي پهلوءَ ڏانهن ڪافي لاڙيل آهي. اِن ڪري "اياز" جي شاعريءَ ۾ آفاقيت (Universality) جا اڪيچار گڻ موجود آهن. سندس شعور هڪ طرف انسان دوستي ۽ ٻئي طرف معاشرتي جدليات مان اُسرجي ٿو. انهن رجحانن جو اتصال اياز کي هڪ اشتراڪي حقيقت پسند So-cialist realist شاعر جي حيثيت ۾ اسان اڳيان آڻي ٿو. برٽالڊ بريخت Ber-tolt Brecht اشتراڪي حقيقت پسنديءَ جي متعلق لکي ٿو:

"our conception of realism needs to be broad and political, free from aesthetic restrictions and independent of convention. Realist means: laying society's causal network/showing up the dominant viewpoint of the dominators/wrting from the stand point of the class which has prepared the broadest solutions for the most pressing problems afflicting human society/ emphasizing the dynamics of development/ concrete and so as to encourage abstraction."

اسان جو حقيقت نگاريءَ جو تصور، وسيع تر سياسي، جمالياتي روڪ ٽوڪ کان آزاد، ۽ روايت کان بالاتر هجڻ گهرجي. حقيقت نگار جي معنيٰ آهي تہ سماج جو نتيجہ خيز تاڃي پيٽو ڏيکاري، برسرِ اقتدار طبقي جي نڪتہ نگاهہ کي پيش ڪري جنهن نهايت اهم مسئلن لاءِ حل ڳوليو آهي، ترقيءَ جي تيز رفتاريءَ لاءِ روز لڳائي، اهڙيون ڳالهيون ڪري جي نوس هجن ۽ ويراڳ کان وانجهيل هجن.

جيئن جيئن سماجي قدر بدلجن ٿا، تيئن تيئن ماڻهن جي رويي ۾ بہ تبديلي اچي ٿي، جنهن سان گڏ ماڻهن جي زبان ۽ ادب وغيره تي بہ اثر ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح فڪر سان گڏ، شعري هيئت، شعر جي لسانيات ۽ ڳانڍاپو وغيره ۾ بہ گهڻي قدر تبديليون اچن ٿيون. انساني تجربا ارتقاءَ جو ئي نتيجو آهن ۽ انسان جي زبان ۽ لساني اظهار بہ انسان جي تجرباتي ترقيءَ سان گڏ وڌندو رهيو آهي. "اياز" بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان شعري تصورات پيش ڪيا آهن. ظاهر آهي تہ ان وقت جي پراڻي وضح واري ٻولي سندس جديد شعري تصورن جي معيار مطابق نہ هئي. اِن ڪري "اياز" کي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ زماني جي بدلجڻ سان لفظن جي معنيٰ بہ بدلجي وڃي ٿي. ان ڪري "اياز" مروجہ شعري لغت کان هٽي، ساڃن کان مستعمل لفظن کي ڇڏي، زبان جا نوان شعري قرينا تخليق ڪيا. اِن سلسلي ۾ سوسين لينگر (Susane langer) اِن حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"The power of language to keep step with the expansion of experience through the long course of history lies in the tendency of words to mean more than they designate."
(تاريخ جي لنبي دؤر ۾ زبان جي قوت کي تجربي جي اظهار سان قدم ملائي هلڻو آهي ۽ اها قوت لفظن جي اُن کي با معنيٰ بڻائڻو آهي ۽ تاڻڻو نه آهي."
جديد شاعريءَ ۾ هڪ هڪ لفظ پاڻ سان گڏ پورو تصور کڻي هلي ٿو ۽ لفظ کو لغاتي معنيٰ تائين محدود نه آهي. اِن ڪري جوشاعري نهايت لطيف فن آهي. جنهن ۾ لفظن جي ڪاريگريءَ ذريعي، برش، رنگ ۽ موسيقي کان بغير نئي تاثرات ۽احساسات سامائجن ٿا. اِن ڪري شاعريءَ جون فني تقاضائون ان ڳالهه جي اجازت نه ٿيون ڏين ته ڪو شاعريءَ ۾ هر تصور جي بار بار اپٽار ڪئي وڃي. اِن ڪري شاعر لفظن جو علامتي استعمال ڪندا آهن. "اياز" به پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون علامتون ڪم آنديون آهن، جن مان ڳاڙهو (Red) رنگ سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي. ان جو اظهار مختلف موقعن تي مختلف حقائق جي علامت آهي.

(١) ڳاڙهو (رنگ) اشتراڪيت جي علامت آهي.
(٢) ڳاڙهو (رنگ) جنگ يا شهادت جي علامت آهي.
(٣) ڳاڙهو (رنگ) انقلاب جي علامت آهي.
(۴) ڳاڙهو (رنگ) جنس (Sex) جي علامت آهي.

وينگس ڳاڙهو ويس، پيلا گل پلاند ۾،
مهڪيو سارو ديس، آئي بوءِ بنست جي.

ooo

پيارينم پنهنجي اکين مان شراب،
چني ڏينم پنهنجي چپن مان گلاب.

ooo

بهار تي نه آه ڪوئي پروسو، اچو اچوا
شباب مان گلاب رات پر چنو، اچو اچوا

ooo

جڻ ته ڪهنبو ڍڪي ڪنهڙي تي،
ڪائي مينديءَ رتي ڪنوار آئي.

ooo

هَيءِ هَيءِ ڏاڙهونءَ جهڙا ڳلا
هَيءِ هَيءِ جوين جاڙ ڪَنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪاريءَ چڳ تي رات ڪٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي ٻاڪ ڦٽي
ايئن وقت ڪنيو ايئن عمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيار!.

OOO

ٽڙيو آهه ڏاڙهون، ڪڙيو آ ٻسنت،
ڦٽو ڦٽ، ٽٽو آهه ٽاڪو اچو.

OOO

ٽنهن جي جهوليءَ ڪهڙا گل؟
او آرائين!
نيٺ ته ڪڙندا ڳاڙها گل؟
ها ها سائين!
نيٺ ته ٽڙندا ڳاڙها گل!

OO

اي ڪيجهر تو تي ڳاڙها گل،
جو واءُ ڦلاري ويٺو آ،
هن سونهريءَ جي سَر سَر جي،
سو سونهن اجاري ويٺو آ.

OOO

وائي لال لبيس جي،
ڪهر ڪري وڻيءَ وات،
ڪَٽي ڪَنبَ ڇڏي ويا.

OOO

جهومڪ جهلي ايئن، ڳاڙهي روپ ڳٽول تي،
تارو هجي جيئن، پرسان چوڏهين چنڊ جي.

OOO

مون چيو مينديءَ ڪيت ڪي "اتي ڦٽي پٺ!"
مون ڪي ڪيٺي سوءِ، رَتا ڪهرجن هٿڙا.

OOO

سڏ سهانگي، مَڏ مهانگو، سرجو سودو ڪير ڪري!
موکي ويٺي مٺ پري،
جي تو جيءَ جيابو ڪهرجي، آءُ نه ڳاڙهي لاءِ ڳري،

OOO

موکي ويٺي مٺ پري.
پنهنجي رت ۾ ريٽو جهندو، آپ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن ٻه ايندو.
رت جو بدلو رت ٿي آهي، هر ڪو بدلو ڏيندو،
اهڙو ڏينهن ٻه ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لالـي نـيـٺ تـہ لـهـٺـي آهـي،
هـيءَ هـيءَ مـيـنـديءَ پـونـو ڙي.
هـاءِ جواني جهـونـو ڙي.

مٿي "اياز" جي شاعريءَ مان ڳاڙهي (رنگ) جا چند مثال پيش ڪيا آهن. ورنہ سندس شاعري اهڙين علامتن سان پريل آهي. مذڪوره علامت جذباتي ۽ نفسياتي رجحانن جي مظهر آهي. جنهن ۾ شاعر جي ذات بہ شامل آهي. اِن ڪان سواءِ بہ "اياز" جي ڪلام ۾ ڪيترو ئي علامتي اظهار ملي ٿو. پر انهن سينني تي تفصيل سان لکڻ لاءِ وقت درڪار آهي. بهرحال "اياز" جي شاعريءَ ۾ هڪ ٻي وڏي علامت "ٿر" آهي. "ٿر" جو سڌو سنئون اظهار تہ شاهہ جي اثر هيٺ نظر اچي ٿو. پر پوءِ بہ شاهہ جي "ٿر" ۽ "اياز" جي "ٿر" ۾ وڏو فرق آهي. "اياز" جي "ٿر" ۾ حسياتي لحاظ کان ڪٿي ڪٿي ٽي-ايس ايليٽ (T.S.Eliot) جي مشهور نظم بنجر زمين The waste Iand جون ساروڻيون ملن ٿيون، اجا بہ ايئن چئجي تہ "اياز" اُن جي ڪينوس ۾ ڪيترا ئي واڌارا Improvements ڪيا آهن. "اياز" جو ٿر انڪشافات جو هڪ مسلسل عمل آهي. جنهن ۾ شاعر آد-جڳاد کان سفر ۾ آهي.هي سفر شاعر جي ذات جي اندر جاري آهي، پر ردِعمل طور سندس انڪشافات مادي دنيا سان ٽڪرائجن ٿا ۽ سندس اِن ذات جي سفر جا اولڙا Reflcctions ئي سندس شاعريءَ جو تاڃي پيٽو جوڙين ٿا. انڪشافِ ذات جي هن عمل ۾ "اياز" پنهنجي حقيقي شڪل کي تناسخ ۾ تبديل ٿيندو ڏسي ٿو.جيڪو وجود ڪائنات کان وٺي هيل تائين هليو اچي ٿو ۽ جيڪي هو ڏسي ٿو، سي سڀ صورتون بديهي آهن.

پـٽ پـنـيـهـر ريـت، ڇَر ڇَر هـرٺـيءَ پـيـڙا،
سـانـهـي سڄ سَريـت، ٿـر تـي ليـٽـي ٿـانـهـري.

OO

سَر تي نِوڙيون سومريون، جَهـپـا ڏين نـہ جَهل،
جهومڪ جهومڪ پاپڙيون، جهرمر جهرمر ڳل،

OO

جرڪي پيا جهانجهہ ۾، ڪائي انگ اٿل،
ڇاڇا پـيـارا پَل، واريـاسـي جي واٽ ۾.

OO

چوٽري متان چند، آيري آيو اُب مـان،
ڪـڄ ۾ڪـائي ڪـامـٽـي، مـن ۾ سـارو منـد،
آڏيءَ رات اڪـنـد، سـرهـو سـاٿ سـريـر جو.

OO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئا منجهہ ڏهَرَ، چوٽري چوٽري چمڪيا،
آڏيءَ اتر واءَ جي، ترِ ۾ آهہ ٿهَرَ،
توبن پوهہ پهَرَ، سَو ساروٽيون سيءَ ۾.

○○

ڪيڏي چيل چپليون آيون، ترِ جا ٿانوَ ڀري،
منهنجو پنڌ پري،
پک پکيڙي مور هوا ۾، سرلا سڏ ڪري،
منهنجو پنڌ پري.
ڪارونجهر تي پهتو آهي، ڪو ڪو ڏينهن ٺري،
منهنجو پنڌ پري.
ڪڻ-پنگرجو ڪٽ نہ ڪوئي، جيڏي ڪير مري!
منهنجو پنڌ پري.

○○○

پلي آس تر مان نہ آ ٿو هرن،
پناڻي! ڏسين ٿو وڃون ٿيون ورن؟
اتر ڏانهن پڪرال ڀهڪا ڪيا،
ڪري رنگ آگر اِجهو ٿا وسن!
پون ٿا نوان گِند گِنديرِ ۾.
پٽن تي وري ڪَرَ ڪنيا ڪونئيٽن.
جَهلن ٿا پيا جيءَ جهولڻا،
چِلن ٿا، متاهان چِمر ٿا چلن!
بنا بوڙ وسنديون پڪر پوس تي،
ڪهڙي وقت کان ٿيون ڪهنائون ڪڙن!
پڳائون ڪڙا ڪوڙ جي ڪوٽ جا،
پليا ڪونہ پيرن متان پيڪڙن!
ڏنو ڏيهہ آ ڏرت، ڏاڍو ڏڪار،
ڪرين ماڙ ڪائي تہ موذي مرن.

"اياز"، "ترِ" جنهن علامتي انداز ۾ استعمال ڪري ٿو، سو ڪو جامد تجربو نہ آهي، پر هڪ روان تجربو آهي. جنهڪو موضوع کان معروض ڏانهن هلي ٿو. اِها علامت ڪليت جي حامل آهي، جنهن سان ڀيا ڪيترائي تصور وابستہ آهن. اِن ۾ تنهائيءَ جو احساس آهي، ويرانو آهي، تپنڌڙ واري آهي، گرمي آهي، مٺي پاڻيءَ جي شديد آرزو محسوس ڪري ٿو. "ترِ" انفراديت جواشارو آهي، جنهن جي جاگرافي، ثقافت، تهذيب ۽ موسم وغيره سڀ مختلف آهن. ترِ آزادي ۽ پيار محبت جي علامت آهي، جتي تعصب نہ پر رواداري آهي. "جو ڪيڙي سو ڪائي" تي عمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تتي ثو. وطن جي محبت آهي، خوشحالي، ماڻهن جون تڪليفون ۽ ڏک سور به آهن.
ايليٽ جي بنجر زمين The waste land ۽ "اياز" جي ٽر جو طريقو (Method) ساڳيو آهي ۽ ائين ٿو لڳي تہ گويا "اياز" ايليٽ جي "دي ويسٽ لينڊ" جو جواب شڪوه لکيو آهي. ايليٽ پنهنجي نظم دي ويسٽ لينڊ The waste land جي علامت لنڊن لاء استعمال ڪري ٿو. جنهن ۾ زندگي صرف ميڪانيڪي آهي ملازمت يا بيروزگاري، سوشل سيڪيورٽي ۽ بيون شيون زندگيءَ جي خشڪ هڻڻ جي شڪايت ڪن ٿيون. ڪارخانہ (Industry) واپاريت Commercialism آلودگي (Pollution) ۽ مايوسيءَ زندگيءَ کي بي رونق بڻائي ڇڏيو آهي. روحاني سڪون اڻ لڀ آهي. پيار ۽ محبت جو تصور بہ مشيني ٿي، جنس (Sex) تائين محدود ٿي ويو آهي. وڌيڪ وستار لاء پڙهندڙن لاء ايڊمنڊولسن Edmond wil-son جي مضمون مان هڪ ٽڪرو اقتباس طور پش ڪريان ٿو. جنهن مان دي ويسٽ لينڊ The waste land جو لب لباب سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهندي.

"The teribble dreariness of the great modem cities is the atmosphere in which "The waste land" takes place amidst this dreariness, breif, vivid images emerge, brief pure moments of feeling are distilled, but all about us we are aware of nameless millions performing barren office routines, wearing down their souls in interminable labours of which the products never bring them profit. People whose pleasures are so sordid and so feeble that they seem almost sadder than their pains. And this. "The waste land" has an other aspact, it is a place not merely of desolation, but of anarchy and doubt. In our post war world of shattered institutions, strained nerves and bankrupt ideals. life no longer seems serious or coherent, we have no belief in the things we do and consequently we have no heart for them."

(مختصر چٽا تصور اڀرن ٿا. جذبات جي پاڪيزگيءَ جا مختصر پل چڪن ٿا ۽ اسان کي ساڃاهہ ڏين ٿا اُنهن گمنام لکين ماڻهن جي آفيسن جي ٺلهي نير سان ڪارڪرت ڪن ٿا. ۽ پنهنجي پٽ کوهہ ۾ لڳل آهن جا اکٽ آهي ۽ جن مان ڪين ڪجهہ هڙ حاصل نہ آهي. انهن ماڻهن جي جذبات ايتري ڪَدي ۽ هڪ هيٺي آهي جو هو پنهنجي هر پيڙا کان وڌيڪ پيڙيل لڳن ٿا. ۽ اها بنجر زمين ان جو بيو ڪو پهلو نہ آهي. اها نہ فقط ويراني جي جاء آهي پر نراج واد ۽ شڪ شبهو بہ اُتي پلجي ٿو. جنگ کان پوء جي دنيا ۾ جنهن ۾ ادارا تباهہ ٿي چُڪا آهن. رڳون تاڻجي ويون آهن ۽ آدرش ڏيوالا ٿي ويا آهن. زندگي ڪنهن ڳالهہ لاء سنجيدي يا سلسلي وار نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي لڳي. اسان کي پنهنجي ڪارڪردگيءِ ۾ اعتبار نہ رهيو ۽ نتيجتاً اسان کي اُن سان دل نہ آهي.)

دي ويسٽ لينڊ جو الميو اهو آهي تہ زندگي، موٽر ڪارن جي گيس جي ڌپ، چمنين جي دونهين ۽ مشينن جي آواز ۾ گم ٿي ويڃي ٿي. شاعر اڌو گابرو اصلي لنڊن ۾ زنده آهي، سوبہ تصوراتي دنيا تخليق ڪري زندگي گذارڻ جو جواز ڳولي ٿو. پر "اياز" جو "ٿر" اگهاڙو Baren ۽ خشڪ Drought ضرور آهي. پر اِها ڪيفيت يا حالت عارضي آهي. وري وسڪارو ٿيندو، سڪر سٽائو ٿيندو، ٿاريليون نوان لباس پائينديون ٿر جي ڌرتي رنگين ويس وڳا پائيندي، خوشين جو سمون ايندو ۽ خوبصورت جوانڙيون پاٽيءِ پرڻ ويل گڏجي ڳائينديون. ڪونيٽ ۽ ڦوڳ ڦلاريا، مولسريءِ جي خوشبو سرحدن کي اورانگهي فضائن کي مهڪائيندي. بادل پوري ٿر مٿان ڪاهہ ڪندا ۽ مصنوعي ديوار انهن کي روڪي نہ سگهندي. "اياز" جي "ٿر" ۽ ايلئٽ جي دي ويسٽ لينڊ ۾ اِهو بہ فرق آهي تہ ايلئٽ جو ڊرائنگ روم جي مصنوعي خوشبوئن ۾ دم گهٽجي ٿو. پر "اياز" کليل فضائن ۾ نيري آڪاش هيٺ، مولسري ۽ ڏنار ڪٿوري جي خوشبوءِ مان طراوت حاصل ڪري ٿو. ايلئٽ جنهن ماحول جو ذڪر ڪري ٿو، سو مصنوعي آهي، پر "اياز" جو ماحول قدرتي آهي. ان ڪري ايلئٽ جي نظر ۾ زندگيءَ کان بيزاريءَ جي ڪيفيت آهي. قنوطيت ۽ فراريت جي بوءِ اچي ٿي. پر "اياز" وٽ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ "اياز" جي "ٿر" ۾ جيئڻ لاءِ ڪشش آهي ۽ جيوت جو اتساه موجود آهي. جيتوڻيڪ زندگي ڪا اتي بہ آسان نہ آهي، پر اتي جيڪي زندگيءَ جون مشڪلاتون (Hardships) آهن، سي قدرتي آهن، اتان جي انساني مزاج مطابق آهن. وڏي ڳالهہ تہ اهي مصنوعي ماحول جي پيدوار نہ آهن. اِن ڪري ايلئٽ جي برعڪس "اياز" وٽ رجائيت پسندي آهي. "اياز" هتي ايترو حقي (Original) نہ آهي، جيترو شاهہ سائين. پوءِ بہ هو پنهنجي پوري ابهام (Allusion) ۽ راز (Mystery) جي باوجود مقصد مراد ۽ پنهنجي امنگز (Emotions) جو ڪامياب ابلاغ ڪري سگهڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. "اياز" جي شاعريءَ ۾ بيون بہ ڪيتريون ئي علامتون استعمال ٿيون آهن. جن تي مختصر نموني ۾ روشني وجهڻ بہ هن مضمون جي دائري کان ٻاهر آهي. اِن ڪري اسان هتي صرف چند منتخب ۽ وري وري ايندڙ علامتن جو ذڪر ڪيو آهي. جن جي ذريعي "اياز" پنهنجو فڪر ۽ تجربو پيش ڪيو آهي.

"The business of the poet can be stated simply. The poet deals with human experience in worlds, words are symbols of concepts which have acquired connotation of feeling in addition to their denotation of concept."

(شاعر جي ڪارڪرت آسان ٻوليءَ ۾ جٽي سگهجي ٿي. هڪ شاعر انساني تجربن کي لفظن ۾ بيان ڪري ٿو. لفظ تخيل جون علامتون آهن جن کي تخيل معنيٰ بخشي آهي ۽ جن مان تخيل اُڀري آيو آهي.)

"اياز" جي شاعريءَ ۾ "موت" لفظ جو ورجاءُ بہ تمام گهڻو نظر اچي ٿو. "موت" جيڪو بديهي حقيقت آهي. جيتوڻيڪ "اياز" کي ان جو بالواسطہ تجربو نہ آهي، پر ڪيس ان جو استقرائي (بلاواسطہ) علم ضرور آهي. اڄ هي مري ويو، اڄ هو مري ويو. ماءُ مري وئي، پيءُ مري ويو يا ڪو عزيز دوست مري ويو. ڪو بيماريءَ ۾، پر ڪي انسان اهڙا بہ آهن، جيڪي اعليٰ آدرشن لاءِ مرن ٿا. آزادي لاءِ مرن ٿا. ڪي ديس لاءِ مرن ٿا. بهرحال موت اڻ ٽر آهي ۽ "اياز" ان کان انڪاري نہ آهي.

مـــتـي ڏٺي مـــوت کـي، بــہ طـرفـــا طـعـنـــا.
ســـارا بـــي مـــعـــنـيٰ، جيـــئڻ مـــرڻ ڏاڪـــڙا.

ooo

ڇا مـــان ڪـيـــان مـــوت جو، آئـــي آڏريـــاءُ؟
يـا مـــان هِن مـــهـــمـــان کـي، چوان اڄ نـــہ آءُ،
اجا آهـــي چهـــٽ ۾، ڪـــيـــڏو چند چٽـــاءُ،
هـيـنـئـون آت هـڳـاءُ، ڪـيـئـي گـل گـلاب جا.

ooo

توکـي چاڻـنـٺ تـان ڏٺـي، مـيـان مـوٺـايـان،
ڪـيـئـي گـيـت اجا اٿـم، جڏ تـہ اهـي ڳايـان،
جن سان چوڏهين چنڊ جيئن، جڳ کي جرڪايان،
۽ پـوءِ اپـنـايـان، مـــرڪـي مـــوت امـــاس کـي.

ooo

آئ حـيـاتي آهـيـان، مـان ڪـيـئن تـيـندس فـوت،
متان مون کي موت، ڇهندي ئي ڇرڪي وڃي!

ooo

تنهن جو موت! ڇهاءُ ايئن، جيئن ڪو پشمينو،
جڻ منهـنجو سـينو، سـيـنـي لاتو سـپـرين.

ooo

نہ ڄاڻان تہ مون سان ڪڏهن تون ملين؟
وڃي آن تہ تنهنجو ورڻ ڪونہ آ،
چون ٿا تہ نئين زندگي آ اِها،
چون ٿا تہ ڪنهن جو مرڻ ڪونہ آ.
لڳاتار آهي سفر جندڙي،
بہ ٿي ڏينهن پيرو پرڻ ڪونہ آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن شاعر ڪيترو نہ صحيح چيو آهي.

مـوت نے ڪـرديـا لاچار وگـر نـہ انـسـان،

هي وہ خود بين ڪہ خدا ڪا ڀي نہ قائل هوتا.

دنيا جي سيني مفڪرن ۽ وڏن وڏن شاعرن "موت" متعلق ضرور سوچيو ۽ لکيو آهي ۽ "موت" جون مختلف توجيهون پيش ڪيون آهن. پر موت تي گهڻو بحث وجودي فيلسوفن (Existentialist philosophers) وٽ گهڻو ملي ٿو. جن ان کي پنهنجي ڪتابن ۾ باقاعده شامل ڪيو ۽ ادب ۾ اُن کي هڪ اهم موضوع بحث بنايو آهي. اهڙن وجودي فيلسوفن مان ڪيرڪ گارڊ (Kierkgard) جيسپرس (Jaspers) هيڊ گر (Heidegger) سارتر (Sartre) ۽ البر ڪاميو (Camus) وغيره اچي وڃن ٿا. وجودي فيلسوفن جو چوڻ آهي تہ موت هميشہ خوف (Dreadfulness) سـان هـر مـعـنـيٰ رهيـو آهي. اُن جو سبب پريشاني Anxiety ڄاڻايو وڃي ٿو. جيڪا ڪنهن احساسِ گناه يا ٻئي ڪنهن اڻ ڄاتايل سبب جي ڪري لاحق ٿي سگهي ٿي. پر موت (Death) جي اڪيلائي -Loneli ness, جي پريشاني Anxiety ۽ احساس ترڪِ لذات مان جنم وٺي ٿي. اجا اڳتي هلي ڪيرڪ گارڊ هيڊ گر جي ان ڳالهہ جي وضاحت ڪندي پريشاني۽ Anxiety کي ڪجهہ بہ نہ (Nothing) جي تصور سان ڳنڍي ٿو. لاشئي جي تصور جا اثر ڇا آهن. جواب آهي. پريشاني Anxiety. اِن پريشانيء Anxiety جا ڪارڻ پڌائيندي چوي ٿو تہ نويڪلائي يا مڪمل تنهائي (Completely alone) جي احساس جي شدت "ذات" کي دنيا کان ڌار ڪري ڇيهون ڪري ڇڏي ٿي، جنهن تي ان نامعلوم يا گمنام يڪتا (Anonymous one) جو غلبو رهي ٿو. جنهن ۾ مٿس؛

"Am reveals to him authenticity and in-authenticity as possibilities of his being. These basic possibilities of human being, which is always mine, show themselves, in anxiety as in them selves, without being obstructed by any inwondly beings to which human being at first and for the most part clings."

(جنهن ۾ هن هستيء جي سچائي ۽ ڪوڙ جو انڪشاف ڪيو آهي. اهي انسان جا بنيادي امڪان، جي هميشہ لاء منهنجا آهن. پنهنجيء اٽ تڻ ۾ ڏيکارجن ٿا جن کي ٻيا دنيا جا ماڻهو روڪي نٿا سگهن ۽ جنهن کي ماڻهو ٻهرين ۽ ڪافي عرصي لاء چهٽيل رهي ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"موت" جي اِن انديشي Dread پيدا ڪرڻ ۾ مختلف مذهبن جي تبليغي ڪتابن جو عمل و دخل وڏيڪ آهي. مذهبن طرفان سڪرات ۽ عالم برزخ متعلق ڀيانڪ پروپيگنڊا، انساني اعصاب کي شل ڪري ڇڏيو آهي. پر گوتم ٻڌ هڪ اهڙو مذهبي پيشوا ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجي پڪشوئن کي حياتيءَ دوران ئي سخت تپسيا جي ذريعي موت جي عذاب کي جيئري ئي ڀوڳڻ جي تعليم ڏني. گوتم پاڻ خود پنهنجي تپسيا سان واقف ڪرايو (Enlighted). تجربات جي ذريعي موت جي پريشانيءَ Anxiety کان ماورا ٿي ويو. اهڙن تجربن جي ذريعي انسان "موت" جي پريشانيءَ Anxiety مان گذري زندگي پائي ٿو ۽ موت جي حقيقت جو اعليٰ شعور (Supreme consciouness) يا "پراجنا" حاصل ڪري ٿو. اِن اعليٰ شعور جي ڪري سندس تصور ۾ بہ هستيون وجي باقي بچن ٿيون. هڪ عالم جي ذات ۽ ٻيو معلوم جو وجود. انسان ان منزل تي پاڻ کي جوهر اعليٰ سان ڳنڍي ٿو. جوهر نہ پيدا ٿئي ٿو نہ فنا ٿئي ٿو. اِن ڪري نہ ڪوئي ڄمي ٿو نہ مري ٿو. جڏهن انسان جو شعور جوهر اعليٰ (Higheste ssence) جي حقيقت واري مٿين منزل تي رسائي حاصل ڪري ٿو تہ هو موت جي پريشانيءَ Anxiety کان ماورائيت حاصل ڪري ٿو. ان لاءِ موت جو خوف ڪا اهميت نہ ٿو رکي، ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ کي لا- فنا تصور ڪري ٿو.

اِن ڪري "اياز" وٽ موت جو تصور درد و ڪرب کان وڌيڪ رجائيت جي علامت آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان لا-فنا آهي ۽ موت محدود Finite کان لا محدود Infinite ڏي ارتقا پذيري جي علامت آهي. هتي "اياز" جو تصور صحفِ سماوي جو Antithesis آهي. "اياز" جي تصور ۾ آواگون جو پڙاڏو ملي ٿو. موت "اياز" جي شاعريءَ جي حوالي سان رجائيت يا نرواڻ جي علامت آهي. جيڪا شيءِ گهٽ شاعرن کي نصيب ٿي آهي.

اڄ ڪلهہ جديد شاعري عموماً اهڙي شاعريءَ کي سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڊرائنگ روم جي مصنوعي گلن، قالين، ٻين آرائشن جي سامان، سگنل، گندي گهٽي Slums، سگريٽ، چمنيون، ڪارا ڏامري روڊ، وسڪي، ووڊڪا، ايمبولنس، اسپالا، ليموزائن، آٽو رڪشا، ڪمپيوٽر، آپريشن ٿيٽر، پوڙهه ۽ ڳرنڊڙ زخمن جو ذڪر هجي. مطلب تہ جديد شاعري، جديد تهذيبي ماحول وارن شهرن جي ريتن ۽ رسمن مان پيدا ٿئي ٿي. عام طور جديد شاعر، شاعريءَ کي ٻهراڙيءَ کان وڌن شهرن Metropoliton ڏانهن کڻي ويا آهن. پر "اياز" وڏن شهرن جي زندگيءَ Metropoliton life کان ٻهراڙيءَ جي زندگي Pastoral life ڏانهن آيو آهي. ورڊس ورٿ (Words worth) اِها ڳالهہ تصوراتي دنيا کي مدنظر رکي قبل از

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ڪئي هئي. پر "اياز" صنعتي دور Industrialism تہ ڇا پر خودڪاريت Automization جي دؤر جي خوفناڪ تجربات کان پوءِ ئي اُها ڳالهہ چئي آهي. اِن ڪري اُن ۾ زياده صداقت آهي، جو پڙهندڙ اُن کي محسوس ڪري ٿو ۽ ان جي اهميت کي سمجهي ٿو. ڊرائينگ روم جي گلدان ۽ مولسريءَ جي ٻيٽ مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي. "اياز" جديد دؤر جي شاعريءَ ۾ کليل فضائن، شاداب وادين، چراگاهن، گلن ڦلن ۽ نهرن ۽ جهرڻن جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو شهر جي بي جان ۽ مصنوعي ماحول کان پڙهندڙ کي کليل ۽ زنده ديهي ماحول ڏانهن آڻي ٿو. جيڪو فطرت جي قريب آهي. قاري شهر جي گھٽيل ماحول کان ٻاهر نڪري تسڪين حاصل ڪري ٿو، ڇو تہ سندس زندگي شهري ماحول جي دٻاءَ Tension جي عذاب ۾ ورتل آهي. "اياز" جي وڏي خوبي اِها آهي تہ هو اِهو سڀ ڪجهہ جديد شاعريءَ جي ڪينوس تي رهندي ڪري ٿو. "اياز" نہ صرف رڳو گلن ڦلن ۽ ساوڪ سبزيءَ جون ڳالهيون ڪري ٿو، پر هو پنهنجي زبردست معاشرتي شعور جي ذريعي نئين تهذيب سان نوان رابطا جوڙي، نئون ماحول پيدا ڪرڻ گهري ٿو، جو هن دؤر ۾ آئيڊيل ٿي سگهي.

"اياز" نئين تهذيب جي تقاضائن موجب لفظن جا نوان معنوي لاڳاپا تلاش ڪري ٿو ۽ پنهنجي تجربن کي زنده علامتن ذريعي واضح ڪري ٿو. "اياز" نوس مادي حقيقن جي حوالي سان زندگيءَ جو معروضي ادراڪ ۽ نقطہ نظر پيش ڪري ٿو. هو پنهنجي زبردست تخليقي صلاحيت ذريعي ماضيءَ جي لفظن منجهان ئي جديديت جو تصور پيدا ڪري ٿو. "اياز" جي اهڙي روان دوان تخليقي صلاحيت جو ثبوت سندس هڪ ٻي علامت "چنڊ" ۽ "چانڊوڪيءَ" مان ملي ٿو. چنڊ "اياز" جي جنسي خواهشن جو مظهر آهي. هتي "اياز" پنهنجي فطرت جي جمالياتي منظر (Natural aesthetical vision) جنسي جذبي تي منطبق ڪري، پيش ڪيو آهي.

ستارن جي سيج تي، سَتس ساري رات،
پڌري ٿي پريات، ڇُمندي ڪنهن چنڊ کي.

OOO

چوسيون چانڊوڪيون، تنهنجي منڙي منهن مان،
راتين جو روڪيون، واڳون اسان وقت جون.

OOO

ڪوڪو ماٺهو مون ڏنو، جهڙو چوڏهينءَ چنڊ،
هر ڪنهن مَنڌ نہ منڊ، هرڪا اک نہ آنڙي.

OOO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اها لس ليٽ، جنهن تي چمڪي چانڊني،
اُيران اوچي چنڊ ڏي، ٻوڙيان ڪيئي ٻيٽ،
ساگر ڪهڙي پيٽ، تارن هيٺ تلاوَ سان.

OOO

چوڌري مستان چنڊ، ايري آيو اُپ مان،
ڪَچ ۾ ڪائي ڪاميٺي، مَن ۾ سارو منڊ،
آڌيءَ رات اڪنڊ، سرهو سات سرير جو.

OOO

چانڊوڪي ۽ چنڊ، رهڻسو آهي راتڙي،
ڪهڙيءَ لاءِ ڪهمنڊ، چڱو ناهه چڪور سان.

اِن کان سواءِ "اياز" جي شاعريءَ ۾ "بادل"، "برسات"، "پياس"، "گلاب"، "رابيل"، "ڏکڻ- هير" ۽ "مورنهوڪا" وغيره سڀ جنسي جذبي جون علامتون آهن. "اياز" پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ٻيون به ڪيتريون نئي علامتون، استعاره ۽ نيون تشبيهون خلقيون آهن.

آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان خصوصن سنڌ جي تهذيبي تاريخ ۾ هڪ نئين دؤر جو آغاز ٿئي ٿو. اِن دؤر ۾ نونِ علمن ۽ نون نظرين جي درآمد ٿئي ٿي. جنهن ڪري نئين دؤر جا نوان مسئلا ۽ نوان نقطئہ نظر جنم وٺن ٿا. هڪ طرف پيري مريدي، جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهي، جامع تصورات ۽ روايات هيون تہ ٻئي پاسي مغرب جي جديد فلسفي ۾ نظرين جو زور آهي. هيءَ دؤر آهي جنهن ۾ قديم ۽ جديد ۾ زبردست ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي. اهڙي ٽڪراءَ جي پيٽ ۾ ثقافت جو هڪ نئون منظر پيدا ٿيو آهي. "اياز" جو اِهوڏيڪ ٻين مڙني هممعصر شاعرن جي مقابلي ۾ نهايت شفاف آهي. اِن ڪري "اياز" طبقاتي معاشري جو قائل نہ آهي. طبقاتي معاشري جو ذڪر "اياز" پنهنجي هڪ سهڻي نظم ۾ ڪيو آهي. جنهن ۾ سندس هممعصر ۽ مشهور ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض جي هڪ مشهور نظم "دکتي" جي گونج واضح طور ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. "فيض" جي مذڪوره نظم ۾ بہ اِن طبقاتي احوال جي عڪاسي ٿيل آهي. فيض جي نظم جون ڪجهہ سٽون:

يہ چاہیں تو دنیا کو اپنا بنالیں،
یہ آقاؤں کی ہڈیاں تک چبالیں،
کوئی اُن کو احساسِ ذلت دلادے،
کوئی اُن کی سوئی ہوئی دم ہلادے.

"اياز" بہ ساڳئي پس منظر ۾ هڪ نظم لکيو آهي، جيڪو "پؤلر پري آڪاس" ۾ شايع ٿيو آهي. "فيض" پنهنجي نظم ۾ اشاريت کان ڪم وٺندي ڳلين ۾ رلندڙ ڪتن جو ذڪر ڪيو آهي. ۾ اسان ان پس منظر ۾ ڪتي جي فطرت تي غور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريون ٿا تہ معمو حل ٿي وڃي ٿو. ڪتو سڀني جانورن کان وڌيڪ وفادار جانور مشهور آهي. سندس ڪم ئي مالڪ جي فرمانبرداري ۽ وفاداري آهي. ان ڪري ڪتي کي احساسِ ندامت ڇو ٿئي؟ ڪتي کي احساسِ ندامت تہ تڏهن ٿئي، جڏهن هو پنهنجي مالڪ جي نافرماني ڪري ۽ پنهنجي فطرت جي خلاف ڪجهہ ڪري. "فيض" جي نظر ۾ بہ اهوئي ڏيڪاريل آهي تہ هو پنهنجي فطرت جي خلاف ڪجهہ ڪري، ۽ هو پنهنجي فطرت کان نہ بدليو آهي. مان تہ ائين چوندس تہ هتي پيڙيل طبقن جي علامت طور "ڪتي" لفظ جو استعمال ئي صحيح نہ آهي. اِن مان شاعر جي مشاهدي جي کوٽ جهلڪي ٿي. ڳلين جو ڪتو تہ وري بہ آزاد آهي، هو پنهنجي مرضيءَ مطابق ڀاهوڙ ڪري سگهي ٿو.

ٻئي طرف "اياز" پنهنجي نظر ۾ "چاڪيءَ جو ڏاند" جي علامت ڪم آندي آهي، جيڪا برمحل ۽ برجستہ آهي. "اياز" جنهن "ڏاند" جو ذڪر ڪري ٿو، سوزبردست مشقت (Toil) ڪري ٿو. هِن ۾ قوت آهي ۽ طاقت آهي، چنانچہ پيڇي سگهڻ جي طاقت آهي ۽ مالڪ سان وڙهي سگهڻ جي سگهہ آهي، هو محنت ۽ مشقت ڪري ٿو، پر سندس اکيون بند آهن ۽ جسم بہ ٻڌل آهي. هو تتيءَ ٿڌيءَ پيو هلي ۽ عيوض ۾ کيس رکي سکي بہ پيٽ ڀري کائڻ جيتري نہ ٿي ملي. محنت هُو ڪري ٿو ۽ وقت بيوقت تڪليف هُو سهي ٿو ڇهبڪ هو کائي ٿو. پر سندس محنت جو ثمر چاڪي کائي ٿو. جيڪو کيس جوٽي وڃي ٻئي ڪنهن ڪم جي ٻلي ٿيو آهي.

سوچيو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين هن چاڪيءَ جي ڏاندا
اکيون بہ هن جون بند، تہ آهي جسم بہ هن جو ٻاڌل.
پنئي سڄي آ هن جي ڦٽ ڦٽ، سٽ سٽ جي آ راند-
سوچيو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين هن ويهي هيڪاندا

OOO

رکي سکيءَ تي راضي آهي، تتيءَ ٿڌيءَ پيو ڪاهي،
ڦٽ ڦٽ جو هو عادي آهي، ڪٽ پٽ هن ۾ ناهي،
او شل سڀنو ساهي، ڀاڃاري لاهي سا لباهي،
ٿونهي تي ٿونهي سان، هِن چاڪيءَ جو چڪر ڊاهيا
آخر ڪيسين جڳ جي جاندهہ اولڏي ائين گهلبي؟

ڏاند راتو ڏينهن يا پوري ڄمار گهاڻي ۾ هڪ ئي چڪر ۾ هلي ٿو. اِهو چڪر برائيءَ جو چڪر Vicious circle آهي. ڀاڃاري ڪنڌ ۾ ۽ آکيڙا اکين تي، "اياز" "ٿونهو" لفظ استعمال ڪري ٿو. "ٿونهو" هڪ طرف "طاقت" کي ظاهر ڪري ٿو تہ ٻئي طرف "نفرت" کي. "اياز" پوري "چڪر" کي "طاقت" جي ذريعي ڊاهڻ جو قائل آهي. چاڪاڻ تہ طبقاتي ڪشمڪش ۾ طاقت کان بغير نظام مان جان ڇڏائڻ جو تصور اجايو آهي. هاڻي پڙهندڙ حضرات خود غور ڪن تہ "اياز" جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ نظم "فيض" جي مذڪوره نظم کان ڪيترو نه بهتر Superb آهي ۽ ان طبقاتي معاشري جي اونچ نيچ کي ڪيڏي نه خوبصورت انداز ۾ واضح ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته طبقاتي معاشري ۾ "محبت" ٺي اهڙو عمل آهي، جنهن جي استحصال مان ئي طبقاتي معاشرو ٺهي ٿو.

ان کان سواءِ "اياز" جي ٻين ڪيترن ئي شعرن ۾ "فيض" جي ڪلام جي گونج ملي ٿي. اها مماثلت ڪا ارادي نه آهي، بلڪ اڪثر وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ آفاقيت (Universality) جي ڪري، سندن ڪلام ۾ هڪجهڙائي نظر ايندي آهي. مواد جي ورتاءُ (Treatment) ۾ ڪڏهن ڪڏهن، ڪن شاعرن کان نفيس ۽ باريڪ نقطا رهجي ويندا آهن. ڪي وري پنهنجي مشاهدي جي تيزي ۽ تجربي جي گهرائي جي ڪري پنهنجي ورتاءُ (Treatment) کي زياده بهتر نموني ۾ مڪمل ڪري سگهندا آهن. اِن ڪري ساڳئي خيال ۽ ساڳي زمين ۾ ٻن شاعرن جي ڪلام ۾ فرق نظر ايندو آهي. "فيض" پنهنجي هڪ نظم ۾ غمِ دوران ۽ غمِ جانان جي ڳالهه اِجهو هيئن ٿو ڪري:

جابجا بکتے ہوئے کوچہ وبازار میں جسم،
خاک میں لتھڑی ہوئی خون میں نہلائی ہوئی،
جسم نکلی ہوئي امراض کے تنوروں سے.
پیپ بہتی ہوئی گلتی ہوئی ناسوروں سے.
لوٹ جاتی ہے ادھر کو بھی نظر کیا کیجیئے.
اور بھی دکھہ ہیں زمانے میں محبت کے سوا،
راحتیں اور بھی ہیں وصل کی راحت کے سوا.

هاڻي اچو ته "اياز" جو هيءَ نظم ڏسون:

دردِ محبت ڇا ٿيندو آ،
دردِ محبت تون ڇا ڄاڻين؟
ڪنهن جي عارض و لب جي دوري،
ناهه ضروري،
ٻيو ته ته ڇا ڇاتي ايندو آ،
۽ دل کي تڙپائيندو آ،
دردِ محبت تون ڇا ڄاڻين؟
دردِ محبت ڇا ٿيندو آ......

مٿين نظمن ۾ ٻنهي شاعرن جي محبت مادي تصور تي مبني آهي، جنهن ۾ شاعر دردِ محبت ۽ غمِ دوران ڏانهن سفر ڪري ٿو يا داخليت کان خارجيت طرف موٽي ٿو. شاعر جڏهن پنهنجي تصوراتِ محبت جي بند خول کان ٻاهر نڪري ٿو ته مفلسي، تنگدستي ۽ فاقہ ڪشيءَ جو منظر هر طرف آهي. انساني زندگيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسين تصور پاش پاش آهي. "فيض" پنهنجي نظم ۾ "کو چنه وَ بازار ميں بکتے ہوئے جسم»، «خاک ميں لتهڑی ہوئی خون ميں نهلائی ہوئی.»، «جسم نکلے ہوئے امراض کے تنوروں سے»"خاڪ ۾ لٿڙي هوئي خون ۾ نهلائي هوئي." "جسم نڪلي هوئي امراض کي تنوررون سي" ۽ "پيپ بهتي هوئي گلتي هوئي ناسوررون سي" جهڙا جملا استعمال ڪري هڪ دردناڪ منظر Pathelic Scene پيدا ڪري ڇڏيو آهي. جنهن مان ياس ۽ بي وسيءَ جي بوءِ اچي ٿي. شاعر غمِ جانان تہ ڇا پر غمِ دوران جي اندر جهاتي پائي دهلجي وڃي ٿو ۽ بيزاريءَ جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو ۽ شاعر ڊڪيل لفظن ۾ پنهي ڪان راهِ فرار اختيار ڪندو نظر اچي ٿو.

ٻئي طرف "اياز" پنهنجي نظم ۾ ابهام پيدا ڪري، اشارن ۾ ڳالهہ ڪئي آهي ۽" پيو بہ ڇاڇا ٿي ايندو آ" جو جملو گهڙي غمِ دوران کي وسعت بخشي ڇڏي آهي. جڏهن تہ فيض وٽ "غمِ دورانِ" جو موضوع محدود پيو معلوم ٿئي. "اياز" پنهنجي نظم ۾ هلڪڙائي ڪري ڪو ڏکائتو ڏيک Pathetic Scene پيدا نہ ڪئي آهي. جيڪو قنوطي شاعر جو وطيرو آهي. پيو تہ فيض محبت کي "ڏک" سڏي ٿو. جيڪو اڻ سونهندڙ Crude لفظ آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ فيض جي محبت سطحي (Superflous) آهي ڇاڪاڻ تہ پيار متاڇرو ٿي سگهي ٿو پر محبت سان اهڙو ويل وهائڻ غلط آهي. محبت دک نہ آهي. "اياز" "فيض" جي اِن ڳالهہ جي تصحيح طور لفظ "دردِ محبت" ڪم آڻي ٿو. هو "عارض و لب" جي دوريءَ کي ئي "دردِ محبت" نہ ٿو ڄاڻي. پر سندس نظم ۾ "دردِ محبت" اعليٰ شيء آهي. "اياز" "دَردِ محبت" لفظ ڪتب آڻي محبت جي مفهوم کي وسعت بخشي آهي. هن نظم ۾ "اياز" جنهن محبت جو ذڪر ڪري ٿو سا سچي Original آهي. "فيض" پنهنجي نظم ۾ غمِ دوران ۽ غم جانان ۾ هڪ جهڙائي (Balance) قائم رکندي نظري اچي ٿو. سندس سمورو زور غمِ دوران تي آهي. جڏهن تہ حقيقت ان جي برعڪس آهي. ان ڪري "اياز" غمِ جانان ۽ غمِ دوران پنهي جي حقيقت کي تسليم ڪري ٿو. فيض محبت کي "دڪ" سڏي ٿو ۽ "اياز" "درد". پنهي لفظن تي گهري ويچار ڪان پوءِ اها ڳالهہ ميٺي پوندي تہ "اياز" جي نظم ۾ وڌيڪ گهرائي آهي.

اسان صرف اها ڳالهہ ڪري چپ ٿي ويجون تہ "اياز" محبت جا نغما ۽ وطن جا گيت لکيا آهن تہ اها زيادتي ٿيندي. "اياز" انسانيت ۽ محبت جا گيت تہ برابر ڳاتا آهن. پر هو اوسي پاسي جي حالتن کان بہ بي خبر نہ رهيو آهي ۽ وقت جي نبض تي سندس هٿ رهيو آهي. هن جتي طبقاتي اونچ نيچ جي خلاف نظم لکيا آهن تہ اتي هن پنهنجي ديس جي سياسي حالتن تي بہ ڪرڙي نظر رکي آهي. هِن پنهنجي

شاعريءَ ۾ مختلف تمثيلي نظمن جي ذريعي، اهڙين ڳالهين جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ ان جي مذمت پڻ ڪئي آهي. "اياز" حساس شاعر آهي ۽ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ملڪ ۾ مارشلائون به ڏٺيون آهن ته ايوب خان واري آمريت به ڏٺي آهي. "اياز" پنهنجي دؤر جي آمريت جي تصوير ڪشي نهايت سهڻن لفظن ۾ ڪئي آهي. "اياز" پنهنجي هڪ نظم ۾ آمريت کي "ڪارو حبشي" ۽ "موت" جي علامتن ذريعي چٽيو آهي. اچو ته سندس خوبصورت نظم تي نظر وجهندا هلون.

موت ڪارو اداس حبشي آ،
جو ڏسي مينهن، واچ، سنائو،
۽ ٽپي زندگيءَ جي ديوار،
ڪنهن ڪلي ريگزار ۾ پهتو،
رات جي ريت تي پري تائين،
نه ستارو نه ڪوئي ٽانڊائو،
ڪير ڄاڻي ته ڪنهن طرف ڪيڏانهن،
ٿو وڃي دور دور ڌوڪيندو!

"مينهن"، "واچ" ۽ "سنائو" زندگيءَ جي پرامن، روان دوان هئڻ ۽ معاشري جي مثبت حرڪت جي علامت آهن. "زنجير" آمريت جي اوسي پاسي جمهوري قدرن جون رڪاوٽون آهن. تن کي اورانگهڻ جو مطلب آهي زندگيءَ جي مثبت قدرن جي نفي ڪرڻ. "رات جي ريت" آمريت جي برابر آهي، جنهن ۾ روشني ته ڇا پر ڪو ٽانڊائي جو ٽمڪو به نه آهي. "روشني" "ستارا" ۽ "ٽانڊائو" بهتر زندگيءَ طرف رهنمائي ڪرڻ جي علامت آهن، "ترقي" ۽ "واڌاري" جون نشانيون آهن جن جي آمرانه دؤر ۾ نفي ڪئي وڃي ٿي. "روشني" ضرورياتِ زندگيءَ مان هڪ اهم شيءِ آهي ۽ اها بلامعاوضه قدرت طرفان هر عام وَ خاص لاءِ آهي. "روشني" هتي خوشحاليءَ جي علامت به آهي. مطلب ته آمرانه دؤر ۾ اهي عام بهبود جون شيون به چند فردن جي رحم و ڪرم تي آهن ۽ هر فرد کي انهن جي استعمال جو اختيار نه آهي. آمر" پنهنجي اقتدار کي طول ڏيڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نه منصوبا ٺاهيندا آهن ۽ ان لاءِ هر جائزو ناجائز جو سهارو پڻ وٺندا آهن. "ڪنهن طرف ڪيڏانهن" ۽ "دور دور ڌوڪيندو" ان ڳالهه جو دليل آهن. هن نظم ۾ "اياز" جو پيرائتو اظهار نهايت چيندڙ آهي. "اياز" هن نظم ۾ علامتي اظهار جي ذريعي "آمريت" جا وڪا پڌرا ڪيا آهن ۽ ان جي منفي چٽن Designs کي موت جهڙو ڪارو حبشي ۽ اڻ وڻندڙ ظاهر ڪري، هڪ طرف آمريت کان نفرت جو اظهار ڪيو آهي ته ٻئي طرف ان کي ننديو آهي.

اِن کان سواءِ "اياز" مارشل لا تي به لکيو آهي. اچو ته سندس هيءَ نظم ڏسون:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـن ديـس سـجي ڪـي سـائـي آ،
هـر شـام افق تـي ليـمي جيئـن،
چا هـيـدي هـيـدي آئـي آ،
۽ ان جي ڪـاري "ڪـان ڪـان" ۾،
ڪـو ديـو ڦـري ٿـو ڌرتـيءَ تـي،
جنـهـن منـهـن ۾ پـاتـي چائـي آ.

"سائي" علامت آهي مارشل لا جي. "سائي" هڪ سرد مُهريءَ Repulsive effect واري بيماري ٿئي ٿي. "سائي" انسان کي ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڏيندي آهي. هن بيماريءَ ۾ مريض کي هر شيءِ هيدي هيدي لڳندي آهي. "رَت" جي بدران انسان جي جسم ۾ "صفراء" يا "پت" جي زيادتي ٿي ويندي آهي. جگر جو فعل متاثر ٿي، صحتمند خون جي بدران پيلي پت خارج ڪندو آهي، جنهن ڪري انسان اڳهو، پنڪلو ۽ نٻل ٿي پوندو آهي. هن بيماريءَ ۾ انسان جي مجموعي ڪارڪردگي متاثر ٿي پوندي آهي. "ديو" مارشل لا ريگيوليشن جي علامت آهن، جن جو ڌمڪاءُ چوڌس هوندو آهي. "اياز" "سائيءَ" جي علامت استعمال ڪري مارشل لا جي حقيقي روپ يا ڪردار کي پڌرو ڪيو آهي، ٻئي طرف وري اِها ڳالهه باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تہ اِها بيماري تيستائين رهندي، جيستائين ڪنهن مناسب علاج ذريعي ان جي جرثومي کي ماريو نہ ٿو وڃي يا اِها بيماري جسم يا جگر جي ڪمزوريءَ جي ڪري وري وري حملو ڪري سگهي ٿي. ان ڪري ان جو مناسب ۽ ترت علاج، اِن جي جراثيم جي پاڙ پٽڻ ۽ اُن کي ماري ناس ڪرڻ لي آهي.

"اياز جو فڪر، سندس شاعريءَ جي رچاءَ سان گڏ ترقي ڪندو آيو آهي، هو متحرڪ خيالات جو شاعر آهي ۽ سندس خيال وقت جي تقاضائن کي پنهنجي پيٽ ۾ سمائي تخليق جو روپ اختيار ڪن ٿا. چاهي ان ۾ گيت هجي، غزل، وائي هجي يا نظم ۽ دوهو هجي يا بيت سندس هر صنف ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو ملي ٿي. سندس فڪر پنهنجي ڌرتي ۽ اُن جي مسئلن مان غذا حاصل ڪري ٿو. سندس چوڌاري وهندڙ واپرائجندڙ واقعا ۽ مادي حقيقتون "اياز" جي داخلي ڪيفيت سان گڏجي ڌرتيءَ جي نغمن جو روپ اختيار ڪن ٿيون. ڌرتي سندس محبتن جو مرڪز ٿي وڃي ٿي. پر هن منزل تي سنڌ ڌرتي جيڪا سندس محبوبہ هئي، هاڻي اُن جي حوالي سان هڪ ٻي خوبصورت ترين محبوبہ بہ سندس زندگيءَ ۾ داخلي ٿئي ٿي. جنهن جو "اياز" مشتاق آهي ۽ بي چينيءَ سان انتظار ڪري ٿو. اُها آهي ديس جي آزادي، جنهن سان سندس زندگيءَ جو گهرو رشتو آهي. "اياز" جي پوئين دؤر واري شاعريءَ ۾ جنهن محبوبہ جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو، سا اهائي آهي "آزادي"، جنهن جون سارونيون ۽ انتظار سندس روح کي بي چين ڪري ڇڏين ٿيون. سندس شاعريءَ.جا سڀ مسئلا اِن معاملي کي حل ڪرڻ جا رستا تلاش ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ائين آزمايل،
جيئن وهائو توڙ تائين
صبح جي پهرين سنبهي کي ٻڌي ٿو
تون اجا آئي نہ آهين
ڪيترو ويران گهر توکي سڏي ٿو
هيءَ دروازو اجا تولئہ کليل آ
۽ اجا تائين تہ مون کي ننڊ ناهي،
۽ ائين تولئہ اجايل
ايترو ترسي سگهان ٿو
جيترو ڪوئي نہ ترسي.
ڇا چوان؟ پل پل وڃي ٿي،
رات پر پايل وڃي ٿي.
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟
تون اچين ٿي، تون اچين ٿي،
دور سنڌوءَ تي نچين ٿي،
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟
آلا آدرياءَ تنهنجو،
چنڊ جيئن ڦهلاءَ تنهنجو.
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟

جارج ايوري (George Every) پنهنجي ڪتاب شاعري ۽ خود ذميواري Poetry and personal Responsibility ۾ هڪ هنڌ اعليٰ شعر جون خصوصيتون ٻڌائيندي لکي ٿو:

"The best poem is the most sensitive not only to the thoughts and feelings of the author, but to those of other people with when he is in constant communication."

بهترين شعر نہ رڳو شاعر جي خيالات ۽ جذبات کي حساس بڻائي ٿو پر جن سان هن جو دائمي ربط آهي، انهن کي بہ متاثر ڪري ٿو.

مائهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!
خاموشي بي انت سمندر
جنهن جو ڪو تيراڪ نہ آهي،
جي معنيٰ جا موتي، تن جو
هر ڪوئي هيراڪ نہ آهي،
مائهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز سياست تي بہ گهٽوئي
تن جي گفت وشنيد ٿئي ٿي،
پوءِ بہ آهي نايِن، انهن جي
ديد بظاهر ديد ٿئي ٿي!
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!
پوءِ بہ ڪنهن آمر جي اِڳتان،
سچ چوڻ کان لهرائن ٿا.
"ڪو آهي جو سچ چئي ڏي!"
هڪبئي ڏي هو وجهائن ٿا.
آهي ٿورا حَرفَ حقيقت
جي اُن ۾ آجهاءُ نہ آهي،
سچ بنهہ آسان ٿئي ٿو،
۾ جي سَچَ چوڻ ڪو چاهي!

لنهيءَ کان سواءِ بہ "اياز" جي شاعريءَ ۾ پيا بہ ڪيترائي اهڙا شهپارا موجود آهن، جيڪي مٿين ڪسوٽيءَ تي پورو لهن ٿا.

ٽي-ايس-ايليٽ، ڊانٽي (Dante) تي لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ خيال ڏيکاريو آهي تہ فلاسافيءَ لاءِ شاعريءَ ۾ جڳهہ ناهي "Philosophy has no place in poetry" ايليٽ جي مذڪوره راءِ بلڪل اهڙي آهي، جهڙي افلاطون پنهنجي خيالي رياست مان شاعرن کي خارج ڪرڻ لاءِ ڏني هئي. شاعري برابر فلسفي جو پڪو ميڊيم (Medium) ٿي نہ ٿي سگهي. پر فلسفيانہ خيالات کي پاڻ ۾ ضرور سمائي سگهي ٿي. اِن ڪري ايليٽ کي پنهنجي اِها راءِ تبديل ڪرڻي پئي. پوءِ هن اِها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ شاعريءَ ۾ فلسفيانہ خيالن جي لاءِ گنجائش موجود آهي. هو صاحب وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"Though, philosophy has its place in poetry, it is only as some thing which we "See" among other things with which the poet presents us, a set of ideas which penetrate in world, as in the case of the Divina Commedia, in the case of such a poet as lucretius, the philosphy sometimes seems antagonistic to the poetry only because it happens to be a philosophy is not rich enough in feeling..... incapable of complete expansion into pure vision. Furthermore, The original form of philosophy can not be poetic."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جيتوڻيڪ فلسفي جي شاعريءَ ۾ جاءِ آهي. پر اها پڻ شين سان خلط ملط ٿي وڃي ٿي. جا شاعر اسان اڳيان پيش ڪري ٿو جيئن الاهي طربيہ Divine comedy ۾ آهي. ليوڪريش جهڙي شاعر جي شاعري فلسفي سان متضاد ٿي وڃي ٿي ڇاڪاڻ جو اهو فلسفو آهي ۽ احساسن سان مالا مال نہ آهي ۽ خالص تصور ۾ ڦهلاءَ جي قابل نہ آهي. ٻيو تہ فسلفي جو اصلي روپ شاعرانو نہ ٿو ٿي سگهي.)

بهرحال شاعر کي نقادن ايتري حيثيت ضرور ڏني آهي تہ هو اڳ ۾ ايجاد ٿيل فلسفي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري. "اياز" جي شاعري جيئن تہ پڻ ڪيترن ئي ڳالهين ۾ آزاد آهي، اهڙيءَ طرح سندس فلسفو بہ محراب جيان نہ آهي يا ڪٿي ائين چئجي تہ "اياز" صرف شاعر آهي، پر علامہ اقبال وانگر شاعر فلاسافر Poet philosopher نہ آهي. پر ايترو ضرور چئبو تہ اياز کي دنيا جي مختلف فلسفن جي ڄاڻ آهي ۽ انهن مان هو متاثر بہ ٿيو آهي. اِن ڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ان تي خيال آرائي ضرور ڪئي آهي پر "اياز" جي مجموعي شعري مطالعي کان پوءِ آءٌ اِن خيال جو آهيان تہ اياز جي شاعريءَ مان ڪنهن خاص فڪر ۽ فلسفي جي واضح نشاندهي نہ ٿي ٿئي، جنهن کي ڪٿي "اياز" جي شاعريءَ جو نچوڙ سڏجي. اِن ڏس ۾ "اياز" خود وڏي مخمصي جو شڪار نظر ٿو اچي. اِن ڪان سواءِ بہ جڏهن شاعر هن ڪائنات ۾ اک کولي ٿو تہ سندس ذهن ۾ اڪيچار سوال جنم وٺن ٿا، جن جو اڪثر واسطو مابعدالطبيعياتي مسائل ۽ Epistemological حقائق سان ٿئي ٿو. اهڙن مسئلن ۾ سندس سوچ بديهيات کان شروع ٿئي ٿي ۽ ماورئي حقائق ڏانهن ارتقاءَ پذير رهي ٿي. "اياز" جو بہ انهن مسئلن سان واسطو پوي ٿو. هو "وجود" ۽ "حقيقت" جي تلاش ۾ ايترو تہ ڦاسي پيل ٿو ڏسجي جو سندس پورو فڪر هڪ فلسفيانہ ملغوبہ (Philosophical complex) ٿيو لڳي. بهرحال پوءِ بہ هو ڪنهن صوفي شاعر وانگر "تون" ۽ "مان" تائين ضرور پهچي ٿو. ڪڏهن هو مشتڪڪ (Seeptic) آهي تہ ڪڏهن فلسفئہ تمثال (Idealism) ۾ يقين رکندو نظر اچي ٿو. ڪڏهن ماديتي پسند (Materialist) آهي تہ ڪڏهن هو بلڪل انڪاري Nihilist ٿيو وڃي. جڏهن هو "تون" ۽ "مان" کي تسليم ڪري ٿو تہ اتي هو صرف پراڻي صوفي مفڪرن جي ڳالهہ ورجائي ٿو. تہ وري ڪڏهن هو "تون" جي نفي ڪري صرف "مان" تي اصرار ڪري ٿو. لِها اها ساڳي ڳالهہ آهي، جيڪا ابنِ عربي، منصور ۽ سچل وٽ اڳ ئي آهي.

مان ٻڙيي، مان ڪُهاءُ، مان ئي وار وجود تي.
مان ئي هان پڇتاءُ، مان ئي پيار پرينءَ جو.

OOO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اڪيلو آهيان، ماڻهوئڙن جي ميڙ ۾،
اِيان ڇاڪاڻ ڪينڪي، ڇو آهيان ڇا آهيان،
آهيان يا ناهيان، سو بہ نہ آيم سمجهہ ۾.

OOO

تون سوري، تون سڌ، تون ئي ساهہ سريرَ ۾،
تون ئي مون سان گڏ، تون ئي منهن جو مَٽ ڪهڙو.

OOO

مان ئي آهيان حسن ازل جو، مان ئي هان بد صورتي،
مان پوڄاري، مان ئي مندر، مان ئي پنهنجي مورتي.

OOO

تون ئي منهنجي ننڊ آن، تون ئي منهنجي جاڳ،
مان آهيان تنهنجي جيءَ، تون آن منهنجي آڳ.

OOO

مان ئي بن هان، مان ئي بنسي، مان راڌا، مان شيام،
مان جمنا جون لهرون، جن تي چنڊ ڪري آرام.

OOO

ڪجهہ بہ نہ هوندي سڀ ڪجهہ آهي سرتيون هي سنسار،
ساري جڳ مڪ جهون سان آ، اِڪتي آ الڌوڪار.

OOO

ڪهڙو غيب شهود؟
سڀ ڪجهہ تون ئي آهين!
چنڊ بہ تنهنجي چاري ۾ آ، توکي سج سجود،
سڀ ڪجهہ تون ئي آهين!
ماڻهوءَ کان وڌ ڪوئي ناهي، ماڻهوءَ جو معبود،
سڀ ڪجهہ تون ئي آهين!
آيو آ عدم کي جهاڳي، تنهنجي لاءِ وجود،
سڀ ڪجهہ تون ئي آهين!
تون ئي روز صليب سجائين، تون ئي آن موعود،
سڀ ڪجهہ تون ئي آهين!
تون ئي آهين، پنهنجي منزل، تون ئي لا محدود،
سڀ ڪجهہ تون ئي آهين!

"اياز، "وجود" متعلق جيڪا راءِ ظاهر ڪري ٿو، اُن تي ڪنهن هڪ خيال جي مُهر لڳائي نہ ٿي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ڪڏهن هُو تشڪيڪ پسند آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن هو دهريو Atheist آهي. تلهن لفظن ۾ ڪٿي اهين چئجي تہ دهريو Athe-ist اهو شخص آهي، جيڪو چوي تہ "خدا ڪونہ آهي" (There is no God).
اياز" بہ ساڳي دعويٰ ڪئي آهي:

تون بہ تہ آهين ڪونہ، ويحان تہ مان ڪيڏانهن وڃانءِ
مسجد جا مينار آسونهان، جن کي ڪوبہ پتو نہ،
وڃان تــہ مـــان ڪيـــــڏانـهـــن وڃانءِ
يا
مـــان ســمـــجهـــان تـــو تـــون ڪـــٿي نـــاهـين،
هـــي ڊونـــگ ڪـــنـــهـــن رچيـــــو آهـــيءِ

هي آهي خيالات آهن، جيڪي هن کان اڳ ۾ نتشي ۽ سارتر وغيره ظاهر ڪيا آهن. سارتر هڪ هنڌ چوي ٿو:

"Iam going to tell you a colossal joke: God doesn't exist."

(مان اوهان کي ڪلاسيڪل چرچو ٿو ٻڌايان: خدا جو وجود ناهي.)

"اياز" "تون" جي وجود جي نفي ڪونہ ٿو ڪري، پر ان جي موجود نہ هئڻ تي پريشان آهي، يعني ٻين لفظن ۾ چئجي تہ "اياز" اهڙو "دهريو" (Atheist) آهي، جيڪو عقيده Dogmatic يا مثبت Positive دهريو نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس اهڙي اعتقاد جو بنياد ڪو ان يقين تي نہ آهي تہ هن وٽ اهڙو ڪو مثبت علم آهي، جنهن جي ذريعي واجب الوجود جي وجود جي نفي ثابت ٿي هجي. پر سندس موجود هئڻ لاءِ ڪنهن علم جي ضرورت آهي، جيڪو ان کي ثابت ڪري، جڏهن انسان کي اثبات لاءِ ڪو اهڙو يقيني ثبوت نہ ٿو ملي تہ پوءِ اِها فطري ۽ عقلي تقاضا آهي تہ هُو اهڙي اعتقاد کي رد ڪري ڇڏي. هتي "اياز" ماورائي علمِ انساني جو حامل نہ آهي، هو تہ عام انساني تعقل جي فيصلي تي يقين ڪري ٿو. "اياز" جا مذڪوره شعر اِن ڳالهہ جو ثبوت پيش ڪن ٿا.

انسان جڏهن هن مادي ڪائنات ۾ اک کولي ٿو تہ ان وقت سندس ذهن ڪنهن اڻ لکيل تختي (Trabula rasa) وانگر هوندو آهي ۽ آهستي آهستي مادي حقيقتون مٿس منڪشف ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ سندس ذهن تي انهن مادي شين جا تصور عڪس پذير ٿيندا رهندا آهن. سندس ذهن ايترو ئي هوندو آهي جو مادي شين جا تصور عڪس پذير ٿيندا رهندا آهن. ۽ مادي شين جي حقيقت ئي ان ۾ مَس سمائجي سگهندي آهي. هُو "عالمِ هويت" ۾ رهندي صرف "اعيانِ ثابتہ". "ظلال" ۽ "قيوم" جوئي تصور ڪري سگهي ٿو. يعني انساني ذهن بمشڪل "عرض" کي ئي گهيراءُ Encompass ڪري سگهي ٿو، پر "جوهر" کي سمائي نہ ٿو سگهي. "جوهر" جي اصل حقيقت بابت هو سوچي ضرور ٿو. پر سندس سوچ، بديهيات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين محدود آهي. جيڪي شيون هو روز مره جي زندگيءَ ۾ ڏسي، وجود مطلق کي
بہ قياس ڪري ٿو. "اياز" جو خدا جو تصور An thropomorphism جي
نظريہ تي منطبق ٿئي ٿو. پر "اياز" جو مجازي محبوب بہ خوبصورت ترين انسان
آهي. تنهن لاءِ "اياز" تون کي مثال Syombolize ڪري وٺي ٿو ۽ ان لاءِ بہ
"تون" جو تخاطب استعمال ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي اِها "تون" وجود مطلق جي
علامت طور ڪم اچي ٿي جڏهن تہ، خدا جو تصور An thropomorphism ۾
تعمير آهي پر "اياز" تخصيص اختيار ڪئي آهي. يعني "اياز" جو محبوب هڪ
منتخب انسان آهي، اِن ڪري هو "خدا" کي بہ ان "تون" جي حوالي سان ڏسي ٿو.

واري ڇڏيو مون، توسان ملڻ آسرو،

يا

ماڻهوءَ کان وڌ ڪوئي ناهي ماڻهوءَ جو معبود.

اِها "اياز" جي تصور جي ابتدا آهي. پر اڳتي هلي، هُو سوچڻ لڳي ٿو تہ اِها "تون"، "مون" کان ٻاهر ڪيئن ٿي سگهي ٿي. "مان" جڏهن "تون" متعلق سوچيان ٿو تہ چڻ "تون" کي وجود ڏيان ٿو. اِن ڪري اها "تون" بہ "مون" ۾ ئي آهي. تڏهن تہ هو چوي ٿو؛ "آءٌ امرتا آهيان، آدي جڳادي."

جڏهن هو "مان" تي زور ڏئي ٿو تہ اتي "مان" منجهان سندس مراد "وجود" آهي. تڏهن "اياز" جو نظريہ وجودي مفڪرن سان وڃي ملي ٿو، جيئن سارتر(Satre) چوي ٿو تہ "وجود جوهر تي مقدم آهي." (Existence pre-cedes essence) اِها بہ لڳ ڀڳ اهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا اهيائي فلاسافر In-dealist philosopher ڪندا آهن. پر هتي سارتر ان کي چالاڪيءَ سان ٻيو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سارتر پنهنجي هڪ طويل تقرير ۾ اِن ڳالهہ تي بحث ڪيو آهي. ان تقرير ۾ هن هڪ مثال ڏيئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪنهن انسان جي ٺاهيل شيءِ مثال ڪتاب يا چاقو، جنهن جو تصور ۽ اڳ موجود ان جي ٺاهڻ جي ترڪيب جيڪا ان تصور جو ئي حصو آهي ۽ دراصل هڪ ئي فارمولا آهي. ڪاريگر انهن ٻنهي تي هڪ جيترو توجہ مرڪوز ڪيو. بس چاقو هڪ طرف هڪ شيءِ آهي، جنهن کي هڪ مخصوص انداز ۾ ٺاهيو ويو آهي ۽ ٻئي طرف اهو هڪ خاص مقصد پورو ڪري ٿو. چاقو تہ اِهو ممڪن ئي نہ آهي تہ ڪو ماڻهو "چاقو"، "چاقو" جي ڪمن جاڻڻ کان سواءِ ٺاهي، يعني "چاقو" جو "جوهر" يعني فارمولو ۽ خصوصيات جو اهو مجموعو جيڪو ان جي تخليق ۽ تعريف جو سبب بڻيو آهي، سو ان جي وجود تي مقدم آهي. ٻين لفظن ۾ ڪئي ائين چئجي تہ سارتر "غايت" کي "جوهر" سڏي ٿو. هو چوي ٿو تہ اهڙيءَ طرح هڪ "چاقو" يا "ڪتاب" جي وجود جو تعين منهنجي اڳيان ٿئي ٿو ۽ ان جي "غايت" ان کان اڳ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقرر ٿي آهي ته پوءِ ظاهر آهي ته "غايت"، "وجود" تي مقدم آهي. يعني ان جي تخليق يا "جوهر" اُن جي "وجود" تي مقدم آهي. جڏهن اسان "خدا" جو تصور بحيثيت خالق ڪريون ٿا ته هو هڪ ملڪوتي ڪاريگر جي روپ ۾ نظر اچي ٿو. اسان خواه ڪهڙي به نظريه تي يقين رکندا هجون، پوءِ اهو خواه ڊيڪارٽ (Descarte) يا ليبنيز جو ٿي ڇو نه هجي، ته ان مان اسان اِن نتيجي تي پهچي سگهون ٿا ته ارادو گهڻو تڻو ادراڪ کان پوءِ پيدا ٿئي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ ان سان گڏ وجود ۾ اچي ٿو اِن ڪري خدا جڏهن تخليق ڪري ٿو ته چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته هو ڇا تخليق ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح خدا وٽ انسان جو تصور، ڪاريگر جي ذهن ۾ "چاقو" جي تصور سان مشابهت رکي ٿو. خدا هڪ خاص انداز ۽ تصور موجب انسان جي تخليق ڪري ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن هڪ ڪاريگر هڪ خاص تعريف ۽ فارمولي مطابق چاقو ٺاهي ٿو. اِن لحاظ کان هر فرد واحد هڪ مخصوص تصور جي عملي شڪل آهي، جيڪا خدا جي ذهن ۾ اڳ ۾ ئي موجود هئي. ارڙهين صديءَ جي الحاد ۾ خدا جي تصور کي دٻايو ويو، پر پوءِ به اِهو خيال ته "جوهر وجود تي مقدم آهي" برقرار رهيو. اهڙي قسم جو ڪونه ڪو خيال اسان کي هر جڳهه تي ملي ٿو. انسان جي پنهنجي هڪ فطرت آهي. هيءَ انساني فطرت جنهن تي انسان جي تصور جو بنياد رکيل آهي، هر انسان ۾ ملي ٿو. اِن جو مطلب اِهو ٿيو ته هر فرد انسان جي ڪلي تصور يعني تصور انسان جو هڪ مثال آهي. ڪانٽ جي نظر ۾ اِها ڪليت، جهنگلي وحشين ۽ بورزوا وغيره سڀني انسانن تي حاوي آهي. اِن سڀني جي هڪ ئي تعريف آهي ۽ هڪ ئي بنيادي صفت. هتي به فرد جو "جوهر" ان جي تاريخي وجود تي مقدم آهي. جنهن سان اسان کي تجربي ۾ واسطو پوي ٿو.

ان بحث ۾ مفروضه ڳالهيءَ کان پوءِ سارتر وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته "دهري وجوديت"، جنهن جو هو نمائنده آهي، سختيءَ سان اعلان ڪري ٿو ته خدا جيڪڏهن موجود نه آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪا اهڙي هستي ضرور موجود آهي، جنهن جو وجود "جوهر" تي مقدم آهي، جو پنهنجي عقلي تصور کان اڳ ۾ موجود آهي. اها هستي انسان آهي.

وجودي مفڪر انسان جي اول وجود تي زور ڏين ٿا. جيڪو ڪائنات ۾ پنهنجي ذات جو مقابلو ڪري ٿو. اِن ڪري "اياز" چو ٿو:

ڇا مان ئي آهيان، چاندوڪيءَ ۾ چنڊ جي،
پر جي مان ناهيان، ڇا آهي سنسار ۾؟

"اياز" وٽ به "مان" ئي اصل آهي، جنهن مان هر تصور ڦٽي نڪري ٿو ۽ اها "مان" "فرد" جي علامت آهي، جيڪو سڀ ڪجهه آهي. جيئن چاهي تيئن ڪري. هوئي هر شيءِ جو ذميوار آهي. "هو فقط آهي" ۽ ان هئڻ ۾ به سندس ئي وجود جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصور جو دخل آهي. اهڙيءَ طرح هو، بي انتها آزادي حاصل ڪري ٿو. ايتري قدر جو سندس واسطو ڦري گهري وري بہ لاشيئت (Nothingness) سان پوي ٿو.

ڪنهن بہ تہ جاتو ڪونہ آ، اڪتي ڇا آهي؟
هي جو ڪارنيار آ، ڪاڏي ٿو ڪاهي،
ازل ابد وچ تي، بمنو جو ناهي،
ڏسن نہ ڪنهن ڏاهي، ڏنو اِن اسرار جو.

ooo

توڪان اڳتي آهہ ڇا، تو ۾ بہ تہ هڪڙي وڪ،
ڏوران تنهنجي ڏِک، توڪان ڏور پٽي ڇڪي.

پر "اياز" جا ويچار اتي بہ دنگ نہ ٿا ڪن ۽ ان اسرار جي ماهيت معلوم ڪرڻ لاءِ هُو غور و فڪر ۽ جستجو کي ترڪ نہ ٿو ڪري. هو سوچي ٿو ۽ برابر سوچيندو رهي ٿو تہ سندس "مان". تون" منجهان "مان" بہ نڪري ٿي. هو چوي ٿو:

توڙي ڪيئي صورتون، توبن آءٌ نہ آنءُ،
او ٿل منهنجو هانءُ، ڪوسو ٿئي ڪيچ جان.

ooo

هاڻي آنءُ بہ تون، دور بہ تنهنجي ويجهڙو،
پر هڪ پٽي سان جيئري، شايد ڪونہ ملون،
پوءِ بہ منهنجي مون، تون ئي تون منهنجا پرين.

"اياز" ڪنهن ماورائي هستيءَ جي ترديد ڪونہ ٿو ڪري، پر هو پنهنجي هستيءَ کان بہ هٿ ڪڻڻ نہ ٿو چاهي. ڇاڪاڻ تہ هو نامعلوم جي ڳولا ۾ معدوم کان معدوم ٿيڻ پسند نہ ٿو ڪري. اِن ڪري هن جو پورو زور شخصيت Per-sonalism تي آهي. سندس پوري شاعريءَ ۾ "مان ۽ هُو" I and Thou جو ورجاءُ عام ملي ٿو. هو جڏهن "نانهن" ۽ "ڪارونيار" جو "مان" ۽ "تون" ذڪر ڪري ٿو تہ سندس نظرين جون حدون، رد ڏيندڙ Existentialist فلسفي سان ملن ٿيون. بي صورت ۾ هن جي پوري شاعري ڪانٽ (Kant) جي "هستي مطلق" متعلق پيش ڪيل دليل جي ويجهو پئي ڦري. ڪانٽ چيو هو:

"If any thing exists, an absolutely necessary being must also exist. Now I at least exist. Therefore an absolutely necessary being exists."

(جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو وجود آهي تہ ذات مطلق جو وجود بہ آهي. هاڻي منهنجو وجود آهي، ان ڪري ذاتِ مطلق جوبہ وجود آهي.)

"اياز" لاءِ اها راءِ ڪنهن زماني ۾ مرحوم عبدالرزاق "راز" صاحب ڏني هئي تہ هو اغنوسي (Agnosties) آهي. پر سندس پوئين واري شاعري، گهٽ ۾ گهٽ

مون کي ان ڳالهه جو قائل ڪري نه سگهي آهي ته واقعي "اياز" اغنوسي سوچ رکي ٿو. اڃو ته اسان اغنوسيٽ (Agnosticism) متعلق ڪجهه وضاحت ڪريون ته جيئن فيصلي ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

فلسفي جي تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا نظريا ملن ٿا، جن ۾ صرف ٽيڪنيڪل فرق آهي. جيئن فلسفئہ تشڪڪ Scepticism ۽ اغنوسيٽ (Agnoticism) • فلسفئہ تشڪڪ جي ابتدا يونان کان ٿي ٿي آهي ۽ اهو فلسفو سوفسطائي (Sophists) دؤر جي پيداوار آهي. ان متعلق سڀ کان اول گور گياس (Gorgias) خيال آرائي ڪئي ۽ ان کان پوءِ يونان- رومي (Greeco-Roman) دؤر ۾ هڪ شخص پائيرهو (Pyrrho) اِن کي باقاعده هڪ مڪتبِ فڪر جي صورت ڏني. جديد دؤر ۾ ڊيوڊِ هيوم (David Hume) اِن جو سرڪرده پرچارڪ بڻيو. ٿلهي ليکي تشڪيڪ پرستن جو خيال هيءُ آهي، جيڪو اسان جارج ٿامس وائيٽ پيٽرڪ (George Thomas white patrick) جي لفظن ۾ نقل ڪريون ٿا،

"Gorgias for instance, said that nothing exists, if it did, we could not know it, if we could know it, we could not communicate our knowledge to others."

هاڻي اڃو ته ڏسون ته اغنوسيٽ ڇا آهي؟ اِن اصطلاح جو خالق مشهور شخص هَڪسلي (Huxley) آهي ۽ پوءِ اُن ۾ هربرٽ اسپينسر (Herbert spencer) جو نالو به شامل ٿي ويو. ساڳيو مصنف لکي ٿو،

"Huxley used the world in a religious sense to indicate his exis- belief we can know that, though we may not deny the tence of God, nothing of his real nature.

هو صاحب وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو،

"In philosophy it is generaly used in its spencerian sense, indicating that human knowledge of ultimate reality is impossible. There would seem to be little to criticize in a guarded agnosticism as this, but in general agnosticism is too apt to emphasize the limitations of knowledge, sometimes having a flavour of dogmaticism, confidently affirming that the kind of knowledge which philosophy seeks is unattainable, thus going beyond the more modest attitude of doubt. It is therfore contrary to the spirit of philosophy which is that of persisted unwearied inquiry. One writer speaks of the agnostie as a quitter."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(فلاسافيءَ ۾ آن جو ذڪر اسپينسر وانگر آهي، جو ڏيڪاري ٿو تہ ابدي حقيقت جو علم ناممڪن آهي. ڪنهن محفوظ قناسطيت ۾ بہ ان تي تنقيد اجائي ٿيندي، جنهن مان ڪنهن وقت تعصب جي بوءِ ايندي هجي جنهن ۾ يقين سان اسرار ڪيو ويندو تہ جنهن قسم جي علم جي فلسفي کي تلاش آهي سونارسا آهي، ۽ لهبني شڪ جي دائري کان نڪري ويندي ان ڪري اهو فلسفي جي روح سان متضاد جو التڪ تجسس جو قائل آهي ۽ قناسطيءَ کي بيانگي ڏانهن مايل سمجهي ٿو.)

مٿين وضاحتن کان پوءِ قارئين لاءِ فلسفہ تشڪڪ ۽ اهنوسيت جي باريڪ فرق کي سمجهڻ ۾ دشواري درپيش نہ ٿيندي، سو خود انصاف ڪن تہ ڇا واقعي "اياز" جي شاعريءَ ۾ آيل فڪر انهن مان ڪنهن بہ هڪ خاني ۾ فِٽ ٿو؟

منهنجي خيال موجب تہ "اياز" جي پوين مجموعن ۾ سندس شاعري، اڳئين شاعريءَ جي بنسبت هڪ الڳ فڪري ڏس ۾ هلي ٿي، سا آهي شاعر جو صوفيانہ طرزِ احساس، جيڪو سندس تجربي ۽ عمر جي تقاضائن سان وڌندو ۽ گهرو ٿيندو ٿو وڃي. مذهبن کان بيزاري بہ سندس ان ئي احساس جو گهرو ٿيندو ٿو وڃي. مذهبن کان بيزاري بہ سندس ان ئي احساس جو مظهر آهي. ڇاڪاڻ تہ مذهب انسان ۾ نفاق ۽ نفرت جو سبب بڻجن ٿا. جيڪا ڳالهہ صوفيانہ خيالن واري مائهن کي پسند نہ آهي. "اياز" جا اهي فڪري احساس مشرقي صوفي شاعرن جي ڳوڙهي مطالعي جو نتيجو ٿي سگهن ٿا.

"اياز" جو ڪلام گهڻو وسيع ۽ وقيع آهي جو ايترو ڪلام ڪنهن بہ جديد سنڌي شاعر نہ لکيو آهي. "اياز" نہ صرف گهڻي لکڻ لاءِ لکيو آهي، پر جيڪو لکيو آهي، اهو جاندار ۽ وزنائتو آهي. هن هر صنف ۽ هر گهاڙيٽي ۾ لکيو ۽ انهن سان پوري پوري انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. "اياز" صنعتي دؤر جو شاعر آهي. پوءِ بہ هن پنهنجي واهڻ، ٽرن، برن ۽ پهاڙن کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ قابل قدر جاءِ ڏني آهي. هن معاشي، معاشرتي ۽ سياسي مسئلن تي بہ لکيو آهي. هو جڏهن ان قسم جا خيالات ڪٿي هلي ٿو ۽ انهن جو اظهار ڪري ٿو تہ ان وقت سندس شاعري ڪا سطحيت يا پروپيگنڊا جو شڪار نہ ٿي ٿئي، پر اهو سڀ ڪجهہ سندس مشاهدي ۽ تجربي جو نچوڙ بڻجي، شاعريءَ ۾ اوتجي وڃي ٿو. اهڙن مسئلن بيان ڪرڻ وقت بہ "اياز" جي شاعريءَ مان شعريت جو احساس گهٽ نہ ٿو ٿئي. سندس شعري زبان (Poetic Diction) رومانوي آهي. هن وٽ الفاظ جو وسيع ذخيرو آهي. جنهن جي مدد سان هو پنهنجي شاعريءَ کي مالا مال ڪري ٿو ۽ نيون نيون تشبيهون تخليق ڪري ٿو. "اياز" جي ڪلام ۾ محدوديت نہ پر لامحدوديت آهي. سندس فڪري تخيل روان دوان ۽ توانو آهي، جنهن ۾ جمود نہ پر حرڪت پذيري آهي، جيڪو حالات پٽاندر ارتقا ڪندو رهي ٿو. ترنم، موسيقيت ۽ بي پناهہ رواني "اياز" جي ڪلام جو طرهہ امتياز آهي. سندس لفظن جو انتخاب ناهموار Rugged نہ پر مناسب، موزون ۽ ملائم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اياز" جڏهن پنهنجي ديس ۽ وطن جي حوالي سان لکي ٿو ته هو اُن جي مجموعي مسائل جو مڪمل جائزو پيش ڪري ٿو. سندس الداز بيان چيندا ۽ حقائق تي مبني آهي، جو هو سنڌ جي "قومي شاعر" جو درجو حاصل ڪري وڃي ٿو. "اياز" جي پوري ڪلام مان اِهو معلوم ٿئي ٿو ته هو قنوطي نه پر رجائيت پسند آهي. ايتري قدر جو هو موت جي تذڪري وقت به رجائي آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪيڏي مضبوط اعصاب جو مالڪ آهي. چاڪاڻ ته هن جيل جون صعوبتون به سٺيون آهن ته پنهنجي ديس واسين جا مصائب به ڏٺا اٿس. هن جي شاعريءَ ۾ مذهبن کي مجموعي طور لنديو ويو آهي، پر هو ڪنهن به هڪ مذهب جي ترديد يا توثيق نٿو ڪري.

سندس شاعريءَ ۾ پراڻن نظمن جي تخيل جو ورجاءُ به عام نظر اچي ٿو. جنهن کي هِن لفظن ۾ ڪٿي اٿين چئجي ته اهو سندس پختگيءَ ۽ پنهنجي منتخب آدرشن سان وابستگيءَ جو دليل آهي ۽ هو پنهنجي پراڻن خيالن تان به دستبردار نه ٿو ٿيڻ چاهي، چاڪاڻ ته اُهي به کيس مقابلتن ايترائي پيارا آهن. انهن لاءِ کيس ڪنهن به ندامت يا معذرت خواهيءَ جي ضرورت نه آهي.

"اياز" جو هيو هڪ ڪارنامو اهو به آهي ته هن سنڌي شاعريءَ مان صوفيت جي ثقافت کي ٽلي ڪڍي ڇڏيو آهي. جيڪو عرصه دراز کان سنڌي شاعريءَ تي ڪنهن پوت وانگر چانيل هو ۽ ان جي اثر هيٺ پوري سنڌي قوم نهٺائي ۽ نماڻائيءَ جي نشي ۾ چور ٿي تباهيءَ جي ڪناري تي وڃي پهتي آهي. "اياز" پنهنجي شاعريءَ ذريعي اهڙن دقيانوسي ۽ سوڦمانه خيالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هِن پنهنجي شاعريءَ ۾ نيئن حقيقتن کي روشناس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن تصوف جي زهر مٿان تعمير ٿيل سنڌي ثقافت جي جهريل عمارت کي ڊاهي سگهجي. "اياز" پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي سنڌين ۾ جنگجويانه ڪردار (Heroic character) کي جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪين سلفي، صافي ۽ يڪتاري، چيڙي جي جاءِ تي بندوق ڪئي، ان جي "ناٿا" تي رقص ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. هَن سنڌي شاعريءَ کي موجوده حالتن جي تقاضائن سان ڳنڍيو آهي. هُو سنڌي ماڻهوءَ کي مکانن ۽ اوتارن جي بجاءِ "ويٽ ڪانگ"، "چيگويرا" ۽ آفريقا" جي بارود جي خوشبوءِ ڏانهن وٺي وڃڻ گهري ٿو.

ان ڪان سواءِ "اياز" جي شاعريءَ ۾ ٻيون به ڪيئي خوبيون موجود آهن ۽ انهن تي لکڻ هڪ تحقيقي اسڪالر جو ڪم آهي. جتي اها ڳالهه ڪجي ٿي ته اتي مان اِن چوڻ ۾ به ڪو وڏاءُ محسوس نه ٿو ڪريان ته "اياز" جي شاعريءَ ۾ گداز (Pathos) جي شديد کوٽ آهي. گداز شعر کي ايترو پُر اثر بڻائيندو آهي، جو قاري ان کي شاعر جا نه پر پنهنجا جذبات سمجهي ويهندو آهي. گداز جي کوٽ، شاعر وٽ داخليت جي اڻاٺ جو نتيجو آهي. بهرحال بنيادي طور "اياز" موضوعي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر معروضي شاعر آهي ۽ سندس شاعريءَ جي عمارت گهري تجربي، زبان داني ۽ موسيقيءَ جي زور تي تعمير ٿيل آهي. جنهن جا ڪيترائي رخ ۽ پاسا آهن. اسان مٿي صرف چند پهلوئن تي روشني وجهي سگهيا آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جا ڇپيل ڪتاب

گڏيل ڪتاب وٺڻ سان رعايت

1.	سالجهي سمنڊ سپون	شيخ اياز	125-00
2.	ڪٿين ڪر موڙيا جڏهن-3	شيخ اياز	100-00
3.	ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ	ڊاڪٽر فهميده حسين	100-00
4.	وڏا وڻ وٿڪار جا	شيخ اياز / تاجل بيوس	100-00
5.	وڏي وٿ هنام	ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي	100-00
6.	ڪٿي نہ پيچبو ٿڪ مسافر-3	شيخ اياز	120-00
7.	جي تند برابر توريان	شيخ اياز	100-00
8.	ڪبير	نارائڻ شيام	40-00
9.	شاهہ جي شرح	فقير يار محمد	80-00
10.	تيرهون سج	امرتا پريتم/ستار	70-00
١١.	الا مان اڏري ويندو ساهہ	منصور ملڪ	100.00

گهرائڻ لاءِ پتو:

سنڌ ادبي اڪيڊمي

مزنين فلور، پارس ميڊيڪل سينٽر،

فيصل پلازه، مبارڪ شهيد روڊ،

ڪراچي.

فون: 7782597

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڄرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ
ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَڻ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، نيرا، ساوا، توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پاڻي ڇيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَڙهَڻ پَڙهَڻ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)